# فدڪ





**ثاقبہ زهرا**
فعال رڪن

هڪ نهايت ئي مفيد ۽ ڪارائتي تحقيق شيئر ڪري رهي آهيان اميد تہ الله سائين اسان کي دين جي حقيقي سمجهہ عطا ڪندو.

## فدڪ

**سهيڙيندڙ : وسيم رضا سبحاني**

دنيا جي گولي تي هڪ متاچري نظر ڪرڻ سان هڪ شي جيڪا چٽي ڏسي سگهجي ٿي هي آهي تہ، اڄڪلهہ جي ماڊرن ۽ جديد زماني ۾ ڪيترائي مڪتب فڪر موجود آهن. انهن مڙني مڪتب فڪر مان، عالمي ۽ بين الاقوامي سوچ کي پاڻ ڏانهن جذب ڪرڻ وارن مڪتب فڪرن ۾ سڀني کان اڳيرو مڪتب فڪر اسلام آهي. اسلام جي سڀني خاصيتن کان اهم خاصيت اها آهي تہ، بشريت کي انڌي تقليد ۽ پيروي کان روڪيندي سوچ ويچار ۽ برهان جو دڳ سهائي ٿو، ان ڳالهہ جي ثابتي لاءِ قرآن پاڪ جو سرسري مطالعو ئي ڪافي آهي. قرآن پاڪ ۾ هر جاءِ تي ويچار جي دعوت ڏني وئي آهي ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ يا نظرئي کي مڃڻ جي ڪسوٽي برهان قرار ڏنو ويو آهي، قرآن پاڪ ڪڏهن بہ انتها پسندي ۽ شدت جي حمايت ناهي ڪئي بلڪ سدائين اها فرياد ڪندو رهيو آهي تہ هر قسم جي ڳالهہ کي پڌو پر اختيار ان کي ڪريو جيڪا مضبوط دليلن تي بيٺل هجي ليڪن افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ڪي بي خبر ۽ نادان مسلمان اسلام جي ان عظيم خاصيت کان اڻ چاڻ آهن ۽ هر اهو نظريو ۽ رايو جيڪو سندن عقيدن سان ٺهڪي تنهن کي ڪفر ۽ بدعت جا نالا ڏيئي ڏتڪاري ڇڏيندا آهن اسان هت اسلام جي ان عظيم خاصيت کي سامهون رکندي صدر اسلام جي تاريخ جي هڪ واقعي جي چند چاڻ ڪريون ٿا ۽ ان چند چاڻ ۽ تحليل ۾ انصاف کي مدي نظر رکندي تاريخ جا ڪي ورق اٿلايون ٿا البتہ هڪ ڳالهہ جنهن ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان سا اها تہ سڀني مسلمان ڀائرن کي هٿ ٻڌي عرض ڪجي ٿو تہ هن لکڻي کي انصاف پسند ٿي ڪري مطالعو ڪندا هر ڪنهن عقيدي جي ڳٽ کي پنهنجي ڪنڌ مان لاهي ويچار ڪندا. صدر اسلام جي تاريخ جي جنهن ورق کي اسان هت اٿلائڻ چاهيون ٿا سو "فدڪ" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

فدڪ جي باري ۾ مشهور اسلامي دانشور ۽ جاگرافي دان ياقوت حموي لکي ٿو: حجاز پرڳڻي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو فدڪ آهي، ان ڳوٺ کان مديني شريف تائين ٻن يا ٽن ڏينهن جو مفاصلو آهي. ڏٽي پاڪ هجرت جي ستين سال لڙائي ۽ جنگ کان سواءِ ئي پنهنجي موڪليل نبي سڳوري کي "فيءَ (1) جي روپ ۾ عطا ڪيو. ان ماجرا ۽ قصي جو تفصيل هن ريت آهي. پاڻ سڳورا جڏهن خيبر ويا هئا ۽ خيبر جا قلعا فتح پئي ڪيائون باقي ٽي قلعا بچا هئا ۽ انهن ٽنهي قلعن تي بہ محاصرو ڪيو بيٺا هئا تہ هڪ ايلچي پاڻ سڳورن وٽ آيو، جنهن پيغام ڏنو تہ اسان کي ڇڏيو تہ جيئن هتان هليا وڃون پاڻ سڳورن بہ سندن رستا کولي ڇڏيا. ان ڳالهہ جي خبر فدڪ جي رهاڪن کي پئي انهن بہ هڪ ايلچي پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ موڪليو ۽ درخواست ڪيائون

تہ فدڪ جي اڌ آبادي ۾ ملڪيت جي بدلي اسان سان صلح ۾ ٺاھ ڪريو پاڻ سڳورن بہ ان ڳالھ تي صلح ڪيو (الله پاڪ جي حڪم موجب) فدڪ پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت بڻيو ڇاڪاڻ تہ اھا ملڪيت مسلمانن جي اٺن ۽ گھوڙن ڊوڙائڻ کان سواءِ ئي حاصل ٿئي. (يعني جيڪا ملڪيت مسلمانن جي جنگ ۽ لڙائي کانسواءِ ھٿ اچي تنھن ۾ مسلمانن جو ڪوبہ حق ناھي بلڪ اھا خاص پاڻ سڳورن جي ملڪيت آھي).فدڪ ۾ ڪيترائي چشما ۽ باغ آھن فدڪ اھائي جڳھ آھي جنھن بابت سائڻ فاطمہ عليھا السلام حضرت ابوبڪر کي چيو ھئو تہ پاڻ سڳورن فدڪ مون کي بخش ڪيو ھو. تنھن تي حضرت ابوبڪر وراڻيو ھو ان ڳالھ جي ثابتي پيش ڪريو، البتہ اھو ھڪ جدا بحث آھي. حضرت ابوبڪر کانپوءِ حضرت عمر حڪمران ٿيا مختلف ملڪ فتح ڪيائون مسلمان بہ مڇي ماني وارا ۽ شاھوڪار بڻيا ۽ حضرت عمر پنھنجي اجتهاد آھر فدڪ پاڻ سڳورن جي وارثن کي واپس ڪيو پر حضرت علي عليہ السلام ۽ حضرت عباس جي وچ ۾ اٽڪٽ تي پئي حضرت علي عليہ السلام پئي چيو تہ پاڻ سڳورن پنھنجي حياتي ۾ ئي سائڻ فاطمہ عليھا السلام کي بخشش ڪيو ھو، ليڪن حضرت عباس پٽ عبدالمطلب تنھن کي تٽي مڃيو ۽ چيائين پئي تہ اھا پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت ھئي ۽ مان تنھن ملڪيت جو وارث آھيان.نيٺ فيصلو حضرت عمر وٽ آيو پر حضرت عمر فيصلو ڪو نہ ڪيو ۽ چيو تہ توھان پئي پنھنجي شان ۾ شخصيت کي بھتر ٿا ڄاڻو مان فيصلو توھان تي ئي ٿو ڇڏيان. قصو ڪوتاھ حضرت عمر پٽ عبدالعزيز جڏھن حڪومت جون واڳون سنڀاليون مديني جي گورنر ڏي خط لکيائين تہ فدڪ فاطمہ عليھا السلام جي اولاد کي موٽائي ڏي. (2)

تاريخ جي مٿئين عبارت مان ڪنھن قدر واڪو ٿيو تہ فدڪ ڇا آھي؟ ۽ فدڪ جي باري ۾ ڪھڙو اختلاف آھي؟

فدڪ واري ملڪيت پٽاندڙ سائڻ فاطمہ عليھا السلام ۽ وقت جي حڪمران حضرت ابوبڪر جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. سائڻ فاطمہ عليھا السلام پئي فرمايو تہ فدڪ منھنجي ملڪيت آھي، پر حضرت ابوبڪر پئي چيو تہ فدڪ مڙني مسلمانن جي ملڪيت آھي اچو تہ تاريخ جي ان مسئلي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪريون. فدڪ جي ملڪيت بابت سائڻ فاطمہ عليھا السلام بہ دعوا پيش ڪيا.

1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت ھو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنھنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا ھئا

2_ جيڪڏھن ان دعوا کي نٿا مڃيو تہ پوءِ فدڪ پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت ھيو مسلمانن جو ان ۾ ڪو بہ حق ناھي ۽ پاڻ سڳورن جي اڪيلي وارث مان آھيان سو ميراث جي عنوان سان فدڪ منھنجو حق آھي

حضرت ابوبڪر سائڻ فاطمہ عليھا السلام جي انھن ٻنھي ڳالھين جي مقابلي ۾ ھي موقف پيش ڪيو فدڪ جي ملڪيت جيڪڏھن پاڻ سڳورا اوھان کي بخشي ويا ھئا تہ گواھ پيش ڪريو.

رھي ٻئي ڳالھ تہ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خاص ملڪيت برابر ھئي، پر پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم فرمائي ويا آھن تہ اسان نبي سڳورا نہ ڪنھن جا وارث ٿيندا آھيون ۽ نہ ئي وري ڪو اسان جي ميراث جو وارث ٿيندو آھي اسان جيڪو پنھنجي پويان ڇڏي ويندا آھيون سو صدقو ھوندو آھي.

## سائڻ فاطمہ عليها السلام جي پهرئين دعوا:

فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خاص ملڪيت هئي ان ڳالھ ڪي اهل سنت جي برک عالمن قبول ڪيو آهي. انڳالھ جي ثابتيءَ لاءِ ياقوت حموي جي ڪتاب معجم البلدان مان اسان عبارت نقل ڪري چڪا آهيون جنهن ۾ ان تسليم ڪيو آهي تہ فدڪ مسلمانن جي لڙائي ڪانسواءِ حاصل ٿيو تنهن ڪري فدڪ جي ملڪيت خاص پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي آهي ۽ مسلمانن جو ڪو بہ حق نہ آهي. وڌيڪ اطمينان لاءِ قرآن مجيد جي هي آيت ۽ ان جي تفسير جيڪا اهل سنت جي برک عالمن بيان ڪئي آهي مختصر انداز ۾ ذڪر ڪريون ٿا.

**وَ ما أَفاءَ اللهُ عَلى رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَما أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَ لا رِكابٍ وَ لكِنَّ اللهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُ عَلى مَنْ يَشاءُ وَ اللهُ عَلى كُلِّ شَيْءٍ قَدير** (سورت حشر، آيت 6)" ۽ انهن جي مال مان الله جيڪو سندس رسول جي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان گهوڙا يا اٺ ڪو نہ ڊوڙايا هئا پر الله پنهنجي رسولن ڪي جنهن تي وٽيس غالب ڪندو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن ڳالہ تي وس وارو آهي".

اهل سنت جي هاڪاري مفسر قرطبي ان آيت جي تفسير ۾ چاٽايو آهي تہ (3) "هر اها ملڪيت جنهن لاءِ مسلمانن گهوڙا ۽ اٺ نہ ڊوڙايا هجن(يعني جنگ نہ ڪئي هجي) سا خاص پاڻ سڳورن جي ملڪيت آهي".

البتہ قرطبي ان آيت جو شان نزول بني نضير جي مال مڏي قرار ڏنو آهي،پران ڳالھ ڪي تسليم ڪيو اٿائين تہ جيڪا بہ ملڪيت مسلمانن جي جنگ ۽ لڙائي ڪانسواءِ هٿ اچي سا پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خاص ملڪيت آهي ۽ اسان ياقوت حموي جي ڪتاب مان ثابت ڪري چڪا آهيون تہ فدڪ بابت مسلمانن ڪا بہ جنگ ناهي ڪئي تنهن ڪري فدڪ خاص پاڻ سڳورن جي ملڪيت بڻيو.

رهي ڳالھ اها تہ آيت جو شان نزول بني نضير جي مال مڏي آهي يا نہ؟ تاريخ اسلام پڙهندڙن لاءِ اها ڳالہ پڌري آهي تہ بني نضير سان مسلمانن جنگ ڪئي هئي، تنهن ڪري آيت جي شان نزول بابت قرطبي جو رايو درست ناهي ان ڳالھ جي پڌرائي اهل سنت جي هاڪاري مفسر امام رازي بہ پنهنجي تفسير ۾ ڪئي آهي.

امام رازي پنهنجي تفسير ۾ لکي ٿو: آيت جي تفسير پڙهندڙ هڪ سوال پيش ٿي سگهي ٿو

بني نضير جو مال متاع تہ جنگ ۽ لڙائي کان پوءِ هٿ آيو، ڇاڪاڻ تہ بني نضير ڪجھ زمانو محاصري ۾ رهيا، جنگ ڪيائون، ڪي ماڻهو بہ مئن تنهان پوءِ پنهنجي ڏيھ نيڪاليءَ تي صلح ڪيائون. سو بني نضير جو مال متاع تہ مال غنيمت ٿيندو نہ ڪي فيءَ (4) وارو مال بڻبو.

**تفسير جي ماهرن ان سوال جا بہ جواب ڏنا آهن**

1_ ان آيت جو شان نزول بني نضير وارو واقعو ناهي ، ڇاڪاڻ جو ان تي مسلمانن گهوڙا ۽ اٺ ڊوڙايا (يعني جنگ لڙي) بني نضير وارا پاڻ سڳورن صلي اللہ عليہ و آلہ وسلم ۽ مسلمانن جي محاصري هيٺ رهيا، سو ٿي سگهي ٿو ان آيت جو شان نزول فدڪ هجي ڇاڪاڻ تہ فدڪ جي رهاڪن پنهنجي زمين ڇڏي سو سندن وسندي ۽ مال متاع جنگ کان سواءِ ئي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي اختيار هيٺ آيو.

2_ فدڪ پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت هيو ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي، باقي رهيو اهو مسئلو تہ ڇا پاڻ سڳورن فدڪ پنهنجي حياتي ۾ سائڻ فاطمہ عليها السلام ڪي بخشي ڇڏيو هو يا نہ؟

اهل سنت جي ڪيترن ئي برک عالمن ان ڳالھ کي تسليم ڪيو آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم سائڻ فاطمہ عليها السلام کي فدڪ پنهنجي حياتي ۾ ئي بخشي ڇڏيو هو.

سوره اسراء جي هن آيت: **وَآتِ ذالقربی حقه** (آيت 26) جي شان نزول ۾ لکيو اٿائون تہ جڏهن اها آيت نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن فدڪ جي ملڪيت سائڻ فاطمہ عليہ السلام کي عطا ڪئي. اسان انهن برک عالمن مان ڪن جا نالا هتي ڄاڻايون ٿا.

1_ابوبڪر بزار (متوفی 291)

2_ ابو يعلی موصلي (متوفی 307)

3_ ابن ابي حاتم رازي (متوفی 327)

4_ ابن مردويہ اصفهاني (متوفی 410)

5_ حاڪم نيشاپوري (متوفی 405)

6_ ابوالقاسم طبراني (متوفی 360)

7_ نورالدين هيثمي (متوفی 807)

8_ابن نجار بغدادي (متوفی 643)

9_ شمس الدين ذهبي (متوفی 748)

10_ جلال الدين سيوطي (متوفی 911)

11_ علي متقي هندي (متوفی 975) (5)

## متين ثابتين جي روشنيءَ ۾ هيٺيون ڳالهيون پڌريون ٿيون.

1_ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم سائڻ فاطمہ عليها السلام کي فدڪ پنهنجي حياتي ۾ ئي بخشي ڇڏيو هو.

2_ اها بخشش رب پاڪ جي حڪم موجب هئي.

3_ وقت جي حاڪم سائڻ فاطمہ عليها السلام کان فدڪ کسيو. (6)

## ويچار جوڳي ڳالهہ:

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي برقعي مٿائڻ کان پوءِ وقت جي حاڪم سائڻ فاطمہ عليها السلام کان فدڪ ورتو. سائڻ پنهنجي ملڪيت جي واپسي جو مطالبو ڪيو تنهن تي سائڻ فاطمہ عليها السلام کي

چيو ويو تہ ان جي ثابتيءَ لاءِ شاهد پيش ڪريو ويچار جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ سيني فقهن جي عالمن جو چوڻ آهي ملڪيت جنهن جي اختيار ۾ هوندي آهي ان کان ملڪيت بابت شاهد طلب ناهن ڪيا ويندا بلڪہ جيڪو ان ملڪيت جي خلاف دعوا ڪري تنهن کان شاهد گهربا آهن، فقہ جي اصطلاح ۾ چوندا آهن: **لا تطلب من صاحب اليد البينة.**

اسان سيني مسلمان ڀائرن کان هٿ ٻڌي سوال ٿا ڪريون تہ فدڪ جڏهن سائڻ زهرا عليها السلام جي اختيار ۾ هيو تہ نيٺ سائڻ کان ئي شاهد ڇو طلب ڪيا ويا؟!!!البتہ سائڻ فاطمہ عليها السلام وري بہ شاهد پيش ڪيا، حضرت فاطمہ عليها السلام جي دعوا لاءِ حضرت علي عليہ السلام امام حسن عليہ السلام امام حسين عليہ السلام ۽ بيبي ام ايمن حضرت ابوبڪر جي اڳيان شاهدي ڏني تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ فدڪ سائڻ فاطمہ عليها السلام کي بخشي ڇڏيو هو، جهڙيءَ ريت ان ڳالهہ جي پڊرائي اهل سنت جي هاڪاري عالم، جلال الدين سيوطي پنهنجي ڪتاب ۾ ڪئي آهي (7)

ان کانپوءِ بہ ڪيترن ئي عالمن ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو آهي. (8 )

پر درٻار ۾ اها شاهدي قبول نہ پئي، چيو ويو تہ شاهدن جو ڪورم پورو ناهي.

اڇو تہ انهن شاهدن بابت اسلامي منابع ۽ مآخذ جا ڪجهہ ورق اٿلايون.

## حضرت علي عليہ السلام

حضرت علي عليہ السلام بابت اهل سنت جي ڪتابن ۾ جيڪي فضيلتون ذڪر ٿيل آهن، جيڪڏهن هڙئي ذڪر ڪجن تہ ڪتابن جا ڪوڙا لڳي ويندا، اسان رڳو هڪ حديث ذڪر ڪريون ٿا جنهن حديث کي پنجويهن 25 کان مٿي صحابي سڳورن نقل ڪيو آهي ۽ هڪ آيت ذڪر ڪريون ٿا.

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فرمايو:

علي مع الحق والحق مع علي

ترجمو: علي حق ساڻ آهي ۽ حق علي ساڻ آهي

**ان حديث کي نقل ڪرڻ وارن صحابي سڳورن مان ڪن جا نالا پيش ڪجن ٿا.**

1_ حضرت ابوبڪر.

2_ حضرت ابوذر

3_ حضرت عمار

4_ حضرت عبدالله پٽ عباس

5_ حضرت ابوسعيد خدري

6_ حضرت سلمان

7_ حضرت ابوايوب انصاري

8_ حضرت جابر پٽ عبدالله

9_ حضرت سعد پٽ ابي وقاص

10_ حضرت بيبي عائشہ

11_ بيبي ام سلمہ

۽ هن حديث کي اهل سنت جي ڪيترن ئي حافظن، عالمن، محدثن پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي. اسان پڙهندڙن جي اطمينان لاءِ رڳو ڪن جو ذڪر ڪريون ٿا (9)

## قرآن جي آيت:

**أَ فَمَنْ كانَ عَلى بَيِّنَةٍ مِنْ رَبِّهِ وَ يَتْلُوهُ شاهِدٌ مِنْه_**(سورت هود، آيت 17)

ترجمو: ڀلا جيڪو شخص سندس نپائٽهار وٽان آيل چٽي دليل تي آهي ۽ ان سان گڏ ان وٽان هڪ شاهد به آهي...

امام جلال الدين سيوطي پنهنجي تفسير ۾ ڄاڻايو آهي ته علي عليہ السلام فرمايو: "**رسول الله** صلي الله عليہ و آلہ وسلم **"عليٰ بينة من ربہ" و انا "شاهد منہ"**

پاڻ سڳورا پنهنجي نپائٽهار وٽان کليل ثابتي تي آهن ۽ مان سندن لاءِ شاهد آهيان.

مٿئين حديث مطابق علي عليہ السلام سدائين حق ساڻ آهي، جيڪڏهن ڪا شاهدي ڏين ٿا تڏهن به حق تي آهن. ۽ آيت جي شان نزول مطابق، حضرت علي عليہ السلام پاڻ سڳورن جي رسالت جا شاهد آهن، ته پوءِ اهڙي انسان جي شاهدي ۾ شڪ ڪري سگهجي ٿو؟!!!

## امام حسن عليہ السلام ۽ امام حسين عليہ السلام لاءِ

اها مشهور حديث ڪافي آهي.

**" الحسن والحسين سيدا شباب اهل الجنة "**

حسن ۽ حسين جنتي جوانن جا سردار آهن.

اها حديث به ڪيترن ئي سني عالمن ذڪر ڪئي آهي ليڪن اطمينان لاءِ ڪي حوالا (10)

ڇا جنت جي جوانن جا سردار اجائي شاهدي ڏئي سگهن ٿا ؟

بيبي ام ايمن روايت ڪري ٿي

پاڻ سڳورن فرمايو: **من سره ان يتزوج امراة** من اهل الجنة فليتزوج امايمن(11) جيڪو چاهي ته جنتي خاتون سان شادي ڪري، سو ام ايمن سان شادي ڪري.

## ڇا اها بيبي اجائي گواهي ڏيندي؟

ٿي سگهي ٿو ان چٽين ثابتين کان پوءِ به ڪير چوي امام حسن عليہ السلام ۽ حسين عليہ السلام ٻار هئا، ام

ايمن خاتون آهي، باقي علي عليہ السلام اڪيلو هو تنهنڪري شاهدي اڪيلي جي ڪيئن قبول پئي؟ !!!

**ان لاءِ عرض آهي تہ :** وقت جو حاڪم اڪيلي علي عليہ السلام جي شاهدي تي بہ حڪم ڪري سگهيو پئي، جهڙي ريت پاڻ سڳورن اڪيلي خزيمہ پٽ ثابت، جي شاهدي تي حڪم ڪيو هو ۽ ڪيس "ذوالشهادتين" جو لقب ڏنو هو. (12)

**ڇا حضرت علي عليہ السلام جو مقام، خزيمہ پٽ ثابت، کان بہ گهٽ هو ؟!!!**

يا بخاري جي هن روايت تي ويچار ڪندا .

جابر پٽ عبدالله انصاري کان روايت آهي تہ:

**" إن النبي**صلي الله عليه و آله وسلم **قال لي : إذا أتى مال البحرين حثوت لك ثم حثوت لك_ثلاثا_"**

ماجرا هن ريت آهي: جڏهن بحرين جو مال حضرت ابو بڪر وٽ آيو تہ حضرت جابر ڪيس چيو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم مون کي فرمايو هو تہ جڏهن بحرين جو مال ايندو تہ، ان مان ٽي مٺيون مال تنهنجو تنهن تي حضرت ابوبڪر جابر کي چيو اچ ۽ جيتري مال جو پاڻ سڳورن توکي واعدو ڪيو هو اوترو کڻ.

حضرت جابر وٽ ڪو بہ شاهد نہ هيو، رڳو پنهنجي دعوا تي بيت المال مان، مال ورتائين.

اسان هتي عرض ڪريون ٿا تہ جيڪڏهن جابر پٽ عبدالله انصاري جي ڳالهہ شاهد کانسواءِ قبول پئي تہ پوءِ سائڻ فاطمہ عليها السلام جنهن جي عصمت جي ثابتي آيت تطهير آهي، نيٺ سندس مطالبو ڇو نہ مڃيو ويو؟!!!

انهن سيني ڳالهين کي ڪٺي ڇڏي بہ ڏجي پر ايترو تہ چئي سگهجي ٿو حضرت جابر بہ صحابي، سائڻ فاطمہ عليها السلام بہ صحابيت جي درجي تي فائز پوءِ هڪ جي ڳالهہ قبول پئي ۽ ٻئي جي نہ پئي آخرڪار ڇو؟!!!

## سائڻ فاطمہ عليها السلام جي ٻئي دعوا :

فدڪ خاص پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت آهي ۽ مان ئي سندس ميراث جي وارث آهيان، سووري بہ فدڪ منهنجو حق آهي .

ان دعوا جي مقابلي ۾ وقت جي حاڪم حديث پيش ڪئي.

**"انا معاشر الانبيا لا نورث وما ترڪناه صدقة"**

اسان نبي سڳورا ڪنهن کي بہ پنهنجو وارث ناهيون ڪندا جيڪو پنهنجي پٺيان ڇڏي ويندا آهيون سو صدقو آهي.

سائڻ جي ان مطالبي جي بابت بہ تفصيل سان بحث ڪجي ها، پر مقالي جي ڊيگهہ کي نظر ۾ رکندي رڳو ڪن بنيادي ڳالهين ڏي اشارو ڪجي ٿو، باقي وضاحت انشاءالله ڪنهن ٻئي لکٽي ۾.

1. ان حديث جو راوي اڪيلو حضرت ابوبڪر آهي. (13)

جيڪڏهن اهڙي حديث هئي تہ ان حديث جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت سائڻ فاطمہ عليها السلام کي هئي، پوءِ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم رڳو اڪيلي حضرت ابوبڪر کي ڪيئن ٻڌايو؟ ٻيا هيترا سارا صحابي سڳورا ۽ ام المومنين بيبيون سڳوريون ان حديث کان بي خبر هيون اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟!!!

2. اها حديث قرآن جي مخالف آهي

قرآن مجيد ۾ چٽي نموني بيان ٿيل آهي ته نبي سڳورا وارث ٿيندا به آهن ۽ انهن جا به وارث ٿيندا آهن .

ڏسو ارشاد آهي : **وَوَرِثَ سُلَيْمَانُ دَاوُودَ** سورت(نمل آيت 16)

حضرت سليمان، حضرت داوود جو وارث ٿيو، حضرت زڪريا جي دعا قرآن ۾ نقل ٿئي آهي.]**وَإِنِّي خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِن وَرَائِي وَكَانَتِ امْرَأَتِي عَاقِرًا فَهَبْ لِي مِن لَّدُنكَ وَلِيًّايَرِثُنِي وَيَرِثُ مِنْ آلِ يَعْقُوبَ وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا] مريم آيت 5۽6 (14)**

جيڪا به حديث قرآن جي مخالف آهي سا درست نه آهي.

ڪن جواب ڏنو آهي ته ان ميراث مان مراد علم آهي،پر ميراث جو استعمال علم ۾ مجاز آهي ۽ مال متاع ۾

حقيقت آهي جتي ڪو دليل ۽ قرينو نه هوندو ته اتي مراد حقيقي معنيٰ هوندي نه ڪي مجازي، ۽ آيتن ۾ ڪو به قرينو ۽ دليل مجازي معنيٰ لاءِ ڪونهي، سو اهو رايو غلط آهي ته ميراث مان مراد علم آهي.

3. حضرت عمر عملي لحاظ کان ان حديث کي ٺڪرائي ڇڏيو. حضرت عمر پنهنجي حڪومت واري زماني ۾ فدڪ حضرت علي عليہ السلام ۽ عباس کي واپس ڪيو (15)

جيڪڏهن پاڻ سڳورن جي ميراث ناهي هوندي ته حضرت عمر فدڪ واپس ڪئين ڪيو؟ ان ڳالهه جو سنئون سڌومقصد اهو ناهي ته حضرت عمر ان حديث کي تسليم نه پيو ڪري. ۽ اهڙي ريت سيني تاريخدانن لکيوآهي ته :

حضرت عمر بن عبدالعزيز پنهنجي حڪومت واري زماني ۾ فدڪ، سائڻ فاطمہ عليها السلام جي اولاد کي واپس ڪيو، ان جو مقصد اهو آهي ته حضرت عمر بن عبدالعزيز به ان حديث کي نه پئي مڃيو ان حديث جي معنيٰ ۽ مفهوم پٽاندڙ به چند ڇاڻ ڪجي ها، پر هر انصاف پسند لاءِ مٿيان ٽي بنيادي نڪتا ڪافي آهن.

## حوالا

1_ فيءَ جا کي چئبو آهي انشاءَ الله اڳتي هلي ان جي وضاحت پيش ڪبي

2_ معجم البلدان4/270_271 نمبر9053

3_تفسير قرطبي، الجامع لاحڪام القرآن ج9 جزء 18 ص9_10

4_ "فيءَ" ان مال کي چئبو آهي جيڪو جنگ ۽ لڙائي کانسواءِ هٿ اچي ۽ اهو مال متاع خاص پاڻ سڳوري جي ملڪيت هوندو آهي.

5_ الدرالمنثور5/273، مجمع الزوائد7/49، ميزان الاعتدال2/288، ڪنزالعمال3/767

6_ الصواعق المحرقہ ص 31

7_الدر المنثور5/273_274

8_ جھڙوڪ امام رازي، تفسير ڪبير 29/284، ابن حجر، الصواعق المحرقہ ص25، حلبي شافعي، السيرة الحلبيہ 3/486، ياقوت حموي، معجم البلدان4/270، سمهودي مدني، وفاءُ الوفا باخبار دارالمصطفیٰ3/995، قاضي ايجي ۽ مير سيد شريف جرجاني، شرح المواقف8/356

9_ صحيح ترمذي5/592 حديث 3714، المستدرڪ علیٰ الصحيحين 3/134 حديث 4629، مجمع الزوائد7/234، تاريخ بغداد14/320 نمبر7643، تاريخ دمشق42/449، ربيع الابرار1/828

10_ سنن ترمذي5/614 حديث 3768، الخصائص، نسائي99 حديث124، مسند احمد3/3 مستدرڪ حاڪم3/182، المعجم اتبير 3/35 حديث 2605، مسند ابو يعلیٰ 2/359 ۽ ٻيا عالم

11_ الطبقات الڪبریٰ 10/213 حديث 11899، الاصابہ 8/172 نمبر 11899

12_ سنن ابي داوود 3/306 حديث 3607

13_ اصول 2/180، امام غزالي، المستصفیٰ في علم الاصول 2/121 ۽ ٻيا عالم سڀورا. امام رازي المحصول في علم الاصول

14_ آيت جو ترجمو: آءٌ مون کان پوءِ پنهنجن مائٽن کان ڊڄان ٿو ۽ منهنجي زال اٺ ويار (سنڍ) آهي تہ پوءِ تون پاڻ وٽان مونکي ڪو وارث ڏي

15_ صحيح مسلم 5/152، ڪتاب الجهاد و سير، باب حڪم فيءِ

16 نومبر 2014

7 چڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

فدڪ وارو اعتراض بہ انهن اعتراضن مان هڪ آهي جنهن جي مدد سان دشمن اسلام دين جي اولين پهچائيندڙ راوين يعني اصحابي سڳورن جي ايمان ۽ ڪردار کي مشڪوڪ بڻائيندا آهن.

اسلام جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي زميني علائقا ڪافرن سان جنگ ڪرڻ بنا مسلمانن کي حاصل ٿيا هئا انهن مان هڪ علائقو فدڪ بہ هو. فدڪ جي آمدني حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي ازواج مطهرات، اهل وعيال ، بني هاشم جي سڄي خاندان، ان کان علاوه مهمانن ۽ بادشاهن جي سفيرن جي خوراڪ ۽ رهائش وغيره تي خرچ ڪندا هئا. ان کان علاوه فدڪ جي آمدني غريبن ۽ يتيمن جي مدد ڪرڻ لاءِ بہ استعمال ٿيندي هئي. جهاد جا سامان ، تلوارون، اُٺن ۽ گهوڙن وغيره جي خريد ڪرڻ لاءِ بہ فدڪ جي آمدني استعمال ڪئي ويندي هئي. فدڪ جي آمدني مان اصحابِ صفہ جون حاجتون بہ پوريون ڪيون وينديون هيون.

غور ڪجي تہ فدڪ جي آمدني جڏهن ايترن سارن مختلف مقصدن ۾ ورهائجي ويندي هئي تہ بني هاشم جا جيڪي وظيفا حضور اڪرم جن مقرر فرمايا هئا اهي ڪي گهٽا نہ هئا ۽ سيده فاطمہ زهره رضي الله تعالیٰ عنہ جيڪا حضور اڪرم جن کي سڀ کان پياري هئي پر نبي پاڪ ان جي ڪفالت بہ پوري نہ ڪري سگهندا هئا.

هن تفصيل مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هن قسم جي علائقن جي آمدني کي محبوبن ڪريمن خاص مقصدن تي خرچ ڪندا هئا. ٻين لفظن ۾ الله رب العزت جو مال الله جي راهہ ۾ ئي خرچ ڪيو ويندو هو. حضور اڪرم جن فدڪ کي پنهنجي ذاتي ملڪيت ڪڏهن بہ نہ سمجهيو هو.

پاڻ سڳورن جي ظاهري وفات کان پوءِ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنہ پهريان

خليفا مقرر ٿيا تہ انهن بہ فدڪ جي آمدني انهن ساڳين مقصدن تي خرچ ڪئي جن تي پاڻ سڳورا پنهنجي حياتي ۾ خرچ ڪندا هئا.

فدڪ جي آمدني پهرين چئن خليفن جي زماني تائين اهڙي طرح ئي خرچ ڪئي ويندي هئي. يعني حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنہ، حضرت عمر فاروق رضي الله تعالیٰ عنہ ، حضرت عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنہ ۽ پڻ حضرت علي ڪرم الله وجهہ ، سيني فدڪ جي آمدني کي انهن ئي مقصدن خاطر خرچ ڪيو جيڪي نبي پاڪ مخصوص ڪيا هئا.

حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان پوءِ باغ فدڪ حضرت امام حسن رضي الله تعالیٰ عنہ جي قبضي ۾ رهيو، پوءِ حضرت امام حسين رضي الله تعالیٰ عنہ جي اختيار ۾ رهيو، ان کان پوءِ حضرت

علي بن حسين ، پوءِ حضرت حسن بن حسن جي حوالي ٿيو، ان کان پوءِ زيد بن حسن بن علي ( حسن بن حسن جو ڀاءُ) جي حوالي ٿيو، ان کان پوءِ مروان ۽ مرواونين جي اختيار هيٺ آيو، ايستائين جو ڪافي عرصي بعد حضرت عمر بن عبدالعزيز جي خلافت جو زمانو آيو ، جنهن باغ فدڪ حضرت سيده فاطمہ زهره رضي الله تعالیٰ عنہ جي اولاد جي حوالي ڪيو.

باغ فدڪ جي تاريخ اها ئي آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اصل معاملو ڪجهہ بہ نہ هو پر جيئن تہ دشمن اسلام جو صرف هڪ ئي مقصد هو تہ تاريخ مان اهڙا قصا ٺوڙي مروڙي پيش ڪجن جن سان مسلمانن کي گمراهہ ڪري سگهجي...!!! انڪري هن قسم جا قصا بيان ڪري عام مسلمانن جي جذبہ ايماني کي جوش ڏياري ۽ حُب اهل بيت جو سهارو وٺي ، پهرين خليفن ۽ سيني اصحابي سڳورن کي ظالم ثابت ڪيو ويندو آهي ۽ نعوذباالله انهن جي ايمان تي شڪوڪ شبها پيدا ڪيا ويندا آهن...!!!

جيئن تہ هي اعتراض سڌو سنئون حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنہ جي شخصيت ، ڪردار ۽ ايمان تي ڪيو ويندو آهي. انڪري هن ئي مضمون ۾ فدڪ سان جڙيل مختلف اعتراضن جا جواب تحرير ڪيا ويندا. انشاالله.

هلندڙ.....

18 نومبر 2014

8 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

محترم دوستو... باغ فدڪ تي تحقيق ڪندي هن حقيقت جو احساس ٿيو آهي ته هن موضوع سان جڙيل اعتراضي سوال ۽ انهن جا جواب سمجهائڻ ايترا آسان نه آهن. بحرحال باغ فدڪ جي اهميت کي ڏسندي انهن سيني اعتراضي سوالن کي جوابن سميت ترتيب سان پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. انشاالله.

اسان جا شيعه مڪتبه فڪر جا دوست هن مسئلي تي ڪوڙ سارا اعتراضات ڪندا آهن ۽ انهن جي مدد سان عام فهم مسلمانن کي شڪ شبهن ۾ وجهي اصحابي سڳورن جي ڪردار کي مجروح ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا آهن.

هڪ اهم ڳالهه هي به آهي ته باغ فدڪ جو اعتراض پيش ڪرڻ جوخاص هدف مسلمانن جي پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه جي ذات بابرڪات آهي. هي اعتراض سندن سچائي ، ايمان ۽ ڪردار کي گهٽ ڪرڻ لاءِ لڳايو ويجي ٿو.
ياد رهي ته محبوبن ڪريمن پاڻ حضرت ابوبڪر کي **صديق**جو لقب ڏنو هو، ان کان علاوه کين سندن زندگي ۾ ئي جنت جي بشارت به مليل هئي. اهڙي شخصيت تي هن قسم جا بي بنياد الزام لڳائڻ دشمن اسلام جي هڪ سازش آهي.

اسان جا شيعه مڪتبه فڪر جا دوست جيڪڏهن ٿورو به عقل ۽ فهم کي استعمال ڪن ها ته ڪڏهن به هي اعتراض پيش نه ڪن ها.

سندن اهو مؤقف آهي ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه باغ فدڪ کي اهل بيت سڳورن کان غضب ڪيو هو (نعوذباالله)...!!

بين سيني ڳالهين کي هڪ پاسي رکي صرف ايترو ته سوچڻ گهرجي ته جيڪڏهن هي اعتراض درست هجي ها ته پوءِ ان سان خود حضرت علي ڪرم الله وجهه جي ذات تي به سواليه نشان لڳي وڃن ٿا....!! ساڳيو بهتان ، ساڳيو الزام جيڪو حضرت ابوبڪر لاءِ ڪيو وڃي ٿو اهي ساڳيا اعتراض، ساڳيا الزام نعوذباالله حضرت علي ڪرم الله وجه جي ذات بابرڪات تي به لڳي وڃن ٿا...!!

## سيتي شيعہ مڪتبہ فڪر وارن کان هڪ اهم سوال----

حضرت علي ڪرم الله وجهہ جڏهن خليفو ٿيو ته فدڪ جو سڄو انتظام ۽ مڪمل اختيار ڪين منتقل ٿي ويو هو. شيعہ مڪتبہ فڪر جي نزديڪ حضرت سيده فاطمہ زهره فدڪ جي وارث هئي ، حضرت سيده فاطمہ زهره محبوبن ڪريمن جي ظاهري وفات کان 6 مهينن بعد وفات ڪئي. هاڻ اصولي طور تي فدڪ جي زمين جا وارث حضرت سيده فاطمہ زهره جي اولاد بڻجي پئي ، جنهن ۾ حضرت سيدنا حسن رضي الله تعالیٰ عنہ ، حضرت سيدنا حسين رضي الله تعالیٰ عنہ ۽ پيون ناٽيون شامل آهن.

### جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهہ خليفو ٿيو ته پاڻ باغ فدڪ واري وراثت جيڪا سندن اولاد جو حق هئي ان کي تقسيم چو نہ ڪيائون..؟

جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق ۽ پڻ ٻين خليفن اها جائيداد اهل بيت سڳورن کان نعوذباالله غضب ڪئي هئي ته حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو فرض بڻجي پيو ته پاڻ پهرين فرصت ۾ حقدارن کي سندن حق ڏيارين ها. خاص طور تي شيعہ مڪتبہ فڪر موجب اها رسول پاڪ جي خواهش بہ هئي ۽ حضرت سيده فاطمہ زهره رضي الله تعالیٰ عنہ بہ اهو ئي چاهيو پئي...!!

تاريخ اسلام موجب فدڪ جي جيڪا آمدني حاصل ٿيندي هئي اها محبوبن ڪريمن جي زماني ۾ سندن وفات جي ڏينهن تائين غريبن ، يتيمن، مسڪينن ۽ بيوائن وغيره تي خرچ ٿيندي هئي. اهو سلسلو چئني خليفن جي دور ۾ بلڪل اهڙي ريت جاري رهيو هو ۽ فدڪ جي آمدني نبي پاڪ جي دور جيان ساڳين مقصدن لاءِ خرچ ٿيندي رهي هئي.

جا حضرت ابوبڪر صديق رضي الہ تعالیٰ عنہ تي جيڪو الزام لڳايو وڃي ٿو يعني فدڪ غضب ڪرڻ جو، اهو ساڳيو الزام حضرت علي ڪرم الله وجهہ تي ڪيئن نہ لڳائي سگهجي...؟؟ معاذالله ثم معاذالله.

هلندڙ....

(اڳتي اسان مسلمانن کي ڪافرن وٽان جيڪو مال ، ملڪيتون وغيره ملنديون هيون انهن جا قسم ۽ باغ فدڪ جي حيثيت قرآن پاڪ جي روشني ۾ سمجهنداسين.)

22 نومبر 2014

4 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

---



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

سان جا شيعہ مکتبہ فکر جا دوست هن مسئلي تي ڪوڙ سارا اعتراضات ڪندا آهن ۽ انهن جي مدد سان عام فهم مسلمانن کي شڪ شبهن ۾ وجهي اصحابي سڳورن جي ڪردار کي مجروح ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا آهن.

**اتسان جي ذهن جون چار ڪيفيتيون هوتديون آهن جن ۾ ٽي حرام آهن ۽هڪ جائز آهي**

**1. شڪ 2. ظن 3. وهم اهي ٽئي حرام آهن، 4. يقين جائز ۽ حلال آهي شيعان علي عليہ سلام هميشہ يقين واري ڳالهہ ڪندا آهن، ڪڏهن بہ شڪ شيهي واري ڳالهہ نہ ڪندا آهن. چو تہ حرام ڪان پري رهندا آهن.**

22 نومبر 2014

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

حضرت سيده فاطمہ زهره محبوبن ڪريمن جي ظاهري وفات کان 6 مهينن بعد وفات

**صرف 91 يا 92 ڏينهن کان پُوءِ خاتون جنت جي شهادت ٿي آهي سرور ڪونين رحمت اللعالمين جي پردي مٿائڻ جي تاريخ 28 صفر يا 12 ربيع الاول سن 11 هجري آهي تہ سانئڻ جي شهادت 3 جمادالثاني سن 11 هجري آهي-**

22 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهه خليفو ٿيو ته پاڻ باغ فدڪ واري وراثت جيڪا سندن اولاد جو حق هئي ان کي تقسيم چو نه ڪيائون..؟

**تقسيم ٿي آهي. پوءِ عمر بن عبدالعزيز آخري ڀيرو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو انڪانپوءِ تاريخ تقريبن خاموش آهي.**

22 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

اهو ساڳيو الزام حضرت علي ڪرم الله وجهه تي ٿو لڳائي سگهجي...؟؟ معاذالله ثم معاذالله.

**لڳايو ۽ شوق پورو ڪيو، جي مولاعلي عليہ سلام تي 80 سال مسجد جي منبر تان شب و ستم ٿيندو رهيو، ته هاڻي ڪا نئين ڳالهه نه هوندي.**

22 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

3. حضرت عمر عملي لحاظ کان ان حديث کي ٽڪرائي ڇڏيو. حضرت عمر پنهنجي حڪومت واري زماني ۾ فدڪ حضرت علي عليہ السلام ۽ عباس کي واپس ڪيو (15)

**اهو سڀ ذميواري ان تاريخ لکڻ واري تي عائد ٿئي ٿي. ته ته حضرت عمر جي دؤر ۾ فدڪ واپس ته ٿيو آهي.**

[QUOTE/]

22 نومبر 2014



**راشد علي چانديو**
سينيئر رڪن

ثانيہ زهرا لکيو آهي: ↑

*هڪ نهايت ئي مفيد ۽ ڪارائتي تحقيق شيئر ڪري رهي آهيان اميد تہ الله سائين اسان کي دين جي حقيقي سمجهہ عطا ڪندو.*

ادي فدڪ جي باري ۾ تمام بهترين تحرير پيش ڪئي اٿو خدا اوهان کي جزاءِ خير ڏيندو باقي منافق هن تحرير کي پڙهي ڪري خاڪ ٿي ويندا ۽ مختلف تحريرون پيش ڪري هن کي ٽوڙي مٽوڙي پيش ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندا پر حق اهو ئي آهي جنهن کي اوهان بيان ڪيو آهي
(خدا جي لعنت هجي انهن شخصن تي جن رسول خدا صلي الله عليہ وآلو وسلم جي لخت جگر کي رنجايو )

23 نومبر 2014

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

ادا رضوان ... توهان مان اهڙي ئي جواب جي اميد ڪري سگهجي ٿي.
عام فهم مسلمانن کي شڪ شبهن ۾ وجهڻ لاءِ ڪوڙ ۽ فريب تي مبني اعتراضات ڪير ڪندو آهي ۽ ڪير انهن جي حقيقت واضح ڪندو آهي اهو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏڻ گهرجي.

يقين جي قوت علم وارن جي خاص نشاني آهي. بدقسمتي سان اسان مذهبي ڄاڻ کان اڻ واقف رهندا آهيون. اسان جي سمجهه مطابق اهو علم صرف مولوين کي اچڻ گهرجي ۽ اسان کي مذهب بابت مسئلا معلوم هئڻ ضروري نه آهن. اهو ئي سبب آهي جو عام مسلمان يقين ۽ شڪ جي وچ ۾ هوندا آهن ڇين اسلام جي تاريخ جيستائين معلوم نه ٿيندي اهي ايئن ئي دشمن اسلام جي سازشن کان اڻ ڄاڻ رهندا...۽!!

مونکي خوشي تڏهن ٿئي ها جڏهن توهان ڪجهه ڏينهن اڳ جن لائبريرين جو ذڪر ڪيو هو، ان مان اهل سنت جا نه پر شيعه مڪتبه فڪر جي ڪتابن مان ئي ڪنهن هڪ ڪتاب کي کولي پڙهو ها ۽ ان ڪتاب جي حوالي سان مٿي پُڇيل سوال جو ڪو مدلل جواب ڏيو ها.

ادا راشد علي چانديو صاحب جو جواب پڙهي به مايوسي ٿي آهي.

توهان سڀ ايترا پاڻ کي حق وارا (ادا بوجواد)، يقين وارا (ادا رضوان جمالي) ۽ الائي ڇا ڇا سمجهندا آهيو...جيڪڏهن تاريخ اسلام جو ۽ هن ئي موضوع جي عنوان سان تعلق رکندڙ هڪ اهم سوال پڇيو ويو آهي ته ان جو جواب ڏيڻ کان نٽائي ڇو رهيا آهيو.؟ هن سوال جو جواب ڏيڻ توهان سڀني جي ديني ذميداري آهي.

اسان سڀني پڙهندڙن کي اها ڄاڻ هئڻ گهرجي ته حضرت علي ڪرم الله وجهه پنهنجي خلافت جي چار سال 9 مهينن دوران باغ فدڪ کي اصل حقدارن جي حوالي ڪري حضرت سيده فاطمه زهره جي خواهش پوري ڇو نه ڪئي هئي..؟ ۽ حضرات حسنين کي باغ فدڪ جو وارث ڇو نه بڻايو هو...!!؟؟

منهنجو سوال ايڏو مشڪل ته نه آهي جو توهان سيني دوستن کي سمجهه ۾ نٿو اچي...يلا پنهنجن ڪتابن مان ئي ان جو جواب ڏيڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي..؟

حضرت بيبي فاطمه زهره کي رنجائيندڙن حقيقت ۾ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن کي رنجايو ۽ جنهن رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن کي رنجايو ان يقينن الله عزوجل کي رنجايو. مان اهو ثابت ڪندس ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه ۽ پڻ ٻيا سڀ خليفا ان الزام کان بري آهن. ان شاالله.

رهي ڳالهه منافق جي ته ادا راشد..منافق اهو آهي جيڪو الله جي صفتن ۾ شڪ ڪري ۽ انهن ۾ نقص ڳولهي، منافق اهو آهي جيڪو ختم نبوت جي خلاف عقيدو رکندو هجي، منافق اهو آهي جيڪو قرآن پاڪ ۾ تحريف جو عقيدو رکندو هجي، منافق اهو آهي جيڪو 9 حصا پنهنجي دين جا لڪائي ۽ صرف هڪ حصو ظاهر ڪري ۽ انهن سيني ڳالهين جي باوجود پاڻ کي مسلمان به سڏرائي..!!

هر ماڻهو پنهنجي پنهنجي ضمير ۽ ايمان مطابق فيصلو ڪري ته نعوذباالله اسان منافقن ۾ ته شامل نه آهيون...!

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح صحيح سمجهه ڏئي. آمين.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 24 نومبر 2014

24 نومبر 2014

4 ڄڻن هيءِ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

# ڪافرن کان ملندڙ مال ۽ ملڪيتون ۽ قرآن پاڪ....!!

مسلمانن کي جيڪي مال ملڪيتون ڪافرن وٽان ملنديون آهن، قرآن شريف موجب انهن جا ٻہ قسم آهن.

1. مالِ انفال.

2. مالِ في.

محترم دوستو....اسان سيني کي باغ فدڪ جي تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ مال انفال ۽ مال "في" جو فرق سمجھڻ نهايت ضروري آهي. اهم ڳالھ اهاآهي تہ اهو فرق قرآن پاڪ بلڪل صاف لفظن ۾ سمجھائي ڇڏيو آهي ۽ ڳڏوڳڏ ڪھڙو مال ڪٿي خرچ ٿيڻ گھرجي اهو بہ صاف صاف سمجھايو ويو آهي.

**1. مالِ انفال:**
انفال نفل جي جمع آهي. جنهن جي معنیٰ آهي، زياده شي، فضل ۽ انعام.

ڪافرن کي جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏيڻ کان بعد سندن ملڪيت تي قبضو ڪيو ويندو آهي ان مال کي مال انفال(غنيمت جو مال) سڏيندا آهن.

مال انفال مان مراد اها مال مڪيت آهي جيڪا ڪافرن سان جنگ ڪندي حاصل ٿي هجي. هن قسم جي مال مڪيت جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ سورت انفال جي شروع ۾ آيل آهي. جڏهن جنگ بدر کان پوءِ مال غنيمت جي تقسيم ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ مال جي ورهاست جو حقدار هئڻ بابت سوال اٿڻ لڳا تہ الله پاڪ جو ارشاد آيو تہ

يَسۡـَٔلُونَكَ عَنِ ٱلۡأَنفَالِۖ قُلِ ٱلۡأَنفَالُ لِلَّهِ وَٱلرَّسُولِۖ فَٱتَّقُواْ ٱللَّهَ وَأَصۡلِحُواْ ذَاتَ بَيۡنِكُمۡۖ وَأَطِيعُواْ ٱللَّهَ وَرَسُولَهُۥٓ إِن كُنتُم مُّؤۡمِنِينَ ١

**(اي پيغمبر) غنيمت جي مال بابت توکان پڇن ٿا، چئو ته غنيمت جو مال الله ۽ پيغمبر جو آهي، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ اوهين پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪريو، ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله ۽ سندس رَسُول جي فرمانبرداري ڪريو.**

(سورت الانفال 1)

**مفهوم:** اي محبوب توهان کان غنيمتن جي باري ۾پڇن ٿا، توهان کين فرمايو ته غنيمتون الله ۽ رسول جي لاءِ آهن.(مطلب ته انهن جو فيصلو الله تعالیٰ ۽ ان جي پياري رسول صلي الله عليه وآله وسلم جي حوالي آهي.جيئن الله پاڪ پنهنجي رسول کي حڪم ڪندو تيئن پاڻ تقسيم ڪرڻ فرمائيندا.) پوءِ ڊڄو الله کان ۽ پنهنجو پاڻ ۾ اصلاح ڪيو ۽ اطاعت ڪيو الله ۽ ان جي رسول جي جيڪڏهن مؤمن آهيو.

هن آيت ساڳوري مان صاف حڪم معلوم ٿئي ٿو ته مال انفال جي تقسيم الله ۽ ان جي رسول (صلي الله عليه وآله وسلم) جي اختيار ۾ آهي.

ياد رهي ته هن مان مراد اهو مال ۽ ملڪيت آهي ، جيڪو ڪافرن وٽان جنگ حاصل ڪرڻ کانپوءِ مسلمانن کي حاصل ٿيو هو.

**حضرت ابن عباس رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ الله تعالىٰ غنيمتن جي ورهائڻ جا اختيار سيني کان کسي پنهنجي پياري رسول ڪريم جن کي ڏنا ۽ پوءِ پاڻ برابري جي بنياد تي سيني ۾ ورهايائون.**

**(تفسير مظهري ص 7 جلد 4)**

## 2. مال في:

مال في اهڙي ملڪيت کي چوندا آهن جيڪا جنگ يعني قتال ڪرڻ کان سواءِ مسلمانن کي حاصل تي هجي. چاهي ڪافر اها ملڪيت ڇڏي ڀڄي ويا هجن يا رضامندي سان مسلمانن کي ڏيڻ قبول ڪئي هجين.

جنگ کانسواءِ ڪافرن شڪست مڃي ۽ مسلمان ان علائقي جا مالڪ بڻيا ان کي **"في"** سڏيندا آهن.

مال في بابت قرآن پاڪ ۾ سورت الحشر ۾ هن طرح ارشاد آهي....

وَمَآ أَفَآءَ ٱللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ مِنۡهُمۡ فَمَآ أَوۡجَفۡتُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ
خَيۡلٖ وَلَا رِكَابٖ وَلَٰكِنَّ ٱللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُۥ عَلَىٰ مَن يَشَآءُۚ وَٱللَّهُ عَلَىٰ
كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ٦

**۽ انهن مان جيڪو (مال في) الله پنهنجي پيغمبر کي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان نڪي گهوڙا ۽ نڪي ڪي اُٺ ڊوڙايا هوا پر الله پنهنجن پيغمبرن کي جنهن تي وڻيس (تنهن تي) غالب ڪندو آهي، ۽ الله سيڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.**

**(سورت الحشر 6)**

## مال "في" ڪٿي خرچ ڪجي....!!؟؟

هن مال "في" جي خرچ بابت الله رب العزت قران پاڪ ۾ ئي بيان ڪري ڇڏيو آهي تہ..

مَّآ أَفَآءَ ٱللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ مِنۡ أَهۡلِ ٱلۡقُرَىٰ فَلِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِى
ٱلۡقُرۡبَىٰ وَٱلۡيَتَـٰمَىٰ وَٱلۡمَسَـٰكِينِ وَٱبۡنِ ٱلسَّبِيلِ كَىۡ لَا يَكُونَ دُولَةَۢ
بَيۡنَ ٱلۡأَغۡنِيَآءِ مِنكُمۡۚ وَمَآ ءَاتَٮٰكُمُ ٱلرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَہَٮٰكُمۡ عَنۡهُ
فَٱنتَهُواْۚ وَٱتَّقُواْ ٱللَّهَۖ إِنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلۡعِقَابِ ﴿٧﴾

**ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر جي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ ڇورن ٻارن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اِهو هن لاءِ آهي) تہ اُهو اوهان مان دنيا وارن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ ۾ نہ اچي، ۽ جيڪي پيغمبر**

**اوهان کي ڏئي سو وٺو، ۽ جنهن کان اوهان کي جهلي تنهن کي ڇڏي ڏيو، ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله سخت عذاب (ڪرڻ) وارو آهي.**

**(سورت الحشر 7)**

**مفهوم:** جيڪو فيِ جو مال الله پنهنجي رسول کي ڳوٺن جي رهندڙن وٽان ڏنو آهي، اهو **الله جو ۽ رسول جو ۽ قرابت دارن جي لاءِ ۽ يتيمن جي لاءِ ۽ مسڪينن جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ** آهي. توهان ۾ موجود شاهوڪارن جي وچ ۾ گردش ڪندڙ نہ هجي ۽ اوهان کي رسول جيڪو ڪجهہ ڏئي اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي تہ پوءِ رڪجي وڃو ۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي.

**نوٽ:** هن آيت ۾ آيل لفظ **"فاء"** جو مادو **"في"** آهي. جنهن جي لغوي معنىٰ آهي **موٽائڻ** ۽ هتي جيتوڻيڪ ترجمو **ڏنو** ڪيل آهي پر حقيقي معنىٰ **موٽائي ڏيڻ** آهي. ڪنهن شي جي پاڇي کي بہ في چوندا آهن ڇو تہ اهو بہ موٽي واپس ٿيندو آهي.

# مال انتقال ۽ مال قي يايت اسلام جا حڪم.....!!!

پهرئين قسم **مال انفال** جو ذڪر جڏهن الله عزوجل ڪيو تہ ان جي حصول جي نسبت مسلمانن ڏانهن ڪيائين **واعلمو انما غنمتم** (۽ ڄاڻو تہ جيڪو اوهان غنيمت ڪيو).

ٻئي قسم ۾ جڏهن تہ ڪنهن جي ڪوشش جو دخل ناهي انهي ڪري ان جي نسبت پاڻ ڏانهن ڪرڻ فرمايائين. **ما افاء الله علىٰ رسولہ.**

هن واضح فرق جي ڪري انهن ملڪيتن جا احڪام بہ مختلف آهن.
غنيمت (مال انفال) جي مال لاءِ حڪم فرمايائين تہ ان جا پنج حصا ڪيا ويندا. جنهن مان چار حصا مجاهدن ۾ تقسيم ڪيا ويندا ۽ پنجون حصو هيٺ بيان ڪيل مصرفن ۾ خرچ ٿيندو.

۞ وَٱعۡلَمُوٓاْ أَنَّمَا غَنِمۡتُم مِّن شَيۡءٖ فَأَنَّ لِلَّهِ خُمُسَهُۥ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِي ٱلۡقُرۡبَىٰ
وَٱلۡيَتَٰمَىٰ وَٱلۡمَسَٰكِينِ وَٱبۡنِ ٱلسَّبِيلِ إِن كُنتُمۡ ءَامَنتُم بِٱللَّهِ وَمَآ أَنزَلۡنَا
عَلَىٰ عَبۡدِنَا يَوۡمَ ٱلۡفُرۡقَانِ يَوۡمَ ٱلۡتَقَى ٱلۡجَمۡعَانِۗ وَٱللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٌ
٤١

**۽ (هيءَ ڳالهہ) ڄاڻو تہ جيڪو مال (ڪافرن تي فتح لهڻ ڪانپوءِ) اوهان جي هٿ ۾ آيو تنهنجو پنجون حصو الله ۽ پيغمبر ۽ (پيغمبر جي) عزيزن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي جيڪڏهن اوهان الله کي مڃيو آهي ۽ (پڻ) جيڪو پنهنجي ٻانهي (محمد) تي فيصلي جي ڏينهن جنهن ڏينهن ٻئي ٽوليون پاڻ ۾ مقابل ٿيون نازل ڪيوسون (تنهن تي يقين رکندا آهيو تہ اُن حُڪم تي عمل ڪريو)، ۽ الله سيڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي.**

پر "في" جي مال مان ڪو بہ حصو مجاهدن ڪي سندن حق جي لحاظ سان نہ ڏنو ويندو بلڪ سمورو مال حضور اڪرم جن پاڻ تقسيم فرمائيندا. "في" سان حاصل ٿيل منقولہ ۽ غيرمنقولہ سموري ملڪيت جو حڪم برابر آهي پر غنيمت طور حاصل ٿيندڙ ملڪيت ۽ مال ۾ فرق آهي. اهي منقولہ سموريون ملڪيتون جيڪي جنگ جي حالت ۾ جنگ جي ميدان ۾ مسلمانن جي قبضي ۾ اچن اهي غنيمت جا مال آهن، انهن جا احڪام مذڪوره بالا آيت ۾ آيل آهن، پر غير منقولہ ملڪيتون مثال طور جايون ، زمينون، باغات ، قلعا وغيره اهي سڀ "في" جي حڪم ۾ هوندا، اهڙي طرح جيڪڏهن جنگ ختم ٿي وڃي ۽ ان کان پوءِ جيڪي منقولہ ملڪيتون مسلمانن جي هٿن ۾ اچن انهن جو حڪم بہ "في" وارو آهي. ان جو دليل هي آهي تہ حضور اڪرم جن جي بابرڪت دور ۾ خيبر ۽ مڪو پاڪ طاقت سان فتح ٿيا هئا اتي جي زمين ۽ رهڻ جي جاين تي بہ مسلمانن جو قبضو ٿي ويو هو. منقولہ ملڪيون تہ غنيمت ڪندڙن ۾ آيت جي مطابق تقسيم ڪيون ويون پر ٻنهي مقامن تي غير منقولہ ملڪيت (زمين وغيره) تقسيم نہ ڪئي وئي. خيبر مان حاصل ٿيندڙ زمين ڪي اڌواڌ ڪيو ويو. اڌ زمينون غنيمت ڪندڙن ۾ ورهايون ويون ۽ اڌ زمينون غنيمت ۾ شامل نہ ڪيون ويون. ان ئي نبوي سنت جي مطابق حضرت عمر فاروق رضي الله تعالیٰ عنہ عراق ۽ ايران جي فاتح حضرت سعد رضي الله تعالیٰ عنہ ڪي هڪ خط لکيو هو ، جنهن جو مطلب هي هو تہ جيڪي منقولہ مال تو وٽ گڏ ٿين انهن ڪي مسلمانن ۾ ورهائي ڇڏ ۽ زمين ، نهرن ڪي اتي جي مقامي ڪاهيندڙن جي حوالي ڪري ڇڏ. ( الخ ڪتاب الخراج لابي يوسف ص 24، ڪتاب الاموال لابي عبيد ص 59)

## مال في جي حقدارن جو تفصيل

پهريون حقدار الله پاڪ ۽ ان جو رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن آهن. جمهور علماءِ وٽ الله عزوجل جو نالو مبارڪ تبرڪ طور ۽ نبي پاڪ جن جي شان جي رفعت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي.( روح المعاني ص 46 جزءُ 28، جلد 1 )

ابو العاليہ جو قول آهي تہ الله عزوجل جو حصو مستقل ۽ جدا آهي، جيڪو بيت الله شريف تي خرچ ڪيو ويندو، اتي ضرورت نہ هوندي تہ پين مسجدن ۽ مصرفن ۾ خرچ ڪيو ويندو پر جمهور وٽ اهو قول صحيح نہ آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو حصو مستقل آهي، حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنہ جو فرمان آهي تہ بني نضير جا مال الله عزوجل جنگ ڪانسواءِ پنهنجي رسول ڪريم کي عطا فرمايا ۽ اهي حضور اڪرم جن جي لاءِ مخصوص هئا، جنهن مان پاڻ پنهنجي اهل ۽ عيال جي خرچ لاءِ هڪ سال جو حساب رکندا هئا ۽ بقايا پيسا جهاد جي لاءِ هٿيار وغيره خريد ڪرڻ ۾ خرچ ڪندا هئا.

سندن وصال کان پوءِ ان حصي جي متعلق ٻہ قول آهن. حضرت امام شافعي رحمتہ الله عليہ فرمايو تہ اهو حصو سندن خليفي کي ملندو ڇو تہ حضور اڪرم جن کي اهو حصو بحيثيت امام ۽ حاڪم جي ملندو هو. سندن شان رسالت جي لحاظ سان نہ. ڇو تہ ان طرح سان رسالت تي اجوري وٺڻ جو شبهو پيدا ٿئي ٿو. جمهور علماءِ جو قول هي آهي تہ هي حصو بيت المال ۾ داخل ٿيندو تانت ان کي حضور پرنور جن جي پروگرام جي تڪميل جي لاءِ خرچ ڪيو وڃي. شافعي مذهب جي اڪثر عالم سڳورن جي بہ اها راءِ آهي. ان مال "في" جا ٻيا حقدار حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جا رشتيدار آهن ۽ انهن مان مراد بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب آهن. عبد شمس ۽ نوفل جو اولاد ان ۾ داخل نہ آهن، ڇو تہ حضور اڪرم جن فرمايو **نحن وبنو مطلب شيءِ واحد وشبڪ بين اصابعہ** (اسين ۽ بنو مطلب هڪ شي ۽ آهيون ۽ پنهنجي آڱرين (مبارڪن) کي ملايائون) ڇو تہ اسلام ۽ ان کان اڳي بہ بنو هاشم بنو مطلب جي ويجها رهيا هئا.

حضرت امام شافعي رحمتہ الله عليہ فرمايو تہ بنو مطلب ۽ بنو هاشم جا ننديا ، وڏا، مرد عورتون، شاهوڪار ۽ مسڪين سڀ ان حصي ۾ برابر جا حقدار آهن.

امام مالڪ رحمتہ الله عليہ جو قول آهي تہ ان حصي جي تقسيم امير المؤمنين جي صوابديد تي ڇڏيل آهي. مناسب سمجهي تہ بنو هاشم ۽ بنو مطلب جي سيني فردن ۾ تقسيم ڪري ۽ جيڪڏهن سمجهي تہ انهن مان جيڪي وڌيڪ ضرورتمند هجن انهن کي ڏئي ۽ جيڪڏهن اجا بہ ڪي ٻيا وڌيڪ ضرورت مند سمجهي تہ انهن کي عطا ڪري.

**يَتامي** امت جي يتيمن ٻارن کي ٻه ان مان حصو ڏنو ويندو.

**مساڪين** مسڪينن کي ٻه نوازيو ويندو.

**ابن السبيل** مسافر جن جي سفر جو ثمر ختم ٿي ويو آهي.

امام شافعي ۽ ٻين ٽن امامن ۾ هڪ ٻيو ٻه قابل ذڪر اختلاف آهي. امام شافعي رحمته الله عليه جي نزديڪ مال **"في"** جي مال کي پنجن حصن ۾ تقسيم ڪيو ويندو ۽ انهن مان چار حصا وقت جو اميرالمؤمنين پنهنجي صوابديد تي مسلمانن جي مصلحتن تي خرچ ڪندو ۽ پنجون حصو مذڪوره حقدارن ۾ برابر ورهائيندو ۽ ٻين امامن جي نزديڪ مال **"في"** جو سمورو مال مسلمانن جي مصلحتن جي لاءِ آهي. اهي وقت جي حڪومت جتي سُتو سمجهي خرچ ڪري سگهي ٿي. (ضياءُ القرآن ص 168، 171 جلد 5)

## ڪي لايڪون دولته بين الاغنياءِ منڪم
### تانت نه هجي ڦرڻ وارو اوهان شاهوڪارن جي وچ ۾

ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي ته اسلام کان اڳي اهڙي قسم جي مالن کي ورهائڻ جو طريقو اهو هو ته سيني کان پهريان قبيلي جو سردار يا لشڪر جو سپه سالار چوٿون حصو ڪٽندو هو جنهن کي **"مرباع"** سڏيندا هئا ۽ باقي رهيل مال دولتمند ۽ بااثر ماڻهو پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا هئا ۽ غريبن کي نالي خاطر ڪو ٿورو گهڻو ڏيندا هئا. اسلام جي ابتداءِ ۾ مسلمانن انهي دستور جي مطابق حضور اڪرم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو هو ته يا رسول الله! اوهان اول هن مان چوٿون حصو ڪٽو باقي مال اسين پاڻ ۾ ورهائينداسين. الله عزوجل انهن مالن جي تقسيم جو پاڻ دستور مقرر ڪري ان جو بنيادي اصول اهو طئي ڪيو جيڪو ذڪر ڪيو ويو ته انهن مالن کي صرف ان طرح نه ورهايو ته صرف اميرن ۽ مخصوص ٽولي ۾ اهو مال ڦرندو رهي ۽ غريب ويچارا حسرت سان انهن جو منهن ڏسندا رهن. صاف صاف حڪم ٿيو ته الله عزوجل وٽ هيءَ شيءَ پسنديده آهي ته معيشيت جي وسائل جي تقسيم اهڙي طرح ڪئي وڃي جو غريب ۽ امير کي برابر فائدو پهچي.

اسلام هي اصول صرف مال انفال (غنيمت) ۽ مال "في" جي مالن ورهائڻ جي لاءِ نه رکيو آهي بلڪ اسلامي نظام حيات جي لاءِ ٻه ساڳيو اصول روح روان آهي. اسلام هي ٿو چاهي ته ملڪي وسائل صرف هڪ طبقي جي هٿن ۾ قابو نه رهن بلڪ اسلام اهو گهري ٿو ته انهن جو پکڙجڻ زياده کان زياده ٿئي ۽ اسلام اهڙا قانون مقرر ڪيا آهن جن سان سرمايي کي مخصوص هٿن ۾ رکڻ

کان روڪيو وڃي ۽ ان جي دائره اثر کي وسيع کان وسيع تر بنايو وڃي.

**وماااتڪم الرسول فخدوه وما نۀڪم عنہ فانتهوا**
**۽ جيڪي رسول اوهان کي ڏي پوءِ اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي پوءِ ان کان رڪجي پئو.**

مطلب تہ "في" جي مالن مان نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جيڪو اوهان کي ڏين اهو وٺو ۽ جيڪو نہ ڏين ان جي وٺڻ لاءِ سوچيو بہ نہ. محبوب ڪريم جن ڪنهن جو حق ضايع نہ ڪندا. (روح البيان ص 429 جلد 9)

علامہ مظهري هن جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ هي حڪم نازل تہ **"في"** جي مال ورهائڻ لاءِ ٿيو پر اهو ان هر ڳالهہ ۾ شامل آهي جنهن جو نبي پاڪ جن امر ڪيو يا ان کان روڪيائون. (المظهري ص 239 جلد 9)

**وتقوا الله ان الله شديد العقاب**
**۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي.**
يعني نبي پاڪ جي امر ۽ نهي جي مخالفت کان ڊڄو جيڪو ان جي مخالفت ڪندو ان جي لاءِ الله عزوجل وٽ سخت عذاب آهي.

**غور طلب ڳالهيون...!!**
محترم دوستو....قرآن پاڪ جي مذڪوره آيتن کي سمجهڻ سان هيٺيان فائيدا ذهن ۾ اچن ٿا.

آيت 7 ۾ **"في"** جي مال جي حقدارن جا ڇهہ نالا ذڪر ڪيا ويا آهن.
**1.الله 2. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم 3. قرابت دار 4. يتيم 5. مسڪين 6. مسافر**

هيءُ ڳالهہ ظاهر آهي تہ الله عزوجل دنيا ۽ آخرت ۽ ساري مخلوقات جو حقيقي مالڪ آهي. حقدارن

۾ ان جو مٿو نالو محض تبرڪ طور ان جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي تہ ان سان ان مال جي فضيلت ۽ شرف ۾ حلال ۽ پاڪ هجڻ ڏانهن اشارو ڪيو ويچي.

هن جاءِ تي هر ڪنهن جي ذهن ۾ هڪ سوال اچي ٿو تہ..

**جيڪو زڪوات ۽ وجوبي صدقي جو مال مسلمانن هٿان ملندو آهي. الله عزوجل نبين سڳورن عليهم الصلوات والسلام جي لاءِ اهو بہ حلال نہ ڪيو آهي تہ جيڪو انفال (غنيمت) ۽ "في" جو مال ڪافرن جو مسلمانن جي هٿ آيو اهو نبي پاڪ جن جي لاءِ ڪيئن حلال ٿيو..؟**

اسان سيني کي سمجھڻ گھرجي تہ حقيقي طور هر شيءَ جو مالڪ الله عزوجل آهي. حلال ۽ حرام ڪرڻ بہ ان جو پاور آهي. ان پنهنجي فضل سان هڪ قانون جي تحت انسان کي بہ ملڪيت جو حق ڏنو آهي پر جيڪي انسان باغي ٿي وڃن ٿا انهن کي صحيح رستي تي هلائڻ جي لاءِ پهريان تہ انبياءِ عليهم الصلوات والسلام ۽ آسماني ڪتاب موڪليا ويا جيڪي انهن کان بہ متاثر نہ ٿيا تہ انهن کي هي حق ڏنو ويو تہ گھٽ ۾ گھٽ اسلامي قانون جي اطاعت قبول ڪن ۽ مٿن مقرر ڪيل جزيو ۽ خراج پنهنجي مال مان ڪڍي اسلامي حڪومت جي حوالي ڪن پر جن ماڻهن ان سان بہ بغاوت ڪئي انهن جي مقابلي ۾ جهاد ۽ جنگ جو حڪم ڪيو ويو. جنهن جو نتيجو اهو آهي تہ انهن جي جان ۽ مال احترام جي قابل نہ آهي. انهن جو مال حڪومت الاهيہ جي قانون تحت ضبط آهي، جهاد ۽ جنگ جي ذريعي جيڪو مال انهن کان حاصل ٿيو اهو ڪنهن هڪ انسان جي ذاتي ملڪيت نہ آهي بلڪ سڌو سنئون الله عزوجل جي ملڪيت ۾ واپس اچي ويو ۽ "في" جي لفظ ۾ ان مفهوم ڏانهن اشارو بہ آهي جو ان جي اصل معنيٰ موٽڻ ئي آهي. ان کي "في" ان جي ڪري ئي سڏيو ويو آهي جو اهو پنهنجي حقيقي ۽ اصل مالڪ ڏانهن موٽي ٿو هاڻي ان ۾ ڪنهن انسان جي مالڪ هجڻ جو ڪو دخل ناهي. ان کان پوءِ آيت ۾ جن جن جا حصا بيان ٿيا انهن کي سڌوسنئون الله عزوجل جي طرفان ڏنو وڃي ٿو انهن جي لاءِ اهو اهڙو ئي حلال هوندو جيئن پاڻي ۽ پاڻهي چمندڙ گاهہ وغيره مسلمانن جي لاءِ حلال آهي. (معارف القرآن ص 338 جلد 8)

مفسرن پلارن لکيو آهي تہ.....

1. مال انفال (غنيمت) ۽ مال "في" جو مال نبي پاڪ جي ظاهري زندگيءَ ۾ سندن اختيار ۾ هو جيئن مناسب سمجهندا هئا تيئن تقسيم ڪندا هئا ان کان بعد سندن خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم جي اختيار ۾ رهيو . اهي عام حقدار مسلمانن ۾ صرف ڪندا هئا يا انهن جي مفاد لاءِ بيت المال ۾ جمع ڪري ڇڏيندا هئا ۽ اهو حڪم هو تہ جيڪڏهن تقسيم ڪن تہ مذڪوره

حصيدارن ۾ تقسيم ڪن.

2. حضرت نبي پاڪ جن قرابت دارن تي جڏهن زڪوات جو مال حرام ڪيو ويو آهي ته انهن کي زڪوات جي بدلي ۾ "في" جي مال مان حصو ڏنو ويو ۽ جڏهن حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ظاهري رحلت کان پوءِ سندن به حصو نه رهيو ته سندن قرابت دارن مان شاهوڪارن جو حصو نه رهيو البت مسڪينن ۽ غريبن کي ان مان ٻين کان اول حصو ڏنو ويندو هو. (ڪذافي الهدايه). (معارف القرآن ص 368 جلد 8)

**مآأتاڪم الرسول ومانهڪم عنه فانتهوا**

**جيڪي رسول اوهان کي ڏي اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي ان کان رڪجي پئو.**

هن مان هي ڳالهيون معلوم ٿيون.

1. سرور ڪونين جو هر حڪم واجب القبول ۽ واجب العمل آهي. ڇو ته **مآأتاڪم هر امر ۽ مانهڪم** هر نهي کي شامل آهي. (حاشيه ماجد ص 1092 )

2. اهو به معلوم ٿيو ته جن شين کان حضور اڪرم جن روڪيو نه آهي اهي حلال آهن. انهن کان هرويرو منع ڪرڻ نه گهرجي.

3. اهو به معلوم ٿيو ته پرويزن جو عقيدو ڪفر آهي جيڪي حضور اڪرم جن جي پاڪ حديث جا منڪر ۽ ان کان روڪيندڙ آهن.

هلندڙ.........

24 نومبر 2014

4 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

توهان سڀ ايترا پاڻ ڪي حق وارا (ادا بوجواد)، يقين وارا (ادا رضوان جمالي) ۽ الائي ڇا ڇا سمجهندا آهيو...جيڪڏهن تاريخ اسلام جو ۽ هن ئي موضوع جي عنوان سان تعلق رکندڙ هڪ اهم سوال پڇيو ويو آهي ته ان جو جواب ڏيڻ کان نٽائي ڇو رهيا آهيو.؟ هن سوال جو جواب ڏيڻ توهان سڀني جي ديني ذميداري آهي.

**مٿي جواب ڏئي آيو آهيان، جي توهان ته ٿا پڙهو ته ان ۾ مٿهتجو ڏوهه ناهي۔**

24 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

**مان هڪ سوال پڇيو هو تہ سرور ڪونين صلي الله عليہ وسلم جن پردي مٿانئڻ ڪاتپوءِ ڪهڙا صحابي سرور ڪونين جي غسل۽ ڪفن ۾ شامل هيا ؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**
**پر توهان جواب هن مهل تائين تہ ڏنو آهي۔ جڏهن تہ توهان لکيو يہ هيو تہ توهان تاريخ ڪا ڪتاب پڙتي جواب ڏيندو!!!!**

24 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

يقين جي قوت علم وارن جي خاص نشاني آهي. **بدقسمتي سان اسان مذهبي چاڻ کان اڻ واقف رهندا آهيون.** اسان جي سمجهه مطابق اهو علم صرف مولوين کي اچڻ گهرجي ۽ اسان کي مذهب بابت مسئلا معلوم هئڻ ضروري نہ آهن. اهو ئي سبب آهي جو عام مسلمان يقين ۽ شڪ جي وچ ۾ هوندا آهن ڪين اسلام جي تاريخ جيستائين معلوم نہ ٿيندي اهي ايئن ئي دشمن اسلام جي سازشن کان اڻ چاڻ رهندا...!!

**چو نہ ٿا پنهنجي قسمت کي بدلايو ؟؟؟؟؟ الله سائين اوهانکي عقل و فهم ڏنو آهي حق جي طرف هليا اچو پنهنجي قسمت تبديل ڪيو.**

24 نومبر 2014



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

ادا رضوان اهو ئي حق وارو رستو .... جنهن بابت توهان اڪثر چوندا آهيو

## پيچا ته ڳاچا ڦووووو جنت ۾ ....!!!

دوستن جي ڄاڻ لاءِ اڄ اها حقيقت به واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته اسان جي شيعہ مڪتبہ فڪر جي نزديڪ هنن سيني جا سمورا گناهہ پوءِ اهي ڪهڙيءَ به نوعيت جا ڇو نہ هجن ، نبيءَ جي ڪاتي ۾ آهن..!! (العياذباالله) ۽ سندن معتبر ڪتابن موجب ڪين نجات جو سرٽيفڪيٽ مليل آهي..!!

ڇا ان حق واري رستي تي اچان جن جي معتبر ڪتابن ۾ الله پاڪ ، نبي پاڪ ، اهل بيت سڳورن ۽ قرآن پاڪ بابت هزارين خرافات پريا پيا آهن...!!؟؟

جيئن اسان پنهنجن ڪتابن جو دفاع ڪندا آهيون ۽ ڪندا رهنداسين، ڇا توهان پنهنجن ڪتابن جو دفاع ڪري سگهو ٿا..!!؟

اهڙي حق واري رستي تي ڪيئن هلبو جنهن وٽ قرآن پاڪ سميت ڪو به معتبر ڪتاب (جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي ) موجود ئي نہ آهي...!!!

ٻي ڳالهہ تہ منهنجا مٺڙا ادا...رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي جنازي ۾ اصحابي سڳورن جي شموليت خود شيعہ مڪتبہ فڪر جي ڪتابن مان ثابت ٿي چڪي آهي. اهو مضمون دوستن جي اصرار تي اڃا بہ جاري آهي. وڌيڪ ثبوت بہ توهان جن ڪتابن مان ئي پيش ڪيا ويندا. انشاالله.

( ياد رهي تہ هن وقت تائين مضمون ۾ شامل ڪنهن بہ شيعہ مڪتبہ فڪر جي حوالي تي اعتراض پيش نہ ڪيو ويو آهي.)

اهي حقيقتون صرف پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ پيش ڪيون پيون وڃن.
بيشڪ هدايت تہ الله رب ذوالجلال جي هٿ ۾ آهي.

آخر ۾ توهان کي دعوت عرض آهي ته سچي ۽ ايمان واري رستي تي اچو. توهان کي قرآن پاڪ به ملي ويندو، اهل بيت سڳورا به ته اصحابي سڳورا به، توهان کي رسول الله جون مستند حديثون به ملي وينديون جيڪي محبوبن ڪريمن ڪڏهن به لڪ چپ ۾ نه فرمايون هيون.
توهان کي هن رستي تي هلندي ڪو به تقيو ڪرڻ وارو نه ملندو.
توهان کي پنهنجو سچو دين دنيا آڏو ظاهر ڪرڻو پوندو ، ڪنهن به ڪوڙ فريب جي ضرورت نه پوندي.
آخرت ۾ بروز قيامت توهان جي بخشش جو ذمو صرف ۽ صرف توهان جي ڪيل عملن تي هوندو ۽ انشاالله محبوبن ڪريمن جي شفاعت به نصيب ٿيندي.

24 نومبر 2014

4 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

> رضوان علي جمالي لڪيو آهي: ↑
>
> *جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهه خليفو ٿيو ته پاڻ باغ فدڪ واري وراثت جيڪا سندن اولاد جو حق هئي ان ڪي تقسيم ڇو نه ڪيائون..؟*
>
> ***تقسيم ٿي آهي. پوءِ عمر بن عبدالعزيز آخري ڀيرو پنهنجي قبضي ۾ ڪيو انڪانپوءِ تاريخ تقريبن***

ادا رضوان صاف صاف لکو...
حضرت علي ڪرم الله وجهه جي دور ۾ باغ فدڪ جي حيثيت ڪي پنهنجن ئي ڪتابن جي حوالن سان پڙهندڙن تائين پهچايو.
هر وقت جذباتي نعرا هڻڻ سان توهان سچا ثابت نٿا ٿي سگهو.

24 نومبر 2014

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

> ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑
>
> ادا رضوان صاف صاف لکو...

**صاف لکيل آهي ڪايہ مبهم ڳالهہ تہ لکيل آهي-**

25 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

دوستن جي ڄاڻ لاءِ اڄ اها حقيقت بہ واضح ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اسان جي شيعہ مڪتبہ فڪر جي نزديڪ هنن سيني جا سمورا گناهہ پوءِ اهي ڪهڙيءَ بہ نوعيت جا ڇو نہ هجن ۽ نبيءَ جي ڪاتي ۾ آهن..!! (العياذبالله)

**انا لله وانا اليہ راجعون-**

25 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

ڇا ان حق واري رستي تي اچان جن جي معتبر ڪتابن ۾ الله پاڪ ۽ نبي پاڪ ۽ اهل بيت سڳورن ۽ قرآن پاڪ بابت هزارين خرافات پريا پيا آهن...!!؟؟

**ملعون رُشدي جيڪو ڪتاب لکيو هو ان ۾ ڪتهن جي ڪتابن جا حوالہ آهن ؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

25 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

اهي حقيقتون صرف پڙهندڙن جي چاڻ لاءِ پيش ڪيون پيون وڃن.

## احقيقتون يا گمراهيون ؟؟؟؟؟؟؟؟

25 نومبر 2014

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام تي توهان کي ڀليڪار!

- مُفت ۾ رُڪنيت ڪيئن حاصل ڪجي؟
- جيڪڏهن پاسورڊ وسري وڃي تہ ڪاتو ڪيئن بحال ڪجي؟
- سنڌسلامت تي موضوع ڪيئن موڪلجي يا موضوع ۾ جواب ڪيئن موڪلجي؟
- موضوع سان گڏ تصوير ڪيئن اپلوڊ ڪجي؟
- سنڌسلامت تي ڪتاب ڪيئن موڪلجي؟
- سنڌسلامت سان لاڳاپيل اهڙن ٻين ڪوڙ سارن سوالن جا جواب

سنڌ سلامت عمومي سوالن جا جواب FAQsهتي ڪلڪ ڪري ڏِسو ۽ سنڌسلامت سٽ جا ساٿِي بڻجو.

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو فورم جتي اوهان رُڪن بڻجي ڪري سکھو تا گهڻو ڪُجھ!

- مُفت ۾ رُڪن بڻجي روزوانو سوين رُڪنن ٻاران اينڊڙ موضوع پڙهڻ ۽ انهن راءِ ڏيڻ
- سنڌي ڪمپيوٽنگ جي دنيا ۾ اينڊڙ انقلابي پروجيڪٽس جو فائدو وٺڻ
- سنڌي لکڻ جي لاءِ هر مسئلي ۽ هر مُشڪل جو حل
- ذاتي ۽ عام رواجي ڪم ڪارن جي ڪنهن بہ مسئلي جو حل پُڇڻا نہ مُنجهڻا يقيني طور ملڻ
- ڪتابن جي هڪ وڏي ذخيري مان لطف اندوز ٿيڻ
- ۽ ٻيو گهڻو ڪُجھ جيڪو هن فورم کي سنڌي جو هڪ بي مثال فورم بڻائي ٿو

رجسٽريشن جو عمل، انتهائي تيز، سادو ۽ بلڪل مفت آهي، سو هتي ڪلڪ ڪري اڄ ئي ساٿ ۾ شامل ٿيو!

سنڌ سلامت عمومي سوالن جا جواب FAQs ڏسڻ لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو

# فدڪ





**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

توهان ڪي هن رستي تي هلندي ڪو به تقيو ڪرڻ وارو نه ملندو.

**مولوي عزيز جي پرقعي مان ته جان ڇڏايو !!!!!!!!!!**

25 نومبر 2014

3 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

انشاالله محبوبن ڪريمن جي شفاعت به نصيب ٿيندي.

**آمين ثم آمين.**

25 نومبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

**پيچا ته ڳاچيا ڏووووو جنت ۾ ....!!!** اهو صحيح هن طرح آهي

**مولا علي مشڪلڪشا پيچا ته گيچا ڏوووووووووو بهشت ۾**

25 نومبر 2014




**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

جيئن اسان پنهنجن ڪتابن جو دفاع ڪندا آهيون ۽ ڪندا رهنداسين، ڇا توهان پنهنجن ڪتابن جو دفاع ڪري سگهو ٿا..!!؟

**اساڻجو ڪتاب آهي قرآن شريف جنهن جي دفاع جو الله سائين پاڻ ذمو کنيو آهي، ٻيو اسان جو ڪتاب آهي نهج البلاغہ جنهن جي ذميواري مولا علي عليہ سلام پاڻ کنئي آهي-**
**باقي جيڪي بہ اساڻجي دين اسلام سان واڳيل ڪتاب آهن اهي سڀ جو سڀ شرح آهن تنهنڪري اساڻکي دفاع جي ضرورت نہ ٿي ٿاهي-**
**باقي توهان وٽ ڇا آهي اهو توهان پاڻ بهتر ڄاڻيندا هوندا !!!!**

25 نومبر 2014



ثاتيہ زهرا
فعال رڪن

"ممتاز قريشي, حضرت بيبي فاطمہ زهره کي رنجائيندڙن حقيقت ۾ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي رنجايو ۽ جنهن رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي رنجايو ان يقينن الله عزوجل کي رنجايو. مان اهو ثابت ڪندس تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنہ ۽ پڻ ٻيا سڀ خليفا ان الزام کان بري آهن. ان شاالله

ادا ممتاز قريشي توهان جي خيال ۾ بيبي حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ کان راضي هئي هن دنيا مان وڃڻ تائين تہ پوءِ حضرت بيبي فاطمہ زهره جو حضرت علي عليہ السلام کي چيو تہ منهنجو جنازو رات جي اندهيري ۾ دفنائجو جيئن ڪنهن کي خبر نہ پوي خاص ڪري حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ کي ۽ حضرت بيبي فاطمہ زهره جو
فرمائش ڪئي تہ منهنجي قبر جي ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي آخر حضرت بيبي فاطمہ زهره کي امت کان ڪهڙو ڏک پهتو جو حضرت بيبي فاطمہ زهره اهڙي قسم جون وصيتون ڪيون ٻڌائي سگهو ٿا ؟

25 نومبر 2014

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

ثانيہ زهرا لکيو آهي: ↑

> *"ممتاز قريشي, حضرت بيبي فاطمہ زهره کي رنجائيندڙن حقيقت ۾ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي رنجايو ۽ جنهن رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي رنجايو ان يقينن الله عزوجل کي رنجايو. مان اهو ثابت ڪندس تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنہ ۽ پڻ ٻيا سڀ خليفا ان الزام کان بري آهن. ان شاالله*
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

ڀيڻ ثانيہ زهرا !!!! اهي تہ اوهان شيعن جا ڪتاب ٿا چون بيبي فاطمہ زهره کي امت ڏک پهچايو اسان اهلسنت جي ڪتبهن ڪتاب جو

حوالو ڏيو تہ بيبي حضرت ابوبڪر رضہ ۽ حضرت عمر رضہ کان راضي تہ هئي-

چو تہ بقول بياءُ ممتاز قريشي جي عام فهم مسلماتن کي شڪ شبهن ۾ وجهڻ لاءِ ڪوڙ ۽ فريب تي مبني اعتراضات ڪير ڪندو آهي ۽ ڪير اتهن جي حقيقت واضح ڪندو آهي

25 نومبر 2014



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

رضوان علي جمالي لکيو آهي: ↑

***ملعون رُشدي جيڪو ڪتاب لکيو هو ان ۾ ڪنهن جي ڪتابن جا حوالہ آهن ؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟***

محترم دوستو... ادا رضوان جو مذڪوره جملو هڪ نهايت اهم ڳالهہ جي نشاندهي ڪري رهيو آهي.....!!

هن جملي جي اهميت جو اندازو شايد ادا رضوان کي بہ نہ آهي.

ملعون سلمان رشدي جي مشهور بدنام زمانہ ڪتاب **شيطاني آيتون Satanic verses** ڏانهن اشارو ڪندي ادا رضوان اڻ سڌي طرح اهو فرمائي رهيو آهي تہ سلمان رشدي جيڪي خرافات پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن اهي سندس نظرن ۾ حقيقت آهن..!! العياذباالله.






3. متي بيان ٿيل آهي تہ حضرت ابو بڪر پهريان انڪار ڪيو تہ هي توهان جو مال ناهي هن حديث پيش ڪئي (انهي سوال جو جواب خود متين تحرير ۾ موجود آهي قرآني آيات سان تہ سليمان داود جو وارث بڻيو) تہ انبياء جو ڪوبہ وارث ناهي هوندو. جيڪڏهن اوهان هن کي قبول ڪيو ٿا تہ هي واضح طور سان قرآن جي آيتن سان ٽڪرائي ٿي ۽ جيڪا روايت يا حديث قرآن جي مطابق هجي اُها قبول ڪرڻ جوڳي هوندي آهي پر جيڪا قرآن جي آيت جي مخالف هجي اُها رد ڪئي ويندي آهي هي حديث(لانورث)قرآني آيات جي مخالف آهي!!! وضاحت ڪندا
4. ان کان بعد شاهد طلب ڪيا ويا محڪم شاهد حضرت علي عليہ السلام هيو ان جي شهادت کي اوهان ڪهڙي دليل تحت رد ڪيو ٿا؟؟ وضاحت ڪندا (جڏهن تہ هن جو بہ اسان جي طرفان متي اُنهي تحرير ۾ جواب ذڪر ٿيل آهي)
5. محترم دوست ممتاز قريشي صاحب حضرت ابوبڪر جي لاءِ صديق جو لقب پاڻ ڪريم طرفان بيان ڪيو آهي هڪ طرف نبي جو سچو صحابي ۽ ٻي طرف نبي جي نياڻي ڇا نبي پاڪ جي نياڻي صديقہ نہ هئي؟؟؟ جڏهن تہ حضرت ابوبڪر جي مدعي حديث جي طرف

هئي ۽ سيده جي لکت جي طرف وضاحت ڪندا.

6. مٿين تحرير ۾ بيان ٿيو آهي ته حضرت ابوبڪر صديق حضرت جابر جي اڪيلي گواهي تي جابر جي چوڻ مطابق ئي بحرين کان آيل مال جابر جي حوالي ڪيو ڇا جابر جي صداقت ۽ حضرت علي جي صداقت هڪ جهڙي آهي؟؟؟
7. جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق واري روايت کي قابل يقين سمجهو وڃي ته حضرت عمر رضي الله فدک کي حضرت علي عليہ السلام جي حوالي چو ڪيو ؟؟اگر حق نه هيو ته حوالي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي ؟؟؟ اُن کان بعد وري عمر ابن عبدالعزيز به فدڪ کي اولاد فاطمہ جي حوالي ڪيو !! اگر هي مال سيده جو نه هيو ته انهن پنهي بزرگوارن هن ورثہ کي واپس چو اهل تائين پهچايو ؟؟؟

محترم دوست اوهان پہ سوال ڪيا آهن
نقاش اختر لکيو.

**(1) اگر اهل تشيع باغ فدڪ کي مال فيء قبولن ٿا ته پوء عرض آهي ته مال فيء جي جيڪا وراثت قرآن پاڪ ۾ بيان ٿيل آهي انهي مطاتق وراثت ٿيڻ گهرجي. پر جيڪا وراثت توهان پيا ڪيو ، يعني في کي ورثي ۾ تبديل ڪري پوء هڪ جليل القدر صحابي سڳوري تي وراثت جي غاصبي جو الزام ٿا هڻو. اهو الزام توهان جي پنهنجي ئي اصطلاحي ڪتاين موجب غلط ٿو ثابت ٿئي..**

محترم دوست اسان فدڪ کي مال في قبول ڪيون ٿا مال في رسول الله جي ملڪيت هئي

هاڻي اوهان جو اجايو سوال ته مال في کي ورثي ۾ تبديل ڻتو ڪري سگهجي !!
ڇا جيڪو مال في منجهان بخشو وڃي ۽ ان جا ڪجه شاهد به هجن پوءِ به ان کي اوهان مال في شمار ڪري واپس ڪندو ؟؟؟ جيڪو عطا ٿي ويو ۽ ڪنهن ٻي جي ملڪيت ۾ اچي ويو اُن کي وري واپس ڪري مال في ۾ شمار ڪرڻ ڪٿان جو انصاف آهي ؟؟
اوهان جي تشريحن کان انڪار ناهي اصل بحث جنهن ڳالهہ تي آهي اُن تي اعتراض آهي
هي مال اصل ۾ رسول الله جو ئي هو پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سيده کي ڏنو هيو جنهن جا شاهد حضرت علي عليہ السلام ، حضرت حسنين عليهما السلام ۽ جناب ام ايمن آهن انهن جي شهادت کي رد ڪيو ٿو وڃي

اوهان کان هڪ عرض

در حقيقت حضرت ابوبڪر رضي الله به ڄاڻي ويا هئا ته مال في جيڪو ڪنهن کي بخشو وڃي ته اهو اُنهي جو مال ٿي ويندو تنهن ڪري شاهد طلب ڪيا اوهان جو اعتراض هاڻي ڪهڙي

بنا تي قبول ڪيو وڃي؟؟؟

محترم دوست جو پيو سوال
نقاش اختر
**پيو سوال اهو تہ اگر توهان حضور پاڪ عليہ السلام لاء اهو ٿا ثابت ڪيو تہ انهن باغ فدڪ بيبي خاتون جنت جي ذاتي ملڪيت ۾ ڏنو هيو تہ پوء غور ڪيو تہ جڏهن الاهي عرصو اڳ ۾ جڏهن حضور پاڪ وٽ مال غنيمت آيو هيو ء بيبي سائڻ پنهنجي پياري بابا کان هڪ ڪنيز يا غلام گهرڻ ويون هيون پر حضور پاڪ عليہ السلام سندن ڪي غلام نہ ڏنو ء تسبيح فاطمہ جو انمول تحفو ڏئي واپس اماڻيو هئاون.....**
**تہ پوء اهو ڪيئن ممڪن آهي جو حضور پاڪ جڏهن غلام نہ ڏنو تہ پورو سارو باغ ڪيئن ڏيندا ........**

محترم دوست ....!!!
اوهان هتي قياس آرائي ڪري رهيا آهيو رسول الله جو غلام نہ ڏيڻ ۽ ان جي بدران تحفو ڏيڻ هن جو هي مقصد قطعن ناهي تہ رسول الله سيده کي ڪجهہ بہ نٿا ڏئي سگهن هي تہ اوهان رسول الله جي شفيق پيءَ هجڻ کان ئي انڪار ڪري رهيا آهيو
هتي رسول الله هن غلام کان وڌيڪ تحفو ڏنو اوهان هن مان ڪهڙي دليل تحت استدلال ڪري رهيا آهيو تہ رسول الله پنهنجي نياڻي کي ڪابہ شئي نٿا ڏئي سگهن ؟؟؟؟ خدا را اهڙي قياس آرائي سان رسول الله جي توهين نہ ڪيو.

مخالف دوستن کان عرض
اوهان هتي بيان بيان ڪيو هو تہ سيده شيخين (حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله تعالي عنهما ) کان ناراض نہ هئي ۽ جڏهن تہ حضرت ابوبڪر رضي الله سيده جي نماز پڙهائي هئي ، هن محل تائين اوهان ثابت ناهي ڪيو مهرباني ڪري پنهنجي دعوا ثابت ڪيو

24 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

> *وهان هتي قياس آرائي ڪري رهيا آهيو رسول الله جو غلام نہ ڏيڻ ۽ ان جي بدران تحفو ڏيڻ هن جو هي مقصد قطعن ناهي تہ رسول الله سيده کي ڪجهہ بہ تنا ڏئي سگهن هي تہ اوهان رسول الله جي شفيق پيءُ هجڻ کان ئي انڪار ڪري رهيا آهيو*
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

نہ ڏيڻ ۽ نہ ڏئي سگهڻ ۾ وڏو فرق آهي.......
محترم دوستوء راشد چانديو منهنجو حاصل مقصد غلط سمجهيو آهي،، پياري آقا عليہ السلام جي شان عالي تہ اها آهي جو سرڪار عليہ السلام پنهنجي دشمنن کي بہ بخشيندا ۽ عطا ڪندا هئا.
فتح مڪہ ۽ ان جهڙا ڪوڙ سارا واقعا اسان جي سامهون آهن... اهڙي شخصيت جي فياضي ، سخاوت ۽ غنا کي پنهنجن تہ ڇا پر پراون بہ تسليم ڪيو آهي . انهن جي باري ۾ اهڙو تصور بہ آڻڻ سخت گناه ۽ جرم ٿو سمجهان ....

منهنجي لفظن تي غور ڪندوء تہ معلوم ٿيندو تہ الله جي پيارن ۽ مقبول ٻانهن جي سامهون دنيا جو مال متاع ڪا بہ حيثيت نہ ٿو رکي، انهيء جي ڪري حضور پرنور عليہ السلام دنياوي شيء جي بدلي ۽ پنهنجي پاڪ نياڻي کي تسبيح فاطمہ جهڙي انمول ۽ بي بها دولت عطا ڪئي ..... ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ انهن پاڪ شخصيتن جي سامهون دنياوي مال و متاع ڪا بہ حيثيت نہ ٿو رکي.....

25 ڊسمبر 2014

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

> *نہ ڏيڻ ۽ نہ ڏئي سگهڻ ۾ وڏو فرق آهي.......*
> *محترم دوستوءِ راشد چانڊيو منهنجو حاصل مقصد غلط سمجهيو آهي،،، پياري آقا عليہ السلام جي شان عالي تہ اها آهي جو سرڪار عليہ السلام پنهنجي دشمنن کي بہ بخشيندا ۽ عطا ڪندا*
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

اوهان دوستن کي اهو ئي ت اشتباه رهيو آهي جو اوهان سمجهو ٿا تہ سائڻ زهرا فدڪ پنهنجي مقصد لاءِ ٿي گهريو فدڪ تہ اصل ۾ غلط نظام جي نشاندهي هئي جيڪا جنابِ زهرا سلام الله گهري ڪري غاصبي نظام کي ظاهر ڪيو هو ورنہ جيڪا سائڻ سڄي عمر چتيون لڳل لباس پهريندي رهي ان کي ڪهڙي ضرورت هئي ان باغ جي. يا حضرت علي عليہ اسلام کي ان باغ جي ڪهڙي ضرورت هئي ابنِ عباس کان روايت آهي تہ مون مولا علي عليہ السلام کي نخيلہ جي ميدان ۾ پڙاءُ دوران ڏٺو تہ مولا علي عليہ اسلام پنهنجي جتي کي ٽانڪو هڻي رهيا هيا مون ڏٺو ٿي تہ جتي ۾ ڪا ٽانڪي هڻڻ جي جاءِ نہ هئي مون مولا کي غور سان ٿي ڏٺو ۽ سوچي رهيو هيس تہ مولا هاڻي جي هن جتي کي ڪٽي تبديل ڪن منهنجي سوچن کي مولا علي عليہ اسلام ڀانپي ڪري چيو اي ابني عباس هن جتي کي جي بازار ۾ وڪڻجهي تہ هن جتي جي ڪيتري قيمت ٿيندي مون (ابنِ عباس ) چيو مولا هن جا ڪا قيمت نہ ملندي هي ختم آهي هن ۾ تہ ٽاڪي هڻڻ جي بہ ڪا جاءِ ناهي بچي تہ مولا فرمايو اي ابنِ عباس مون کي قسم آهي نا خدا جو جيڪو منهنجو مالڪ آهي مونکي اوهان تي حڪومت ڪرڻ جو ايترو بہ شوق ناهي جيترو ڪنهن شخص کي ههڙي جتي ربديل ڪرڻ جو شوق هوندو آهي مون تہ خلافت کي قبوليو ان لاءِ آهي تہ جيئن حق وري قائم ٿي وڃي. ان علي کي ڪهڙي ضرورت

هئي هنن خلافتن جي. بعد رسول جيڪو سلسلو هدايت جو هو اهو جڏهن ٽٽي پيو تہ آهستي آهستي وري جهالت واپس آئي ايتري قدر جو جيڪي مدين بدر ها اهي واپس آيا اقربا پروريون وڏنديون ويون صچا صحابي مدينو بدر ٿيندا رهيا. جنابِ زهرا سلام عليها امت جي ذهنن جي جهنجهوڙ لاءِ فدڪ گهريو ان جو هڪ پهلو اهو آهي باقي پيا بہ ڪيترا پهلو آهن پر لفظن جي ذلالت ۾ گهريل امت ان قدرن کي ڪٽي ٿي ڇاڏي. باغِ فدڪ صرف باغ فدڪ غصب نہ هو بلڪ هڪ نظام مهجور هو جنهن جي ڪري امت ناهي رهي سگهي.

25 ڊسمبر 2014

3 ڄڻن هيءِ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

نقاش اختر ادا اوهان سائين راشد علي صاحب جا سڀ سوال پلائي صرف هڪ سوال جو جوب ڏنو وري سائين راشد صاحب جا سوال پڙهو

سائين راشد جا سولا

1. ڇا اوهان هي اوهان انڪار ڪيو ٿا ته رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نياڻي حضرت ابوبڪر وٽ فدڪ جي لاءِ نہ آئي هئي؟؟
2. متي جيڪي ڪجهه بيان ٿيو آهي انهن ٻني جي درميان ڇا اوهان ان کي تسليم ڪيو ٿا ؟؟ ها يا نہ ؟ اگر نہ ته ترديد ڪيو
3. متي بيان ٿيل آهي تہ حضرت ابو بڪر پهريان انڪار ڪيو تہ هي توهان جو مال ناهي هن حديث پيش ڪئي (انهي سوال جو جواب خود متين تحرير ۾ موجود آهي قرآني آيات سان تہ سليمان داود جو وارث بڻيو) تہ انبياء جو ڪوبہ وارث ناهي هوندو. جيڪڏهن اوهان هن کي قبول ڪيو ٿا تہ هي واضح طور سان قرآن جي آيتن سان ٽڪرائي ٿي ۽ جيڪا روايت يا حديث قرآن جي مطابق هجي اُها قبول ڪرڻ جوڳي هوندي آهي پر جيڪا قرآن جي آيت جي مخالف هجي اُها رد ڪئي ويندي آهي هي حديت(لانورث)قرآني آيات جي مخالف آهي!!! وضاحت ڪندا
4. ان کان بعد شاهد طلب ڪيا ويا محڪم شاهد حضرت علي عليہ السلام هيو ان جي شهادت کي اوهان ڪهڙي دليل تحت رد ڪيو ٿا؟؟ وضاحت ڪندا (جڏهن تہ هن جو بہ اسان جي طرفان متي اُنهي تحرير ۾ جواب ذڪر

ٿيل آهي)

5. محترم دوست ممتاز قريشي صاحب حضرت ابوبڪر جي لاءِ صديق جو لقب پاڻ ڪريم طرفان بيان ڪيو آهي هڪ طرف نبي جو سچو صحابي ۽ ٻي طرف نبي جي نياٽي ڇا نبي پاڪ جي نياٽي صديقه نه هئي؟؟؟ جڏهن ته حضرت ابوبڪر جي مدعي حديث جي طرف هئي ۽ سيده جي لکت جي طرف وضاحت ڪندا.
6. مٿين تحرير ۾ بيان ٿيو آهي ته حضرت ابوبڪر صديق حضرت جابر جي اڪيلي گواهي تي جابر جي چوڻ مطابق ئي بحرين کان آيل مال جابر جي حوالي ڪيو ڇا جابر جي صداقت ۽ حضرت علي جي صداقت هڪ جهڙي آهي؟؟؟
7. جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق واري روايت کي قابل يقين سمجهو وڃي ته حضرت عمر رضي الله فدک کي حضرت علي عليہ السلام جي حوالي ڇو ڪيو ؟؟اگر حق نه هيو ته حوالي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي ؟؟؟ اُن کان بعد وري عمر ابن عبدالعزيز به فدڪ کي اولاد فاطمہ جي حوالي ڪيو !! اگر هي مال سيده جو نه هيو ته انهن پنهي بزرگوارن هن ورثہ کي واپس ڇو اهل تائين پهچايو ؟؟؟

25 ڊسمبر 2014

3 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)





Forum software by XenForo™
.Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse

# فدڪ





ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

## ڇا باغ فدڪ جي وارث حضرت بيبي سيده فاطمہ رضي الله تعالیٰ عنہ هئي...!!؟؟
## (هڪ تحقيقي جائزو)

محترم دوستو.. شيعہ مڪتبہ فڪر جي نزديڪ فدڪ جي جاگير رسول پاڪ جي رحلت ڪان پوءِ حضرت بيبي سيده فاطمہ رضي الله تعالیٰ عنہ جو حق ۽ ان جي ملڪيت هئي ، ان ڳالھ جي حمايت ۾ اسان جا مخالف دوست ٻہ مختلف مؤقف رکندا آهن.

1. فدڪ جي جاگير نبي پاڪ جي ملڪيت هئي ۽ سندن ظاهري وفات ڪان حضرت سيده فاطمہ ان ورثي جي حقدار هئي.
2. فدڪ جي جاگير نبي پاڪ پنهنجي زندگي ۾ ئي فتح خيبر جي ڏينهن حضرت بيبي سيده فاطمہ کي عطا ڪري ڇڏي هئي.

**1. فدڪ جي جاگير نبي پاڪ جي ملڪيت هئي ۽ سندن ظاهري وفات ڪان حضرت سيده فاطمہ ان ورثي جي حقدار هئي.**

هي مؤقف رکندڙ اسان جا مخالف دوست فدڪ جي جاگير خالص نبي پاڪ جي ملڪيت سمجهندا آهن. جيئن تہ مان مٿي قرآني آيتن جي روشني ۾ اها ڳالھ ثابت ڪري چڪو آهيان تہ مال فئ صرف نبي پاڪ جي ملڪيت نہ سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو قرآن پاڪ ۾ ان بابت واضح حڪم موجود آهن. جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ مال فئ وقف ٿيل مالن منجهان آهي، اهو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت سمجهڻ نہ گهرجي. اهو ئي سبب آهي جو حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فدڪ جي آمدني کي صريح قرآني حڪم مطابق پنهنجي ذات، ازواج مطهرات، بني هاشم،غريب، مسڪين ۽ مسافرن وغيره تي خرچ ڪندا هئا. محبوبن پاران فدڪ جي آمدني جا اهي خرچ ان ڳالھ جي دليل آهن تہ فدڪ ڪنهن جي مڪيت نہ هو ، بلڪ وقف ٿيل هو، اهو ئي سبب آهي جو مال وقف مان ميراث جاري ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي...!!

اڄ اسان مخالف دوستن جي جواب ۾ شامل صحاح ستہ جي ڪجھ حديثن جو جائزو وٺنداسين.

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم شريف ۾ هن طرح آهي تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رحلت کان پوءِ حضرت بيبي فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق وٽ آئي ۽ نبي پاڪ جي فدڪ ۽ خيبر واري جاگير مان وراثت طلب ڪيائين، ان موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق فرمايو تہ

" مون حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ٻڌو آهي تہ...

" انا لانورث ، ما ترڪناه صدقتہ"

(صحيح مسلم ڪتاب الجهاد والسير رقم 49)

يا

"ما ترڪنا صدقتہ"

(صحيح بخاري ڪتاب فرض الخمس ، رقم 3093، مسلم ڪتاب الجهاد ولسير: 49)

يا

"ما ترڪنا فهو صدقتہ"

(صحيح مسلم ڪتاب الجهاد والسير، رقم 51)

ترجمو:

"اسان نبين جي گروهہ مان آهيون ، ڪنهن کي اسان جو وارث نہ ٿو بڻائي سگهجي، اسان جيڪو ڪجھ ڇڏي وڃون اهو صدقو هوندو آهي."

حضرت ابوبڪر صديق حضرت سيده فاطمہ کي انهن لفظن ۾ اها حديث ٻڌائي هئي.

مسنَد احمد جي روايت ۾ اچي ٿو ته..

**"انا معاشر الانبياء لانورث"**

**"اسان نبين جي جماعت آهيون، ڪنهن کي اسان جو وارث نه بڻايو ويندو آهي"**

**( مسنَد احمد 2/462)**

پر صحيحين جي روايت ۾ اچي ٿو ته..

**"انا لانورث ما ترڪناه صدقته"**

**"بيشڪ اسان جا وارث نه بڻايا ويندا آهن، اسان جيڪو ڪجهه ورثو ڇڏيون اهو صدقو آهي-"**

اها حديث پڙهي بظاهر رواين موجب حضرت بيبي سيده فاطمه حضرت ابوبڪر صديق کان ناراض ٿي وئي ، انهي خيال سان ته حضرت ابوبڪر صديق حديث نبوي کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي يا وري حضرت ابوبڪر صديق حديث پڙهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي.

جڏهن ته حضرت بيبي فاطمه الله پاڪ جي هن قول مان استدلال ڪيو هو ته:

**" يوصيڪم الله في اولاد ڪم للذڪر مثل حظ الاثين"**

(رسويت النساءِ آيت 11)

اسان ڪي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اهل سنت جي نزديڪ هن مسئلي ۾ حضرت ابوبڪر صديق کي قصوروار نه سمجهيو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو اسان صاف طور تي اهو ڏسي رهيا آهيون ته حضرت ابوبڪر صديق حضور اڪرم جن جي متواتر حديث مان استدلال وٺي رهيو آهي. ياد رهي ته اها ساڳي حديث حضرت ابوبڪر صديق کان علاوه حضرت عثمان غنيﷺ حضرت عمر فاروقﷺ حضرت عباسﷺ حضرت عبدالرحمان بن عوفﷺ حضرت سعد بن ابي وقاصﷺ حضرت زبير بن عوام رضي الله تعالیٰ عنهم ۽ وڏي ڳالهه ته خود حضرت علي ڪرم الله وجهه کان به روايت ڪيل آهي. حضرت علي ڪرم الله روايت ڪن ٿا ته ...

**"انا لانورث ما ترڪناه صدقتہ"**

**(صحيح بخاري: ڪتاب قرض الخمس رقم 3094ﷺ صحيح مسلم ڪتاب الجهاد ولسير ۽ رقم 49)**

هي حديث بيان ڪري اسان جا مخالف دوست عام مسلمانن جي ذهن ۾ اها ڳالهه وجهندا آهن ته نعوذبالله وقت جي خليفي فدڪ جي جاگير قبضي ۾ ڪري ورتي ۽ سيده بيبي فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق کان ناراض ٿي وئي هئي.

**غور فڪر جي ڳالهه:**

محترم دوستو... جڏهن حضرت سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق کان فدڪ جو مطالبو ڪيو ته نبي پاڪ جي هي حديث حضرت ابوبڪر صديق ڪين ٻڌائي( ساڳي حديث ٻين به ڪيترن ئي اصحابي سڳورن ۽ پڻ حضرت علي ڪرم الله وجهه کان به ثابت ٿيل آهي ) جنهن کي ٻڌي سيده فاطمہ خاموش ٿي وئيﷺ ڇا حديث ٻڌائڻ يا حديث تي عمل ڪرڻ حضرت سيده فاطمہ کي ستائڻ يا ايذائڻ چئي سگهجي ٿو..؟

اڄ اهو ڪهڙو مسلمان هوندو جيڪو اهو چئي ته حديث ٻڌائي ۽ ان تي عمل ڪري مون کي ستايو ويو آهي..!!

جيڪڏهن ڪنهن عام مسلمان کي به حديث ٻڌڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ تي ڪا تڪليف ٿئي پهچي ته حضرت بيبي سيده فاطمہ جيڪا حضور اڪرم جن جي لخت جگر ۽ نور نظر هئي انکي نبي پاڪ جي حديث تي عمل ڪرڻ سان ڪيئن تڪليف پهچي سگهي ٿي..؟

مخالف دوستن جي نڪته نظر کي سوچڻ سان به سيده فاطمہ جي شان ۾ گستاخي جو تصور اڀري

ٿو..!! اها ڳالهه سيده فاطمه جي ذات مبارڪ کان ٿيڻ ناممڪن آهي.

پي اها ڳالهه به ذهن ۾ رهي ته صحيح بخاري جي ڪجهه روايتن ۾ حضرت سيده فاطمه ۽ حضرت ابوبڪر صديق جي وچ ۾ ٿيندڙ سوالن جوابن کي بيان ڪندي حديث جي راوين پنهنجا خيال اهڙي طرح ظاهر ڪيا آهن جو ڄڻ سيده فاطمه حضرت ابوبڪر صديق کان ناراض ٿي وئي ۽ پنهنجي زندگي جي آخري ڇهن مهينن دوران ناراض ئي رهي هجي..!!

ياد رهي ته صحيح بخاري جي ڪنهن به حديث ۾ ناراضگي جا الفاظ حضرت سيده فاطمه جي زبان مان چيل ثابت نه آهن، بلڪه حديث جي راوين پنهنجا ذاتي خيال پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪيا آهن.

اها به حقيقت آهي ته حضرت ابوبڪر صديق جي شڪايت حضرت سيده فاطمه جي زبان مبارڪ سان ڪنهن به صحيح روايت سان ثابت نه آهي.

ڪو به راوي اها ڳالهه نه ٿو بيان ڪري ته اسان سيده فاطمه جي زباني حضرت ابوبڪر صديق جي شڪايت ٻڌي هئي. باقي جيئن ته ناراض ٿيڻ هڪ دل جو فعل آهي جنهن بابت ٻيا ماڻهو صرف اندازو ڪري سگهن ٿا، جيستائين ان جو زبان سان اظهار نه ڪيو وڃي. مختلف آثار ڏسي ماڻهو صرف قياس ڪري سگهن ٿا پر ان ۾ غلطي جو امڪان هميشه رهي ٿو.

مثال طور هڪ ڀيري ڪيترن ئي اصحابي سڳورن حضور اڪرم جن جي خلوت نشيني مان اهو نتيجو ورتو هو ته محبوبن ڪريمن شايد ازواج مطهرات کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي، پر جڏهن حضرت عمر فاروق تحقيق ڪئي ته معلوم ٿيو ته نبي پاڪ ڪنهن کي به طلاق نه ڏني آهي.
اهو ئي سبب آهي جو فدڪ جي معاملي ۾ به اهو عين ممڪن آهي ان موقعي تي حضرت سيده فاطمه جي خاموشي ۽ ترڪ ڪلامي مان راوي اهو سمجهيو ته حضرت سيده فاطمه نارض آهن، حالانڪ اها ڳالهه ضروري نه آهي ته ترڪ ڪلامي جو سبب ناراضگي هجي. اهو به ممڪن اهي ته نبي پاڪ جي حديث ٻڌي پاڻ مطمئن ٿي ويون هجن ۽ ان کان پوءِ بيبي پاڪ ٻيهر حضرت ابوبڪر صديق سان فدڪ جي معاملي تي گفتگو ڪرڻ جي ضرورت نه سمجهي هجي.

حضرت سيده فاطمه جي ناراض نه ٿيڻ جي هڪ واضح دليل هي به آهي ته ان معاملي کان پوءِ به پاڻ لاڳيتو حضرت ابوبڪر صديق کان گهر جا اخراجات وٺندي رهي هئي ۽ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري حضرت اسما بنت عميس سندن تيمارداري لاءِ مسلسل سندن خدمت ۾ حاضر رهندي هئي. جيڪڏهن ناراضگي هجي ها ته پاڻ گهٽ ۾ گهٽ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري کان ڪا به خدمت نه وٺي ها..!!

محترم دوستو...اهل سنت جي نزديڪ الله رب العزت بنا ڪنهن شڪ شبهي جي حضرت ابوبڪر صديق کان راضي ٿيل آهي.
الله پاڪ جو فرمان آهي ته..

**" لقد رضي الله عن المؤمنين اذ يبايعونڪ تحت الشجرة "**
(سورت فتح 18)

سرڪوشي: مڪمل آيت

اها هڪ نه جهٽلائيندڙ حقيقت آهي ته حضرت ابوبڪر صديق ان ڏينهن محبوبن ڪريمن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ وارن ۾ سڀ کان پهرئين نمبر تي هو، لهاذا اها ڳالهه ثابت آهي ته حضرت ابوبڪر صديق کان الله عزوجل پاڻ راضي ٿيل آهي ۽ ان جو رسول به حضرت ابوبڪر صديق کان راضي ٿيل آهي.

شيعه مڪتبه فڪر جي نزديڪ فدڪ جي جاگير حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو ورثو هئي، جڏهن ته اسان جي نزديڪ نبي پاڪ پاڻ فرمايو: **" انا لانورث ما ترڪنا صدقة"** جنهن جي معنىٰ آهي ته اسان جيڪو ڪجهه ڇڏي وڃون اهو صدقو آهي، صحيح مسلم ۾ حديث جا هي لفظ به آيل آهن **"ماترڪنا، فهو صدقة"** "اسان جيڪو ڪجهه ڇڏيون اهو صدقو آهي"

شيعه مڪتبه فڪر جا عالم سڳورا هن حديث جي معنوي تحريف ڪندي چوندا آهن ته **"ما ترڪنا صدقة"** ۾ لفظ "ما" نافيه آهي، يعني "اسان صدقو نه ڇڏيو آهي."

اهل سنت جا عالم سڳورا فرمائين ٿا ته هتي لفظ "ما" موصوله آهي ۽ صحيحين جي صحيح راويت به ڪجهه هن ريت آهي ته **"ماترڪنا صدقة"** رفع سان ڳڏ آهي ۽ **"ما ترڪنا فهو صدقة"** جي لفظن واري روايت به انهي ڳالهه جي تائيد ڪري ٿي ته "اسان جيڪو ڪجهه ڇڏي وڃون اهو صدقو آهي."

**شيعه مڪتبه فڪر جو هڪ ٻيو غلط استدلال..!!**

اسان جا مخالف دوست اهو بہ دليل ڏيندا آهن تہ قرآن پاڪ ۾ الله جو فرمان ۽ جيڪو حضرت زڪريا عليہ السلام متعلق آهي تہ انهن فرمايو:

وَإِنِّى خِفْتُ ٱلْمَوَٰلِىَ مِن وَرَآءِى وَكَانَتِ ٱمْرَأَتِى عَاقِرًا فَهَبْ لِى مِن لَّدُنكَ وَلِيًّا ﴿٥﴾

يَرِثُنِى وَيَرِثُ مِنْ ءَالِ يَعْقُوبَ ۖ وَٱجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا ﴿٦﴾

۽ آءٌ پنهنجي پوئتان پنهنجن مائٽن ڪان ڊڃان ٿو ۽ منهنجي زال سنڌ آهي تنهنڪري **پاڻ وٽان مون کي ڪو وارث بخش.**

**جو منهنجو وارث ٿئي ۽ يعقوب جي اولاد جو بہ وارث ٿئي۽ اي منهنجا پالڻهار ان کي صالح ڪر.**

(سورت مريم 5،6)

**"مونکي پنهنجي طرفان وارث نصيب فرما جيڪو منهنجو بہ وارث هجي ۽ آل يعقوب جو بہ۽ اي الله ! ان کي برگزيده بناءُ"**

مخالف دوستن موجب هتي الله پاڪ نبين جي وراثت جو ذڪر ڪيو آهي.

ساڳي ريت حضرت سليمان عليہ السلام متعلق بہ ارشاد آهي تہ.....

وَوَرِثَ سُلَيْمَٰنُ دَاوُۥدَ ۖ وَقَالَ يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ عُلِّمْنَا مَنطِقَ ٱلطَّيْرِ وَأُوتِينَا مِن كُلِّ شَىْءٍ ۖ إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ ٱلْفَضْلُ ٱلْمُبِينُ ﴿١٦﴾

**. ۽ سليمان داؤد جو وارث ٿيو ۽ چيائين تہ اي ماڻهؤ اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ اسان کي سيڪا نعمت ڏني وئي آهي۽ بيشڪ اها پڌري ڀلائي آهي.**

(سورت نمل 16)

## " وورث سليمان داؤد" "۽ سليمان داؤد جو وارث بڻيو"

پهرين آيت " **يرثني و يرث من آل يعقوب**" جي متعلق دنيا جي مال ملڪيت جي وراثت سمجهڻ درست نہ آهي. اهو ڪنهن بہ نيڪ ماڻهو جي شان جي خلاف آهي تہ هو الله پاڪ کان فقط دنيا جي مال مليڪت جو وارث بنائڻ خاطر پُٽ طلب ڪري. اسان اهو ڪيئن تسليم ڪريون تہ حضرت زڪريا عليہ السلام جهيڙو ڪريم النفس نبي الله تعالىٰ کان اهڙي اولاد گهري جيڪو فقط سندس دولت جي وارث ٿئي..!!
ٻي ڳالهہ تہ حضرت ذڪريا عليہ السلام متعلق مشهور آهي تہ پاڻ سفيد پوش پيغمبر هئا ۽ ڏنڌي جي لحاظ سان واڍڪو ڪم ڪندا هئا. ڀلا سندن وٽ ڪيترو مال هوندو جنهن لاءِ الله پاڪ کان وارث طلب ڪرڻ لڳا هئا....!!؟
حقيقت هي آهي تہ الله تعالىٰ جا نبي مال جمع نہ ڪندا آهن ۽ جيڪو ڪجهہ ڪمائيندا آهن انهن کي نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا آهن.

هڪ اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ الله تعالىٰ جي قول "**يرثني ويرث من آل يعقوب**" " منهجو بہ وارث هجي ۽ آل يعقوب جو بہ" انهن لفظن تي بہ غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪجهہ دير لاءِ اهو سوچيو تہ آل يعقوب ۾ ڪيترا ماڻهو هوندا..؟

حضرت يحيىٰ عليہ السلام آل يعقوب ۾ ڪهڙي نمبر تي آهن ، آل يعقوب ۾ حضرت موسىٰ عليہ السلام ، حضرت داؤد عليہ السلام ، حضرت سليمان عليہ السلام ۽ حضرت يحيىٰ عليہ السلام شامل آهن ۽ بذات خود حضرت ذڪريا عليہ السلام بہ شامل آهن، بلڪ بني اسرائيل جا سڀ نبي سڀورا آل يعقوب مان آهن ۽ اصل ۾ حضرت يعقوب ئي اسرائيل آهي.

اها تہ ڳالهہ تي انهن نبي سڳورن جي جيڪي آل يعقوب مان ٿيا هئا، جيڪڏهن نبين کان علاوه حضرت يعقوب عليہ السلام جي ٻي اولاد کي بہ حصو ڏنو وڃي تہ حضرت يحيىٰ عليہ السلام کي کهڙو ۽ ڪيترو حصو بچندو؟ خاص طور تي ٻين قريبي وارثن جي هوندي پاڻ محجوب الارث هوندا.

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ قرآن ۾ موجود فرمان الاهي **"يرثني ويرث من آل يعقوب"** جا لفظ مخالف دوستن جي ان ڳالهہ کي رد ڪري رهيا آهن ۽ ان مان فقط مال جي وراثت سمجهڻ جهالت جي ڳالهہ ٿيندي. حضرت ذڪريا عليہ السلام حضرت يعقوب عليہ السلام جو ذڪر انڪري ڪيو جو اهي بہ نبي هئا ۽ حضرت ذڪريا بہ نبي هو، انهيڪري پاڻ اهو چاهين پيا تہ سندن پٽ بہ نبوت ، علم ۽ حڪمت جو وارث بڻجي.

هڪ ٻي غور طلب ڳالهہ اها بہ آهي تہ حضور اڪرم جن فرمايو تہ **"انا معاشر الانبياء لانورث"** يا پاڻ فرمايائون تہ **"انا لانورث ماترڪنا صدقتہ"** **"اسان جيڪي نبين جي جماعت آهيون، ڪنهن کي بہ اسان جي ملڪيت جو وارث نہ بڻايو ويندو آهي اسان جيڪو ڪجهہ ڇڏيون اهو صدقو آهي."**

ان ڳالهہ جي وضاحت صحيح بخاري جي هڪ ٻي حديث مان بہ ٿئي ٿي....

**" ان الانبياء لم يور ثوا درهما ولا دينارا وانما ورثوا العلم"**
**"پيغمبر درهم، دينار جا وارث نہ بڻائيندا آهن( يا پُٽيان ڇڏيندا آهن) پر اهي صرف علم جا وارث ڇڏيندا آهن."**
(صحيح بخاري ڪتاب العلم، باب العلم قبل القول والعمل، ابو داؤد ڪتاب العلم باب الحث علي طلب العلم 3641 واسناد صحيح)

هاڻ وراثت بابت قرآن پاڪ جي ٻي آيت سڳوري مان دليل وٺڻ جو ذڪر ڪجي ٿو، **"وورث سليمان داؤد"** هن آيت موجب حضرت سليمان عليہ السلام حضرت داؤد عليہ السلام جي مال ملڪيت جو وارث نہ ٿيو هو، پر پاڻ نبوت، حڪمت ۽ علم جا وارث ٿيا هئا.
ان ڳالهہ جا دليل هن ريت آهن.

حضرت داؤد عليہ السلام متعلق مشهور آهي تہ سندن هڪ سؤ (100) گهرواريون ۽ بيشمار

ڪنيزون هيون. سندن اولاد بہ تمام گهڻو هو، هاڻ اڪيلا حضرت سليمان عليہ السلام ڪهڙي طرح سندن مال ملڪيت جا وارث بڻجي سگهن ٿا.؟ چاڪاڻ جو حضرت سليمان عليہ السلام جا ٻيا ٻائر بہ ان ملڪيت جا وارث بڻجن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو اڪيلو حضرت سليمان عليہ السلام کي ان جو اورث سمجهڻ بہ درست نہ آهي.

ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ جيڪڏهن هن آيت سڳوري مان مالي يا مادي وراثت مراد هجي ها تہ قرآن پاڪ ۾ ان جو خاص طور تي ذڪر ڪرڻ جو ڪهڙو فائيدو؟ اها ڳالهہ تہ هر عام ۽ خاص ڄاڻي ٿو تہ فطرتي طور تي پٽ ئي پيءُ جو وارث ٿيندو آهي، اهڙي صورت ۾ "وورث سليمان داؤد" جو فرمان غيرضروري ٿي وڃي ٿو.

بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هن آيت سڳوري ۾ الله پاڪ ڪنهن خاص شي ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهي، يعني اها وراثت دنيا جي مال مليڪت نہ پر وراثت نبوت آهي، لهاذا هي آيت بہ ان ڳالهہ جي دليل نہ آهي تہ نبي سڳورن جي مال ملڪيت جو وارث بڻائڻ درست آهي بلڪ صحيح اهو ئي آهي تہ ڪنهن کي بہ انهن جو وارث نہ بڻايو وڃي.

## 2. فدڪ جي جاگير نبي پاڪ پنهنجي زندگي ۾ ئي فتح خيبر جي ڏينهن حضرت بيبي سيده فاطمہ کي عطا ڪري ڇڏي هئي.

شيعہ مڪتبہ فڪر جي مشهور ڪتاب تفسير صافي موجب نبي پاڪ خيبر جي فتح جي ڏينهن "وآت ذالقربیٰ حقہ" "**رشتيدارن کي ان جو حق ڏيو**" جي نازل ٿيڻ کان پوءِ سيده فاطمہ کي گهرائي کين فدڪ جي جاگير عطا ڪري ڇڏي هئي. (تفسير صافي 3/186)

اچو تہ ان مؤقف جو بہ جائزو وٺون.

سڀ کان پهرين تہ مٿين ڳالهہ هڪ من گهڙت افساني کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ آهي..!!

**هي هڪ حقيقت آهي تہ مٿين آيت نہ ان موقعي تي نازل ٿي هئي ۽ نہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن حضرت بيبي سيده فاطمہ کي فدڪ جي جاگير عطا ڪئي هئي....!!!**

صحيح ۾ اصل ڳالهه اها آهي ته حضرت سيده فاطمه حضرت ابوبڪر صديق کان فدڪ جي جاگير جو مطالبو ان بنياد تي نه ڪيو هو ته اها جاگير کين هبه ڪيل آهي، بيبي پاڪ صرف وراثت جي اعتبار کان فدڪ جو مطالبو ڪيو هو. (ياد رهي ته خيبر جي فتح ستين هجري ۾ ٿي هئي.)

اسان جا مخالف دوست چوندا آهن ته الله تعالیٰ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن کي جڏهن خيبر جي فتح عطا ڪئي ته هي آيت مبارڪه نازل ٿي **"وآت ذالقربیٰ حقه"** ، ان کان پوءِ حضور جن سيده فاطمه کي گهرائي فدڪ جي جاگير عطا ڪري ڇڏي..!!

اچو ته مذڪوره واقعي کي سمجهڻ کان اڳ هن صحيح حديث کي پڙهون ۽ سمجهون.

**حضرت بشير بن سعد رضي الله تعالیٰ عنه هڪ ڏينهن رسول پاڪ جي خدمت ۾ حاضر**

**ٿيا ۽ درخواست ڪيائون ته مان پنهنجي پٽ کي پنهنجو باغ هبه ڪريان ٿو ۽ توهان کي ان جو گواهه بڻايان ٿو. حضور اڪرم جن فرمايو: ڇا تو پنهنجي سڄي اولاد کي ايترو ڪجهه ڏئي ڇڏيو آهي؟ ان چيو ته "نه، ان تي پاڻ ڪريمن فرمايو" وڃ هتان هلي وڃ، مان ظلم تي گواهه نه بڻجندس"**
**(صحيح مسلم ڪتاب الهبات رقم 14)**

غور جي ڳالهه آهي ته محبوبن ڪريمن ان ڳالهه کي ظلم قرار ڏئي رهيا آهن ته ڪو ماڻهو پنهنجي اولاد مان ڪن کي ڪن تي فوقيت ڏئي. جڏهن پاڻ سڳورا اهڙي ظلم تي گواهه بنجڻ لاءِ به تيار نه آهن ته اهي پاڻ اهڙو ظلم ڪيئن ڪري سگهن ٿا..!! ؟؟
اسان جي نزديڪ رسول الله هر گناهه کان پاڪ ۽ معصوم آهن.

شيعه مڪتبه فڪر وارن جو اهو اصرار آهي ته رسول پاڪ فتح خيبر جي موقعي تي سيده فاطمه کي فدڪ جي جاگير عطا ڪئي هئي، خيبر 7 هجري ۾ فتح ٿيو هو، ان وقت حضور اڪرم جن جون ٻه نياڻيون حضرت بيبي زينب ۽ حضرت بيبي ام ڪلثوم به زنده هيون ڇاڪاڻ جو حضرت بيبي زينب 8 هجري ۾ ۽ حضرت بييب ام ڪلثوم 9 هجري ۾ فوت ٿيون هيون ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته حضور اڪرم جن انهن ٻنهي نياڻين کي نظر انداز ڪري صرف حضرت سيده فاطمه کي فدڪ جي سڄي جاگير هبه ڪري ڏئي ڇڏي...!!!؟؟؟

ياد رهي ته قرآن پاڪ جي مذڪره آيت سڳوري ۾ ته سيني رشتيدارن کي حق ڏيڻ جي ڳالهه ڪيل آهي...!!!

نعوذباالله اهڙي قسم جي ڳالهه ڪرڻ ته خود رسول پاڪ تي بهتان هڻڻ برابر آهي. مطلب ته نبي پاڪ پنهنجي اولاد ۾ فرق رکندا هئا. جڏهن ته پاڻ اهڙي ظلم تي گواهه به بنجڻ لاءِ راضي نه آهن..!! پوءِ پاڻ ڪريمن ڪان اها ڳالهه ڪيئن تسليم ڪجي...!!!؟؟؟

محترم دوستو....مٿين اهم دليلن مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته فدڪ جي جاگير متعلق شيعه مڪتبه فڪر وارن جا پيش ڪيل قول باطل آهن، فدڪ جي جاگير نه ته هبه ڪيل هئي ۽ نه ئي نبي پاڪ جو ورثو هئي.

## هڪ عجيب ڳالهه:

محترم دوستو... اسان جيڪڏهن تاريخ اسلام جو بغور مطالعو ڪريون ته هڪ غور طلب ۽ عجيب ڳالهه نظر اچي ٿي. حضرت ابوبڪر صديق جي وفات ڪان پوءِ حضرت عمر فاروق خليفو بڻيو ان ڪان پوءِ حضرت عثمان غني ۽ ان ڪان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهه خليفو بڻيو، جيڪڏهن اسان اهو فرض ڪريون ته فدڪ جي جاگير ورثي جي صورت ۾ يا هبه جي صورت ۾ حضرت بيبي سيده فاطمه جي ملڪيت هئي ته اها سندن وفات ڪان پوءِ سندن اولاد جي ملڪيت بڻجڻ گهرجي هئي، خود حضرت علي ڪرم الله وجهه به ان جاگير جي چوٿين حصي جا وارث بڻجن پيا چو ته **"للذڪر مثل حظ الانثيين"** جي تحت ٻين حصن جا وارث سيدنا حسنين ، حضرت زينب ۽ حضرت ام اڪلثوم رضي الله تعاليٰ عنه به ٿين پيون، اسان اهو معلوم ڪري تعجب ۾ پئجي وڃون ٿا ته جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهه مسلمان جو خليفو بڻيو ته ان پنهنجي اولاد ڪي فدڪ جو حصو نه ڏنو، جيڪڏهن فدڪ جي جاگير حقدارن ڪي نه ڏيڻ سان حاڪم وقت تي ظالم ، غاصب يا مرتد وغيره جا الزام لڳن ٿا ته ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته نعوذباالله حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ خود حضرت علي ڪرم الله وجه جي ذات مبارڪ به ظالم ثابت ٿئي ٿي...!!!

الحمدالله اسان جي نزديڪ اهي سڀ هستيون محترم ۽ ظلم ڪرڻ ڪان پاڪ آهن، انهيڪري سيني خليفن جي فدڪ جي جاگير بابت فيصلن ڪي نظر ۾ رکندي اسان جي نزديڪ فدڪ جي جاگير نه ته هبه ڪيل هئي ۽ نه ئي نبي پاڪ جو ورثو هئي.

## هڪ اهم ڳالهه جي وضاحت:

مخالف دوستن جي نزديڪ اهوبه چيو وڃي ٿو ته جڏهن حضرت بيبي سيده فاطمه ڪي فدڪ جي جاگير نه ملي ته پاڻ حضرت ابوبڪر صديق ڪان ناراض ٿي وئي هئي ۽ پنهنجي والد محبوبن ڪريمن جي قبر ڏانهن شڪايت به ڪٽي وئي هئي..!!

" انما اشڪو بثي و حزني الي الله"
"مان پنهنجي پريشاني (بي بسي) ۽ غم جي فرياد الله کان ڪريان ٿو"
(سورت يوسف 86)

حضرت سيده فاطمہ کي ڪهڙي طرح اهو زيب ٿئي ٿو تہ اها دنيا جي ملڪيت جي لالچ ۾ ايتري ڪاوڙ جو اظهار ڪري جو نبي پاڪ جي قبر مبارڪ تي شڪايت ڪٽي وڃي..!! اسان جي نزديڪ سيده فاطمہ جي شان تمام بلند آهي ۽ اها اهڙي طرح غم يا ڏک جو اظهار نٿي ڪري سگهي.

مخالف دوستن جي اها ڳالهہ بہ مشهور ڪندا آهن تہ حضرت سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق کان ناراض ٿي وئي هئي ۽ نارضگي ۾ ئي وفات ڪيائين ، ان ڳالهہ بابت مخلتف روايتون بيان ڪيل آهن، اسان جي نزديڪ جيڪڏهن سيده فاطمہ ناراض ٿيون هيون تہ سندن ناراضگي بنا ڪنهن وجهہ جي ٿئي تي ۽ ان ۾ حضرت ابوبڪر صديق جو ڪو قصور نہ هو، اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رهي تہ فدڪ جي آمدني جو مڪمل خرچ حضرت ابوبڪر صديق پنهنجي لاءِ يا پنهنجي خاندان لاءِ وقف نہ ڪيو هو ۽ نہ ئي بعد ۾ ايندڙ ڪنهن بہ خليفي ان تي پنهنجو ذاتي قبصو ڪيو هو، اسان سيني اهم ڪتابن ۾ اهو ڏسون ٿا تہ فدڪ جي جاگير مان ايندڙ آمدني هر ڪنهن جي دور ۾ انهن ساڳين مقصدن تي خرچ ڪئي ويندي هئي جيئن حضور اڪرم جن جي دور ۾ محبوبن ڪريمن پاڻ خرچ ڪندا هئا. اهو ئي سبب اهي جو اسان هن معاملي ۾ حضرت بيبي سيده فاطمہ جي ناراضگي جو عذر تلاش ڪندا آهيون چاڪاڻ جو سندن نارضگي بنا ڪنهن سبب جي هئي.
شيعہ مڪتبہ فڪر ۽ پڻ اهل سنت جي مخلتف روايتن ۾ اهو بہ اچي ٿو تہ حضرت ابوبڪر صديق حضرت سيده فاطمہ کي انهي انديشي تحت راضي بہ ڪري ورتو هو. ان متعلق بہ ڪافي روايتون موجود آهن. بحرحال الله پاڪ سيني حقيقتن کي ڄاڻندڙ آهي.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 25 ڊسمبر 2014

25 ڊسمبر 2014

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

قريشي صاهب اوهان کان سوال چا اها خبر نجابِ سيده کي نہ هئي جو بيب صلام لله عليها اهو پهريان تہ گهريو پيو تہ نہ ملڻ تي انهن کان ناراض رهي ؟

يا واهان ماڻهن کي اهو ٻڌائڻ ٿا چاهيو تہ نعوذ بالله اوهان کي معرفتِ قرآن جنابِ سيده کان وڌيڪ آهي اوهان قرآن پڙهو ٿا سيده نہ پڙهندي هئي شايد ( نعوذ بالله)

ممتاز قريشي لکيو آهي
اڄ اسان مخالف دوستن جي جواب ۾ شامل صحاح ستہ جي ڪجهہ حديثن جو جائزو وٺنداسين.

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم شريف ۾ هن طرح آهي تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رحلت کان پوءِ حضرت بيبي فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق وٽ آئي ۽ نبي پاڪ جي فدڪ ۽ خيبر واري جاگير مان وراثت طلب ڪيائين، ان موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق فرمايو تہ " مون حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کان ٻڌو آهي تہ...
عرض تہ ادا
رسولِ اڪرم جي نياڻي گهرڻ وئي هئي اهو ثابت آهي باقي اڳيان اوهان جون طاويلون اوهان کي هميشہ جيان مبارڪ هجن ادا ممتاز

جن راوين اهو سمجهيو اهي بہ شايد اوهان کان گهٽ علم وارا ها جو انهن ائين سمجهيو.

25 ڊسمبر 2014

3 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

جيڪا ذي يا اولد ميراث جي دعويدار تي سگهي پئي رسولِ اڪرم ان ڪي نہ ڏنايو باقي پين سيني کي ڏنايائون تہ ميان منهنجو ڪو وارث ناهي خدا جو خواف ڪائو اهلبيت سان دشمني ان قدر ڪريو جنهن جو ڪو عزر پيش ڪري سگهو ادا اهو ڪم تہ اسنا بہ ڪندا آهيون تہ پنهنجي اولدا کي نہ ڪرڻ وارن ڪمن جي نصيحت ڪندا آهيون رسولِ اڪرم اها نصيحت نہ ڪئي.

هن واقعي ۾ بجاءِ فرقہ بندي جي جي امت اصلاح جو پهلو ڪڍي ها تہ سمورين ذلالتن کان نڪري اچي ها پر ظلم تي پردو وجهندي معاشرو ظلم جيلپيٽ ۾ آيل آهي. جيڪو زور امت کي نظامِ الاهي تي مصرف ڪرڻ گهرجي ها اوترو زور امت هنن ذلالتن کي لڪائڻ ۾ ڪري رهي آهي.

25 ڊسمبر 2014

3 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

**متاز قريشي صاحب لکيو آهي**
**هڪ عجيب ڳالھ:**
محترم دوستو... اسان جيڪڏهن تاريخ اسلام جو بغور مطالعو ڪريون تہ هڪ غور طلب ۽ عجيب ڳالھ نظر اچي ٿي. حضرت ابوبڪر صديق جي وفات کان پوءِ حضرت عمر فاروق خليفو بڻيو ان کان پوءِ حضرت عثمان غني ۽ ان کان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهه خليفو بڻيو۔ جيڪڏهن اسان اهو فرض ڪريون تہ فدڪ جي جاگير ورثي جي صورت ۾ يا هبہ جي صورت ۾ حضرت بيبي سيده فاطمہ جي ملڪيت هئي تہ اها سندن وفات کان پوءِ سندن اولاد جي ملڪيت بڻجڻ گهرجي هئي، خود حضرت علي ڪرم الله وجهه بہ ان جاگير جي چوٿين حصي جا وارث بڻجن پيا جو تہ **"للذڪر مثل حظ الانثيين"** جي تحت ٻين حصن جا وارث سيدنا حسنين ۽ حضرت زينب ۽ حضرت ام ڪلثوم رضي الله تعالىٰ عنہ بہ ٿين پيون، اسان اهو معلوم ڪري تعجب ۾ پئجي وڃون ٿا تہ جڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهه مسلمان جو خليفو بڻيو تہ ان پنهنجي اولاد کي فدڪ جو حصو نہ ڏنو۔ جيڪڏهن فدڪ جي جاگير حقدارن کي نہ ڏيڻ سان حاڪم وقت

ٿي ظالم ۽ غاصب يا مرتد وغيره جا الزام لڳن ٿا تہ ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ نعوذبالله حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ خود حضرت علي ڪرم الله وجہ جي ذات مبارڪ بہ ظالم ثابت ٿئي ٿي...!!!
الحمدالله اسان جي نزديڪ اهي سڀ هستيون محترم ۽ ظلم ڪرڻ کان پاڪ آهن، انهيڪري سڀني خليفن جي فدڪ جي جاگير بابت فيصلن کي نظر ۾ رکندي اسان جي نزديڪ فدڪ جي جاگير نہ تہ هبہ ڪيل هئي ۽ نہ ئي نبي پاڪ جو ورثو هئي.

گذارش
## ڪاش جي امت ذلت جي وڪالت مان نڪري ان جو عرفان حاصل ڪري ها تہ مولا علي ائين چو نہ ڪيو جيئن اوهان جرح ڪئي آهي ائين چو ٿيو تہ اڄ امت جو هي حال نہ هجي

25 ڊسمبر 2014

3 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

جي خلافت امت لاءِ سمجهي وڃي ها ته پوءِ اهي شخصيتون ان مسند تي براجمان نه ٿين ها بلڪ نفسِ رسول ان تي وارث جي صورت ۾ هجي ها جي نفسِ رسول وارث هجي ها ته امت جو شيرازو نه بکري ها.

25 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

> راشد علي چانڊيو لکيو آهي: ↑
>
> *ڇا اوهان هي اوهان انڪار ڪيو ٿا ته رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي نياڻي حضرت ابوبڪر وٽ فدڪ جي لاءِ نہ آئي هئي؟؟*

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم شريف ۾ هن طرح آهي ته حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رحلت ڪان پوءِ حضرت بيبي فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق وٽ آئي ۽ نبي پاڪ جي فدڪ ۽ خيبر واري جاگير مان وراثت طلب ڪيائين، ان موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق فرمايو تہ " مون حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ڪان ٻڌو آهي تہ...

**" انا لانورث ۔ ما ترڪناه صدقتہ"**
**(صحيح مسلم ڪتاب الجهاد والسير رقم 49)**
يا
**"ما ترڪنا صدقتہ"**
**(صحيح بخاري ڪتاب فرض الخمس ۔ رقم 3093، مسلم ڪتاب الجهاد ولسير: 49)**
**يا**
**"ما ترڪنا فهو صدقتہ"**
**(صحيح مسلم ڪتاب الجهاد والسير، رقم 51)**

**ترجمو:**

**"اسان نبين جي گروهہ مان آهيون ، ڪنهن کي اسان جو وارث نہ ٿو بڻائي سگهجي، اسان جيڪو ڪجهہ ڇڏي وڃون اهو صدقو هوندو آهي."**

حضرت ابوبڪر صديق حضرت سيده فاطمہ کي انهن لفظن ۾ اها حديث ٻڌائي هئي.

مسنَد احمد جي روايت ۾ اچي ٿو تہ..

**"انا معاشر الانبياءِ لانورث"**

**"اسان نبين جي جماعت آهيون، ڪنهن کي اسان جو وارث نہ بڻايو ويندو آهي"**

**( مسنَد احمد 2/462)**

پر صحيحين جي روايت ۾ اچي ٿو تہ..

**"انا لانورث ما ترڪناه صدقتہ"**

**"بيشڪ اسان جا وارث نہ بڻايا ويندا آهن، اسان جيڪو ڪجهہ ورثو ڇڏيون اهو صدقو آهي."**

25 ڊسمبر 2014



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

محترم دوستو... شيعه مڪتبه فڪر جي دوستن جي اٿاريل اعتراضن ڪي به ترتيب وار جواب ڏيڻ جو سلسلو عنقريب شروع ڪندس انشاالله.

هن وقت مان سندن مؤقف جو هڪ ٻيو رخ به پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

اسان جا مخالف دوست فدڪ جي جاگير ڪي خالص نبي پاڪ جي ملڪيت تصور ڪندا آهن ۽ غصب فدڪ ڄاڻائي سڏوسنئون حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه ڪي غاصب فدڪ چوندا آهي.

اها ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي ته حضرت ابوبڪر صديق فدڪ جي ايراضي مان نه پاڻ ڪو نفعو حاصل ڪيو ۽ نه ئي پنهنجي اولاد جي حوالي ڪيائين، پوءِ اها ڪهڙي دنيا جي لالچ هئي جنهن ڪي حضرت ابوبڪر صديق حاصل ڪيو..!!؟؟ ان بابت اسان جا مخالف دوست ۽ انهن جا ڪتاب مڪمل خاموش آهن.

ڇا اسان لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري نه آهي ته بقول مخالف دوستن جي اهل بيت سڳورن جي ملڪيت غصب ڪرڻ جو جيڪو عظيم گناهه ڪيو ويو هو ۽ اهو آخر دنيا جي ڪهڙي لالچ تحت ڪيو ويو هو..!!؟؟ ڪاش بغض صحابه دل ۾ رکندڙ ماڻهو ڪڏهن وقت ڪڍي ان بابت به ڪجهه غور ۽ فڪر ڪن...!!!

**حضرت بيبي سيده فاطمه رضي الله تعالیٰ عنه جي شان مبارڪ..!!**

محترم دوستو...اهل سنت جي نزديڪ اهل بيت سڳورن سان محبت ايمان جو اهم جزو آهي. حضرت بيبي سيده فاطمہ جي فضائل سان اهل سنت جا ڪتاب ڀريا پيا آهن، هر صحيح العقيده مسلمان خاتون جنت جي خوبين ۽ فضيلتن کان مڪمل آگاهہ آهي. سندن شخصيت بابت ڪي ٻہ ٻہ رايا نہ آهن.
هڪ ڀيري حضرت امان عائشہ رضي الله تعالیٰ عنہ کان پڇيو ويو تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي نزديڪ سندن محبوب ترين هستي ڪير آهي؟ تہ فرمايائون "فاطمہ". پوءِ پڇيو ويو تہ فاطمہ کان پوءِ محبوب ترين ڪير آهي؟ تہ فرمايائون "فاطمہ جو گهروارو علي".

بيشڪ حضرت بيبي سيده جي تعظيم لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن اٿي بيهندا هئا، سندن ذات مبارڪ جا بيشمار ڪمالات آهن، پاڻ سڳورا حضرت سيده فاطمہ کي پنهنجي خاص جاءِ تي ويهاريندا هئا. پاڻ جڏهن بہ ڪنهن سفر تي روانا ٿيندا هئا تہ آخري الوداع حضرت سيده فاطمہ کي ڪندا هئا ۽ جڏهن سفر تان واپسي ٿيندي هئي تہ سڀ کان پهرين حضرت بيبي سيده فاطمہ سان ئي ملاقات ڪندا هئا.

محبوبن ڪريمن جي فرمان موجب حضرت سيده فاطمہ جنت ۾ سيني بهشتي عورتن جي سردار آهي. رسول الله جي قربت ۽ بتول جو لقب سندن زهد، تقویٰ ۽ ترڪ دنيا جي مضبوط ترين دليل آهن. اهڙن زبردست فضائل کان اهڙو ڪهڙو مسلمان هوندو جيڪو انڪار ڪندو..!!؟

محبوبن ڪرمين حضرت سيده کي پنهنجي جسم جو ٽڪرو قرار ڏنو هو. سندن خوشي کي پنهنجي خوشي ۽ سندن ڏک کي پنهنجي ڏک قرار ڏنو هو. انهن سيني ڳالهين کي ذهن ۾ رکي جيڪڏهن ڪو بہ شخص حضرت سيده فاطمہ کي دنيا دار خيال ڪندو تہ اهو ضرور کيس رنج پهچائيندو..!!

حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پنهنجن آخري ڏينهن ۾ حضرت سيده فاطمہ جي ڪن ۾ هڪ راز جي ڳالهہ ڪئي تہ پاڻ روئڻ لڳي جنهن تي انهي وقت پاڻ ڪريمن هڪ ٻي ڳالهہ ڪئي تہ سندن چهري تي خوشي جي لهر اچي وئي ۽ روئڻ بدران پاڻ مسڪرائڻ لڳي.

قيامت جي ڏينهن جڏهن حضرت سيده فاطمہ بهشت ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿينديون تہ حضرت جبرائيل امين بلندآواز ۾ چوندو تہ اي انسانو! اکيون بند ڪري ڇڏيو تہ جيئن فاطمہ بنت محمد گذري وڃي، بس نبي، رسول، صديق، شهيد وغيره سڀ اکيون بند ڪندا تيستائين جو سيده پردي ۾ گذري بهشت ۾ داخل ٿي وڃي.

محترم دوستو... انهن سيني ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي هاڻ اهو تصور ڪريو ته حضرت سيده فاطمه خليفه اول کان فدڪ جي جاگير جو مطالبو ڪيو ۽ دستياب نه ٿيڻ تي پاڻ خليفه اول کان ناراض ٿي ويون...!!!

## ڪجهه حقيقتون..!!

هي هڪ حقيقت آهي ته حضرت بيبي سيده فاطمه حضرت ابوبڪر صديق کان ميراث جو مطالبو ڪيو هو. اچو ته هن مطالبي جو پس منظر ڄاڻ جي ڪوشش ڪريون.

اسان سڀ ڄاڻو ٿا ته جڏهن به ڪو عمل ٿيندو آهي ته ان جو ڪو نه ڪو پس منظر ڪا نه ڪا وجه ضرور هوندي آهي.

## شيعه مڪتبه فڪر جو نڪتہ نظر..!!!

شيعه مڪتبہ فڪر جي عالم سڳورن ان مطالبي جي وجه اها لکي آهي ته فدڪ جو مطالبو حضرت سيده فاطمه انڪري ڪيو هو جو دنيا آڏو اهو واضح ڪيو وڃي ته هي شخص خلافت

رسول جي قابل نه آهي، جيڪو حقدارن کي حق ڏيڻ ۾ انصاف کان ڪم نه وٺي اهو برحق خليفو ڪيئن ٿو ٿي سگهي..؟؟
آسان لفظن ۾ مظلومن جا حق غضب ڪندڙ بادشاهه ته ٿي سگهي ٿو پر نبي جو جانشين نٿو ٿي سگهي.
عام رعيت جا حق غضت ڪندڙ جي ظالم هجڻ ۾ ٻئي ڪهڙي ثبوت جي ضرورت آهي...!!؟؟
آل نبوت جا حق ڦٻائڻ وارو گناهه عظيم ڪندڙ ظالم نه سڏرائي ته ٻيو ڇا سڏرائي...؟
جڏهن هڪ ماڻهو ظالم ثابت ٿي وڃي ته پوءِ اهو خليفو برحق نٿو چئي سگهجي...!!!

محترم دوستو.. مٿيون مؤقف ٿوري گهٽي لفظي تبديلي سان اسان جي آسپاس موجود ڪيترائي ماڻهو ٻڌندا رهندا آهن. اچو ته انهن جي حقيتن بابت ڄاڻ حاصل ڪريون.

مٿين جملن مان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته حضرت سيده فاطمه کي فدڪ جاگير جي ڪا لالچ نه هئي، مٿيئن مؤقف مان اها ڳالهه به ظاهر ٿئي ٿي ته حضرت سيده فاطمه حضرت ابوبڪر صديق کي برحق خليفو نه سمجهندي هئي، بلڪ ظالم حڪمران سمجهندي هئي ۽ صرف اها حقيقت آشڪار ڪرڻ لاءِ فدڪ جو مقدمو پيش ڪيو ويو هو ته جيئن دنيا آڏو حجت تمام ٿي سگهي.

**اهم ڳالهہ:**

اسان سيني کي چاڻ گهرجي تہ شيعہ مکتبہ فکر جي نزديڪ ظالم حڪمران وٽ مقدمو کڻي وڃڻ حرام فعل سمجهيو وڃي ٿو..!!

فروع ڪافي جي هي روايت غور طلب آهي.

**ترجمو: عمر بن حنظلہ چوي ٿو تہ مون حضرت امام جعفر صادق کان انهن ٻن مردن جي باري ۾ پڇيو جيڪي اسان شيعن منجهان هجن ۽ انهن جي وچ ۾ قرض يا وراثت متعلق ڪو تنازعو پيدا ٿي وڃي تہ پوءِ اهي ان جو مقدمو بادشاهہ يا قاضي وٽ کڻي وڃن تہ ڇا اهو جائز آهي؟**
**حضرت امام ارشاد فرمايو تہ جيڪو شخص بہ مقدمو کڻي وڃي ظالم حڪمران وٽ، ۽ اهو ظالم حڪمران ان جو فيصلو بہ سندن حق ۾ ڪري ۽ مدعي اها شي وصول بہ ڪري وٺي تہ اها ان لاءِ حرام هوندي، چاهي اها ان مدعي جو حق ڇو نہ هجي. انڪري جو هن ظالم جي فيصلي ذريعي اها شي حاصل ڪئي آهي، جاڪاڻ جو الله پاڪ حڪم ڏنو آهي تہ ان جي هر ڳالهہ جو انڪار ڪيو وڃي."**
**(فروع ڪافي جلد سوم ص 225)**

غور ڪريو دوستو.. حضرت امام جعفر جي هي روايت بلند آواز سان چئي رهي آهي تہ شيعہ مکتبہ فکر وارن جي نزديڪ غير شيعہ حاڪم وٽ مقدمو کڻي وڃڻ حرام فعل آهي...!!!

فدڪ جو مطالبي جو پس منظر جيڪو اسان جا مخالف دوست بيان ڪندا آهن اهو تہ خود سندن امام جي نزديڪ بہ قابل قبول نہ آهي..!!

ڇا هن روايت کي ذهن ۾ رکندي حضرت سيده فاطمہ پاران حضرت ابوبڪر صديق کان فدڪ جو مطالبو معلوم ڪرڻ کان پوءِ ڪيس معصوم مڃي سگهبو..؟

هن روايت جي مناسبت سان مخالف دوستن لاءِ ٽي رستا سمجهہ ۾ اچن ٿا، جن مان ڪنهن هڪ کي ضرور تسليم ڪرڻو پوندو.

1. حضرت سيده فاطمہ جي عصمت جو عقيدو ترڪ ڪرڻو پوندو.
2. حضرت امام جعفر صادق جي هن روايت کي ڪوڙو تسليم ڪرڻو پوندو.

3. حضرت ابوبڪر صديق کي خليفو برحق تسليم ڪري، توبہ تائب ڪرڻي پوندي.

عقل تہ اهو مشورو ڏئي ٿي تہ ڪنهن بہ محترم هستي بابت ڪا بہ توهين آميز ڳالھ سوچڻ کان پرهيز ڪندي سيني جي عصمت جو قائل ٿجي ۽ فدڪ متعلق جيڪو غلط پسمنظر سمجھايو وڃي ٿو ان کان رجوع ڪجي.

## هڪ ٻي اهم خرابي...!!

محترم دوستو غور ڪجي تہ حضرت علي ڪرم الله وجھہ جي علم ۽ حڪم کان بغير حضرت سيده فاطمہ پاران فدڪ جو مطالبو ڪرڻ سندن شايان شان نہ آهي، ۽ جيڪڏهن هي مطالبو حضرت علي ڪرم الله وجھہ جي حڪم مطابق هو تہ ان سان حضرت علي ڪرم الله وجھہ جي عصمت تي بہ حرف اچي ٿو.

اچو تہ هڪ ٻي روايت جو مطالعو ڪريون.

**ترجمو: " حضرت امام جعفر صادق فرمايو ڪو بہ مؤمن ڪنهن مؤمن کي سندس مقدمو ظالم بادشاھ يا ظالم قاضي وٽ کڻي وڃڻ جو چئي ۽ ان بادشاھ يا قاضي الله جي حڪم کي ڇڏي ڪو ٻيو فصلو ڏنو تہ اهي ٻئي مؤمن گناھ ۾ برابر جا شريڪ ۽ حصيدار آهن."**

**(فروع ڪافي جلد سوم ص 225)**

محترم دوستو...هي روايت بہ صاف لفظن ۾ اهو بيان ڪري رهي آهي تہ ظالم وٽ مقدمو کڻي وڃڻ وارو بہ گنهگار آهي..!!
نعوذباالله اسان انهن عظيم هستين بابت اهو تصور بہ نٿا ڪري سگھون.

حضرت سيده فاطمہ پاران حضرت ابوبڪر صديق وٽ مقدمو کڻي اچڻ ۽ فدڪ جو مطالبو ڪرڻ مان حضرت ابوبڪر صديق جي صداقت ۽ سچائي ۽ خليفو برحق هجڻ ثابت ٿئي ٿو.
ساڳي ريت ايئن سمجھڻ سان ڪنهن بہ محترم شخصيت جي عظمت تي ڪو بہ حرف نٿو اچي.
ٻي صورت ۾ خود شيعہ مڪتبہ فڪر جا پنهنجا ڪتاب بہ غلط ۽ ڪوڙا ٿي وڃن ٿا...!!

مان ٻيهر مخالف دوستن کي عرض ڪندس تہ حضرت ابوبڪر صديق کي ظالم سمجھڻ ڇڏي ڏين ڇاڪاڻ تہ انهن کي ظالم چوڻ سان خود اهل بيت سڳورن جي شان ۾ بہ گستاخي ٿيڻ جو امڪان پيدا ٿي وڃي ٿو...!!

اڳتي ساڳئي تناظر ۾ وڌيڪ دليلون ۽ پهچايون ويندديون ۽ دوستن جي پيش ڪيل هر هڪ اعتراض جا جواب ڏيڻ جي ۽ ڪوشش ڪئي ويندي.. انشاالله.

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح صحيح سمجهه عطا ڪري. آمين.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 25 ڊسمبر 2014

25 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

---



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

راشد علي چانڊيو لکيو آهي: ↑

*متي بيان ٿيل آهي ته حضرت ابو بڪر پهريان انڪار ڪيو ته هي توهان جو مال ناهي هن حديث پيش ڪئي (انهي سوال جو جواب خود متين تحرير ۾ موجود آهي قرآني آيات سان ته سليمان داود جو وارث بڻيو) ته انبياء جو ڪوبہ وارث ناهي هوندو, جيڪڏهن اوهان هن کي قبول ڪيو تا ته هي واضح طور سان قرآن جي آيتن سان*

*مڪمل اقتباس ڏسو...*

مخالف دوستن جو هي ۽ سوال آهي ته هتي الله پاڪ نبين جي وراثت جو ذڪر ڪيو آهي.

حضرت سليمان عليہ السلام متعلق ارشاد آهي ته.....

وَوَرِثَ سُلَيْمَـٰنُ دَاوُۥدَ ۖ وَقَالَ يَـٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ عُلِّمْنَا مَنطِقَ ٱلطَّيْرِ

وَأُوتِينَا مِن كُلِّ شَىْءٍ ۖ إِنَّ هَـٰذَا لَهُوَ ٱلْفَضْلُ ٱلْمُبِينُ ﴿١٦﴾

**. ۽ سليمان داؤد جو وارث ٿيو ۽ چيائين ته اي ماڻهؤ اسان کي پکين جي ٻولي سيکاري وئي آهي ۽ اسان کي سيڪا نعمت ڏني وئي آهي، بيشڪ اها پڌري ڀلائي آهي.**
(سورت نمل 16)

**" وورث سليمان داؤد"** "۽ سليمان داؤد جو وارث بڻيو"

پهرين آيت " **يرثني و يرث من آل يعقوب**" جي متعلق دنيا جي مال ملڪيت جي وراثت سمجهڻ درست نہ آهي. اهو ڪنهن بہ نيڪ ماڻهو جي شان جي خلاف آهي تہ هو الله پاڪ کان فقط دنيا جي مال مليڪت جو وارث بنائڻ خاطر پُٽ طلب ڪري. اسان اهو ڪيئن تسليم ڪريون تہ حضرت زڪريا عليہ السلام جهيڙو ڪريم النفس نبي الله تعالىٰ کان اهڙي اولاد گهري جيڪو فقط سندس دولت جي وارث ٿئي..!!
ٻي ڳالھ تہ حضرت زڪريا عليہ السلام متعلق مشهور آهي تہ پاڻ سفيد پوش پيغمبر هئا ۽ ڏنڌي جي لحاظ سان واڍڪو ڪم ڪندا هئا. ڀلا سندن وٽ ڪيترو مال هوندو جنهن لاءِ الله پاڪ کان وارث طلب ڪرڻ لڳا هئا....!!؟
**حقيقت هي آهي تہ الله تعالىٰ جا نبي مال جمع نہ ڪندا آهن ۽ جيڪو ڪجھہ ڪمائيندا آهن انهن کي نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا آهن.**

**" ان الانبياء لم يورثوا درهما ولا دينارا وانما ورثوا العلم"**
**"پيغمبر درهمہ دينار جا وارث نہ بڻائيندا آهن( يا پُٽيان ڇڏيندا آهن) پر اهي صرف علم جا وارث ڇڏيندا آهن."**
(صحيح بخاري ڪتاب العلمہ باب العلم قبل القول والعملہ ابو داؤد ڪتاب العلم باب الحث علي طلب العلم 3641 واسناد صحيح)

هاڻ وراثت بابت قرآن پاڪ جي آيت سڳوري مان دليل وٺڻ جو ذڪر ڪجي تہ **"وورث سليمان داؤد"** هن آيت موجب حضرت سليمان عليہ السلام حضرت داؤد عليہ السلام جي مال ملڪيت جو وارث نہ ٿيو هوہ پر پاڻ نبوتہ حڪمت ۽ علم جا وارث ٿيا هئا.

25 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**

نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

> ان ڪان بعد شاهد طلب ڪيا ويا محڪم شاهد حضرت علي عليہ السلام هيو ان جي شهادت ڪي اوهان ڪهڙي دليل تحت رد ڪيو ٿا؟؟ وضاحت ڪندا (جڏهن تہ هن جو بہ اسان جي طرفان مٿي اُنهي تحرير ۾ جواب ذڪر ٿيل آهي)

اهل سنت جي جن تفاسير جو مصنف ذڪر ڪيو آهي، ان جو متن ء اصلي عبارتون پيش ڪندا ........

25 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**

نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

> *جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق واري روايت کي قابل يقين سمجهو وڃي ته حضرت عمر رضي الله فدک کي حضرت علي عليه السلام جي حوالي ڇو ڪيو ؟؟اگر حق نه هيو ته حوالي ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي ؟؟؟ اُن کان بعد وري عمر ابن عبدالعزيز به فدڪ کي اولاد فاطمه جي حوالي ڪيو !! اگر هي مال سيده جو نه*

هن جي جواب ۾ عرض آهي ته تواريخ ۾ ان موضوع بابت اختلاف آهي۔ اهل سنت جي راء موخب حضرت صديق اڪبر کان حضرت علي تائين ڪنهن به بزرگ فدڪ اهل بيت جي ذاتي ملڪيت ۾ ناهي ڏنو .............

25 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

محترم دوستو ! جيڪي جوابات مون ڏنا آهن ،انهن ۾ ممتاز قريشي صاحب جي تحريرن جا ٻه ڪجھ اقتسابات ڏنا آهن. چا ڪاڻ تہ انهن تحريرن ۾ بهترين جوابات موجود هئا .....

25 ڊسمبر 2014



**راشد علي چاتديو**
سينيئر رڪن

## تحقيقي جائزي مٿان جائزو

پڙهندڙ دوستن هن محل تائين پيش ڪيل تحريرن ڪي سنجيدگي سان پڙهيو هوندو ۽ يقينن اهي دوست سيده جي مظلوميت کان آگاه ٿي ويا هوندا پلي ڪٽي مخالف هزار تعويلون بيان ڪري سيده جي حق ڪي رد ڪندا رهن پر پوءِ بہ عقلمند انسان مخالفن جي موجود تحريرن مان ئي سيده جي مظلوميت ڪي سمجهي ويندا واضح رهي تہ مخالف دوستن اقرار ڪيو آهي تہ سيده سلام الله عليها (پنهنجي حق) باغ فدڪ ڪي وٺڻ لاءِ اُن وقت جي خليفي ۽ سيده جي بابي جي سچي صحابي حضرت ابوبڪر رضي الله وٽ آئي هئي پر سيده جي بد قسمتي جو بابا جي سچي صحابي دربار مان خالي واپس ڪيو
انهي درد اسان شيعن ڪي اڄ تائين روئاريو آهي

هن تحقيق ۾ اسان جي دوست تمام وڏو انقشاف ڪيو آهي جيڪو تمام مفسرن جي قولن سان گڏ آيات قرآن جي مخالف آهي
قريشي صاحب لکيو
**مال فيء صرف نبي پاڪ جي ملڪيت نہ سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو قرآن پاڪ ۾ ان بابت واضح حڪم موجود آهن.**

پر ان جي برخلاف مال فيء رسول الله جي زاتي ملڪيت آهي جنهن جي لاءِ قرآن مجيد جي آيت گواه آهي
**وَ ما أَفاءَ اللهُ عَلى رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَما أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَ لا رِكابٍ وَ لكِنَّ اللهَّ يُسَلِّطُ**

رُسُلَهُ عَلى مَنْ يَشاءُ وَ اللهُ عَلى كُلِّ شَيْءٍ قَديرٍ (سورت حشر، آيت 6)"

۽ انهن جي مال مان الله جيڪو سندس رسول جي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان گهوڙا يا اٺ ڪو نه ڊوڙايا هئا پر الله پنهنجي رسولن کي جنهن تي وٽيس غالب ڪندو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن ڳالهه تي وس وارو آهي".
هن آيت جي تفسير ۾ شيعه توڙي اهلسنت جي وڏن عالم اقرار ڪيو آهي ته مال في رسول الله جي ملڪيت آهي

اهل سنت جي وڏي مفسر قرطبي ان آيت جي تفسير ۾ چاڻايو آهي ته هر اها ملڪيت جنهن لاءِ مسلمانن گهوڙا ۽ اٺ نه ڊوڙايا هجن(يعني جنگ نه ڪئي هجي) سا خاص پاڻ سڳورن جي ملڪيت آهي"(تفسير قرطبي، الجامع لاحڪام القرآن ج9 جزء 18 ص9_10)

انڪان علاوه اسان جي دوست هتي قرآن مجيد جي هڪ آيت جي تفسير براءِ ڪئي آهي جنهن تهت هن رسول الله کي مال في جو مالڪ هجڻ کان انڪار ڪيو آهي
چو جو هن آيت ۾ مال في جي مصرف کي بيان ڪيو ويو آهي

چا مصرف کي بيان ڪرن سان اهو مال رسول الله جو نتو ٿي سگهي ؟؟ انهن حقدارن منجهان اُنهي آيت ۾ خود پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم به آهن پر اسان جي مخالف دوستن رسول الله کي به تصرف کان روڪي ڇڏيو آهي جڏهن ته هن هڪ قرآن مجيد جي واضح آيت جي مخالفت به ڪئي آهي ۽ تمام مفسرن جي راءِ جي مٿان پنهنجي راءِ کي مقدم به ڪيو آهي

ممتاز قريشي
ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر جي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ ڇورن ٻارن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اِهو هن لاءِ آهي) ته اُهو اوهان مان دنيا وارن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ ۾ نه اچي، ۽ جيڪي پيغمبر اوهان کي ڏئي سو وٺو، ۽ جنهن کان اوهان کي جهلي تنهن کي ڇڏي ڏيو، ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله سخت عذاب (ڪرڻ) وارو آهي. (سورت الحشر 7)

هن آيت ۾ به واضح لکيل آهي ته اهو مال الله لاءِ ۽ ان جي رسول جي لاءِ به آهي
پر مخالف دوست هن آيت مان غلط ۽ پنهنجي راءِ مطابق هن آيت جي تفسير ڪري رسول الله کي هن مال جي مالڪ هجڻ کان انڪار ڪيو، بين لفظن ۾ ته نه رسول الله پنهنجي طرفان ڪنهن

شخص کي مال ڦي بخشي سگهي ٿو ۽ نہ هو پنهنجي ذات جي لاءِ خرچ ڪري سگهي ٿو

هن تفسير براءِ جي مخالفت نہ صرف شيعہ بلڪہ اهلسنت جي بہ عقيدي جي خلاف تصور ڪئي ويندي

مخالف فرقي وارا نہ صرف تفسير براءِ ڪن ٿا پر اُنهن جو ٻيو وڏو استدال بہ آهي تہ جڏهن رسول الله وٽ سيده هڪ غلام گهرڻ آئي هئي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم سيده کي غلام جي بدارن تسبيح وارو ذڪر ڏي ڪري واپس موٽائي ڇڏيو هو

جڏهن رسول الله پنهنجي نياڻي کي هڪ غلام ئنو ڏئي سگهي تہ اهو باغ فدڪ ڪيئن ڏئي سگهي ٿو

هن استدال کي پڙهڻ کان بعد مون جهڙا رسول خدا جي شفيق پيءَ هجڻ کان انڪار ڪندا جيڪو پنهنجي نياڻي کي ڪجھ بہ نہ ڏئي سگهي جيڪو رسول پنهنجي نياڻي جي لاءِ فرمائيندو هجي **"ام ابيها"** فاطمہ پنهنجي بابا جي بہ ماءُ آهي جنهن سيده جي ايتري شان هجي اُن کي پنهنجو پيءُ ڪجھ بہ ئنو ڏئي سگهي ؟؟؟

هي ڪهڙي اسلام تحت استدال آهي ؟؟؟ هن استدلال سان اسان ڪنهن غير کي ٻڌائي سگهون ٿا ؟؟ جڏهن ڪو غير اهڙو استدال اسان جي ڪتابن ۾ زبانن مان ٻڌندا تہ رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ ڪهڙو تعثر بيان ڪندا؟؟؟

ڇا چوندا جيڪو پنهنجي نياڻي کي ڪجہ بہ نہ ڏئي سگهي اُهو اولاد جي تربيت جي لاءِ ڪهڙيو سفارشون ڪري سگهي ٿو ؟؟؟

استدلال ڪرڻ کان پهريان نبي پاڪ جي شان مبارڪ کي بہ نظر ۾ رکيو وڃي
اوهان باغ فدڪ جو انڪار ڪري تہ سگهو ٿا پر رسول الله جي شفيق پيءُ هجڻ کان انڪار ڪرڻ جو حق ئنا رکو!!

هن حقيقت ۾ اهلسنت جي مشهور ۽ معروف ڪتابن مان استدلال ڪيا ويا آهن

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم مان رسول خدا جي لاءِ جعل ڪيل حديث کي بيان ڪيو ويندو آهي

" انا لانورث ، ما ترڪناه صدقتہ"

**اسان نبين جي گروهہ مان آهيون ، ڪنهن کي اسان جو وارث نہ ٿو بڻائي سگهجي، اسان جيڪو ڪجهہ ڇڏي وڃون اهو صدقو هوندو آهي۔"**

حضرت ابو بڪر رضي الله هن روايت کي استدلال ڪري سيده سلام الله عليها کي پنهنجي حق کان محروم ڪيو ويو

واضح رهي تہ هي حديث قرآن مجيد جي ڪافي آيتن سان ٽڪرائي ٿي جن ۾ وارثت جو ذڪر ٿيل آهي

پر مٿي بيان ڪيل تحرير کي پڙهڻ سان اسان کي ٻن رستن مان هڪ رستو اختيار ڪرڻو پوندو يا تہ اسان هن حديث کي صحيح تصور ڪري آيات قراني جو انڪار ڪيو يا وري اسان هن حديث کي جعلي ۽ آيات قرآني کي سچو قرار ڏيون

پر اهلسنت جي برادرن پنهي کي انتخاب ڪيو آهي هڪ(حديث مطابق) تہ نبي ڪوبہ ورثو ناهن ڇڏيندا ۽(قرآن مطابق) نبين جا وارث هوندا آهن

اسان جڏهن انهن ٻنهي ڳالهين کي هڪ منصف انصاف پسند انسان جي اڳيان بيان ڪنداسين تہ اهو منصف اسان کي انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ کي انتخاب ڪرڻ جو مشورو ڏيندو
هي ٿي ئي نٿو سگهي تہ هڪ جاءِ تہ نبين جو وارث هجي ۽ ٻي جاءِ تي نبي جي وارث جو انڪار ڪيو وڃي

اهيو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ نبين جو وارث بہ هجي ۽ وري هو ورثو بہ ڇڏين ؟؟
اهو فقط ٻن طريقن سان ٿي سگهي ٿو

1. جڏهن اسان قرآني آيات جي تفسير براءِ ڪيون تہ اهي مال جا وارث ناهن هوندا
2. جڏهن اسان نبي جي لاءِ ڪا مالي ملڪيت فرض نہ ڪيون

پر ان جي برخلاف اسان ڪافي نبين کي مالدار ۽ صاحب ثروت ڏٺو آهي
۽ هر نبي جي ملڪيت انهن جي اولادن کي ملي آهي حضرت داود عليہ السلام وٽ دولت نہ هئي ؟؟ حضرت يعقوب نبي وٽ مال ۽ اُٺ موجود نہ هئا ؟؟ حضرت شعيب عليہ السلام وٽ مال ۽ اُٺ نہ هئا ؟ ڇا حضرت داود عليہ السلام جون ڪنزون ۽ غلام حضرت سليمان نبي جي وراثت ۾ نہ

آيا؟؟

ڇا نبي پنهنجي پاڻ مان فقط علم ئي ڇڏي ويندا آهن ؟؟؟

جيڪو انهن جو گهر، مال، ملڪيت اُها ڪنهن جي حوالي هوندو آهي ؟؟
ڇا نبي پاڪ ڪان پهريان به جيڪي نبي هئا انهن جي مال ڪي به بيت المال جي حوالي ڪيو ويندو هو ؟؟؟

مخالف هي حديث (**"انا لانورث ما ترڪناه صدقته"**) بيان ڪري فقط حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم لاءِ ئي بيان ڪندا آهن جڏهن ته قرآن ۾ ڪنهن به جاءِ تي ذڪر ناهي ٿيو ته انبياء جو جيڪو به مال هوندو آهي اهو صدقو آهي هي آخر رسول الله جي لاءِ ڇو بيان ڪيو ويو؟؟؟

جڏهن ته اسان جا مخالف دوست هي اقرار ڪري ۽ واضح الفاظ سان متي بيان ڪري چڪا آهن ته مال في رسول الله جي ملڪيت شمار نه ٿيندو انهن قرآن مجيد جي آيت مان غلط استدلال ڪيو آهي جيڪو قرآن ۽ حديث جي خلاف آهي
حضرت عمر رضي الله ڪان مال في جي باري ۾ هڪ روايت

فَكانَتْ لِرَسُولِ اللَّهِ خاصَّةً قُري عُرَيْنَةِ وَ فَدَك وَ كَذا وَ كَذا ينْفِقُ عَلى اَهْلِهِ مِنْها نَفَقَةً سَنَتِهِمْ

حضرت عمر چيو ؛ بني نظير جو اهو مال آهي جنهن کي خدا تعالي بغير ڪنهن جنگ ۽ خون ريزي جي پيغمبر جي حوالي ڪيو آهي اهيو پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي لاءِ ئي مخصوص آهي

سنن ابي داودہ جلد 3ہ صفحہ 141 ۽ حديث 2965 و 2966 عوالم العلومہ جلد 11/2 صفحہ 709

جڏهن تہ صحيح مسلم ۾ بہ بيان ٿيل آهي تہ فدڪ رسول الله جي ملڪ هئي جنهن کي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهنجي خرچ کان پوءِ باقي بچيل پيسن مان لشڪر جي لاءِ تلوارون اصلح ۽ جنگ جي حالت ۾ ان پيسي مان سپاهي تيار ڪندا هئا ۽ هن جو اقرار حضرت عمر بہ ڪيو آهي "ما افا الله علي رسولہ

## "فدڪ تي هڪ نظر اهل سنت جي ڪتابن مان"

مخلتف تاريخ جي ڪتابن مان هي واضح آهي تہ فدڪ فقط سيده فاطمہ سلام الله عليها لاءِ مخصوص هيو جنهن کي وقت جي خليفي جعلي حديث جي ذريعي سان کسي ورتو

اسان اهلبيت جي مڃڻ وارن جو هي عقيدو (جيڪا حقيقت ) آهي فدڪ بغير ڪنهن جنگ جي رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ملڪيت ۾ آيو جيڪو فقط ئي رسول الله جي ملڪيت ۾ رهيو ،جنهن کي رسول الله پنهنجي نياڻي جي حوالي ڪيو

اگر اسان اهل سنت جي ڳالھ کي ڪجھ وقت جي لاءِ تسليم ڪيون تہ رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم حضرت فاطمہ سلام الله عليها کي فدڪ نہ ڏنو هيو ان باوجود بہ جڏهن پيغمبراڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي رحلت تي اُن وقت سيده رسول الله جي اڪيلي نياڻي هئي فدڪ اُن جو ئي حق ٿيو .

## ان جي لاءِ پہ اھم نڪتا بيان ڪجن ٿا

**پهريون نڪتو :**

هر زمين يا مال جيڪو بغير ڪنهن جنگ جي هٿ اچي اهو فقط ئي فقط رسول الله جو حصو هوندو آهي اُن مال کي " في" چيو ويندو آهي جيهن جو مسلمانن جي بيت المال سان ڪوبہ تعلق ناهي هوندو .

**ٻيونڪتو:**

فدڪ کي رسول الله پنهنجي نياڻي سيده کي الله تعالي جي حڪم(وآتہ ذي القربي حقہ) سان بخشو هيو ان ڪري فدڪ سيده جي ملڪيت ٿي وئي .

## پهرين نڪتہ تي تحقيق

اهو مال جيڪو بغير ڪنهن جنگ جي هٿ اچي اُن کي مال "في"چيو ويندو آهي جيڪو رسول الله جي ذاتي ملڪيت ۾ شمار ٿيندو آهي سوره حشرات جي آيت نمبر 6 انهي تي دلالت ڪري ٿي

ان کان علاوه اهلسنت جي مفسرين بہ سوره حشرات جي آيت 6 جي تفسير ۾ مال في کي رسول الله جي ذاتي ملڪيت قرار ڏنو آهي تفسيرن جا حوالا

فخر رازی پنهنجي تفسير مجلد 15 ج 29 ص 284 و ص 506
تفسير القرطبي الجامع للاحكام القران المجلد 9 الجزء 18 ص 9 و ص 10 معاني القران ج 3 ص 144
معالم التنزيل ج 5 ص 55
الكشاف ( زمخشری ) ج 4 ص 502
تفسير الجلالنين (سيوطي ) ج 1 ص 549

ان جي باوجود اهلسنت جا دوست حقيقت کي ٺڪرائيندي مال "في" کي رسول الله جي ذاتي

ملڪيت قرار ڏنا ڏين ۽ اَن تي پنهنجي تفسير براءِ ڏئي ڪري حقيقت تي پردو وجهي رهيا آهن

## پين نڪتي تي تحقيق

پيون هي مطلب ته فدڪ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ذاتي ملڪيت هئي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم انهي ڪي الله تعالي جي حڪم (وآت ذي القربي حقہ) سان جناب سيده سلام الله عليها جي حوالي ڪيو هيو جنهن ڪي اهل سنت جي ڪافي وڏن عالم دينن قبول ڪيو آهي هيٺ انهن جا حوالا ملاحظو ڪيو

علامہ شهرستاني ملل و نحل جي جلد 1 ص 13 تي ذڪر ڪيو آهي تہ **وآت ذي القربي حقہ** جي نازل ٿيڻ کان پوءِ رسول خدا صلي الله عليہ وآلہ وسلم پنهني نياٽي سيده فاطمہ جي حوالي ڪيو.

شواهد التنزيلي ۾ بہ اهيو ساڳيو مطلب جلد 29 ص 284 تي ذڪر ٿيل آهي.

اهل سنت جي مشهور تاريخ ، تاريخ طبري جلد 3 ص 19 ذڪر ٿيل آهي تہ رسول انهي آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ فدڪ ڪي پنهني نياٽي جناب سيده جي حوالي ڪيو

شرح ابن ابي الحديد(جنهن ڪي اهلسنت جا ڪجھ عالم شعيہ چوندا آهن) جلد 16 ص 231 تي ساڳيو مطلب ذڪر ڪيو آهي

الدر المنثور جلد 5 ص272 تہ بہ ذڪر ٿيل آهي

مجمع الزوائد ج 7 ص 49

ميزان الاعتدال جلد 2 ص 228

ڪنز العمال جلد 3 ص 767 تي بہ ذڪر ٿيل آهي تہ هي فدڪ رسول الله سيده زهرا سلام الله عليها جي حوالي ڪيو هيو

هن روايت ڪي سيوطي در المنثور جلد 4 ص 177 تي پنهنجي بزرگ علماء **البزار ابن ابي**

**حاتم، ابو علي ،اين مردوديہ، ابي سعيد خدر** کان نقل ڪيو آهي


ان حقيقت جي باوجود بہ اسان جا دوست اکيون بند ڪري باطل ڳالهين تي ڌيان ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجي تعويلن جي ذريعي سان اصل حقيقت کي لڪائڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيا آهن

پر الله تعالي حق کي بہ انهن جي زباني بيان ڪرايو آهي هي اهو حق آهي جنهن جي پڙهڻ سان اهل فهم جا حواس اڏري ٿا وڃن
هي مسلمان سيده سان ٿيل ظلم کي لڪائي رهيا آهن پر درحقيقت ۾ مسلمانن سيده کي پنهنجي بابا جي وفات کان پوءِ انهي طرح سان پرسو ڏنو

اسان جا مخالف دوست حقيقت جو انڪار ڪري رهيا آهن ۽ پنهجن تحريرن ۾ بيان ڪري رهيا آهن تہ فدڪ سيده سلام الله عليها جو حق نہ هيو انهن پنهني ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ روايت جو سهارو روتو آهي جنهن روايت کي حضرت ابوبڪر رضي الله ئي پڙدو هيو

هلندڙ.....

26 ڊسمبر 2014



راشد علي چانڊيو
سينيئر رڪن

# سيده سلام الله عليها جو حضرت ابوبڪر ۽ عمر کان آخر عمر تائين ناراض رهڻ

محترم دوستو اسان مٿي مخالف دوستن جون تحريون پڙهي آيا آهيون ته (ڪجھ جاين تي اقرار ته ڪجھ جاين تي انڪار ڪيو) سيده سلام الله عليها حضرت ابو بڪر رضي الله ۽ حضرت عمر رضي الله کان ناراض نہ هئي

ايتري قدر اسان جي دوستن بيان ڪيو تہ جناب سيده جي نماز جنازه بہ حضرت ابوبڪر پڙهي !!!!

اسان اهڙيون تحريرون پڙهي ڪجھ وقت جي لاءِ اهڙن دوست جي ناداني تي پريشان ٿي ويندا آهيون تہ اهڙي طرح انهن کي اصل حقيقت کان پري رکيو وڃي ٿو !!!!؟

جنهن جاءِ تي اهل علم اصل ڳالهہ ۽ قضيہ کان نا واقف هجن اُن جاءِ تي ڪنهن عام ۽ سادي انسان جو ڪهڙو حشر هوندو ؟؟

جڏهن سيده سلام الله عليها پنهنجو حق وٺڻ جي لاءِ دربار ۾ آئي خليفہ وقت حق ڏيڻ کان انڪار ڪندي جواب ڏنو تہ نبين جو ڪوبہ بہ ورثو ناهي هوندو جيڪو ڪجھ هو ڇڏيندا آهن اهو صدقو هوندو آهي تنهن تي سيده سلام الله عليها مخاطب ٿي ڪري فرمايو

جيڪڏهن تون مري وڃي تنهنجو وارث ڪير ٿيندو؟؟
حضرت ابو بڪر جواب ڏنو منهنجي اولاد (پٽ ۽ ڌيئر)

تنهن تي جناب سيده فرمايو ۽ اهيو ڪيئن ممڪن آهي تہ مان پنهنجي بابا جي وارث نٿي ٿي سگهان ۽ تنهنجي ڌيءَ تنهنجي وارث ٿيندي ؟؟؟

ڇا هي حڪم قرآن ۾ آيو آهي تہ مان پنهنجي بابا جي وارث نٿي ٿي سگهان ؟؟

انهي وقت دربار ۾ تمام گهڻا ماڻهو موجود هئا، جڏهن اهي جملا حضرت ابوبڪر پڏا پنهنجي مهر سان فدڪ جي سند جناب سيده جي حوالي ڪئي.
عين انهي وقت حضرت عمر مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ سيده جي هٿ ۾ فدڪ جي لکت ڏٺائين حضرت ابوبڪر کي چيائين هي ڇا آهي ؟؟؟

حضرت ابوبڪر جواب ڏنو مون هي لکي ڏنو آهي ته جناب سيده پنهنجي بابا جي وارث آهي ۽ اُن ۾ هو تصرف ڪرڻ جو حق رکي ٿي

حضرت عمر چيو هي ڇا ٿو ڪرين؟؟ فدڪ کي واپس ڪرڻ کان پوءِ تون پنهنجي حڪومت کي ڪيئن هلائي سگهندي؟؟؟ اُن کان پوءِ عمر سيده جي هٿ مان اُها لکت کسي ڪري اُنهي کي ڦاڙي ڇڏيو

انسان العيون السيره الحلبيہ ج 3 ص 488

شيعہ ڪتاب ۾ بيان ٿيو آهي ته حضرت عمر جناب سيده جي هٿن مان لکت کسڻ کان پوءِ جناب سيده جي رخسار مبارڪ تي چماٽ هئين (اسان ان ڪري سيده جي مصائبن تي گريو ڪندا آهيون ۽ ان جي دشمنن کان بيزاري جو اعلان ڪندا آهيون)

دربار کان خالي واپس وڃڻ کان پوءِ سيده سلام الله عليها تقريبا 6 مهينا زنده رهي ۽ انهن شيخين کان ناراض رهي

ايتري قدي جو جڏهن سيده جي هن رحلت ٿي ته سيده کي رات جو غسل، ڪفن ڏنو ويو ۽ نماز پڙهي وئي ،حضرت ابوبڪر ۽ عمر کي اطلاع بہ نہ ڏني وئي

هن مطلب کي ته جناب سيده انهن شيخين سان ڪلام نہ ڪيو ۽ انهن کي اطلاع ڏيڻ کان بغير دفنايو ويو هيٺين ڪتابن ۾ بيان ڪيو ويو آهي

صحيح بخارى ج 5 ص 288 ح 256 باب غزوه خيبر و ج 4 ص 177 و ص 178 ح 2 باب فرض الخمس
صحيح مسلم ج 5 ص 152 و 153 و 154 ڪتاب الجهاد و السير باب حكم الفي
الطبقات الكبرى ابن سعد ج 10 ص 28
شرح معاني الاثار ج 2 ص 4 و ج 3 ص 308
تاريخ الطبرى ج 2 ص 236

المستدرک علی الصحیحین حاکم نیشابوری ج 3 ص 178 ح 4764
السنن الکبری ج 6 ص300 و 396
حليہ الاولياء ج 2 ص 43
الاستيعاب ج 4 ص 1897
تهذيب الاسما و اللغات ج 2 ص 353
مجمع الزوائد ج 9 ص 211
اسد الغابہ ج 6 ص 226
الاصابہ ج 8 ص 60

جڏهن تہ اهلسنت جي نزديڪ هي حديث

**" اي فاطمہ جيتهن سان تون راضي هوتدين ان سان الله ۽ اُن جو رسول راضي هوتدو جيتهن سان تون ناراض هوتدي اُن سان الله ۽ اُن جو رسول ناراض هوتدو"**

الله تعالي سوره احذاب جي آيت نمبر 57 ۾ ارشاد فرمائن ٿا جيڪو خدا ۽ ان جي رسول کي ناراض ڪندو اُن جي لاءِ جهنم جي باه آهي

هاڻي اتي اهل علم کان هي درخواست آهي تہ هو ٿورو غور ۽ پنهنجي عقل سان سوچين تہ سيده سلام الله عليها انهن سان ناراض هئي انهن رسول الله جي نياڻي جي جنازي ۾ شرڪت بہ نہ ڪئي ۽ جنهن سان جناب سيده ناراض رهندي ان سان الله ۽ ان جو رسول بہ ناراض رهندو ۽ جهنم انهي انسان جي لاءِ آهي جنهن سان الله ۽ ان جو رسول ناراض هجن هاڻي فيصلو پنهنجي عقل سان ڪيو!!!!!

حديث

## اتنا معاشر الانبياء لانورث

## هن حديث جي بنياد تي سيده کي پنهنجي حق کان محروم رکيو ويو

واضح رهي تہ حضرت ابوبکر هن روايت جي ڪري جناب سيده کي وراثت کان محروم رکيو هن روايت کي دليل بڻائيندي جواز ڄاڻايو تہ انبياء جو ڪوبہ وارث ناهي هوندو

۽ مخالف فرقہ جا دوست تمام وڏي شد و مد سان پنهنجي ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ هن حديث کي رسول الله سان منصوب ڪندا آهن جنهن کي فقط خليفہ وقت حضرت ابوبڪر رضي الله ئي ٻڌو هيو

اگر چہ هاڻي هي ڪافي ٻين اصحابن جا نالا بہ ذڪر ڪندا آهن پر هن حديث جي حقيقت هن ريت آهي تہ هي حديث اُنهي وقت ئي حضرت ابوبڪر رضي الله ٻڌائي هئي جڏهن سيده هن کي پنهنجي حق طلب ڪيو هو

جڏهن تہ هي ثابت ٿي ويو آهي تہ مال في رسول الله جي ملڪيت آهي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله

عليہ وآلہ وسلم هن(فدڪ) مال کي سيده جي حوالي ڪيو هو رسول الله جي رحلت کان پوءِ اصحاب پيغمبر سيده کان هي حق کسي ورتو

هي رسول الله جي ملڪيت آهي ان تي اسان مٿي بحث ڪري آيا آهيون هي قرآن مجيد جي سوره حشر جي آيت نمبر 6 مان ثابت آهي ته هي مال رسول الله جو ذاتي هيو۔

ابوبڪر مدعي هيو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جناب سيده کي فدڪ ناهي بخشو بس فدڪ هن وقت به رسول الله جي ملڪيت آهي

رسول الله وفات ڪري ويو ۽ هي مال ارث طور باقي رهجي ويو

شريعت موجب جڏهن ڪنهن شخص جو انتقال ٿي ويندو آهي ته ان جي مال جو ڪو وارث هوندو آهي

۽ اهو مڪمل مال انهي وارث جي حوالي ڪيو ويندو آهي

سيده فاطمه اڪيلي اولاد باقي هئي جيڪا رسول الله جي مال جي وارث ٿيندي

پر حضرت ابوبڪر جو پڪو ارادو هيو ته سيده فاطمه کي فدڪ ناهي ڏيٽو

هاٽي ڪهڙي طرح سيده کي حق نه ڏنو وڃي هن سوچ ۾ مبتلا هئا

بس ابوبڪر رضي الله جي سوچ هن نتيجي تي پهتي ته هو رسول الله جو فرمان جعل ڪري **انا معاشر الانبيا لانورث** اسان انبياء ورثو ناهيون ڇڏيندا

ڪيتريون ئي صديون گذري ويون پر اڄ تائين ڪجهه اهڙا سوال آهن جن جا جواب اڃان تائين باقي آهن
اميد آهي ته هي دوست پنهنجي تحقيق سان انهن سوالن جا جواب ضرور پيش ڪندا

1. ڇا جي ڪري تمام صحابه ڪرام جي هجڻ جي باوجود هن حديث کي حضرت ابوبڪر رضي الله ئي ٻڌو؟؟؟؟؟جڏهن ته هن حديث کي ڪنهن ٻي ذڪر نه ڪيو آهي ممڪن

آهي ته مخالف دوست هن حقيقت کي تسليم نه ڪن چو جو انهن اڄ تائين پڙهو آهي ته هن حديث کي ٻين اصحاب به نقل ڪيو آهي پر هتي دليل تحت بيان ڪيان ٿو جن ذڪر ڪيو آهي ته هن حديث کي فقط حضرت ابوبڪر ئي پڙهو هو.

جلال الدين سيوطي تاريخ الخلفا ص 86
ڪتاب تاريخ دمشق ج 30 ص 311
الصواعق المحرقہ ص 19
ڪنزل العمال ج 5 ص 604 ح 1409
شرح المختصر ج 2 ص 58 و ص 59
المحصول فی علم الاصول ج 2 ص 180 ص 181
شرح المواقف ج 8 ص 355
المقصد الرابع و شرح المقاصد ج 5 ص 278

انهن تمام ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل آهي ته هن حديث کي فقط حضرت ابوبڪر ئي پڙهو هو ۽ پهرين مرتبہ سيده جي سامهون استدلال ڪندي بيان ڪيائين

هاڻي منهنجو اهل علم ۽ عقلمند دوستن کان عرض آهي ته هو پنهنجي اکين تان جهالت ۽ بغض اهلبيت جون پٽيون لاهن انهن کي انشاء الله حق واضح نظر اچي ويندو

انهن تمام ڪتابن جي مفسرن جو اتفاق آهي ته هن حديث **انا معاشر الانبيا لانورث** کي فقط حضرت ابوبڪر ئي نقل ڪيو آهي جڏهن ته هن جي ويجهي رهڻ وارا حضرت علي عليہ السلام ، سيده زهرا سلام الله علهيا ، چاچي عباس ايستائين جو حضرت عائشہ به رسول الله کان هن حديث جي باري ۾ نه پڙهو

حقيقت ۾ ٿيڻ ته ايئن گهرجي ها جو رسول الله هن حديث کي تمام اصحاب يا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ازداواج کي مخاطب ٿي ڪري فرمائن ها مان جلد هي دنيا ڇڏڻ وارو آهيان مان جيڪو ڪجه ڇڏي وڃان اهو صدقو هوندو اُنهي ۾ نه اوهان جو حصو هوندو ۽ نه منهنجي نياڻي فاطمہ جو حصو هوندو يعني نزاع ميراث کان بچڻ جي لاءِ فرمائي وڃن ها .

جڏهن ته اهل سنت جو اقرار آهي ته رسول الله پنهنجي زندگي ۾ تمام مسائل کان آگاه ڪري ويا ته هي ٻه انهن مسئلن مان هڪ وڏو ۽ اهم مسئلو هيو رسول الله جي مٿان لازم ٿئي پيو ته هو هن

مسئلي کي تمام اصحاب جي درميان مسجد نبوي ۾ بيان ڪن ها ته جيئن قرآن آيات جي ٽڪراءُ واري صورتحال پيدا نه ٿئي آهي

ٻي ڳالهه ته هن حديث جو ابوبڪر سان ڪهڙو ربط جو پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم هن کي ٻڌائي ويا ۽ جناب سيده کي منع نه ڪري ويا ته مونکان بعد اوهان ارث جو مطالبو نه ڪجو مان جيڪو به ڇڏي ٿو وڃان اهو صدقو هوندو ؟؟

اگر اسان فرض ڪيون ته هي حديث عام هئي يعني هن حديت جي خبر سيده کي به هئي ته بابا فرمائي ويا آهن ته مان جيڪو به ڪجھ ڇڏي ويندس اهو صدقو هوندو اُن جي باوجود به سيده حضرت ابوبڪر جي دربار ۾ اچي ڪري (معاذ الله) ڪوڙ تي پنهنجي پاڻ کي وارث ڪيائين ٻين لفظن ۾ (معاذالله) لالچ جي خاطر فدڪ کي طلب ڪيو!!!

ڪوبہ مسلمان هي نٿو چئي سگهي ته سيده ڪنهن لالچ جي خاطر فدڪ طلب ڪيو هو ۔ سيده فقط پنهنجو حق طلب ڪيو جيڪو سيده کي نه ڏنو ويو

واضح رهي ته اهلسنت جي وڏي مفسر جناب فخر رازي به هن روايت جي باري ۾ چيو آهي ته فقط حضرت ابوبڪر کان هي روايت جاري ٿي اُن کان پهران نه ڪنهن ٻڌي هئي نه وري ڪنهن هن جو ذڪر ڪيو هو

فخر رازي تفسير ڪبير ۾ ج 9 ص 218

پيون:
هي حديث **انا معاشر الانبيا لانورث** جنهن جي حضرت ابوبڪر رضي الله، رسول الله ڏانهن نسبت ڏئي رهيا آهن قرآني آيات جي خلاف آهي

ڇو جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي ته نبين جو ڪوبه وارث ناهي هوندو ۽ قرآن مجيد واضح طور تي فرمائي رهيو آهي ته انبياء جا وارث هوندا آهن جهڙي نموني سان سوره نمل جي آيت نمبر 16 ۾ حضرت سليمان عليه السلام حضرت داود عليه السلام جا وارث ٿين ٿا

۽ اهڙي طرح سوره مريم جي آيت نمبر 5 ۽ 6 ۾ حضرت ذڪريا عليه السلام پنهنجو ارث ڇڏين ٿا

هي ڪُلي قاعدو آهي ته جيڪو به قرآن جي خلاف هجي اُهو مردود هوندو آهي يعني قابل اعتبار نه هوندو آهي

**ٽيون:**

حضرت ابو بڪر ڪيتري قدر رسول الله جي حديثن تي عمل پيرا هئا؟؟ ڇا هي ٻئي حضرات جڏهن رسول الله جي رحلت ٿي رهي هئي رسول الله جي آخري فرمان قلم و قرطاس تي ڪيترو عمل ڪيو هو ؟؟؟

جڏهن ته انهن بزرگن جي دعوا هئي ته اسان جي لاءِالله جي ڪتاب ڪافي آهي پوءِ انهن کي ڪهڙي ضرورت پئي جو انهن حديث رسول جو سهارو ورتو؟؟؟

هي قرآن مان به استدلال ڪري سگهن پيان !!! هي ڪو گهٽ مسئلو نه هيو ؟؟ هن جو قرآن ۾ واضح ذڪر هجڻ گهرجي هاته جتي به واراث جو ذڪر ٿو آهي ان مان مراد وارثت معنوي آهي نه وارثت ظاهري !!!؟؟؟

حضرت عمر رضي الله حديث جي لکڻ کان انڪار ڪيو هيو ته اسان جي لاءِ الله جي ڪتاب ڪافي آهي آخر انهن کي ڪهڙي ضرورت پيش آئي جو انهن رسول الله جي حديث جو سهارو ورتو ؟؟؟؟؟

انهن سوالن جا تاريخي جواب اڄ تائين ڪنهن به پيش ناهن ڪيا پر تفسير براءِ ڪرڻ وارن لاءِ ڪابه شئي ناممڪن ناهي

محترم دوستو اوهان اسان جي مخالف دوستن جي تحرير ڪي بغور پڙهيو هوندو ته انهن پنهنجن تحرين ۾ ڪيتري قدر تعلويلن جو سهارو وتو آهي
ڪنهن جاءِ ته دوست هي چوندي نظر اچن ٿا ته جيڪڏهن حضرت سيده حضرت ابوبڪر کان ناراض ٿين ته اُن ۾ حضرت ابو بڪر جي ڪابه غلطي نه آهي ڇو جو سيده جي ناراضي بنا ڪنهن سبب جي هوندي ۽ حضرت ابوبڪر فدڪ جي مڪمل آمدني پنهنجي لاءِ يا پنهنجي اولاد لاءِ نه رڪندا هئا اُها بني هاشم ۽ ٻين مصارفن ۾ تقسيم ڪندا هئا
پر آخر ۾ اسان جي دوست بيان ڪيو

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*اهو ئي سبب اهي جو اسان هن معاملي ۾ حضرت بيبي سيده فاطمہ جي ناراضگي جو عذر تلاش ڪندا آهيون ڇاڪاڻ جو سندن نارضگي بنا ڪنهن سبب جي هئي.*

معاذ الله ثم معاذ الله سيده جي لاءِ اهڙي سوچ رکڻ ته هو بنا ڪنهن سبب جي ڪنهن کان ناراض رهي

جنهن تي پنهنجي بابا جو ايڏو وڏو ڀروسو هجي ڀاڻ فرمائي ويا تنهنجي رضايت منهنجي رضايت تنهنجي ناراضگي منهنجي ناراضگي آهي

جڏهن دوست ڇاڻي ويا ته سيده ناراض هئي ۽ سيده فدڪ واري مسئلي تي ئي ناراض هئي ته مختلف تعويلون پيش ڪري حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوسشش ڪري رهيا آهن

بحرحال اسان کي دوست يقين ڏياري ڇڏيو ته سيده انهن کان ناراض هئي اسان جو مطلب ثابت ٿي ويو ۽ اسان رسول الله جي فرمان تي عمل ڪندي ته جنهن کان تون راضي ان کان مان راضي آهيان جنهن کان تو ناراض آهين اُن کان مان ناراض آهيان
مان هن جا تمام حوالا مٿي ذڪر ڪري آهيو هيان ته سيده انهن کان ناراض هئي پر آخر ۾ دوست به ان ڳالهه جو اقرار ڪري منهنجي يقين ۾ اضافو ڪري ڇڏيو

خدا وند عالم حق جي طلبدارن کي صحيح رستو ڏيکاري ۽ اسان کي سڌي رستي تي قائم رکي آمين

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 26 ڊسمبر 2014

26 ڊسمبر 2014

2 ڇڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**Naqash Akhtar**

نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

> *جڏهن رسول الله پنهنجي نياڻي کي هڪ غلام تنو ڏئي سگهي ٿ اهو باغ فدڪ ڪيئن ڏئي سگهي ٿو*

بار بار وضاحت ڏي ڪجي ته اسان ڪاٿي به نه لکيو آهي ته حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم غلام يا باغ نه ٿا ڏئي سگهن ....
نه ڏيڻ (مصلت يا اختيار يا حڪمت عملي يا ارادي سان هوندو آهي)
نه ڏئي سگهڻ (ڪمزوري يا بي اختياري يا بي بسي ڪان هوندو آهي) پوءِ ڇا معاذالله پياري آقا کان اهڙي ڳالهه تصور به ڪري سگهجي ٿي ؟؟؟؟
اگراهڙي ڪا ڳالهه اسان لکي هجي ته مهرباني ڪري اقتساب ۾ پيش ڪيو !!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!
باقي فضول جا الزام نه هٽوووووووووووو

26 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**

نئون رڪن

ادا ارشاد علي چانڊيو لکيو آهي :

هن آيت ۾ به واضح لکيل آهي ته اهو مال الله لاءِ ان جي رسول جي لاءِ به آهي

هن آيت سڳوري جو ترجمو توهان صحيح ۽ واضح ڪيو آهي، هاڻي ٿورو غور به ڪيو (۽ ان جي رسول جي لاءِ به آهي) . ايئن نه آهي ته (۽ ان جي رسول جي لاءِ ئي آهي) ،،،، ڇا ڪاڻ ته الله تعاليٰ جو حڪم به اهو ئي آهي ۽ برابر برابر مصارف به بيان ڪيا ويا آهن. ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته حضور اڪرم مال فيءِ کا پنهنجي لاءِ ئي مخصوص ڪن ۽ ان مال کي ٻين کان (جيڪي مصارف بيان ٿيل آهن) روڪي ڇڏن ........

(ترجمو : سوره حشر 6_7)

**۽ انهن جي مال مان الله جيڪو سندس رسول جي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان گهوڙا يا اٺ ڪو نه ڊوڙايا هئا پر الله پنهنجي رسولن کي جنهن تي وڻيس غالب ڪندو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن ڳالهه تي وس وارو آهي"**

**ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر جي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ ڇورن ٻارن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي.**

**غور طلب ...**

**مٿين آيتن ۾ جيڪا تخصيص ڪئي وئي آهي ۽ مال فيءِ ۾ ٻين جي اختيارن جي جيڪا نفي ٿيل آهي اها انهن مجاهدن جي لاءِ نفي آهي جيڪي جهاد ڪري پوءِ مال غنيمت جو حصو وٺندا هئا، نه ڪي انهن جي نفي آهي جيڪي ان مال جا حقدار آهن (يعني رسول پاڪ جا قرابتدار يتيم، مسڪين ،مسافر).**

توهان هڪ پل اها پيا ڪيو جو مال فيءِ جي نفي ۾ يتيمن، مسڪينن ۽ مسافرن کي به شامل ٿا ڪيو ، جيڪا قرآن جي روءِ سان صريح غلط ۽ باطل آهي

حقيقت ۾ ته هي سڄو جهان پياري آقا عليه السلام جي اختيار ۽ انهن جي ئي ملڪ آهي، پر حضور پاڪ جيڪو به فعل سر انجام ڏيندا هئا اهو خدائي حڪم سان ئي هوندو هيو ....... ۽ خدائي حڪم هن آيت سڳوري ۾ واضح آهي.

26 ڊسمبر 2014

**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

راشد علي چانڊيو لکيو آهي: ↑

*مخلتف تاريخ جي ڪتابن مان هي واضح آهي ته فدڪ فقط سيده فاطمہ سلام الله عليها لاءِ مخصوص هيو جنهن کي وقت جي خليفي جعلي حديث جي ذريعي سان ڪسي ورتو*

انهن تاريخن جي ڪتابن جا نالا ء متن پيش ڪيو ...........

26 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

*سيده رسول الله جي اڪيلي نياڻي هئي فدڪ اَن جو ئي حق ٿيو*

اها توهان جي (اهل تشيع ) تاريخ پئي چوي، نہ ڪي اهل سنت جي مستند تاريخ .... انهن تاريخن جو بہ ذڪر ڪيو جنهن جو اوهان ذڪر ڪري رهيا آهيو .......

26 ڊسمبر 2014

**Naqash Akhtar**



نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

> *هر زمين يا مال جيڪو بغير ڪنهن جنگ جي هٿ اچي اهو فقط ئي فقط رسول الله جو حصو هوندو آهي اَن مال کي " في" چيو ويندو آهي جيهن جو مسلمانن جي بيت المال سان ڪوبہ تعلق ناهي هوندو .*

توهان قرآن پاڪ جي آيت جي بار بار غلط تشريح ڪري رهيا آهيو

26 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

راشد علي چانديو لکيو آهي: ↑

> فدڪ کي رسول الله پنهنجي نياڻي سيده کي الله تعالي جي حڪم(وآته ذي القربي حقه) سان بخشو هيو ان ڪري فدڪ سيده جي ملڪيت ٿي وئي .

پياري آقا عليه السلام کي ٽي نياڻيون هيون ، پر نياڻين سڳورين جي توهان بغير دليل جي نفي ڪري رهيا آهيو .......

26 ڊسمبر 2014

2 ڇڻن هيء پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

محترم دوستو... ادا راشد علي چانڊيو صاحب پنهنجن موجوده جوابن ۾ بيشمار غلطيون ۽ ڪوڙيون تشريحون پيش ڪيون آهن. ڪافي جاين تي بغض صحابہ ۾ سخت جملن جو استعمال بہ ڪيو ويو آهي.

دوست اها ڳالهہ بہ نوٽ ڪن تہ سندس تحرير ۾ صرف فدڪ نہ پر بيا بہ ڪئين اعتراض بيان ڪيا ويا آهن. هي عادت يا روايت ڪا نئين نہ آهي. اڪثر مضمونن ۾ بحث دوران جتي بہ ڪين موقعو ملندو آهي اتي ايئن ِئي مختلف اعتراض ڳڍائي پاڻ ڪي حق تي ثابت ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون ويندي‌ون آهن.

الله پاڪ جا لک احسان آهن جو "مال في" جو مصرف صاف صريح لفظن ۾ قرآن پاڪ ۾ بيان ڪري ڇڏيو اٿس. قيامت تائين ڪنهن بہ انسان کي اها طاقت نہ آهي جو انهن لفظن ۾ ڪا ذري بہ تبديلي ڪري سگهي۽ اها بہ الله پاڪ جي مهرباني آهي جو انهن لفظن ۾ معنوي تحريف ڪرڻ بہ ڪنهن جي لاۀ ممڪن نہ آهي.

جيتوڻيڪ ادا راشد علي چانڊيو صاحب کي تفصيلي تحقيقي جواب ڏنو ويندو في الوقت مان قرآن پاڪ ۽ نبي سڳورن جي وراثت جو مسئلو تفصيلي طور تي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاۀ اردو ۾ لکيل هي تحقيقي مقالو پيش ڪري رهيو آهيان جنهن ۾ شيعہ مڪتبہ فڪر جي عالم سڳورن جا غلط استدلال دليلن سان سندن ئي معتبر ڪتابن جي حوالن سان رد ڪيا ويا آهن..!!



**قرآن حکیم فرقان مجید اور مسئلہ توریث انبیاء**

شیعہ توریث انبیاء کے قائل ہیں اور اس کیلئے قرآن مجید کی کئی آیات کو بطور دلیل پیش کرتے ہیں جس کا عمدہ جواب تحفہ امامیہ میں موجود ہے، جسے ہم یہاں نقل کر رہے ہیں:

۱. ﴿يُوصِيكُمُ اللَّهُ فِي أَوْلَادِكُمْ لِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْأُنثَيَيْنِ﴾

اللہ تم کو تاکید کرتا ہے اولاد کے متعلق کہ لڑکے کو لڑکی کا دوہرا حصہ ملے گا۔

۲. ﴿لِلنِّسَاءِ نَصِيبٌ مِّمَّا تَرَكَ الْوَالِدَانِ وَالْأَقْرَبُونَ﴾

عورتوں کا بھی حصہ ہے جو والدین اور قریبی چھوڑ کر مریں۔

۳. ﴿وَلِكُلٍّ جَعَلْنَا مَوَالِيَ مِمَّا تَرَكَ الْوَالِدَانِ وَالْأَقْرَبُونَ﴾

ہر ایک (مسلمان) کیلئے ہم نے وارث بنائے اس ترکہ کے جو ماں باپ اور رشتہ دار چھوڑ جائیں۔
کہتے ہیں کہ یہ آیتیں توریث اولاد میں عام ہیں اور انبیاء کو بھی شامل ہیں جیسے دیگر احکام۔

**الجواب** : الفاظ تو عام ہیں مگر عام مخصوص عنہ البعض ہیں اور بالاتفاق سنی شیعہ علماء اصول چار قسم کے لوگوں کو وراثت نہیں ملے گی۔ کافر و مرتد اولاد کو، قاتل اولاد کو، غلام اولاد کو، ولد لعان کو۔ اہل سنت کی سراجی اور شیعہ کی شرائع الاسلام میں ہے المانع من الارث اربعة الرق و القتل و الارتداد و اللعان۔ فقہ شیعہ کی کتاب جامع المسائل ص ۳۶۵ میں ہے (موانع ارث قتل کفر اور غلامی اور لعان ہیں)۔ یہ موانع قرآن پاک میں صراحتاً نہیں بلکہ اخبار آحاد احادیث سے ماخوذ ہیں۔ جب ان احادیث سے تخصیص ہوگئی تو علماء اصول فقہ کا یہ قاعدہ بھی ہے کہ عام میں پھر وہ قطعیت باقی نہیں رہتی کیونکہ احتمال ہے کہ کسی خاص خبر واحد سے اور افراد بھی خارج ہو جائیں (اصول الشاشی و نور الانوار) نیز تیسری آیت میں کل اضافی مراد ہے جیسے ملکہ بلقیس کے محدود شاہی ساز و سامان کے متعلق آیا ہے وَ اُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ (پ ۱۹) بنا بریں ہم کہتے ہیں کہ حدیث نفی میراث حسب تصریح سابق سنی و شیعہ کی متفقہ اور اجلہ صحابہ کرامؓ کے اجماع سے مروی ہے۔ اسے خبر واحد نہیں بلکہ خبر مشہور اور تواتر معنیٰ وطبقہ کا درجہ حاصل ہے۔ لہٰذا اس سے تخصیص درست ہے اور پیغمبر علیہ الصلوٰۃ والسلام اس حکم سے خارج ہیں جیسے فَانْكِحُوْا مَاطَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ (پس نکاح کرو جو عورتیں تم کو پسند ہوں چار تک) کے تحت آپ ۹ عورتوں کی پابندی سے خارج ہیں۔ کہا جاتا ہے کہ چار سے زیادہ کی اجازت کی تخصیص ایک دوسرے آیت يَآ اَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَا لَكَ (احزاب ع۷) سے ماخوذ ہے تو آیت کی تخصیص آیت سے ہوئی، مگر یہ قلتِ تدبر کا نتیجہ ہے کیونکہ سورۃ نساء مدنی زندگی کے اوائل میں نازل ہوئی اور سورت احزاب غزوہ خندق ۵ھ کے بعد نازل ہوئی اور اس وقت آپ ۴ سے زائد متعدد شادیاں کر چکے تھے۔ آیت اِنَّآ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِىْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ (بے شک ہم نے حلال کی ہیں آپ کیلئے وہ عورتیں جن کے مہر آپ دے چکے الخ) نے تو ان سابقہ نکاحوں کی صحت اور لوگوں کے شبہات کا ازالہ فرمایا بلکہ مزید نکاحوں پر پابندی لگا دی۔ لَا يَحِلُّ لَكَ النِّسَآءُ مِنْ بَعْدُ وَلَآ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ (اس کے بعد آپ کو اور عورتیں حلال نہیں اور نہ ان ازواج میں آپ ردوبدل کر سکتے ہیں، اگر چہ آپ کو اوروں کا حسن پسند ہو۔ بجز باندیوں کے) الحاصل جیسے فَانْكِحُوْا کے حکم سے آپ مستثنیٰ ہیں اسی طرح آیت میراث سے بھی آپ مستثنیٰ ہیں۔

۴. ﴿رَبِّ هَبْ لِىْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا يَّرِثُنِىْ وَيَرِثُ مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا﴾

اے اللہ! میرے اپنی جانب سے بخش دے ایسا ولی جو میرا وارث بنے اور آل یعقوب کا بھی اور اللہ اس کو پسندیدہ بنا۔

۵. ﴿وَوَرِثَ سُلَيْمٰنُ دَاوٗدَ وَقَالَ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ وَاُوْتِيْنَا مِنْ كُلِّ شَىْءٍ﴾

اور حضرت سلیمانؑ داؤدؑ کے وارثؑ بنے تو فرمایا اے لوگو! ہمیں پرندوں کی بولیاں سکھائی گئی ہیں اور ہر چیز دی گئی ہے (یہ تو اللہ کا کھلا انعام ہے)

شیعہ کا خیال ہے کہ دونوں آیتوں میں اور پہلی آیت میں دونوں جگہ وراثت سے مال مراد ہے کیونکہ حسن بصریؒ نے یہ تفسیر کی ہے اور ابن عباسؓ اور ضحاک کا بھی یہ قول ہے (تفسیر فخر الدین رازی ج ۲۱ ص ۱۸۴)

نیز "رضیا" پسندیدہ کا لفظ چاہتا ہے کہ وہ وارث غیر نبی ہو نبی کیلئے اس دعا کی حاجت نہیں خِفْتُ الْمَوَالِىَ چچازادوں سے خوف ضیاع نبوت کی وجہ سے نہیں ہو سکتا۔ مال کی وجہ سے ہوتا ہے۔ بعض تفاسیر میں ہے کہ حضرت سلیمانؑ نے ایک ہزار گھوڑے باپ سے وراثت میں پائے۔ نیز لفظ ارث کا استعمال مال میں حقیقتاً ہے اور باقی چیزوں میں مجازاً۔ جب تک حقیقت متعذر نہ ہو مجاز مراد لینا درست نہیں۔

**الجواب** : شیعہ مذہب کی رو سے آیات بالا کی یہ تفسیر اجتہاد فی مقابل النص ہونے کی وجہ سے مردود ہیں۔ اس لیے کہ جب ان آیات کے مصداق کی تعیین آئمہ معصومین سے ہو چکی ہے پھر ادھر اُدھر کی باتیں نکالنا کیا معنیٰ؟

امام جعفر صادقؒ سے روایت ہے:

ان سليمان وورث دائود ان محمدا وورث سليمان وانا ورثنا محمدا وان عندنا علم التورة والانجيل والزبور وتبيان ما فى الالواح (اصول كافى ص ۲۲۵)

بلاشبہ سلیمانؑ ہی وارثِ داؤدؑ بنے اور حضرت محمدؐ سلیمانؑ کے وارث بنے اور ہم محمدؐ کے وارث ہوئے۔ بیشک ہمارے پاس تورات انجیل زبور اور الواح موسیٰ کی تفصیل کا علم ہے۔

دوسری حدیث میں ہے کہ امام جعفر صادقؒ نے فرمایا حضرت داؤد انبیاءؑ کے علم کے وارث ہوئے۔

وان سلیمان وورث دائود وان محمدا ﷺ ورث سلیمان وانا ورثنا محمدا ﷺ وان عندنا صحف ابراھیم والواح موسیٰ

(ایضاً ص ۲۲۵) باب ان الأ ءة ورثوا علم النبی وجمیع الانبیاء (الانبیاء)

حضرت سلیمان داؤد (علیہما السلام) کے وارث بنے اور حضرت محمدؐ سلیمانؑ کے وارث ہوئے اور ہم حضورؐ کے وارث بنے ہوئے۔ بیشک ہمارے پاس ابراہیمؑ کے صحیفے اور حضرت موسیٰؑ کی تختیاں ہیں۔

حضرت زکریا علیہ السلام کی وراثت کے متعلق امام باقرؒ کا ارشاد ہے:

ثم مات زکریا فورث ابنہ یحیٰ الکتاب والحکمة واتیناہ الحکم صبیا (اصول کافی ج ا ص ۳۸۲)

پھر زکریاؑ فوت ہوئے تو ان کے صاحبزادے یحیٰؑ کتاب اور حکمت کے وارث بنے اور ہم نے ان کو حکم بچپن میں ہی دے دیا تھا۔

کیا پہلی دو احادیث کی روشنی میں حضرت داؤدؑ کی وراثت کا سلیمانؑ کو انتقال اور پھر حضورؐ اور آئمہ اہل بیت تک پہنچنا وراثت علمی وپیغمبری یقینا ثابت نہیں ہوئی۔

ان کے مقابل حسن بصری کا قول کیا حقیقت رکھتا ہے۔ ہزار گھوڑے پانا شاہی ترکہ بطور حکومت مراد ہے نہ کہ ذاتی وراثت۔ حضرت داؤد تو خانگی نفقہ کیلئے زرہ بنا کر بیچتے تھے۔ کیا اس معمولی مزدوری سے وہ ایک ہزار اعلیٰ نسل کے گھوڑے خریدتے یا پاک سکتے تھے؟ پھر کل ۱۸ بیٹے تھے تو اٹھارہ ہزار گھوڑے ہوں تب فی بیٹا ایک ہزار گھوڑے تقسیم میں ملے۔

قرآن پاک میں وَوَرِثَ سُلَيْمَانُ دَاوٗدَ دائود کے بعد فَقَالَ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمْنَا مَنْطِقَ الطَّيْرِ. الایۃ کیا یہ وراثت علمی پر قطعی دلیل نہیں ہے؟ اگر وراثت مالی ہوتو بقیہ ۱۸ بیٹے بھی بدستور حضرت سلیمان کا ذکر خاص بلندرتبی کی وجہ سے ہے۔ لغو ہے۔ کیونکہ یہ بلندرتبی نبوت اور سیاست میں والد ماجد کی جانشینی سے ملی ہے تو وراثت نبوت وسیاست ثابت ہوگئی۔ فہوالمقصود

علامہ رازی نے تفسیر میں پانچ قول لکھے ہیں۔ مفید مطلب ایک قول کو شیعہ لے اڑاتے ہیں حالانکہ اس کا مطلب یہی ہے کہ نبوت اور شاہی خزانوں اور اموال کے جانشین ووارث حضرت سلیمانؑ ہی ہوئے تو ذاتی مال کی وراثت باطل ہوئی اور پھر اس کے شخص واحد میں انحصار نے نبوت وحکومت کیلئے مخصوص کردیا۔

یہ کہنا کہ ''نبوت تو حضرت سلیمانؑ کو اس سے پہلے بھیڑوں کا قضیہ چکاتے وقت ملی ہوئی تھی تو وراثت مالی مراد ہے''۔ درست نہیں کیونکہ اس وقت آپ نابالغ بچے تھے۔ احکام شرعیہ ہی کے مکلّف نہ تھے۔ چہ جائیکہ نبوت کے منصب عظیم کے بالفعل حامل ہوں۔ ہاں نبوت کے تحمل کیلئے فطری استعداد اور عقل وفراست کا اعلیٰ درجہ حاصل تھا پھر تفہیم خداوندی نے سونے پر سہاگہ کر کے وہ بہتر فیصلہ آپ سے کروادیا۔ اس وقت حکمت اور علم سے یہی مراد ہے۔ علاوہ ازیں منصب نبوت کیلئے نامزد ہونا یا موصوف ہونا اور بات ہے اور بالفعل فرائض نبوت کو تعلیم تبلیغ، جہاد، سیاست امت وغیرہ میں ادا کرنا اور بات ہے۔ حضرت داؤد کے جانشین اور وارث بننے میں فرائض نبوت اور ادائیگی سیاست امت مراد ہے جو پہلی بات کے منافی نہیں۔

حضرت زکریا علیہ السلام کی وراثت نبوت تو اور واضح تر ہے۔ امام باقرؒ کے الفاظ کہ ''حضرت زکریاؑ کی وفات کے بعد آپ کے بیٹے یحیٰؑ کتاب وحکمت کے وارث ہوئے اور ہم نے ان کو حکم بچپن میں عطا کردیا تھا'' کا آیت کریمہ کے ان الفاظ سے موازنہ تو کریں يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا اے یحیٰ! مضبوطی سے کتاب پکڑلو اور ہم نے ان کو بچپن میں ہی حکم دے دیا''۔ کیا بارشادِ امام وراثت علمی وپیغمبری متعین ہونے میں اب بھی کوئی شک وشبہ باقی ہے؟

لفظ ارث ہر ایک میں (بطور حقیقا) مستعمل ہے، جیسے مال کیلئے وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ (اور تم کو وارث بنادیا ان کی زمینوں، مکانوں اور مالوں کا) علم کیلئے وَاَوْرَثْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْكِتٰبَ (ہم نے بنی اسرائیل کو کتاب کا وارث بنایا) العلماء ورثة الانبیاء (علماء ہی انبیاء کے وارث ہیں) وان الانبیاء لم یورثوا درهما ولا دینارا (انبیاء دراہم ودنانیر کی وراثت نہیں چھوڑتے) حکومت اور نبوت کیلئے وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ وَسُلَيْمٰنَ عِلْمًا (اور بلاشبہ ہم نے داؤد وسلیمانؑ کو علم عطا کیا)۔

معنوی خصائل کیلئے جیسے کہا جاتا ہے اورثنی ھذا غماد حزنا (اس ناچیز نے میرے اندر غم اور فکر چھوڑ دیا ہے) پھر امام رازی فرماتے ہیں کہ پختہ بات یہ ہے کہ یہ لفظ ان تمام معانی کا احتمال رکھتا ہے...... اور سب سے بہتر یہ ہے کہ اس وراثت سے مراد ہر وہ چیز ہو جس میں دین کی بہتری اور نفع ہو اور یہ نبوت، علم، سیرت حسنہ، حکومت

برائے نفع دینی اور دین کیلئے کام آنے والا مال سب کو شامل ہے۔ (تفسیر رازی پ ۱۶ ص ۱۸۴) پھر اس سے زیادہ وضاحت اور مالی وراثت کا ابطال وَوَرِثَ سُلَيْمَانُ دَاوٗدَ کے پ ۱۹ ص ۱۸۶ پر علامہ رازی نے کر دیا ہے۔

قارئین کرام! اس تفصیل سے شیعہ کی خیانت اور سینہ زوری کا پتہ چل گیا کہ صرف ایک قول کو لے کر اپنا الو سیدھا کرتے اور مفسر علیہ الرحمۃ کا اپنا فیصلہ چھوڑ دیتے ہیں۔ یہاں سے یہ بھی واضح ہو چکا کہ ان تمام معانی میں یہ لفظ بطور حقیقت شائع ہے تو وراثت غیر مالی کو مجازی کہنا باطل ثابت ہوا۔ ہاں فقہاء کی اصطلاح میں زیادہ تر اس کا استعمال منقولات عرفیہ کی طرح وراثت مالی میں پایا جاتا ہے۔ بالفرض اسے مجاز تسلیم کیا جائے تو عموم مجاز ہے جو حقیقت کی مانند شائع و ذائع ہوتا ہے۔ مثلاً

ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ (پ ۲۲، ع ۱)

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَّرِثُوا الْكِتٰبَ (پ ۹ ع ۱۱)

اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ (پ ۲۵ ع ۳)

اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ يُوْرِثُهَا (پ ۹ ع ۵)

وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (پ ۴ ع ۹)

رہا یہ شبہ کہ مجاز میں استعمال کیلئے داعیہ چاہیے تو داعیہ یہ ہے کہ معصوم کے قول کو جھوٹ اور نامناسب بات سے بچانا ہے۔ اگر حضرت زکریا علیہ السلام کی دعا کا منشاء یہ ہو کہ میرے مال کے وارث چچا زاد بھائی ہیں، ان سے مجھے مال ضائع کرنے کا اندیشہ ہے۔ مجھے ایسا فرزند عطا فرما جو میرے مال کا وارث بنے تو ایک پیغمبر کی طرف اس کی نسبت بھی معیوب ہے۔ انبیاء کا ذہن دنیا کیلئے حریص یا متفکر نہیں ہوتا۔ بالفرض اگر وہ موالی برے ہوں اور برائی میں مال خرچ کرنے کا اندیشہ ہو تو یہ بھی مفید نہیں، کیونکہ جب ان تک وراثت پہنچے گی وہ خود مالک ہوں گے اور بھلائی برائی کے ذمہ دار ہوں گے۔ حضرت زکریاؑ کی ملکیت میں مال نہ رہے گا، پھر تفکر کا کیا فائدہ؟ ہاں نبوت و تبلیغ کے متعلق اندیشہ درست ہے۔ ممکن ہے وہ نا اہل ثابت ہوں اور پیغمبری کے لائق نہ ہوں تو یہ میری اور آل یعقوب کی نعمت نبوت ضائع ہو جائے گی۔ تو الٰہی مجھے وارث عطا فرما۔ آج گئے گزرے دور میں بھی جو اولوالعزم قسم کے خاندانی شریف ہوں اور مخصوص فن یا کمالات میں شہرت رکھتے ہوں وہ اولاد اس لیے نہیں مانگتے کہ ہمارے کمائے ہوئے مال و جائیداد یا مکانات کے مالک بنیں بلکہ وہ اپنے ہنر اور فن کے بقاء، خاندان کی عظمت و شہرت اور باپ دادے کی اقدار کو زندہ رکھنے کیلئے اولاد مانگتے ہیں۔ عالم کی اولاد عالم ہو، مرشد روحانی کی اولاد متقی و پرہیزگار ہو، معلم و پروفیسر کی اولاد علم دوست اور استاذ بنے، تاجر کی اولاد تاجر بنے، زمیندار کی اولاد زمیندار اور کھیتی باڑی میں دلچسپی لینے والی بنے ہر ایک کو یہی تمنا اور آرزو ہوتی ہے اور اسی فن و ہنر میں جانشینی کیلئے اولاد مانگتا یا اس کی تربیت کرتا ہے۔ اگر کسی کی اولاد اس کے ہنر و کمال میں وارث نہ بنے خواہ مال و دولت یا دیگر امور میں بڑھ ہی کیوں نہ جائے باپ کی نظر میں وہ نا خلف ہی ہوتے ہیں۔ اس حقیقت کے پیش نظر حضرت زکریاؑ جیسے بڑھئی پیشہ غریب پیغمبرؑ نبوت کا وارث بننے کیلئے دعا مانگیں تو زیادہ بہتر ہے یا تیشہ آری جیسے آلات نجاری کو سنبھالنے کیلئے بیٹا مانگیں تو وہ ان کی شان کے لائق ہے اور وہ بھی محض اس خدشہ سے کہ چچا زاد اولاد یہ ہتھیار نہ لے لیں۔ شیعہ کو اللہ تعالیٰ عقل و فہم نصیب کرے۔ ان کو حضرت ابو بکرؓ سے دشمنی میں آ کر انبیاء کرامؑ کیلئے کتنی گھٹیا سوچ کرنی پڑی ہے۔ آخر ایک مزدور پیشہ پیغمبر کے پاس ضروریات زندگی سے زائد بچت آ کہاں سے گئی اور زائد ضرورت کمانے سے ان کو فرصت کیسے ملتی تھی پھر وہ سیرت انبیاءؑ کے برعکس پس انداز کر کر کے اتنا خزانہ جمع کیسے کر چکے تھے، جس کا ضیاع کا بنی اعمام کے ہاتھوں اندیشہ پیدا ہو گیا تھا۔ رہا یہ شبہ کہ انبیاء تو خدائی پسندیدہ ہوتے ہیں وَاجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا کی دعا تحصیل حاصل ہوئی تو وضاحت یہ ہے کہ یہ صفت کشف حال اور وضاحت مقصد کیلئے ہے۔ صفت احترازی نہیں ہے۔ اسی سورت میں حضرت اسماعیل علیہ السلام کے متعلق ہے وَكَانَ عِنْدَ رَبِّهٖ مَرْضِيًّا کہ وہ اپنے رب کے ہاں پسندیدہ تھے۔ سورۃ ص میں انبیاء علیہم السلام کی ایک جماعت کے متعلق ارشاد ہے وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ بے شک وہ ہمارے ہاں بہترین چنے ہوئے بندوں سے ہیں اِجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا کی دعا ایسے ہی ہے جیسے حضرت ابراہیم علیہ السلام نے وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ (اے اللہ ان میں سے ایک رسول بنا) کے بعد يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ (جو تیری آیتیں ان پر پڑھے اور ان کو کتاب و حکمت) سے وضاحت فرمائی۔ کیا لفظ رسول کافی نہیں تھا؟ کوئی ایسا بھی ہوتا ہے جس کا فریضہ تلاوت آیات اور کتاب و حکمت کی تعلیم و تزکیہ نہ ہو؟ جیسے حضرت موسیٰ علیہ السلام نے وَاجْعَلْ لِّيْ وَزِيْرًا مِّنْ اَهْلِيْ هٰرُوْنَ اَخِي اشْدُدْ بِهٖۤ اَزْرِيْ (ہارونؑ میرے بھائی کو میرا وزیر بنا اور میری کمر اس سے مضبوط کر) کے بعد وَاَشْرِكْهُ فِيْۤ اَمْرِيْ (اور اس کو میرے کام میں شریک کر) سے اپنے مدعا کی وضاحت فرمائی۔ جیسے یہاں تحصیل حاصل لازم نہیں آتی اسی طرح رَبِّ رَضِيًّا سے بھی نہیں آتی۔ یہ بھی ممکن ہے کہ ان الفاظ سے مقبول و معزز عند الناس ہونے کی دعا کہ ہو۔ چنانچہ وہ

مقبول بھی ہوئی جیسے آل عمران میں ارشاد ہے مُصَدِّقًا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّنَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ (آپ کو یحییٰ کی بشارت ہو جو خدا کے کلمہ یعنی عیسیٰؑ کی تصدیق کریں گے اور لوگوں میں سردار، پاک دامن اور نیک پیغمبروں سے ہوں گے)۔ وللہ الحمد

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح سمجهہ عطا ڪري. آمين.

26 ڊسمبر 2014

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)

< پويون 1 2 3 4 5 6 ← 9 ايندڙ >

فورم > مذهب > اسلام ۽ ٻيا

Forum software by XenForo™
Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse.

# فدڪ





راشد علي چانڊيو
سينيئر رڪن

محترم دوستو برادر ممتاز قريشي منهنجي مٿين تحرير تي پنهنجا روايتي اعتراض ڪيا آهن مون مٿي ڪنهن به آيت يا حديث کي تفسير براءِ سان بيان ناهي ڪيو پر ان جي مخالف اوهان دوستن جون تحريرون غور سان پڙهي ڏسو انهن ڪيتري قدر قرآن جي تفسير براءِ ڪئي آهي

ها جيڪا حقيقت هوندي آهي اها دوست کي تمام ڏکي محسوس ٿيندي آهي منهنجي مٿين مضمون ۾ ڪا به ڪوڙي حقيقت نه آهي باقي اسان جا دوست حقيقت کي ٻڌي ڪري الزام تراشي ڪن ته انهي جو اسان وٽ ڪوبه جواب ناهي

مٿين تحرير تي اسان جي دوست پنهنجو حاشو لڳائيندي تحرير کي بغض صحابه جي طرف موڙي ڇڏيو آهي، حقيقت هي آهي هي موضوع ٻين موضوعن کان وڌيڪ حساس آهي هن موضوع جي ثابت ٿيڻ سان عدالت صحابه تي آڱريون ته کيون ويندون

مٿين تحرير ۾ مون قرآني آيات جي غلط تشريح بيان ناهي ڪئي جيڪي مفسرن لکيو آهي اهو لکيو ويو آهي اگر انهن جي تفسير ادا سائين وارن جي نقصان ۾ هجي ته اُنهي ۾ بغض يا ڪوڙ نه هوندو آهي

فدڪ ۾ سيده کي رنجايو ويو سيده انهن سان آخري وقت تائين ڪلام نه ڪيو رسول الله جي حديث مطابق جيڪو سيده کي رنجائيندو اُن مون کي رنجايو در حقيقت انهن رسول الله کي رنجايو هي

ان ڳالهه کي اوهان به تسليم ڪيو آهي ته سيده ناراض هئي پر بغير ڪنهن ڳالهه جي !!!
ادا سائين سيده بغير ڪنهن ڳالهه تي ناراض ٿئي هي سيده جي عصمت جي خلاف آهي سيده جي فضيلت جيڪا بيان ٿيل آهي اُهڙو ڪوبه منظر ذڪر ناهي ٿيو جو سيده ڪنهن سان به بغير ڪنهن وجهه جي ناراض ٿي هجي

محترم دوست منهنجي تحرير مٿان اشڪال ڪندي لکيو ته مون فدڪ سان گڏ ڪيئي ٻيا به اعتراض بيان ڪيا آهن

منهنجو دوست ڪان عرض آهي! ڇا هن تحرير ۾ من و عن فدڪ فدڪ فدڪ ذڪر ٿيل هجي ؟؟؟ ڇا لوازمات يان اڳيان پويان وارن حوادثات ذڪر ڪرڻ سان ٻيا اعتراض شمار ٿيندي ؟؟؟

انهن سيده کي پنهنجو حق نہ ڏنو سيده انهن کان ناراض ٿي هن جو فدڪ سان تعلق ناهي ؟؟؟؟

جنهن سان سيده ناراض ٿئي اُن سان الله ۽ ان جورسول ناراض ٿيندو هي حقيقت فدڪ سان تعلق نٿي رکي ؟؟ هي فدڪ جيڪو سيده جو حق هيو ڏين ها تہ پوءِ هي اعترض انهن جي مٿان اچي هي ؟؟

ممڪن آهي تہ اوهان هن اعتراض کي تہ انهن حديث قرطاس جي مخالف ڪئي ۽ پوءِ وري انهن بجاءِ قراني استدلال جي جعل ڪيل حديث جو سهارو ورتو !!!

**انا معاشر الانبيا لانورث** تي اسان جو اعتراض آهي جنهن اعتراض کي تاريخ بہ قبول ڪري ٿي ، ڇا هن جو بہ فدڪ سان تعلق ناهي ؟؟؟

هي بہ فدڪ جي قريب قريب اعتراض آهي

محترم ياءُ مال في جو مصرف قرآن پاڪ ۾ موجود آهي پر اوهان واري تفسير براءِ سان موجود ناهي مال في رسول الله جي ملڪيت هئي جنهن کي قرآني آيات ۽ مفسرن جي تفسيرن سان گڏ روايات مان ثابيت ڪيو ويو آهي

اُها ٻي ڳالهہ آهي تہ دوستن کي حقيقت کان دور رکيو ويو آهي ڪاش هي دوست سنجيدگي سان هن بحث کي پنهنجن ڪتابن ۾ پڙهي ڏسن !!!!!

ادا نقاش اختر صاحب
اوهان جيڪو ڪجهہ فرمائي رهيا آهيو اُن تي پنهنجي تحرير لکو جيڪو اعتراض هجي اُن کي قرآن ۽ حديث جي ذريعي سان رد ڪيو

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

*بار بار وضاحت ٿي ڪجي ته اسان ڪاٿي به نه لکيو آهي ته حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم غلام يا باغ نه ٺا ڏئي سگهن ....*

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

***بيبي سائڻ پنهنجي پياري بابا کان هڪ ڪنيز يا غلام گهرڻ ويون هيون پر حضور پاڪ عليه السلام سندن کي غلام نه ڏنو ۽ تسبيح فاطمه جو انمول تحفو ڏئي واپس اماڻيو هئائون.....***
***نه پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي جو حضور پاڪ جڏهن غلام نه ڏنو ته پورو سارو باغ ڪيئن ڏ***

ادا هاڻي ٻڌايو اوهان جي بيان ۾ ڪيترو تضاد آهي ؟؟؟؟ فيصلو توهان ڪندو يا پڙهندڙ دوست ڪندا ؟؟؟؟

ادا نقاش اختر

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

*پياري آقا عليه السلام کي ٽي نياڻيون هيون ، ٻن نياڻين سڳورين جي توهان بغير دليل جي نفي ڪري رهيا آهيو .......*

اوهان کي جواب

> **ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑**
>
> *حضور اڪرم جن جون ۾ نياڻيون حضرت بيبي زينب ۽ حضرت بيبي ام ڪلثوم ٻہ زندهہ هيون ڇاڪاڻ جو حضرت بيبي زينب 8 هجري ۾ ۽ حضرت بيبب ام ڪلثوم 9 هجري ۾ فوت ٿيون هيون*

ياد رهي تہ ورثو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن ڪنهن شخص جي رحلت ٿي وڃي اُتان جيڪو مال بچي اهو ورثو ئي ٿيندو آهي انهن پنهنجي نياڻين جي 8 ۽ 9 هجري ۾ رحلت ٿي وئي هاڻي ٻڌايو تہ باقي ڪهڙي اولاد رهي ؟؟؟ سيده اڪيلي رهي يا نہ ؟؟؟؟

بحرحال ادا نقاش اختر صاحب اوهان کان ننبو عرض هي آهي تہ اوهان پنهنجي تحقيق يا ڪنهن ڪتاب مان مڪمل بحث ڪيو اوهان علم وارا ٿي ڪري ٽوٽڪن جو سهارو نہ وٺو ان مان اڳيان واري کي اسان ڪابہ ڳالهہ سمجهائي نٿا سگهون اوهان جي اڳيان ادا ممتار قريشي صاحب جون تحرون واضح مثال آهن سائين جو مطالعو بہ آهي ۽ تحريون بہ آهن پر اوهان صاحب مطالعہ تہ آهي پر وضاحت سان تحرير لکو جيڪا اسان کي بہ سمجهہ ۾ اچي

بحرحال دوستن ڏٺو ادا ممتاز قريشي جي قول جي برخلاف ڪوڙيون تشريحون ۽ غلط اعتراض اسان جي طرفان ناهن

حق سيده جي طرف هيو جنهن سيده جو حق غصب ڪيو اسان اُن سان محبت جو اظهار نٿا ڪري سگهون

26 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**محمد ثقلين**
Guest



ادا راشد علي اوهان حقيقت تان پردو هٽايو آهي خدا اوهان کي جزاءِ خير عطا ڪري
باقي جيڪي دوست اوهان جي تحرير مطابق نقص لکي رهيا آهن انهن ۾ ڪابہ صداقت نہ آهي
انهن بيبي پاڪ کي رنجايو خدا انهن کان ڪڏهن بہ راضي نہ ٿيندو ڀلي ڪٽي هو انهن کي رضي الله چوندا رنهن
خدا ان سان راضي ٿيندو جنهن سان بيبي خاتون جنت راضي هجي جنهن سان بيبي خاتون جنت راضي ان سان
رسول راضي جنهن سان رسول راضي اُنهي سان ئي الله راضي پوءِ اُنهي کي رضي الله چئي سگهجي ٿو
ٻين دوستن تہ اوهان جي تحرير تي اعتراض ڪيا آهن پر حقيقت ۾ انهن جون تحريرون اعتراضن سان ڀريل نظر
اچن ٿين سچ چوندا آهن تہ پنهنجون غلطيون انسان کي نظر ۾ نہ ايندون آهن ٻين جون غلطيون جلدي ۾ نظر
ايندون آهن سو انهن دوستن کي بہ پنهنجي يا وري پنهنجن جو غلطيون نظر نٿيون اچن
خدا اوهان کي سلامت رکي هميشہ بيبي پاڪ جنت خاتون جي وڪالت ڪندا رهيو بيبي پاڪ تاريخ
انسانيت جي مظلوم ترين هستي آهي اُها ئي اوهان کي هن جو اجر ڏيندي . آمين

26 دسمبر 2014



**تذير احمد لغاري**
سينيئر رڪن

يا الله اسان سيني جي حال تي رحم فرماءِ جيڪي اسان ۾ ڪميون ڪوتاهيون آهن انهن کي درگذر فرماءِ اسان ناسمجھ آهيون ۽ اسان کي سمجھ عطا فرماءِ جيڪو رستو اسان جي حق ۾ بهتر هجي ان تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ اجائي فتنن ۽ فرقن کان پنهنجي پناھ ۾ رک، ڪير صحيح ڪير غلط ان قسم جي فتني کان پنهنجي پناھ ۾ رک، نيڪ ۽ چڱو ڪم ڪرڻ جي توفيق ڏي، برائي کان بچائج، بيشڪ تون ئي ظاهر ۽ ڳجھ جو علم رکندڙ آهين، اسان جي پنهنجي حفظ و امان ۾ رک.

26 ڊسمبر 2014



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

## ادا راشد علي چانڊيو جي جواب جون ڪجھ حقيقتون..!!

ادا راشد لکيو آهي تہ..

**پڙهندڙ دوستن هن محل تائين پيش ڪيل تحريرن کي سنجيدگي سان پڙهيو هوندو ۽ يقينن اهي دوست سيده جي مظلوميت کان آگاه ٿي ويا هوندا پلي ڪٽي مخالف هزار تعويلون بيان ڪري سيده جي حق کي رد ڪندا رهن پر پوءِ بہ عقلمند انسان مخالفن جي موجود تحريرن مان ئي سيده جي مظلوميت کي سمجهي ويندا واضح رهي تہ مخالف دوستن اقرار ڪيو آهي تہ سيده سلام الله عليها (پنهنجي حق) باغ فدڪ کي وٺڻ لاءِ اُن وقت جي خليفي ۽ سيده جي بابي جي سچي صحابي حضرت ابوبڪر رضي الله وٽ آئي هئي پر سيده جي بد قسمتي جو بابا جي سچي صحابي دربار مان خالي واپس ڪيو انهي درد اسان شيعن کي اڄ تائين روئاريو آهي**

ادا راشد.... توهان حضرت بيبي سيده فاطمہ کي مظلوم ڪيئن ٿا پيش ڪريو..!!؟؟ جيڪڏهن فدڪ جي ملڪيت حقيقت ۾ اهل بيت سڳورن کان غصب ڪيل هجي ها تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ پنهنجي چار سالن جي خلافت ۾ ان بابت ڪهڙا قدم کنيا هئا.......!!؟؟

ڇا توهان حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي نعوذبالله بي اختيار خليفو سمجهندا آهيو..!! ؟؟

حضرت بيبي سيده فاطمہ جي مظلوميت صرف شيعہ مڪتبہ فڪر جي عالم سڳورن کي محسوس ڇو ٿيندي آهي..؟؟ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي خاتون جنت جي بيبسي جو ۽ مظلوميت جو احساس ڇو نہ ٿي سگهيو ۽ پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي خلافت جي عرصي ۾ سندن حق کي سندس اولاد جي حوالي ڇو نہ ڪيائين...!!؟؟

پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ عرض تہ حضرت بيبي سيده فاطمہ جي حضرت ابوبڪر صديق سان وقتي ناراضگي فدڪ جي معاملي تي ٿي بہ هئي تہ اها بعد ۾ ختم بہ ٿي وئي هئي جنهن بابت مختلف دليل ۽ مخلتف روايتون اهل سنت جي ڪتابن ۾ ۽ پڻ شيعہ متڪبہ فڪر جي ڪتابن ۾ موجود

آهن.

حضرت بيبي سيده فاطمہ خليفہ اول جي دربار مان خالي هٿ واپس نہ آئي هئي. اها ڳالهہ بہ توهان دوستن جي ذهن ۾ غلط وڌي وئي آهي.
توهان هن واقعي کي ٽوڙي موڙي پيش ڪري رهيا آهيو.

## باغ فدڪ جو مطالبو

## شيعہ مڪتبہ فڪر جي هڪ اهم روايت...!!!

شيعہ عالم سڳورو ابن الميثم لکي ٿو تہ جڏهن حضرت بيبي سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق وٽ باغ فدڪ جو مطالبو کڻي آئي تہ......

حضرت ابوبڪر صديق چيو تہ " بيشڪ توهان کي ايترو مال ملندو جيترو توهان جو والد توهان کي ڏيندو هو. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم فدڪ جي باغ مان توهان جو خرچ وٺندا هئا باقي غريبن ۾ تقسيم ڪندا هئا يا مجاهدن جي ضرورتن تي خرچ ڪندو هو. هاڻ توهان ٻڌايو تہ هن باغ مان ڪهڙو خرچ ڪرڻ گهرجي..؟

اها ڳالهہ ٻڌي حضرت سيده فاطمہ فرمايو تہ مان پنهنجي والد محترم جي نقش قدم تي هلنديس.

ان تي حضرت ابوبڪر صديق فرمايو: توهان سان وعدو آهي تہ مان بہ ائين ئي خرچ ڪندس جيئن توهان جو والد ڪندو هو.

حضرت بيبي سيده فاطمہ فرمايو: الله جو قسمہ ڇا توهان ان مان ائين خرچ ڪندو؟

حضرت ابوبڪر صديق فرمايو: الله جو قسمہ! مان ضرور ائين خرچ ڪندس.

حضرت بيبي سيده فاطمہ فرمايو: اي الله گواهہ رهجان.

حضرت ابوبڪر صديق باغ فدڪ جي آمدني مان اهل بيت سڳورن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ سميت باقي خرچ غريبن ۽ مجاهدن ۾ تقسيم ڪندو هو.

ساڳي طرح حضرت عمر فاروق ۽ حضرت عثمان غني بہ پنهنجي دور خلافت ۾ ڪيو، جنهن کان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ بہ هن باغ جو انتظام اهڙي طريقي سان ئي هلايو هو.

(شرح نهج البلاغة جلد 5 صفحہ 107، ابن ميثم البحران مطبوعہ تهران)

لڳ ڀڳ ساڳي روايت ٿوري تبديلي سان شيعہ مڪتبہ فڪر جي هيٺين ڪتابن ۾ بہ موجود آهي.

- الدرة النجفيہ صفحہ 331، 332، مطبوعہ ايران
- شرح نهج البلاغة جلد 5 صفحہ331 ، 332 ايران.

محترم دستو..حقيقت اها آهي تہ شيعہ مڪتبہ فڪر جي بعد ۾ ايندڙ عالم سڳورن کان اها ڳالهہ برداشت ئي نہ ٿيندي آهي تہ حضرت سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق کان راضي ٿي وئي هئي، انهيڪري انهن ڪتابن جا ڪتاب لکي ورق سياهہ ڪري ڇڏيا آهن...!! حضور اڪرم صلي الله

عليہ وآلہ وسلم جن جي اصحابي سڳورن کي غاصب، مرتد ، ڪافر ۽ الائي ڪهڙن ڪهڙن لقبن سان پنهنجين ڪتابن ۾ بيان ڪري بغض صحابہ ئي ظاهر ڪندا آهن، ساڳئي وقت هن سڄي معاملي ۾ لوڻ مرچ ملائي اهڙي طرح بيان ڪندا آهن ڄڻ حضرت بيبي سيده فاطمہ جي ڪا بي ادبي ڪئي وئي هئي ۽ ساڻس وڏو ظلم ڪيو ويو هو ، اهڙي ريت اهي عالم سڳورا هن واقعي کي

هڪ مظلوميت جو داستان ٺاهي عام مسلمانن جي اهل بيت سان محبت جو غلط فائيدو وٺڻ ۽ سندن مذهبي جذبات سان کيڏڻ جون ناڪام ڪوششون ڪندا آهن.

مان پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ شيعه مڪتبه فڪر جي ڪتابن مان ئي اها ڳالهه ثابت ڪري رهيو آهيان ته هي معاملو جن هستين متعلق هو انهن ته هڪ ٻئي کي ڪجهه به نه چيو هو (اها ساڳي ڳالهه اهل سنت جي معتبر ڪتابن مان به ظاهر ٿئي ٿي) پر بعد ۾ ايندڙ ڪجهه بدبختن پنهنجي طرف کان الزام تراشين جو هڪ وڏو بازار گرم ڪيو. شيعه مڪتبه فڪر جا ڪتاب ته خود سندن امامن جي حوالي سان اها ڳالهه بيان ڪن ٿا ته حضرت ابوبڪر صديق صرف زبان سان نه پر عملي طرح به پنهنجي وعدي کي پورو ڪيو هو.

شيعه مڪتبه فڪر جي عالم سڳورن ابن ميثم، دنبلي، ابن ابي الحديد ( جنهن کي اڄ به مخالف دوست پنهنجو عالم مڃڻ لاءِ تيار نه آهن) ۽ معاصر شيعه مصنف فيض الاسلام علي نقوي هي روايت بيان ڪئي آهي ته....

**"حضرت ابوبڪر صديق باغ فدڪ جي آمدني مان ايترو حصو اهل بيت کي ڏيندو هو جو انهن جي ضرورتن لاءِ ڪافي هوندو هو ۽ باقي سڀ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس کان پوءِ حضرت عمر به ايئن ئي ڪندو هو. حضرت عثمان به ايئن ئي ڪيو ۽ انهن کان پوءِ حضرت علي به ايئن ئي ڪندو هو."**

حوالا:

1. شرح نهج البلاغته لابن ابي الحديد جلد 4، صفحه 44
2. شرح نهج البلاغته لابن ميثم البحران جلد 5 صفحه 107
3. الدرته النجيفه صفحه 332
4. شرح نهج البلاغته جلد 5 صفحه 960،
5. فارس لعل نقوي مطبوعه تهران.

محترم دوستو.. غور ڪريو خود شيعه مڪتبه فڪر جا ڪتاب ان ڳالهه جي گواهي ڏئي رهيا آهن ته جيئن حضرت ابوبڪر صديق باغ فدڪ جي آمدني بابت فيصلو ڪيو هو، ا هو ئي ساڳيو فيصلو حضرت علي ڪرم الله وجهه به برقرار رکيو هو. مان مخالف دوستن کان صرف ايترو پڇڻ چاهيان ٿو ته اهي حضرت علي ڪرم الله وجهه جي هن ساڳئي فيصلي بابت ڪهڙي فتوىٰ لڳائيندا..؟

## ادا راشد علي چانڊيو پاران
## قرآن پاڪ جي آيت جي غلط تشريح ۽ گمراھ ڪرڻ جي ڪوشش......!!

محترم دوستو... ادا راشد علي چانڊيو صاحب..مونتي الزام هنيو آهي تہ مون سورت الحشر جي آيت 7 جي غلط تشريح ڪئي آهي...!!
سندس چوڻ موجب **مال "في" صرف رسول الله جي ذاتي ملڪيت ۾ شمار ڪرڻ گهرجي.**

جيتوڻيڪ هن آيت جي تفسير ڪي هڪ پاسي رکي صرف ترجمو ئي اهو صاف صاف بيان ڪري رهيو آهي تہ مال "في" ۾ ڪنهن ڪنهن جو حصو شامل آهي يعني هن مال جا ڪير ڪير حقدار ٿيندا.

اچو تہ ساڳي آيت ۾ ترجمو هڪ ڀيرو ڀيهر غور سان پڙهون.

## ڪافرن ڪان ملندڙ مال ۽ ملڪيتون ۽ قرآن پاڪ....!!

مسلمانن ڪي جيڪي مال ملڪيتون ڪافرن وٽان ملنديون آهن، قرآن شريف موجب انهن جا ٻہ قسم آهن.

**1. مالِ انفال.**

**2. مالِ في.**

محترم دوستو...مون اڳ ۾ اهو ئي چيو هو تہ اسان سيني ڪي باغ فدڪ جي تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ مال انفال ۽ مال "في" جو فرق سمجهڻ نهايت ضروري آهي. اهم ڳالهہ اها آهي تہ اهو فرق قرآن پاڪ بلڪل صاف لفظن ۾ سمجهائي ڇڏيو آهي ۽ گڏوگڏ ڪهڙو مال ڪٿي خرچ ٿيڻ گهرجي اهو ٻہ صاف صاف سمجهايو ويو آهي. (مال انفال بابت مضمون جي پهرئين پيج تي تفصيل بيان

ڪيل آهي.)

**2. مال في:**

مال في اهڙي ملڪيت کي چوندا آهن جيڪا جنگ يعني قتال ڪرڻ کان سواءِ مسلمانن کي حاصل ٿي هجي. چاهي ڪافر اها ملڪيت ڇڏي ڀڄي ويا هجن يا رضامندي سان مسلمانن کي ڏيڻ قبول ڪئي هجين.

جڏهن جنگ کانسواءِ ڪافر شڪست مڃين ۽ مسلمان ان علائقي جا مالڪ بڻجن ته ان مال کي "**في**" سڏيندا آهن.

**مال في بابت قرآن پاڪ ۾ سورت الحشر ۾ هن طرح ارشاد آهي....**

وَمَآ أَفَآءَ ٱللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ مِنْهُمْ فَمَآ أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ
خَيْلٍ وَلَا رِكَابٍ وَلَـٰكِنَّ ٱللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُۥ عَلَىٰ مَن يَشَآءُ ۚ وَٱللَّهُ عَلَىٰ
كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ﴿٦﴾

**۽ انهن مان جيڪو (مال في) الله پنهنجي پيغمبر کي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان نڪي گهوڙا ۽ نڪي اُٺ ڊوڙايا هوا پر الله پنهنجن پيغمبرن کي جنهن تي وڻيس (تنهن تي) غالب ڪندو آهي، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.**

**(سورت الحشر 6)**

# مال "فَي" ڪٿي خرچ ڪجي....!!؟؟

هن مال "في" جي خرچ بابت الله رب العزت قران پاڪ ۾ ئي ساڳي سورت الحشر جي مٿين آيت کان فورن پوءِ واري ٻي آيت سڳوري ۾ هن طرح بيان ڪري ڇڏيو آهي تہ..

مَّآ أَفَآءَ ٱللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِۦ مِنۡ أَهۡلِ ٱلۡقُرَىٰ فَلِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِي
ٱلۡقُرۡبَىٰ وَٱلۡيَتَٰمَىٰ وَٱلۡمَسَٰكِينِ وَٱبۡنِ ٱلسَّبِيلِ كَيۡ لَا يَكُونَ دُولَةَۢ
بَيۡنَ ٱلۡأَغۡنِيَآءِ مِنكُمۡۚ وَمَآ ءَاتَىٰكُمُ ٱلرَّسُولُ فَخُذُوهُ وَمَا نَهَىٰكُمۡ عَنۡهُ
فَٱنتَهُواْۚ وَٱتَّقُواْ ٱللَّهَۖ إِنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلۡعِقَابِ ٧

**ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر جي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ پيغمبر لاءِ ۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ ڇورن ٻارن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اِهو هن لاءِ آهي) تہ اُهو اوهان مان دنيا وارن جي وچ ۾ ڏيڻ وٺڻ ۾ نہ اچي، ۽ جيڪي پيغمبر اوهان کي ڏئي سو وٺو، ۽ جنهن کان اوهان کي جهلي تنهن کي ڇڏي ڏيو، ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله سخت عذاب (ڪرڻ) وارو آهي.**

**(سورت الحشر 7)**

**مفهوم:** جيڪو "في" جو مال الله پنهنجي رسول کي ڳوٺن جي رهندڙن وٽان ڏنو آهي، اهو **الله جو ۽ رسول جو ۽ قرابت دارن جي لاءِ ۽ يتيمن جي لاءِ ۽ مسڪينن جي لاءِ ۽ مسافرن جي لاءِ** آهي. مطلب تہ اهو مال مسلمانن ۾ موجود شاهوڪارن جي وچ ۾ گردش ڪندڙ نہ هجي ۽ اوهان کي رسول جيڪو ڪجهہ ڏئي اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي تہ پوءِ رڪجي وڃو ۽ ڊڄو الله کان بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي.

**نوٽ:** هن آيت ۾ آيل لفظ **"فاء"** جو مادو **"في"** آهي. جنهن جي لغوي معنىٰ آهي **موٽائڻ** ۽ هتي جيتوڻيڪ ترجمو **ڏنو** ڪيل آهي پر حقيقي معنىٰ **موٽائي ڏيڻ** آهي. ڪنهن شي جي پاڇي کي به "في" چوندا آهن ڇو ته اهو به موٽي واپس ٿيندو آهي.

متين آيت مان هيٺيون اهم ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون.

- آيت جا لفظ صاف اهو بيان ڪري رهيا آهن ته مال "في" خاص ۽ صرف رسول الله جو نه پر ان ۾ شريڪ ڪجهه حقدار پيا به آهن..!!
- "في" جي مال مان ڪو به حصو مجاهدن کي سندن حق جي لحاظ سان نه ڏنو ويندو.
- "في" جو سمورو مال حضور اڪرم جن پاڻ تقسيم فرمائيندا يعني اهو مال "في" رسول پاڪ جو ذاتي مال سمجهڻ جهالت جي ڳالهه ٿيندي.

**مال في جي حقدارن جو تفصيل**

پهريون حقدار الله پاڪ ۽ ان جو رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن آهن. جمهور علماءِ وٽ الله عزوجل جو نالو مبارڪ تبرڪ طور ۽ نبي پاڪ جن جي شان جي رفعت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ذڪر ڪيل آهي.( روح المعاني ص 46 جزءُ 28, جلد 1 )

**يٺمي** امت جي يتيمن ٻارن کي به ان مان حصو ڏنو ويندو.

**مساڪين** مسڪينن کي به نوازيو ويندو.

**ابن السبيل** مسافر جن جي سفر جو ثمر (خرچ) ختم ٿي ويو آهي.

هن ئي آيت ۾ اڳتي الله پاڪ جو فرمان آهي ته

**ومااتڪم الرسول فخدوه وما نهٰڪم عنہ فانتهوا**

**۽ جيڪي رسول اوهان کي ڏي پوءِ اهو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي پوءِ ان کان**

رڪجي پئو.

مطلب ته "في" جي مالن مان نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جيڪو اوهان کي ڏين اهو وٺو ۽ جيڪو نه ڏين ان جي وٺڻ لاءِ سوچيو بہ نه. محبوب ڪريم جن ڪنهن جو حق ضايع نه ڪندا. (روح البيان ص 429 جلد 9)

علامہ مظهري هن جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ هي حڪم نازل تہ **"في"** جي مال ورهائڻ لاءِ ٿيو پر اهو ان هر ڳالهه ۾ شامل آهي جنهن جو نبي پاڪ جن امر ڪيو يا ان کان روڪيائون. (المظهري ص 239 جلد 9)

**وتقوا الله ان الله شديد العقاب**

**۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي.**

يعني نبي پاڪ جي امر ۽ نهي جي مخالفت کان ڊڄو جيڪو ان جي مخالفت ڪندو ان جي لاءِ الله عزوجل وٽ سخت عذاب آهي.

**غور طلب ڳالهيون....!!**

محترم دوستو....قرآن پاڪ جي مذڪوره آيت کي سمجهڻ سان هيٺيان فائيدا ذهن ۾ اچن ٿا.

سورت الحشر جي آيت 7 ۾ **"في"** جي مال جي حقدارن جا ڇهه نالا ذڪر ڪيا ويا آهن.

**1.الله**
**2. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم**
**3. قرايت دار**
**4. يتيم**
**5. مسڪين**
**6. مسافر**

هيءَ ڳالھ ظاهر آهي تہ الله عزوجل دنيا ۽ آخرت ۾ ساري مخلوقات جو حقيقي مالڪ آهي. حقدارن ۾ ان جو مٿو نالو محض تبرڪ طور ان جي لاٰءِ ذڪر ڪيل آهي تہ ان سان ان مال جي فضيلت ۽ شرف ۽ حلال ۽ پاڪ هجڻ ڏانھن اشارو ڪيو وڃي.

هاڻ توهان سيني انصاف پسند ڪان اهو سوال تہ ڇا هي مال "في" رسول پاڪ جو ذاتي مال سمجھڻ گھرجي..؟
جنھن مال جا ايترا حصيدار هجن جن بابت الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ صاف صريح لفظن ۾ فرمائي بہ ڇڏيو آهي تہ پوءِ ان مال کي صرف خاص رسول پاڪ جو ذاتي مال ڪيئن چئي سگھجي ٿو..؟
ڇا اها ڳالھ مناسب لڳي ٿي تہ رسول پاڪ جي ذاتي مال مان الله پاڪ ٻين حقدارن کي خاص حصو ڏيڻ لاءِ زور ڀري ۽ واضح لفظن ۾ تاڪيد ڪري....!!؟؟
جيڪڏهن اسان اهو سمجھون تہ الله رب العزت صرف حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي مال "في" عنايت ڪري ڇڏيو هو پر وري اهو بہ چيائين تہ ان ۾ ٻين جو حق بہ آهي تہ ڇا اها ڳالھ فرمائي الله پاڪ انصاف پسندي جو ڪم ڪيو آهي..!؟؟
غور ڪريو دوستو...بيشڪ الله پاڪ کان وڌو ڪو بہ انصاف پسند سڄي ڪائنات ۾ ڪو بہ نہ آهي.

**اسان کي اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ بقول فرمان الاهي مال "في" صرف رسول الله جن جي ذاتي ملڪيت چوڻ ۽ سمجھڻ ۽ سمجھائڻ سراسر قرآني حڪم جي خلاف ورزي ۽ وڏي جھالت ٿيندي..!!!**

جيڪو مال "في" يعني باغ فدڪ رسول پاڪ جو ذاتي مال بقول فرمان الاهي قرآن پاڪ مان ثابت نٿو ٿئي اهو ڪھڙي ريت ميراث ۾ شامل ٿي سگھي ٿو...؟؟

ادا راشد جي رهيل ڳالهين جو بہ مدلل جواب تيارين هيٺ آهي.

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح صحيح سمجھ عطا ڪري. آمين.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 26 ڊسمبر 2014

26 ڊسمبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

[IMG]

# سيده جو توحہ ان ڳالھہ جو ثبوت آهي ، سيده ڪتهن سان بہ راضي نہ هئي-

26 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن



[IMG]

## سيده جو نوحہ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي ، سيده ڪنهن سان بہ راضي نہ هئي-

26 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.



رضوان علي جمالي
سينيئر رڪن

ادا راشد.... توهان حضرت بيبي سيده فاطمہ کي **مظلوم ڪيئن ٿا پيش ڪريو..!!؟؟**

**توهان سيده کي ڪيئن ٿا ظالم ڪري پيش ڪيو ؟؟؟؟**

26 ڊسمبر 2014



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

ادا رضوان علي جمالي... توهان جي عقل ۽ سمجهہ اڄ بہ اتي جو اتي ئي آهي...!!

**جيڪڏهن ڪو مظلوم تہ هجي تہ ڇا اهو ظالم سمجهڻ گهرجي..!!؟؟**

انا الله وانا اليہ راجعون...

26 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**kashifkareem**
نئون رڪن

> ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑
>
> *انا الله وانا اليہ راجعون...*

ادا قرآن مجيد جي آيت تہ صحيح لکندا ڪريو.

26 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن



ادا ڪاشف درست تا چئو..اصل ۾ عربي فونٽ لکڻ ۾ مشڪل ٿئي ٿي. انڪري انا لله درست لکڻ ۾ مسئلو اچي ٿو. معافي.

26 ڊسمبر 2014



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*ادا رضوان علي جمالي... توهان جي عقل ۽ سمجهه اڄ به اتي جو اتي ئي آهي...!!*
**جيڪڏهن ڪو مظلوم ته هجي ته ڇا اهو ظالم سمجهڻ**

مڪمل اقتباس ڏسو...

**توهاتجي مطابق يي عقل ئي پر اولاد علي آل رسول جو اوهان واتگر دشمن ته آهيان.**

27 ڊسمبر 2014

27 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

رضوان علي جمالي لکيو آهي: ↑

> نوھانجي مطابق بي عقل ئي پر اولاد علي آل رسول جو اوھان وانگر دشمن نہ آھيان.

**يھتر ھي آھي تہ دليلن سان موضوع تي ئي جرح ڪجي، ھڪ ٻئي جي ذات تي حملا ڪرڻ سان ڪو حق تي ناھي ٿي ويندو .......**

28 ڊسمبر 2014

**kashifkareem**
نئون رڪن

فدڪ واري ملڪيت پٽاندڙ سائڻ فاطمہ عليها السلام ۽ وقت جي حڪمران حضرت ابوبڪر جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. سائڻ فاطمہ عليها السلام پئي فرمايو تہ فدڪ منهنجي ملڪيت آهي، پر حضرت ابوبڪر پئي چيو تہ فدڪ مڙني مسلمانن جي ملڪيت آهي اچو تہ تاريخ جي ان مسئلي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪريون. فدڪ جي ملڪيت بابت سائڻ فاطمہ عليها السلام پہ دعوا پيش ڪيا.
1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا هئا

2_ جيڪڏهن ان دعوا کي نہ مڃيو تہ پوءِ فدڪ پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت هيو مسلمانن جو ان ۾ ڪو بہ حق ناهي ۽ پاڻ سڳورن جي اڪيلي وارث مان آهيان سو ميراث جي عنوان سان فدڪ منهنجو حق آهي
حضرت ابوبڪر سائڻ فاطمہ عليها السلام جي انهن ٻنهي ڳالهين جي مقابلي ۾ هي موقف پيش ڪيو
فدڪ جي ملڪيت جيڪڏهن پاڻ سڳورا اوهان کي بخشي ويا هئا تہ گواه پيش ڪريو.
رهي ٻئي ڳالهہ تہ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خاص ملڪيت برابر هئي، پر پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم فرمائي ويا آهن تہ اسان نبي سڳورا نہ ڪنهن جا وارث ٿيندا آهيون ۽ نہ ئي وري ڪو اسان جي ميراث جو وارث ٿيندو آهي اسان جيڪو پنهنجي پويان ڇڏي ويندا آهيون سو صدقو هوندو آهي.
**سائڻ فاطمہ عليها السلام جي پهرئين دعوا:**
فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خاص ملڪيت هئي ان ڳالهہ کي اهل سنت جي برک عالمن قبول ڪيو آهي. انڳالهہ جي ثابتيءَ لاءِ ياقوت حموي جي ڪتاب معجم البلدان مان اسان عبارت نقل ڪري چڪا آهيون جنهن ۾ ان تسليم ڪيو آهي تہ فدڪ مسلمانن جي لڙائي ڪانسواءِ حاصل ٿيو تنهن ڪري فدڪ جي ملڪيت خاص پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي آهي ۽ مسلمانن جو ڪو بہ حق نہ آهي. وڌيڪ اطمينان لاءِ قرآن مجيد جي هي آيت ۽ ان جي تفسير جيڪا اهل سنت جي برک عالمن بيان ڪئي آهي مختصر انداز ۾ ذڪر ڪريون ٿا.
**وَ ما أَفاءَ اللهُ عَلى رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَما أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَ لا رِكابٍ وَ لكِنَّ اللهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُ عَلى مَنْ يَشاءُ وَ اللهُ عَلى كُلِ شَيْءٍ قَدير** (سورت حشر، آيت 6)" ۽ انهن جي مال مان الله جيڪو سندس رسول جي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان گهوڙا يا اٺ ڪو نہ ڊوڙايا هئا پر الله پنهنجي رسولن کي جنهن تي وٽيس غالب ڪندو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن ڳالہ تي وس وارو آهي".
اهل سنت جي هاڪاري مفسر قرطبي ان آيت جي تفسير ۾ ڄاڻايو آهي تہ (3) "هر اها ملڪيت جنهن لاءِ

مسلمانن گهوڙا ۽ اٺ نہ ڊوڙايا هجن(يعني جنگ نہ ڪئي هجي) سا خاص پاڻ سڳورن جي ملڪيت آهي".
البتہ قرطبي ان آيت جو شان نزول بني نضير جي مال مڏي قرار ڏنو آهي،پران ڳالهہ کي تسليم ڪيو اٿائين تہ جيڪا بہ ملڪيت مسلمانن جي جنگ ۽ لڙائي کانسواءِ هٿ اچي سا پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خاص ملڪيت آهي ۽ اسان ياقوت حموي جي ڪتاب مان ثابت ڪري چڪا آهيون تہ فدڪ بابت مسلمانن ڪا بہ جنگ ناهي ڪئي تنهن ڪري فدڪ خاص پاڻ سڳورن جي ملڪيت بڻيو.
رهي ڳالهہ اها تہ آيت جو شان نزول بني نضير جي مال مڏي آهي يا نہ؟ تاريخ اسلام پڙهندڙن لاءِ اها ڳالہ پڌري آهي تہ بني نضير سان مسلمانن جنگ ڪئي هئي، تنهن ڪري آيت جي شان نزول بابت قرطبي جو رايو درست ناهي ان ڳالهہ جي پڌرائي اهل سنت جي هاڪاري مفسر امام رازي بہ پنهنجي تفسير ۾ ڪئي آهي.
امام رازي پنهنجي تفسير ۾ لکي ٿو: آيت جي تفسير پٽاندڙ هڪ سوال پيش ٿي سگهي ٿو
بني نضير جو مال متاع تہ جنگ ۽ لڙائي کان پوءِ هٿ آيو، ڇاڪاڻ تہ بني نضير ڪجهہ زمانو محاصري ۾ رهيا، جنگ ڪيائون، ڪي ماڻهو بہ مئا تنهان پوءِ پنهنجي ڏيهہ نيڪاليءَ تي صلح ڪيائون. سو بني نضير جو مال متاع تہ مال غنيمت ٿيندو نہ ڪي فيءَ (4) وارو مال بڻبو.
تفسير جي ماهرن ان سوال جا ٻہ جواب ڏنا آهن
1_ ان آيت جو شان نزول بني نضير وارو واقعو ناهي ، ڇاڪاڻ جو ان تي مسلمانن گهوڙا ۽ اٺ ڊوڙايا (يعني جنگ لڙي) بني نضير وارا پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم ۽ مسلمانن جي محاصري هيٺ رهيا، سو ٿي سگهي ٿو ان آيت جو شان نزول فدڪ هجي ڇاڪاڻ تہ فدڪ جي رهاڪن پنهنجي زمين ڇڏي سو سندن وسندي ۽ مال متاع جنگ کان سواءِ ئي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي اختيار هيٺ آيو.

2_ فدڪ پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت هيو ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي، باقي رهيو اهو مسئلو تہ ڇا پاڻ سڳورن فدڪ پنهنجي حياتي ۾ سائڻ فاطمہ عليها السلام کي بخشي ڇڏيو هو يا نہ؟

اهل سنت جي ڪيترن ئي برک عالمن ان ڳالہ کي تسليم ڪيو آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم سائڻ فاطمہ عليها السلام کي فدڪ پنهنجي حياتي ۾ ئي بخشي ڇڏيو هو.
سوره اسراء جي هن آيت: **وآتِ ذالقربی حقه** (آيت 26) جي شان نزول ۾ لکيو اٿائون تہ جڏهن اها آيت نازل ٿي تہ پاڻ سڳورن فدڪ جي ملڪيت سائڻ فاطمہ عليہ السلام کي عطا ڪئي. اسان انهن برک عالمن مان ڪن جا نالا هتي ڄاڻايون ٿا.
1_ابوبڪر بزار (متوفی 291)

2_ ابو يعلی موصلي (متوفی 307)

3_ ابن ابي حاتم رازي (متوفی 327)

4_ ابن مردويہ اصفهاني (متوفی 410)

5_ حاڪم نيشاپوري (متوفیٰ 405)

6_ ابوالقاسم طبراني (متوفیٰ 360)

7_ نورالدين هيثمي (متوفیٰ 807)

8_ابن نجار بغدادي (متوفیٰ 643)

9_ شمس الدين ذهبي (متوفیٰ 748)

10_ جلال الدين سيوطي (متوفیٰ 911)

11_ علي متقي هندي (متوفیٰ 975) (5)

**متين ثابتين جي روشنيءَ ۾ هيٺيون ڳالهيون پڌريون ٿيون.**

1_ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم سائڻ فاطمہ عليها السلام کي فدڪ پنهنجي حياتي ۾ ئي بخشي ڇڏيو هو.

2_ اها بخشش رب پاڪ جي حڪم موجب هئي.

3_ وقت جي حاڪم سائڻ فاطمہ عليها السلام کان فدڪ کسيو. (6)

ويچار جوڳي ڳالھ :

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي برقعي متائڻ کان پوءِ وقت جي حاڪم سائڻ فاطمہ عليها السلام کان فدڪ ورتو. سائڻ پنهنجي ملڪيت جي واپسي جو مطالبو ڪيو تنهن تي سائڻ فاطمہ عليها السلام کي چيو ويو تہ ان جي ثابتيءَ لاءِ شاهد پيش ڪريو ويچار جوڳي ڳالھ اها آهي تہ سيني فقهن جي عالمن جو چوڻ آهي ملڪيت جنهن جي اختيار ۾ هوندي آهي ان کان ملڪيت بابت شاهد طلب ناهن ڪيا ويندا بلڪ جيڪو ان ملڪيت جي خلاف دعوا ڪري تنهن کان شاهد گھربا آهن فقہ جي اصطلاح ۾ چوندا آهن: **لا تطلب من صاحب اليد البينة.**

اسان سيني مسلمان ڀائرن کان هٽ ٻڌي سوال ٿا ڪريون تہ فدڪ جڏهن سائڻ زهرا عليها السلام جي اختيار ۾ هيو تہ نيٺ سائڻ کان ئي شاهد ڇو طلب ڪيا ويا؟!!!البتہ سائڻ فاطمہ عليها السلام وري بہ شاهد پيش ڪيا حضرت فاطمہ عليها السلام جي دعوا لاءِ حضرت علي عليہ السلام امام حسن عليہ السلام امام حسين عليہ السلام ۽ بيبي ام ايمن حضرت ابوبڪر جي اڳيان شاهدي ڏني تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و

آلہ وسلم پنھنجي حياتي ۾ فدڪ سائڻ فاطمہ عليھا السلام کي بخشي ڇڏيو ھو، جھڙي ريت ان ڳالھ جي پڌرائي اھل سنت جي ھاڪاري عالمہ جلال الدين سيوطي پنھنجي ڪتاب ۾ ڪئي آھي (7)

ان ڪانپوءِ بہ ڪيترن ئي عالمن ان ڳالھ کي تسليم ڪيو آھي. (8 )

پر درٻار ۾ اھا شاھدي قبول نہ پئي، ڇيو ويو تہ شاھدن جو ڪورم پورو ناھي.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 28 ڊسمبر 2014

28 ڊسمبر 2014

---



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

> kashifkareem لکيو آھي: ↑
>
> *ھل سنت جي ڪيترن ئي برک عالمن ان ڳالہ کي تسليم ڪيو آھي تہ پاڻ سڳورن صلي اللہ عليہ و آلہ وسلم سائڻ فاطمہ عليھا السلام کي فدڪ پنھنجي حياتي ۾ ئي بخشي ڇڏيو ھو.*
> *سوره اسراء جي ھن آيت: **وآتِ ذالقربیٰ حقہ** (آيت 26) جي شان نزول ۾ لکيو اٿائون تہ جڏھن اھا آيت نازل ٿي*
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

ادا مهرباني ڪري انهن سيني تفسيرن جا متن ء اصلي لفظ پيش ڪيو .... ء پڻ پورا پورا حوالا پيش ڪيو

28 ڊسمبر 2014

**kashifkareem**
نئون رڪن

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

ادا مهرباني ڪري انهن سيني تفسيرن جا متن ء اصلي لفظ پيش ڪيو .... ء پڙ
پورا پورا حوالا پيش ڪيو

جي جي ادا چو نہ اوهان ڪي سڀ جا سڀ حوالا تفصيل سان پيش ڪندا سين

28 دسمبر 2014



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

ادا ڪاشف ڪريم.... فدڪ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن حضرت سيده بيبي فاطمہ ڪي زندگي ۾ ئي ڏئي ڇڏيو هو ۽ سندس قبضي هيٺ هوندو هو اها ڳالهہ ڪهڙي ڪتاب مان ڏني اٿوَ...؟ ان جو حوالو فراهم ڪندا تہ مهرباني ٿيندي.

ٻي ڳالهہ تہ حضرت بيبي سيده فاطمہ جو پهريون مطالبو
**1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون ڪي بخشي ويا هئا**
حضرت ابوبڪر صديق آڏو پيش ڪيو ويو هو، اها ڳالهہ بہ ڪهڙي ڪتاب ۾ بيان ڪيل آهي..؟؟

28 ڊسمبر 2014

**kashifkareem**
نئون رڪن

> ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑
>
> پي ڳالهہ تہ حضرت بيبي سيده فاطمہ جو پهريون مطالبو
> ***1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي اللہ عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي اللہ عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا هئا***

## فدڪ حضرت فاطمہ زهرا سلام اللہ عليها جي ذاتي ملڪيت ۽ حضرت ابو بڪر ان جو غاصب

ان مسئلي تي وڌيڪ روشني وجهڻ کان پهريان مقدمي طور هڪ نڪتو عرض ڪجي ٿو. ۽ دوستن کي اهو نڪتو تاريخ اسلام جي بنيادن منجهان هڪ بنياد سمجهڻ گهرجي. اهل بيت جي حقانيت بہ سان ڳانڍاپيل آهي.

خلفاء کان جيڪي غلطيون صادر ٿيون آهن. ۽ انهن جي پڌري ٿيڻ سان معاشرو حق ۽ حقيقت کان آگاهہ ٿي سگهي. وڏن عالمن، شخصيتن ۽ سياستدانن ڪوشش ڪئي تہ انهن کي مٽائي ڇڏين.

برڪ سني عالم ذهبي جنهن 748 هجري ۾ وفات ڪئي چئي ٿو: اڄ جيڪو اسان وٽ موجود آهي ۽ اهڙا مطلب جيڪي وڏن صحابين جي پاڻ ۾ جهيڳڙي کي ثابت ڪن ٿا انهن کي لڪائڻ واجب آهي عام ماڻهن کان بہ انهن کي لڪائڻ ضروري آهي ايتري تائين جو علماء کان بہ انهن کي لڪائڻ گهرجي.

(سير اعلام النبلاء ج 10، ص 92)

**ابن هجر هيثمي چئي ٿو:** يجب الامساڪ عما شجر بين الصحابہ، صحابہ جي درميان جيڪو جهيڙو جهيڳڙو ٿيو ان کان امساڪ واجب آهي. (يعني ان کي بيان نہ ڪيو وڃي ان کي لڪايو وڃي)

**هاڻي ڇا مسئلو آهي جو وڏا سني عالم اهڙيون فتوائون ڏيئي رهيا آهن؟؟؟؟؟**
اسان جي سمجهہ کان مٿانهون آهي. دوست ڪتابن ڏانهن رجوع ڪري تفصيل پڙهي سگهن ٿا:

(ڪتاب صواعق المحرقہ عبد الرحمن بن عبد الله ترڪي جي تحقيق سان، جلد 2، صفحو 622)

ابن عربي اچي ٿو ۽ هڪ تفصيلي جملو لکي ٿو، ابن قتيبہ دينوري کي چئي ٿو: فلم يبق و لم يذر للصحابه رسما في كتاب الامامة والسياسة ان صح جميع ما فيه: **ابن قتيبہ جي ڪتاب الامامة والسياسة جا اگر سڀ مطلب صحيح هجن تہ صحابہ لاءِ ڪا شي نہ ڇڏي اٿس ۽ جيڪا بہ مذمت هئي انهن لاءِ ذڪر ڪئي اٿس.**

ڏاڍو عجيب آهي. اسان جي اهل سنت وارن پائرن کي بہ اها ڄاڻ هجڻ گهرجي تہ: ابو بڪر عربي پنهنجي ڪتاب الواصم من القواصم جيڪو سعودي مان ڇپيو آهي جي صفحي 209 تي مٿيون مطلب لکيو آهي.

**تفتازاني جيڪو اهل سنت جي علمي ٿنين ۽ ڪلامي شخصيتن منجهان هڪ شخصيت آهي چئي ٿو:** أن ما وقع بين الصحابة من المحاربات والمشاجرات على الوجه المسطور في كتب التواريخ والمذكور على السنة الثقات، يدل بظاهره على أن بعضهم قد حاد عن طريق الحق وبلغ حد الظلم والفسق إذ ليس كل صحابي معصوما إلا أن العلماء لحسن ظنهم بأصحاب رسول الله صلى الله عليه وآله ذكروا... (الصوارم المهرقة في جواب الصواعق المحرقة - الشهيد نور الله التستري - ص 5شرح المقاصد في علم الڪلام - التفتازاني - ج 2 ص 307)

**اهي جنگيون جيڪي صحابہ جي درميان ٿيون آهن ۽ تاريخ ۾ درج آهن ۽ ثقہ ماڻهن انهن کي نقل ڪيو آهي انهن جي ظاهر ۾ ان ڳالهہ تي دلالت آهي تہ ڪجهہ صحابي حق جي واٽ کان ٿڙي ويا آهن ۽ ظلم ۽ فسق جي درجي تي پهتا آهن ۽ انگيزو بہ ڪينو، حسد، ساڙ ۽ رياست طلبي آهي. ڇو**

**جو ڪو صحابي معصوم نہ آهي. ليڪن عالمن رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي صحابہ سان حسن ظن جي ڪري تاويلون ڪيون آهن.**

جي بلڪل ائين ئي آهي طلحہ، زبير ۽ بيبي عائشہ اجتهاد ڪيو تہ حضرت علي عليہ السلام سان جنگ واجب آهي ۽ بصري تي حملو واجب آهي ۽ اتان جي اصلاح لاءِ ويا هئا. هاڻي سوال اهو آهي انهن کي ڪنهن جي درميان اصلاح ڪرائڻي هئي.؟؟؟؟؟؟؟ انهن جي مڪي اچڻ کان پهريان بصري ۾ ڪهڙي ڳالهہ تي اعتراض هئو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**يا وري چوندا آهن تہ ويا هئا تہ عثمان جي خون جو بدلو وٺن. تمام بهتر سائين عثمان جي خون جو بدلو تہ سندس وارثن جو حق آهي. جن کي فقهہ جي اصطلاح ۾ اولياي دم چيو ويندو آهي تہ پوءِ اولياي دم ۾ نہ طلحہ آهي نہ زبير ۽ نہ وري بيبي عائشہ. جيڪڏهن واقعا حق لاءِ ويا هئا. احقاق ۽ اصلاح لاءِ ويا هئا تہ پوءِ توبہ ۽ پشيماني جو اظهار ڇا لاءِ پئي ڪيائون. ۽ ڪيترن ئي تاريخدانن جيئن طبري جيڪو اهل سنت جو مشهور مورخ آهي ۽ 310 هجري ۾ وفات ڪئي**

اٿس. ڪيترين ئي جاين تي اڇي منجهي ٿو پوي . ڏسي ٿو اگر حقيقتن کي نقل ڪري ته کهڙي ريت نقل ڪري ۽ جيڪڏهن نقل نه ڪري ته ڇا ڪري ان ڪري جو اگر نقل نه ڪندو ته خائن ليکيو ويندو.

**طبري چئي ٿو ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن:** ڪرهت ذكرها مما لا يحتمل سماعها العامة، (تاريخ طبري-ج ٣-ص ٥٥٧) جن کي ذڪر ڪرڻ مون کي برو ٿو لڳي اهي اهڙين ڳالهين منجهان آهن جن کي عام ماڻهو برداشت نه ٿا ڪري سگهن.

**(ممتاز قريشي جي بقول ته عام ماڻهو اهي ڳالهيون پڙهي گمراهه ٿي ويندا آهن منهنجو قريشي صاحب کي اهو جواب آهي ته منڙا اهي ڳالهيون ته وڏن تاريخدانن نقل ڪيون آهن اوهان هرو ڀرو شيعه کي قصوروار ثابت ڪرڻ لاءِ هٽ ڀير چو ٿا هڻو.)**

ابن اثير متوفي 630 هجري جنهن تاريخ طبري جو خلاصو ڪري ان ۾ ڪجهه ٻيا مطلب به اضافو ڪيا آهن وري اهو به چئي ٿو ته ڪجهه ڳالهيون اهڙيون آهن: كرهت ذكرها لما فيه مما لا يحتمل سماعها العامة، جن کي ذڪر ڪرڻ مون کي برو ٿو لڳي اهي اهڙين ڳالهين منجهان آهن جن کي عام ماڻهو برداشت نه ٿا ڪري سگهن (كامل إبن اثير- ج ٢-ص ٣٥٧)

بس جيڪو ڪجهه هاڻي اسان جي هٿن ۾ آهي اهي حقائق نه آهن بلڪه اهي پاچولا ۽ سايه آهن جيڪي عالمن ۽ مورخن جي قلم مان رهجي ويا آهن. يا نه اهل سنت جي برک عالم ذهبي جي بقول ته: **اهي گناهه جا مرتڪب ٿيا آهن جو چئي ٿو: و يجب اخفائه بل اعدامه، واجب آهي انهن مطلبن کي مخفي ڪرڻ بلڪه انهن کي متائڻ واجب آهي.**

**تنهن ڪري اهل سنت ۽ شيعه دوست جيڪي هن فورم تي پيرو پريندڙ آهن انهن جي خدمت ۾ عرض آهي ته اسان اڄ هي مختصر ڳالهيون ذڪر ڪيون آهن. جڏهن ته انهن جي تفصيل تمام ڊگهي آهي ۽ اگر ڪو تحقيق ڪرڻ چاهي ته گهٽ ۾ گهٽ 50 60 جاين تي بزرگ سني عالمن جون اهڙيون ڳاليون نظر ايندس.**

**انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي هاڻي اسان ان سوال ڏانهن اچون ٿا ته:**

## ڇا فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم جي ذاتي ملڪيت هئو يا نه ؟؟؟؟؟؟؟؟

اها ڳالهه روشن ٿيڻ ضروري آهي ته حقيقت ۾ فتح خيبر جي موقعي تي فدڪ انهن جنگي غنيمتن جو حصو هئو جيڪي عام مسلمانن سان تعلق رکن ٿيون؟؟؟؟ يا نه پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم جي ذاتي ۽ شخصي ملڪيت هئو.

سورت حشر آيت 6 ڏانهن رجوع ڪرڻ سان ڳالهه صفا واضح ٿي وڃي ٿي. الله سائين فرمائي ٿو ته: وَمَا أَفَاءَ اللَّهُ عَلَى رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَمَا أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَلَا رِكَابٍ وَلَكِنَّ اللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُ عَلَى مَنْ يَشَاءُ

فدڪ جي رهاڪو يهودين جنهن مهل ڏٺو خيبر جي يهودين مقاومت ڪئي ته انهن مٿان وڏي مصيبت نازل ٿي، ان وقت پيغمبر اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم ڏانهن خط لکيائون. **اسان جلاوطني لاءِ به تيار آهيون پنهنجو مال به توهان کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.**

اهو مال جنهن لاءِ اوهان تلوار نه هلائي آهي يا قرآن مطابق جنهن تي اوهان اٺ يا گهوڙا نه ڊوڙايا آهن اهو رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم سان تعلق رکي ٿو. ۽ هي قرآن مجيد جي آيت آهي جنهن جو انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. يعني جنگين ۾ يا فتح جي موقعي تي يا يهودين، عيسائين ۽ مشرڪن سان جنگ ڪرڻ کان بغير اگر ڪو مال مسلمانن جي هٿ اچي ته اها خاص نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جي ملڪيت آهي.

**فدڪ پاڻ سڳورن جي ملڪيت هئي.**

**پهريون دليل: تنهن ڪري خود وڏي تاريخدان طبري جي هي تعبير آهي:** وكانت خيبر فيئا بين المسلمين وكانت فدك خالصة لرسول الله صلى الله عليه وسلم، لأنهم لم يوجفوا عليها بخيل ولا ركاب، خيبر جنگي غنيمت سان مالا مال هئو ۽ سيني مسلمانن سان تعلق پئي رکيائين. ليڪن فدڪ خالص رسول اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جي ملڪيت هئو، ان ڪري جو مسلمانن فدڪ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪا تڪليف ۽ زحمت نه ڪئي هئي (۽ نه ئي ڪا جنگ لڙي هئي).

**ٻيون دليل:** خود اهل سنت جي وڏي عالم ذهبي متوفي 748 هجري، تاريخ اسلام جلد 2، صفحي 422 تي اها ساڳئي تعبير آندي آهي.

**ٽيون دليل:** ٻئي وڏي عالم ثعلبي نيشاپوري پنهنجي ڪتاب الڪشف والبيان جيڪو تفسيري ڪتاب آهي ان جي جلد 9، صفحي 52 تي طبري جلد 2، صفحي 138 تي،

**چوٿون دليل:** ابن عبد البر، ڪتاب الدرر، صفحي 201 تي اهي تعبيرون آنديون آهن.

**پنجون دليل:** اهل سنت جو علم ڪلام جو ٽنيو ماوردي شافعي متوفي 450 هجري هڪ واقعو بيان ڪري ٿو ته جڏهن فدڪ وارن، خيبر وارن جو واقعو ٻڌو پنهنجو هڪ نمائيندو پيغمبر اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم ڏانهن موڪليائون ۽ ان کي هڪ خط لکي ڏنائون ته: **اسان پنهنجو مال اوهان کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. اوهان اسان سان جنگ نه ڪريو ۽ پيغمبر اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم انهن جي ڳالهه قبول ڪئي.** و سارت فدك خالصة لرسول الله، **۽ فدڪ خالص پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم جي ملڪيت بڻجي وئي.**

(الحاوي الكبير في فقه مذهب الامام الشافعي، (جيڪو حقيقت ۾ مختصر مزني جي شرح آهي) جلد ۱۴- ص ۵۵)

سيئي دوست وڌيڪ تفصيل لاءِ مذڪوره ڪتابن ڏانهن مراجعو ڪري سگهن ٿا.

**ڇهون دليل:** بدايع الصنايع ڪتاب جو ليکڪ علاء الدين ڪاشاني ڀ جلد 7، صفحي 116 تي لکي ٿو: كانت فدك خالصة لرسول الله اذ كانت لم يوجف عليه الصحابه من خيل و لا ركاب، **فدڪ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خالص ملڪيت هئي. ڇو جو صحابہ ان لاءِ ڪا جنگ نہ ڪئي آهي.**

**ستون دليل:** اهل سنت جو نامور تاريخدان ابو الفداء متوفي 732 هجري چئي ٿو: وكانت فدك خالصة لرسول الله صلى الله عليه وسلم لأنها فتحت بغير إيجاف خيل، **فدڪ خالص پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هئي ڇو جو ان کي بنا گهوڙن ڊوڙائڻ جي حاصل ڪيو ويو.**

بغير ان جي جو ڪا جنگ لڳي هجي فدڪ فتح ٿيو ان ڳالهہ جي وڌيڪ معلومات

المختصر في اخبار البشر- ج ۱- ص ۹۴، ۽ جناب ياقوت حموي جي ڪتاب معجم البلدان- ج۴- ص ۲۸۱ ۾ آئي آهي.

اهل سنت جو برک عالم ابو عبيد قاسم بن سلام متوفي 224 هجري جيڪو ابن سعد متوفي 230 هجري کان ڀ پهريان هئو. هڪ ڪتاب لکيو آهي **الاموال** جي نالي سان جيڪو معتبر ڪتاب آهي. اهل سنت جا دوست فقهي بحثن ۾ ابو عبيد جي **الاموال** ۾ بيان ٿيل نظرين کي دليل طور پيش ڪندا آهن. هن پنهنجي ڪتاب جي ج 1، صفحي 14 تي اهو مطلب ذڪر ڪيو آهي. **اگر اسان اتگ اڪر ڳڻائڻ چاهيون تہ اهل سنت جي 50 60 کان وڌيڪ تفسيري، تاريخي ۽ لغت جي ڪتابن ۾ اها ڳالهہ ذڪر ٿي آهي تہ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي خالص ملڪيت هئي.**

**هاڻي اهو سوال نهايت ئي اهم آهي تہ ڇا اسان وٽ ڪو اهڙو دليل يا اهڙي روايت موجود آهي جنهن مان اهو پتو پوي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ سائڻ فاطمہ زهرا سلام الله عليها کي عطا ڪيو هئو؟؟؟؟؟؟؟؟؟ يا اهڙو دليل موجود نہ آهي؟؟؟؟؟؟؟**

ان بابت ڀ تمام گهڻيون ثابتيون موجود آهن تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ سائڻ فاطمہ زهرا سلام الله عليها جي حوالي ڪيو هئو انهن منجهان هتي صرف ڪجهہ نمونا بيان ڪجن ٿا.

**پهريون پيون ۽ ٽيون دليل:** جڏهن آيت شريف: فَآتِ ذَا الْقُرْبَى حَقَّهُ،(سوره روم- آيه ۳۸) اي پيغمبر ذوي

القربي کي انهن جو حق ڏي، نازل ٿي تہ: دعا النبي صلى الله عليه وسلم فاطمة وأعطاها فدك. **پاڻ سڳورن حضرت فاطمہ کي گهرايو ۽ کيس فدک عطا کيو. اها ڳالهہ هيٺين ڪتابن ۾ ذکر ٿي آهي.**

1_ مسند أبو يعلي- ج ٢- ص ٣٣۴، مسند أبو يعلي- ج٢- ص ۵٣۴- تحقيق حسين سليم أسد نشر دارالمأمون دمشق سال طبع ١۴٠۴ هجري،

2_ شواهد التنزيل لقواعد التفضيل - الحاکم الحسکاني - ج 1 ص 439،

3_ متشابہ القرآن ومختلفہ - إبن شهر آشوب - ج 2 ص 60

**ابو يعلي نقل کيو، ابن ابي حاتم نقل کيو، جنهن جي باري ۾ ابن تيميہ چئي ٿو تہ ابن ابي حاتم جو تفسير قابل اعتماد تفسيرن منجهان آهي ۽ ابن مردويہ پڻ ابو سعيد خدري کان نقل کيو آهي**

**چوٿون دليل: جناب سيوطي متوفي 911 هجري چئي ٿو:** أخرج البزار لما نزلت هذه الآية ( وآت ذا القربى حقه ) دعا النبي صلى الله عليه وسلم فاطمة وأعطاها فدك أقطع رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم فاطمة فدك،

بزار نقل کيو جڏهن هي آيت و آت ذا القربي حقه، نازل ٿي تہ **پيغمبر اکرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم زهرا مرضيہ کي گهرايو ۽ کيس فدک عطا کيو ۽ اهو هديو لازم قرار ڏنو.** الدر المنثور- ج ۵- ص ٢٧٣- نشر دار الفکر بيروت

**پنجون دليل:** شوکاني متوفي 1255 هجري جيڪو وهابين جي مقبول شخصيت آهي ان بہ بزار، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويہ کان نقل کندي چيو آهي: **رسول اکرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدک کي زهرا مرضيہ لاءِ يقيني بڻايو. يعني حقيقت ۾ کيس عطا کيو.** (فتح القدير- ج ٣-ص ٢٢۴)

**هڪ اعتراض ۽ ان جو جواب**

**اعتراض:** ابن ڪثير دمشقي پنهنجي تفسير جي جلد 3، صفحي 377 تي نقل کندي لکي ٿو: حضرت زهرا کي فدک يقيني طور عطا ڪرڻ واري روايت جي سند اگر صحيح بہ هجي تہ اها آيت مکي ۾ نازل ٿي آهي ۽ فدک مديني ۾ سال 7 هجري ۾ فتح ٿيو آهي. اها هڪ مسخري آهي جيڪا سندن معمول آهي.

**جواب:** تمام سٺو اسان بہ اوهان کان هڪ سوال ٿا ڪريون تہ سورت الحمد يا فاتحہ مکي آهي يا مدني؟ يقينن اوهان جو جواب اهو هوندو تہ مکي بہ آهي ۽ مدني بہ چو جو هڪ ڀيرو مکي ۾ نازل ٿي هڪ ڀيرو مديني ۾. اوهان جي ڳالهہ قبول تہ آيت آت ذا القربي حقه، مکي ۾ نازل ٿي ۽ ان جي نازل ٿيڻ کان پوءِ ڪافي عرصو بہ گذريو پر مسئلو اهو آهي تہ **جيئن ئي پاڻ سڳورن وٽ هڪ سٺي شي آئي پاڻ سڳورن اها سائڻ زهرا سلام الله عليها کي عطا ڪئي.**

هاڻي اچو تہ ان روايت جي سند ڏانهن بہ هڪ اشارو ڪري ڇڏيون چو جو ناصبين جي چينلن تي ان ڳالهہ کي

وڏي مد ۾ شد سان ذڪر ڪندا آهن ته ان روايت جي ڪا سند نه آهي. هيئن آهي هوئن آهي وغيرهه وغيرهه.

**اسان جو به ڪين جواب آهي ته توهان به اسان کي حضرت ابوبڪر جي امارت ۽ خلافت لاءِ حتي هڪ سند پڌايو ته انهن جي خلافت مشروع هئي؟ هڪ سند پڌايو ته اصل قصو ڇا هيو؟ چوندا آهن ته خلافت تي اجماع ٿيو هئو. اسان کي پڌايو ته ڪهڙو اجماع؟**

اصل موضوع تا اچون ته ان روايت جي جيڪا سند ابن ڪثير، سيوطي، ابو يعلي ۽ ابن مردويهه ذڪر ڪئي آهي. معمولا سند هن ريت آهي:

سند ۾ پهريون راوي **عباد بن يعقوب** آهي جيڪو بخاري جي راوين منجهان آهي. ڏاڍو سٺو هاڻي اوهان سيني جو اهو عقيدو آهي ته بخاري جا سڀ راوي ثقه آهن اوهان جو عالم سڳورو الباني پنهنجي ڪتاب ۾ جڳهه جڳهه تي راوين جي وثاقت لاءِ دليل نه تو آڻي ۽ چئي ٿو: ثقة لانه من رجال البخاري يا من رجال البخاري يا مسلم، راوي ثقه آهي ان ڪري جو بخاري يا مسلم جي رجال مان آهي.

**ابو حاتم به چئي ٿو:** شيخ ثقة استاد به آهي ثقه به آهي. (تهذيب الكمال- ج ١۴- ص ١٧٧)

بعد وارو راوي **ابو يحيي تميمي** آهي. عجلي چئي ٿو: زكريا ثقة، زكريا ثقه آهي.

۽ اهڙي ريت عبد الرحمن ابن خراش پڻ چئي ٿو: ثقة جليل الورع، ثقه، جلالت ۽ پرهيزهيزگاري وارو آهي. دوست وڌيڪ معلومات لاءِ ڪتاب ڏانهن مراجعو ڪن.

**فضيل بن مرزوق** به آهي جيڪو صحيح مسلم جي راوين منجهان آهي. جنهن کي عجلي معرفة الثقات ج ٢ ص ٢٠٨ ۾ ثقه ڪوٺيو آهي.

**ابو سعيد خدري** به آهي جيڪو صحابه منجهان آهي ۽ ثقه هجڻ کان مٿانهون مقام تو رکي. ۽ صرف جنهن شخص تي بحث آهي اهو آهي **عطيه عوفي.**

اسان جا مخالف ڪوشش ڪندا آهن ته اهو بيان ڪن ته **عطيه عوفي** به آهن هڪ ضعيف آهي ۽ هڪ ثقه.

**جواب ۾ اهو عرض ته پهريان ته به عطيه عوفي ڪوتهن ۽ اگر هجن ته ثابت ڪريو؟؟؟؟؟**

**عطيه بن سعد عوفي** نالي سان صرف اهو هڪ راوي آهي جيڪو روايتن جي سند ۾ ذڪر ٿيو آهي.

ابو سعيد خدري کان رويت ڪئي اٿس، عبد الله بن عمر کان روايت ڪئي اٿس ۽ ٻين گهڻن ئي صحابين کان روايت ڪئي اٿس. تهذيب الكمال واري مصنف مزي پنهنجي ڪتاب جي جلد 20، صفحي 147 تي يحي بن معين کان جيڪو اهل سنت جي رجال جي باني مان هڪ ۽ ان جو ٿنيو آهي ان کان عطيه عوفي جي باري ۾ نقل ڪيو آهي ته: صالح، عطيه عوفي صالح ۽ نيڪ مرد آهي.

هيثمي مجمع الزوائد جي ڪجهہ جاين تي لکيو آهي، ڪجهہ جاين تي ائين ئي بنا سبب جي تضعيف ٿو ڪري ليڪن پوءِ بہ چئي ٿو: رواه أحمد وفيه عطية بن سعيد وفية كلام وقد وثق (مجمع الزوائد-ج ٣- ص ١٢٠) عطيہ عوفي جي باري ۾ گهٽيون ڳالهيون آهن پر حقيقت اها آهي تہ عطيہ ثقہ آهي.

ملا علي قاري چئي ٿو: اجلاء التابع، منهنجي خيال ۾ هي عبارت ڏاڍي وزني آهي. (شرح مسند ابو حنيفہ، صفحو 292)

ابن حجر عسقلاني، ابن سعد کان طبقات مان نقل ٿو ڪري ۽ چئي ٿو: وكان ثقة انشاء الله وله أحاديث صالحة، ان شاءَ الله ثقہ آهي. ۽ ان جون بيان ڪيل حديثون صلاحيت واريون آهن.(كتاب تهذيب التهذيب- ج ٧- ص ٢٠٧، طبقات إبن سعد- ج ٦- ص ٣٠٤)

نقل ڪري ٿو تہ ابن عدي بہ چئي ٿو: روي عنہ جماعة من الثقات، موثقين جي جماعت ان کان روايتون نقل ڪيون آهن.

هاڻي جيڪڏهن حقيقت ۾ بہ عطيہ ضعيف ۽ نادرست ماڻهو نہ هجي تہ ڪهڙي ريت موثقين ان کان روايتون نقل ڪري سگهن ٿا؟ اها تہ وڏي دعوا تي وئي جو هڪ ماڻهو ضعيف ۽ نادرست هجي ۽ ٻيا نيڪ ماڻهو بہ ان کان روايتون نقل ڪن!!!!!

صاحب تهذيب التهذيب، پنهنجي ڪتاب جي جلد 7، صفحي 201 تي چئي ٿو: روي عنہ جلّة الناس،

خود اسان وٽ رجال شيعہ ۾ هڪ قاعدو آهي تہ جيڪڏهن هڪ راوي کان اجلا اچي ڪري ڪا روايت نقل ڪن اها ان راوي جي ثقہ هجڻ تي دليل آهي. چو جو بزرگ اهڙا هئا اهڙن راوين کان روايت ئي نقل نہ ڪندا هئا جن جي ضعيف هجڻ يا انهن تي جعل و تدليس جي تهمت کان آگاهہ هوندا هئا. ان ڪري جو روايت نقل ڪرڻ جو مطلب اهو آهي تہ ماڻهو ان تي عمل ڪن ۽ اگر معلوم هجي تہ جنهن کان روايت نقل ڪئي وڃي ٿي اهو ضعيف ۽ غلط ماڻهو آهي تہ اتي خود موثق راوين جي وثاقت خطري ۾ پوڻ يقيني هئي ۽ اجا بہ جالب اهو آهي تہ ترمذي ڪجهہ جاين تي ان کان روايت نقل ڪندي چئي ٿو: هذا حديث حسن صحيح، (سنن ترمذي- ج ٤- ص ٨٤) هي حديث حسن صحيح آهي.

عطيہ عوفي کان ڀہ روايتون نقل ڪيون اٿس جيڪي هن ابو سعيد خدري کان نقل ڪيون آهن ٻئي حديثون نقل ڪرڻ کان پوءِ چئي ٿو: هدا حديث حسن صحيح، هي حديث حسن صحيح آهي. اهڙي ريت دوست مراجعو ڪن سنن ترمذي- ج ٣- ص ٢٢٨- حديث ٢٠٢١، ۽ سنن ترمذي- ج ٤- ص ٤٦- حديث ٢٠٥٦ ڏانهن.

۽ ٻين ڪيترن ئي جاين تي جنهن حديث جي سند ۾ عطيہ عوفي آيو آهي چئي ٿو تہ: اها حديث حسن آهي. ۽

جيڪو عطيہ ابو سعيد ۽ عبد الله بن عمر کان روايت نقل ڪري ٿو بغير ڪنهن شڪ جي ساڳيو عطيہ آهي جيڪو فدڪ واري روايت ۾ آيو آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ بيبي فاطمہ زهرا سلام الله عليها کي عطا ڪيو هئو. (تهديب الکمال- ج ١٠-ص ٢٩٧، تهذيب التهذيب- ج ١- ص ٢٠٠)

آخري نڪتو: اهل سنت پائرن وٽ الباني کي امام الجرح والتعديل جو درجو حاصل آهي. موصوف سنن ابن ماجہ جي حاشئي تي ڪجهہ جاين تي لکيو آهي تہ: عن عطية العوفي ، عن أبي سعيد الخدري ، قال : قال رسول الله صلیٰ الله عليہ وسلم " أفضل الجهاد ، كلمة عدل عند سلطان جائر

البتہ اها روايت 1400 سال ويسر جي ور چڙهي وئي هئي ۽ هاڻي الحمد لله اسلامي سجاڳي جي هن دور ۾ ان روايت تمام گهڻي مقبوليت ماڻي آهي ۽ جالب بڻجي وئي آهي. البتہ اهل سنت والجماعت جي نظر ۾ صرف شام ۾ ان روايت تي عمل ڪرڻ لازم آهي. ليڪن سعودي عرب، قطر ۽ بحرين ۾ ان روايت تي عمل ڪرڻ ممنوع آهي. " أفضل الجهاد ، كلمة عدل عند سلطان جائر (سنن إبن ماجہ- ج ٢-برمبناي مکتبہ شاملہ)

هي روايت الجامع الڪبير ۾ بہ ڪانهي، مکتبہ اهل البيت ۾ بہ ڪانهي صرف مڪتبہ شاملہ ۾ آهي. سنن ابن ماجہ، جنهن تي الباني جو حاشيو آهي، جلد 2، صفحي 1329 ۽ حديث 4011 ۾ ان روايت کي نقل ڪري چئي ٿو: قال شيخ ألباني صحيح، شيخ الباني چئي ٿو اها روايت صحيح آهي.

جلد ٢- ص ١٤٣٨- حديث ٤٣٠١م چئي ٿو: زوائد في اسناد عطية عوفي و هو ضعيف قال شيخ الألباني صحيح،ان جي سند ۾ عطيہ عوفي آهي مجمع الزوائد ۾ ۽ اهو ضعيف آهي. ليڪن شيخ الباني چئي ٿو اها صحيح آهي.

ليڪن مڪتبہ شاملہ جي سافٽ ويئر مطابق سنن ترمذي، جلد 5، صفحي 372، حديث نمبر 3242 تي آهي تہ: عن عطية عن أبو سعيد قال شيخ الألباني صحيح، جيتوڻيڪ اسان وٽ تمام گهڻي تفصيل آهي پر متين ڳالهين مان حق صاف واضح آهي.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 28 ڊسمبر 2014

28 ڊسمبر 2014



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

ادا ڪاشف ڪريم صاحب...وڏيون مهربانيون جو توهان پاران تفصيلي جواب عنايت ڪيو ويو آهي.
توهان اصحابي سڳورن جي وچ ۾ اختلافن ۽ جنگين جو ذڪر ڪيو آهي، ان موضوع تي هتي ڳالهائڻ غير ضروري آهي ڇاڪاڻ جو اهو مڪمل هڪ الڳ موضوع آهي.

> *جي بلڪل ائين ئي آهي طلحہ، زبير ۽ بيبي عائشہ اجتهاد ڪيو تہ حضرت علي عليہ السلام سان جنگ واجب آهي ۽ بصري تي حملو واجب آهي ۽ اتان جي اصلاح لاءِ ويا هئا. هاڻي سوال اهو آهي انهن ڪي ڪنهن جي درميان اصلاح ڪرائڻي هئي. انهن جي مڪي اچڻ کان پهريان بصري ۾ ڪهڙي ڳالهہ تي اعتراض هئو؟*

ان کان علاوه توهان حضرت ابوبڪر صديق جي خلافت بابت بہ اعتراض اٿاريو آهي...

> *هاڻي اچو تہ ان روايت جي سند ڏانهن بہ هڪ اشارو ڪري ڇڏيون ڇو جو ناصبين جي چينلن تي ان ڳالهہ کي وڏي مد ۽ شد سان ذڪر ڪندا آهن تہ ان روايت جي ڪا سند نہ آهي. هيئن آهي هوئنن آهي وغيرهہ وغيرهہ. اسان جو بہ ڪين جواب آهي تہ توهان بہ اسان کي حضرت ابوبڪر جي امارت ۽ خلافت لاءِ حتي هڪ*

هن موضوع تي بہ الڳ سان تفصيلي بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي ، تاريخ جي انهن افسوسناڪ واقعن بابت ڪوڙ سايون هٿ ٺوڪيون، ڪوڙ فريب سان ڀرپور روايتون ملاوٽ ڪري ٻڌايون وينديون آهن، بدقسمتي سان اسان سنڌي ماڻهن ۾ اڃا هڪ ٻئي جي مخالفت کي برداشت ڪرڻ جو مادو پيدا ئي نہ سگهيو آهي. اسان مان هر هڪ صرف پاڻ کي حق تي سمجهي ٿو ۽ پنهنجي ڳالهہ ئي حرف آخر ڄاڻائي ٿو. هجڻ تہ ائين گهرجي ها تہ هر ڪنهن کي پنهنجو پنهنجو مؤقف پيش ڪرڻ جي آزادي هجي ها ۽ مخالفن کي وري ان جو رد ڪرڻ جو موقعو بہ ڏنل هجي ها...!!
بحرحال...الله سائين اسان سنڌي ماڻهن کي ساڃهہ ڏئي..

فدڪ جي ملڪيت کي حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ذاتي ملڪيت جي

دليل طور توهان لکيو آهي ته..

> *سورت حشر آيت 6 ڏانهن رجوع ڪرڻ سان ڳالهه صفا واضح ٿي وڃي ته الله چئي ٿو: وَمَا أَفَاءَ اللَّهُ عَلَىٰ رَسُولِهِ مِنْهُمْ فَمَا أَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَلَا رِكَابٍ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهُ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ*

محترم ڀاءُ... ڇا مال في بابت سورت حشر ۾ 6 نمبر آيت کان پوءِ آيت نمبر 7 ڪنهن ٻئي موضوع بابت آهي...؟
پلا سورت حشر جي آيت 7 کي به 6 نمبر آيت سان گڏ ملائي "مال في" کي خرچ ڪرڻ بابت الله پاڪ جون مزيد هدايتون ڇو نه قبول ڪيون وڃن..؟
اهڙو "مال في "جيڪو رسول پاڪ جي ذاتي ملڪيت هجي ان ۾ ايترن سارن حصيدارن جو حق خود الله عزوجل ڇو رکيو آهي..؟
اميد ته بنا ناراض ٿيڻ جي ان بابت به اسان جي رهنمائي ڪندا.

توهان اڳتي حضور اڪرم پاران حضرت بيبي سيده فاطمه کي فدڪ عطا ڪرڻ متعلق حوالا فراهم ڪيا آهن.

منهنجي ڄاڻ مطابق فدڪ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حياتي ۾ ۽ سندن ظاهري وفات تائين سندن اختيار ۾ رهيو هو. ڇا توهان جي مراد عطا ڪرڻ مان صرف زباني حڪم هو..؟ يا فدڪ جو قبضو به ان ۾ شامل آهي..؟

توهان کي اها به گذارش ڪئي هئم ته توهان لکيو آهي ته حضرت ابوبڪر صديق سامهون حضرت بيبي سيده فاطمه جو پهريون مطالبو هي ڪيو ويو هو.
**1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليه و آله وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليه و آله وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا هئا**

هن پهريئن مطالبي واري ڳالهه توهان ڪهڙي ڪتاب مان ورتي آهي..؟
ڇاڪاڻ جو منهنجي ڄاڻ موجب هن قسم جو ڪو به مطالبو نه ڪيو ويو هو، صرف وراثت جي ڳالهه ڪئي وئي هئي. اميد ته ان جو حوالو به فراهم ڪندا.

فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت توهان جي ڏنل حوالن تي تحقيق ڪري جواب لکيو ويندو. انشاالله.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 28 ڊسمبر 2014

28 ڊسمبر 2014

kashifkareem
نئون رڪن

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

> محترم ڀاءُ... ڇا مال في بابت سورت حشر ۾ 6 نمبر آيت ڪان پوءِ آيت نمبر 7 ڪنهن ٻئي موضوع بابت آهي...؟
> ڀلا سورت حشر جي آيت 7 کي به 6 نمبر آيت سان گڏ ملائي "مال في" کي خرچ ڪرڻ بابت الله پاڪ جون
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

**ادا سائين ناراض ٿيڻ جي ڪا ڳالهه نه آهي اصل مسئلو اهو آهي ته اسان ڪجهه ڳالهين تي ايترو مضبوط عقيدو رکي ويهندا آهيون جو اگر ان عقيدي جي خلاف اسان کي ڪيترا ثبو ت به پيش ڪيا وڃن اسان انهن کي مڃڻ لاءِ تيار نه هوندا آهيون. آيت نمبر 7 جون هدايتون اکين تي پر اسان اوهان کي ڪيترا حوالا پيش ڪيا آهن ته فدڪ پاڻ سڳورن جي ذاتي ۽ شخصي ملڪيت هئي. ڀهريان اسان کي ثابت به اهو ڪرڻو هئو ته فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ذاتي ملڪيت هئي. ان جي ثبوت ڪان پوءِ بار بار ان ضد تي اڙيل رهڻ ته مال في هنن هنن شخصن کي ملڻ گهرجي منهنجي خيال ۾ اهو نص جي مقابلي ۾ اجتهاد آهي جنهن جي شريعت اسلامي ۾ ڪا به گنجائش نه آهي. يعني هڪ مسئلي تي نص موجود آهي ته فدڪ پاڻ سڳورن جي ذاتي ملڪيت هئو.**

اوهان آيت جي تشريح ڪري ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**اهو ته اهي سڀ روايتون جيڪي اسان مٿي بيان به ڪري آيا سين ته فدڪ پاڻ سڳورن جي شخصي ملڪيت هيو. معاذ الله اهي روايتون ڪوڙيون آهن؟؟؟؟؟**

**جي ڪوڙيون نه آهن ته بار اهو مشورو ڏيڻ جو ڪهڙو مطلب ته اسان آيت نمبر 7 ست کي پڙهي ان جي هدايتن تي به عمل ڪريون!!!!**

**هاڻي سوال اهو آهي ته جن مفسرن، محققن ۽ تاريخدانن فدڪ کي پاڻ سڳورن جي ملڪيت ڄاڻايو آهي نعوذ بالله انهن کي اسان جيترو به علم نه هيو ڇا جو اسان انهن جي نصن کي ڇڏي پنهنجو اجتهاد هلايون ۽ آيت جي پنهنجي دل گهري تشريح ڪيون؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*نوهان اڳتي حضور اڪرم ﷺ پاران حضرت بيبي سيده فاطمہ کي فدڪ عطا ڪرڻ متعلق حوالا فراهم ڪيا آهن.*

*مڪمل اقتباس ڏسو...*

ادا مون ايترا حوالا فراهم ڪيا آهن تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ سائڻ فاطمہ کي بخشيوهيو ۽ اها بخشش بہ بخشش لازمي هئي. **هتي ان ڳالهہ کي واضح ڪرڻ بہ ضروري آهي تہ بخشش ۽ عطا يا هديو پڻ قسمن جو هوندو آهي.** هڪ جائز پيو لازم شريعت ۾ ڪافي معاملا انهن پڻ قسمن تي مشتمل آهن. فرق اهو آهي تہ اگر عطا يا بخشش جائزه هجي تہ ان ۾ عطا ڪرڻ وارو عطا ڪيل شي واپس وٺي سگهي ٿو پر جيڪڏهن بخشش لازم هجي تہ اتي بخشش ڪرڻ وارو شخص بخشيل شي واپس نہ ٿو وٺي سگهي ۽ مون متي ڪجهہ روايتن جا لفظ بہ بيان ڪيا تہ اها بخشش قطعي ۽ لازم هئي. هيٺئين اقتباس کي غور سان پڙهو.

kashifkareem لکيو آهي: ↑

***چوٿون دليل: جناب سيوطي متوفي 911 هجري چئي ٿو:** أخرج البزار لما نزلت هذه الآية ( وآت ذا القربى حقه ) دعا النبي صلى الله عليه وسلم فاطمة وأعطاها فدك أقطع رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم فاطمة فدك،*

*مڪمل اقتباس ڏسو...*

ادا انهن روايتن مان تہ زباني حڪم ظاهر نہ ٿو ٿئي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو چئي: **نقاش اختر کي ممتاز قريشي صاحب گهرايو ۽ ڪيس هڪ جريب زمين عطا ڪئي. ڇا ان مان سمجهڻ وارا اهو سمجهندا تہ ممتاز قريشي صرف زباني حڪم ڪيو؟؟؟**

**يا تہ بلڪ اهو سمجهندا تہ ممتاز قريشي صاحب ڪيس هڪ جريب زمين عطا ڪئي.**

ظاهرن سمجهڻ وارا اهو ئي سمجهندا تہ ممتاز قريشي صاحب نہ فقط زبان سان چيو بلڪ ڪيس هڪ جريب زمين عطا ڪئي.

ها اگر ائين چيو وڃي تہ ممتاز قريشي صاحب نقاش اختر کي گهرايو ۽ ساڻس واعدو ڪيو تہ ڪيس هڪ جريب زمين عطا ڪندو. ان صورت ۾ اوهان جي ڳالهہ صحيح آهي تہ اهو هڪ زباني حڪم جي حيثيت رکي ٿو.

البتہ شين جا مختلف قسم آهن هڪڙيون شيون هٿ ۾ وٺبيون آهن جيئن پئسا اگر هڪ ماڻهو ٻئي کي پئسا ڏئي تہ انهن جو قبضو هٿن سان انجام ٿيندو آهي. زمين جو قبضو هٿن سان انجام نہ ٿو ٿئي بلڪ ان ۾ ملڪيت جيڪا هڪ قراردادي شي آهي اها هڪ شخص کان ٻئي شخص ڏانهن منتقل ٿيندي آهي. يعني پهريان مالڪ هيو ڏيڻ وارو هئو هاڻي جنهن هديو وصول ڪيو اهو مالڪ بڻجي ويو آهي. ان اعتبار کان پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي بخشش ۽ عطا قراردادي هئي ۽ باغ فدڪ جي ملڪيت سائڻ فاطمہ زهرا ڏانهن منتقل ٿي. **جڏهن اهو ثابت ٿي ويو تہ پاڻ سڳورن پنهنجي زندگي ۾ فدڪ جي ملڪيت بيبي زهرا سلام الله عليها جي حوالي ڪري ڇڏي هئي تہ هاڻي اهو بہ واضح ٿي ويندو تہ رسول جي رحلت کان پوءِ خليفي جڏهن باغ فدڪ تي قبضو ڪيو تہ سائڻ کي پهريان پنهنجي ملڪيت جي ثي گهر ڪرڻي پوندي. خليفي جي انڪار جي صورت ۾ ثي ٻئي مطالبي جو وارو ايندو.**

29 ڊسمبر 2014

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)







Forum software by XenForo™
Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse.
قانون ۽ قائدا

# فدڪ





**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

مهرباني ادا ڪاشف ڪريم صاحب...توهان تمام سُني بحث ڪري رهيا آهيو، منهنجي ٻه تحقيق جاري آهي ۽ توهان جا سڀ حوالا چيڪ ٿي رهيا آهن.

توهان کان هڪ حوالو وڌيڪ گهرجي جنهن باب متي عرض ڪيو ويو آهي. ٻيهر هتي لکي رهيو آهيان. اميد ته ساڳئي سلجهيل انداز سان جواب ڏيڻ جي عنايت ڪندا.

توهان لکيو آهي ته حضرت ابوبڪر صديق سامهون حضرت بيبي سيده فاطمہ جو پهريون مطالبو هي ڪيو ويو هو.
**1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا هئا**

هن پهريئن مطالبي واري ڳالهه توهان ڪهڙي ڪتاب مان ورتي آهي..؟
ڇاڪاڻ جو منهنجي ڄاڻ موجب هن قسم جو ڪو ٻه مطالبو نہ ڪيو ويو هو، صرف وراثت جي ڳالهه ڪئي وئي هئي. اميد ته ان جو حوالو ٻه فراهم ڪندا.

محترم دوستو...جيتوڻيڪ "مال في" جي مالڪي بابت قرآن پاڪ مان ئي مسئلو حل ٿي وڃي ٿو ، پر جيئن ته ادا ڪاشف ها ڳالهه ثابت ڪري رهيا آهن ته حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پنهنجي زندگي ۾ ئي باغ فدڪ حضرت بيبي سيده فاطمہ کي عطا ڪر ڇڏيو هو ۽ حضرت بيبي سيده فاطمہ اهو مطالبو حضرت ابوبڪر صديق آڏو ٻه رکيو هو ته هاڻ ان بابت وڌيڪ حقيقتون پڙهندڙن تائين پهچايون ويندون. انشاالله.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 29 ڊسمبر 2014

29 ڊسمبر 2014

**kashifkareem**
نئون رڪن

ادا ممتاز قريشي صاحب لکيو آهي:

توهان کان هڪ حوالو وڌيڪ گهرجي جنهن بابت مٿي عرض ڪيو ويو آهي. ٻيهر هتي لکي رهيو آهيان. اميد ته ساڳئي سلجهيل انداز سان جواب ڏيڻ جي عنايت ڪندا.

ادا سائين بلڪل اوهان کي سهڻي انداز سان جواب ڏيندا سين اسان جنهن مذهب جا مڃڻ وارا آهيون ان ۾ اخلاقي سطح کان هيٺ لهڻ جي ڪا به گنجائش نه آهي. ادا مٿي اسان اهو ثابت ڪري آياسين ته فدڪ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي شخصي ملڪيت هئو ۽ ان کان پوءِ معتبر سني ڪتابن منجهان اهو به ثابت ڪيو سين ته پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي قرآن جي حڪم مطابق اها ملڪيت پنهنجي نياڻي سيده فاطمہ زهرا سلام الله عليها جي اختيار ۾ ڏني هئي. يعني حضور ڪريم جن جي زندگي ۾ ئي فدڪ سائڻ زهرا سلام الله عليها جي شخصي ملڪيت بڻجي چڪو هئو. ۽ حضور ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي رحلت کان پوءِ حضرت ابوبڪر ان تي قبضو ڪيو ۽ سائڻ زهرا سلام الله عليها کان اهو باغ کسيو. ته بيبي صاحبہ ابو بڪر وٽ آئي ۽ کيس چيو ته فدڪ منهنجي ملڪيت آهي. مون کي منهنجي ملڪيت واپس ڪر. ادا ممتاز قريشي جن ان بابت هڪ حوالي جي گهر ڪئي ته ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته بيبي صاحبہ حضرت ابو بڪر کان اهو مطالبو ڪيو هئو؟ منهنجي خيال ۾ ممتاز قريشي سميت هر علم دوست اها ڳالهہ چڱي ريت ڄاڻي ٿو ته جڏهن هڪ شي ملڪيت ۾ هجي ۽ ڪو ان تي قبضو ڪري ته ان کان پنهنجي ملڪيت جي ئي گهر ڪبي آهي تنهن ڪري منهنجي خيال ۾ ٻهرئين مطالبي بابت سوال جي گنجائش نه هئي. پر ڇو جو هي هڪ انتهائي حساس مسئلو آهي ۽

ممتاز قريشي بہ يقين حاصل ڪرڻ خاطر اهڙو سوال ڪيو آهي تہ يقينن اسان بہ ڪيس سھڻو جواب ڏيئي رهيا آهيون.
ادا ممتاز قريشي جا الفاظ هي آهن.

توهان لکيو آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق سامهون حضرت بيبي سيده فاطمہ جو پهريون مطالبو هي ڪيو ويو هو.**1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا هئا**

هن پهريئن مطالبي واري ڳالھ توهان ڪهڙي ڪتاب مان ورتي آهي..؟

چاڪاڻ جو منهنجي ڄاڻ موجب هن قسم جو ڪو بہ مطالبو نہ ڪيو ويو هو، صرف وراثت جي ڳالھ ڪئي وئي هئي. اميد تہ ان جو حوالو بہ فراهم ڪندا.

ادا قريشي صاحب توهان جي ڳالھ صحيح آهي اسان سيني جو علم ناقص آهي ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن جن کان اسين اڻڄاڻ آهيون پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ انهن ڳالهين جو وجود ئي ڪونهي. ان بابت ڪيترن ئي معتبر شيعہ ۽ سني ڪتابن ۾ تفصيلون ذڪر ٿيون آهن اوهان کي هڪ حوالو ذڪر ڪريان ٿو. اگر پوءِ بہ اوهان کي اطمينان حاصل نہ ٿئي تہ ٻيا حوالا ذڪر ڪندس. مون اهو مطلب جناب بلاذري جي ڪتاب فتوح البلدان، جلد 1، صفحي 44 تان کنيو آهي.
احمد بن يحيي بن جابر بلاذري متوفي 279 هجري ٽين صدي هجري جي برجستہ عالمن منجهان هڪ آهي جيڪو امام بخاري، امام مسلم، ابن ماجہ قزويني ۽ دائود سجستاني جو معاصر آهي.

**جناب بلاذري پنهنجي ڪتاب فتوح البلدان، جلد 1، صفحي 44 تي لکي ٿو تہ:**

**ان فاطمة رضي الله عنها قالت لأبي بكرالصديق رضي الله عنه اعطني فدک فقد جعلها رسول الله صلي الله عليه وسلم لي**

**فسألها البينة،**

**حضرت زهرا سلام الله عليها، ابوبڪر کي چيو: مون کي فدڪ ڏي، پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ کي منهنجي ملڪيت قرار ڏنو هئو، ابو بڪر کيس چيو: جيڪڏهن پيغمبر تو کي ڏنو هئو تہ تو وٽ شاهد بہ آهن يا نہ؟**

ادا سائين مٿي بيان ڪيل ان سچي تفصيل مان تہ صرف هڪ ڳالهہ ئي واضح ٿي رهي آهي تہ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ذاتي ۽ شخصي ملڪيت هئو، جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم وآت ذا القربي حقه، آيت نازل ٿيڻ کان پوءِ بيبي فاطمہ زهرا سلام اللہ عليها کي گهرائي ان جي حوالي ڪيو. ۽ سندن زندگي ۾ ئي فدڪ بيبي زهرا سلام اللہ عليها جي ملڪيت بڻجي ويو. ليڪن رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي رحلت کان پوءِ امت سندس نياڻيءَ چادر تطهير جي وارث، آيت مباهلہ جي مصداق بيبي کي پنهنجي حق اهو ڏنو جو ان جي ملڪيت تي قبضو ڪيائون.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 30 ڊسمبر 2014

30 ڊسمبر 2014

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ادا راشد.... توهان حضرت بيبي سيده فاطمہ کي مظلوم ڪيئن ٿا پيش ڪريو..!!؟؟ جيڪڏهن فدڪ جي ملڪيت حقيقت ۾ اهل بيت سڳورن کان غصب ڪيل هجي ها تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ پنهنجي چار سالن جي خلافت ۾ ان بابت ڪهڙا قدم کنيا هئا.......!!؟؟

سائين قريشي صاحب ڪاش جي اسان کي اهو معمو سمجهہ ۾ اچي جي تہ اهو حادثو دراصل ڇا هيو ان ناسمجهي امت کي ڪهڙي مصيبت ۾ مبتلا ڪيو تہ اوهان جو سوال ئي ختم ٿي وڃي. پر اهو تہ هتي بحث ئي ناهي ان ڪري اهڙا سوال اٿي رهيا آهن. جنابِ زهرا سلام الله عليها جو مقدمو فدڪ مقدمو ولايت سان جڙيل آهي پر وري بہ اهو ئي چوندس تہ هتي تہ اهو بحث ئي ناهي. ٻي ڳالهہ تہ ان علي عليہ اسلام کي ان باغ جي ڪهڙي ضرورت آهي جنهن جي پنهنجي زندگي ڇڳل جوتي پائيندي گذرري (دوارانِ خلافت)
ممتاز قريشي صاحب جو سوال
ڇا توهان حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي نعوذبالله بي اختيار خليفو سمجهندا آهيو..!! ؟؟
ادا گذارش عرض آهي
جي مولا ڪائنات اها ميراث پنهنجي دور ۾ واپس ڪري ها تہ دشمنِ اسلام کي اها جرح جي جاءِ ملي وڃي ها تہ هي واقعي ملڪيتن جو جهڳڙو هو جيڪو خيال اڳتي يزيد ظاهر ڪيو هو تہ نہ ڪا وحي آئي نہ ڪو قرآن آيو بلڪ هي تہ
..........................................................

30 ڊسمبر 2014



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

## تحقيقي جائزو

جيئن ته باغ فدڪ جي موضوع تي تمام تفصيل سان جرح تي رهي آهي. هن جڳه تي تمام اهم نقطو پيش ٿو ڪجي. سيني دوستن کي دعوت فڪر ڏجي ٿي......
اهل تشيع وٽ باغ فدڪ جي موضوع ۾ ٻه دعوائون موجود آهن،
هڪ وراثت جي دعوا ..
ٻيو هبه جي دعوا ..
يعني شيعه جون ڪجھ روايتون باغ فدڪ کي وراثت طور بيبي سائڻ جو حق قرار ڏين ٿيون. جيئن ته احتجاج تبرسي ۽ ٻين ڪتابن ۾ لکيل آهي.... ۽ شيعه جون ڪجھ روايتون باغ فدڪ جو بيبي سائڻ کي هبه (يعني تحفو) ٿيل قرار ڏين ٿيون.....

ادا ڪاشف ڪريم باغ فدڪ کي هبه جي موضوع ۾ آڻي ان متعلق ڪوڙ ساريون روايتون گڏ ڪيون آهي،
ان لاء ان موضوع تي بحث ڪرڻ بهتر رهندو.....

جيئن ته حضرات شيعه ان ڳالھ جا مدعي آهن ته باغ فدڪ بيبي سائڻ کي هبه ڪيو ويو هيو ۽ پوء ان کي غصب ڪيو ويو.

طرائف ۾ هڪ روايت سيد الحفاظ بن مردويه کان موجود آهي:

"ابو سعيد کان منقول آهي جڏهن هي آيت (وآت ذا القربه حقه) نازل ٿي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حضرت فاطمه کي گهرايو ۽ فدڪ عطا ڪيو"

**هلندڙ.........**

1 جنوري 2015

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

بحار الانوار ۾ "باب نزول الآيات في امر فدڪ" ۾ ملا باقر مجلسي آيت (وآت ذا القربئ حقہ) جي شان نزول ۾ ساڳي روايت آندي آهي. ان روايت ۾ ملا باقر مجلسي سندن ڪي ترڪ ڪيو آهي.

پر علامہ طبرسي ان روايت جي سندن جو ذڪر ڪيو آهي.

قاضي نور الله شوستري پنهنجي ڪتاب "احقاق الحق" ۾ ساڳي روايت کي نقل ڪيو آهي.

ڪنز العمال جي باب صلہ رحم ۾ ابو سعيد کان ساڳي روايت موجود آهي.

"طعن الرماح" ۾ مجتهد سيد محمد ، (در منثور سيوطي ۽ ڪنز العمال شيخ علي متقي ۽ سيد الحفاظ ابن مردويہ ۽ صاحب تاريخ آل عباس) کان فدڪ جي هبہ ثيڻ جي روايت ابو سعيد کان مروي ٿيل ذڪر ڪئي آهي .

مٿي ڄاڻايل اهل تشيع جي ڪتابن ۾ موجود مختلف روايتون مثال طور پيش ڪيون آهن، جيڪي شيعہ عالمن (اهل سنت توڙي اهل تشيع) جي ڪتابن مان آنديون آهن..... مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن کان علاوه بہ ڪوڙ سارا اهل تشيع جا ڪتاب ان موضوع تي لکيل آهن پر هتي صرف ڪجہ ڪتاب مثال طور بيان ڪيا ويا آهن، اصل مقصد انهن روايتن تي غور و فڪر ڪرڻ آهي، ڇا ڪاڻ تہ ڪنهن بہ روايت جي معتبر هجڻ لاءِ ان روايت جي صحت ۽ راوين کي ڏسڻو پوندو....

## غور طلب . . .

اهل تشيع جي عالمن پنهنجن ڪتابن ۾ جيڪي (هبہ باغ فدڪ جي موضوع تي) روايتون ۽ حديثون پيش ڪيون آهن اهي ٻن قسمن جون آهن .

(1) هڪ اهي جنهن ۾ راوين جي پوري تفصيل لکي وئي آهي.
(2) ٻيون اهي جنهن ۾ راوين جو ذڪر بنا ڪنهن تفصيل جي ڪيو ويو آهي.

هاڻي انهن ٻنهي قسمن جي روايتن کي تفصيل سان بيان ڪجي ٿو..

(1) ڪجہ روايتون اهي آهن جيڪي طرائف ۾ سيد الحفاظ ابن مردويہ کان نقل ڪيون ويون آهن، جنهن کي

"عماد الاسلام" ۽ ٻين ڪتابن ۾ ﺑہ ذڪر ڪيو ويو آهي، ان روايت ڪي بيان ڪرڻ وارا راوي هيٺ ڏجن ٿا....
(اول ابوالفتح عبدوس بن عبدالله همداني، ٻيون قاضي ابو نصر شعيب بن علي، ٽيون موسي بن سعيد، چوٿون وليد بن علي، پنجون عباد بن يعقوب، ڇهون علي بن عباس، ستون فضيل، اٺون عطيہ ۽ نائون **ابو سعيد** جن

تي روايت جو سلسلو ختم ٿئي ٿو)

هڪ ٻئي روايت جيڪا "بحار الانوار" ڪتاب ۾ موجود آهي ان ۾ ﺑہ تقريبن چوڏهن 14 راوي لکيا ويا آهن جنهن ۾ آخري راوي **ابو سعيد خدري** ڄاڻايو ويو آهي.

۽ ابن طائوس جي ڪتاب "سعد السعود" ۾ تفسير محمد بن عباس جي حوالي سان روايت نقل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ پڻ راوي لکيا ويا آهي ۽ آخري راوي **ابو سعيد خدري** آهي.

مزيد هڪ روايت جيڪا ملا باقر مجلسي "بحار الانوار" ۾ لکي آهي ان جو اول راوي محمد بن عباس، ٻيون علي بن عباس مقالعي، ٽيون ابو ڪريب، چوٿون معاويہ، پنجون فضيل بن مرذوق، ڇهون عطيہ عوفي ۽ ستون **ابو سعيد خدري.**

مزيد اها روايت جيڪا "عماد الاسلام" ۾ در منثور کان بنا ڪنهن حوالي سان سند نقل ڪئي آهي. جنهن جو ذڪر ڪاشف ڪريم ﺑہ ڪري آيو آهي. ان ۾ ﺑہ آخري راوي **ابو سعيد خدري** ڄاڻايو ويو آهي.

مزيد روايت طرائف ۾ اها روايت موجود آهي جنهن ۾ سلسلہ اسناد محذوف آهي. انهي کي بحوالہ واقدي ، قاضي نور الله شوستري پنهنجي ڪتاب "احقاق الحق" ۾ نقل ڪيو آهي.

اهو آهي اهو مجموعو جيڪو شيعہ حضرات هبہ فدڪ کي ثابت ڪرڻ لاءِ پيش ڪندا آهن ۽ جيئن تہ انهن جي ڪتابن م ڪثرت سان اهي روايتون لکيل آهن ، تنهن ڪري سني حضرات انهن روايتن کي ڏسي ڪري حيران ٿي ويندا آهن ۽ پڻ تذبذب جو شڪار ٿي پوندا آهن. انهن مڙني روايتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ روايت جو سلسلو اچي **ابو سعيد** تي ختم ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ عطيہ عوفي ۽ پوءِ فضيل بن مرذوق کان اهو سلسلو اڳتي هلي ٿو..

## ابو سعيد خدري ؟

پر هتي ابو سعيد جي نالي ۾ هڪ عجيب ڌوڪو ڏنو ويو آهي ، ڇا ڪاڻ تہ ناظرين هي نالو پڙهي ڪري يقينن ذهن ۾ اهو خيال آڻيندا تہ هي ابو سعيد خدري آهن جيڪي صحابي رسول آهن !!!!!!

## هلندڙ . . .

1 جنوري 2015

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

جيئن ته مذڪورا روايت جو سلسلو ابو سعيد خدري تي ختم ٿئي ٿو ۽ اها ئي اصل پاڙ آهن ........
حقيقت ۾ اهي ابو سعيد خدري نہ آهن بلڪ هي ابو سعيد آهي جيڪو ڪلبي جي خطاب سان مشهور آهي ۽ صاحب تفسير آهي. ان شخص جا ڪوڙ سارا نالا ۽ ڪنيتون آهن. انهي سبب جي ڪري اڪثر عوام ڌوڪو کائيندي آهي.

**( ابو سعيد جو تعارف )**
ڪڏهن هن جو نالو محمد بن سائب ڪلبي ڪنيون ويندو آهي.

۽ ڪڏهن وري حماد بن سائب ڪلبي جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

هن جون ٽي ڪنيتون آهن (1) ابو نصر (2) ابو هشام (3) ابو سعيد

ابو سعيد کان عطيہ عوفي روايت ڪري ٿو ۽ جيئن تہ عطيہ شيعا هيو، ان لاء اهڙي قسم جون حديثون پنهنجي شيخ کان اهڙي طريقي سان روايت ڪري ٿو تہ جنهن سان ڌوڪو ٿئي تہ هي ابو سعيد خدري کان روايت ٿيل آهي جا ڪاڻ تہ هو حدثنا يا قال ابو سعيد چئي ڪري چپ ٿي وڃي ٿو ۽ اهو واضح نہ ٿو ڪري تہ آيا هي ابو سعيد خدري آهي يا ابو سعيد ڪلبي !!!!!

سڀ کان پهريان عطيہ عوفي جو حال ۽ پوء ابو سعيد ڪلبي جو حال اسماء الرجال جي ڪتابن مان بيان ڪجي ٿو......

عطيہ : جنهن شخص ان روايت کي ابو سعيد کان بيان ڪئي آهي ان جو ذڪر "تقريب" ۾ جيڪو اسماء الرجال جو معتبر ڪتاب مڃيو وڃي ٿو ، ان ۾ مذڪور آهي "عطيہ بن سعد روايت ۾ خطا بہ ڪندو هيو ۽

تدليس بہ ڪندو هيو ۽ شيعہ هيو"

اول تہ ان جي روايت هن سبب کان يقين جوڳي ناهي جو هو ڪثير الخطا هيو، ٻيو تدليس جي ڪري پايہ اعتبار کان ساقط آهي ۽ ٽيون تہ هو شيعا هيو تنهن ڪري اها روايت شيعن جي آهي نہ ڪي سنين جي.

"ميزان الاعتدال" ۾ ان جي نسبت لکيل آهي :
"يعني عطيہ بن سعد عوفي ڪوفي تابعي مشهور ضعيف آهي"

"۽ ابو حاتم چئي ٿو ان جي حديث ضعيف آهي"

"سالم مرادي چئي ٿو عطيہ شيعہ هيو"

"امام احمد چون ٿا تہ هو ضعيف الحديث آهي"
"
امام احمد هڪ ٻي جڳہ تي چون ٿا : مون کي خبر پهتي آهي تہ عطيہ (ابو سعيد) ڪلبي وٽ ايندو هيو ۽ انهن کان تفسير ٻڌندو هيو ۽ ان کي ابو سعيد جي نالي سان لکندو هيو ۽ لکندو هيو تہ ابو سعيد هيئن چيو.
ذهبي چوي ٿو تہ ان مان هن جي مراد آهي تہ ماڻهو ايئن سمجهن تہ هي ابو سعيد خدري آهي ۽ نسائي ۽ هڪ جماعت هن کي ضعيف چيو آهي"

**ان سڄي بحث مان اهو واضح ۽ چٽو ٿي ويو تہ اها روايت ابو سعيد خدري ، جيڪي صحابي آهي، انهن کان نہ آهي، بلڪہ ابو سعيد ڪلبي، جيڪو مفسر آهي، ان کان آهي-----**

هاڻي اچئون ٿا ان شخصيت ڏانهن ،جنهن تي مذڪورا روايت جو سلسلو منقطع ٿئي ٿو ۽ ان کي اڪثر ڪتابن ۾ ابو سعيد خدري ڪري پيش ڪيو ويو آهي ........

امام سخاوي "شرح رسالہ منظومہ جزري" ۾ لکن ٿا تہ (اهو ماڻهو جنهن جا مختلف نالا ۽ ڪنيتون ۽ لقب آهن اهو محمد بن سائب ڪلبي مفسرآهي، ان جي ڪنيت ابو نصر آهي ۽ انهي جو نالو حماد بن سائب آهي ۽ انهي جي ڪنيت ابو سعيد آهي ۽ انهي ئي ڪنيت سان عطيہ ان کان روايت ڪري ٿو، تہ جيئن ماڻهن ۾ اهو شڪ ۽ شبهو پيدا ٿئي تہ هي ابو سعيد خدري آهي ۽ انهي جي ڪنيت ابو هشام بہ آهي ۽ ان ڪنيت سان قاسم بن وليد ان کان روايت ڪري ٿو)

۽ "تقريب" ۾ ان جي نسبت ڪجھ هيئن لکيل آهي؛
" محمد بن سائب ڪلبي نسبت ڄاڻڻ وارو ۽ تفسير لکڻ وارو رافضي آهي"

۽ "ميزان الاعتدال" ۾ ڪجھ هيئن لکيل آهي؛
"محمد بن سائب ڪلبي جنهن جي ڪنيت ابو النصر آهي اهو ڪوفي آهي ۽ مفسر ۽ نسب ڄاڻڻ وارو اخباري آهي"

امام ثوري ان جي نسبت سان لکن ٿا تہ " ڪلبي کان بچڻ گھرجي"

بخاري چيو تہ " يحي ۽ ابن مهدي ان جي روايتن کي قابل ترڪ ٻڌايو آهي"

**هلندڙ . . .**

1 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

"ميزان الاعتدال" ۾ مٿين تحرير جو ڪجھ حصو هيٺ لکجي ٿو :
" احمد بن زهير چيو مان امام احمد بن حنبل کان پڇيو ته ڪلبي جي تفسير پڙهڻ صحِيح آهي؟ انهن چيو نه ۽ جوزجاني وغيره چيو آهي ته ڪلبي وڏو ڪذاب آهي ۽ دار قطني ۽ هڪ جماعت چيو ته هو متروڪ آهي، يعني ان جي روايت وٺڻ جي لائق نه آهي ۽ ابن حبان چيو ته ان جو ڪوڙ ايئن ظاهر آهي جو ان کي بيان ڪرڻ جي حاجت نه آهي."

**ڇا سچ اجهان لڪيل رهندو ؟؟**

**دوستو ! جليل القدر صحابہ ڪرام عليهم الرضوان اهڙيون شخصيتون هيون جنهن دين اسلام جي سربلندي لاء پنهنجي جان ،مال ۽ اولاد قربان ڪري ڇڏيا. اسلام دشمن عناصر جڏهن ڏٺو ته دين اسلام اهڙن شير دل مجاهدن جي محنتن سان پنهنجي اوج و ڪمال تي پهچي رهيو آهي ته پوء انهن اها سازش ڪئي ته مسلمانن جي دلين ۾ انهن شخصيتن جي باري ۾ غلط ۽ بي بنياد ڳالهيون ويهاري انهن جي مرتبي کي گهٽ ڪجي ۽ اهڙِي طرح فرقہ واريت ڦيلائي اسلام کي**

**ڪمزور ڪري سوپارو ٿجي.**

**محترم دوست مٿين پوري بحث تي غير جانبدار ٿي ڪري اگر غور ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته اها روايت جنهن کي بنياد ٺاهي ڪري بيبي سائڻ کي مظلوم ۽ صديق اڪبر کي غاصب قرار ڏنو پيو وڃي ، ان روايت جي ڪا اصل ۽ بنياد ئي ڪونهي، اها هيڏي وڏي عمارت جنهن جو بنياد ايترو ڪچو ۽ ناقص آهي...**

**اهو ابو سعيد ، جنهن کي صحابي قرار ڏنو پيو وڃي اهو اصل ۾ هڪ شيعہ مفسر نسبت پڌائڻ وارو هيو.... جيئن ته معتبر ڪتابن منجهان ڪجھ اقتسابات ڏنا ويا آهن ۽ ان کان علاوه بہ ڪوڙ سارا باقي آهن .....**

**چوندا آهن ته سچ هزارين پردن ۾ پيلي چو نه لڪل هجي پر اهو ظاهر ضرور ٿيندو آهي.**
**الله عزّوجل کان دعا آهي ته اسان کي حق جي تلاش ڪرڻ ۾ اعانت عطا فرمائي ۽ سڌي واٽ تي**

**قائم رکي (آمين)**

1 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

## چا فدڪ رسول پاڪ حضرت بيبي سيده فاطمہ کي عطا ڪيو هو...؟؟

محترم دوستو... هن وقت تائين مان اها ڳالهہ ثابت ڪري آيو آهيان تہ فدڪ جي ملڪيت قرآن پاڪ موجب "مال في" آهي، جنهن بابت الله عزوجل صاف لفظن ۾ اهو فرمائي ڇڏيو آهي تہ ان "مال في" جا حقدار ڪير ڪير آهن. اسان مسلمانن لاءِ قرآن پاڪ کان وڌيڪ ڪا بہ ٻي ڪتاب يا روايت قابل اعتبار نہ هئڻ گهرجي. هي مسئلو سڌوسنئون قرآن پاڪ مان ئي مڪمل حل ٿي وڃي ٿو. جيڪا ملڪيت قرآن پاڪ موجب خاص نبي پاڪ جي نہ هئي ان کي نبي پاڪ ڪهڙي ريت ڪنهن ٻي هستي کي عطا ڪري سگهيا ٿي...!!؟؟ الله پاڪ جي حڪمن جي موجودگي ۾ اها ڳالهہ ناممڪن آهي.

بحرحال هلندڙ بحث دوران ادا ڪاشف ڪريم هڪ واقعو بيان ڪيو آهي جنهن موجب حضرت سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق جي آڏو بہ دعوائون ڪيون هيون.

اچو تہ ادا ڪاشف ڪريم جو اهو اقتباس پڙهون.

**فدڪ واري ملڪيت پٽاندڙ سائڻ فاطمہ عليها السلام ۽ وقت جي حڪمران حضرت ابوبڪر جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. سائڻ فاطمہ عليها السلام پئي فرمايو تہ فدڪ منهنجي ملڪيت آهي، پر حضرت ابوبڪر پئي چيو تہ فدڪ مڙني مسلمانن جي ملڪيت آهي اچو تہ تاريخ جي ان مسئلي بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪريون.**
**فدڪ جي ملڪيت بابت سائڻ فاطمہ عليها السلام بہ دعوا پيش ڪيا.**
**1_ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ملڪيت هو ۽ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ و آلہ وسلم پنهنجي حياتي ۾ ئي مون کي بخشي ويا هئا**
**2_ جيڪڏهن ان دعوا کي نٿا مڃيو تہ پوءِ فدڪ پاڻ سڳورن جي خاص ملڪيت هيو مسلمانن جو ان ۾ ڪو بہ حق ناهي ۽ پاڻ سڳورن جي اڪيلي وارث مان آهيان سو ميراث جي عنوان سان فدڪ منهنجو حق آهي.**

محترم دوستو... مٿيون قصو بيان ڪرڻ کان پوءِ هي قصو بہ بيان ڪيو ويندو آهي تہ فدڪ جي عطا بابت حضرت سيده فاطمہ کان گواهہ بہ گهريا ويا هئا ۔ جنهن کان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ، حضرت امام حسن، حضرت امام حسين ۽ حضرت ام يمن کي شهادت لاءِ پيش ڪيو ويو هو پر حضرت ابوبڪر صديق انهن گواهين کي قبول نہ ڪيو ۽ اهو عذر پيش ڪيو تہ شريعت مطابق اهي شهادتون قابل قبول نہ آهن، جنهن کان حضرت سيده فاطمہ جي اها فدڪ عطا ڪرڻ واري دعوىٰ رد ڪئي وئي هئي...!!

اڄ مان توهان سيني پڙهندڙن آڏو ڪجهہ اهڙيون حقيقتون پيش ڪندس جنهن کي پڙهي ۽ سمجهي توهان سڀ حيران ٿي ويندؤ...!!

ادا ڪاشف ڪريم.. پنهنجي مٿئين گهڙيل قصي کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ مختلف اهم ڪتابن جا حوالا پڻ پيش ڪيا آهن. انهن تي الڳ الڳ جواب ڏيڻ کان پهرين ئي ادا نقاش جو جواب اچي ويو آهي، انڪري مان هن وقت اهل سنت جو مؤقف لکي ڪجهہ اهم ثبوت پيش ڪري رهيو

آهيان.

## اهل سنت جو مؤقف ۽ هڪ ڇرڪائيندڙ انڪشاف....!!

### اهل سنت جي نزديڪ اها ڳالهه ناقابل تسليم آهي ته حضرت سيده فاطمه هي پهريون مطالبو يا هن قسم جي ڪا دعوىٰ ڪئي هئي يا اهل بيت سڳورن هن دعوىٰ جي حق ۾ ڪا گواهي ڏني هئي...!!! حقيقت ۾ هي هڪ گهڙيل افساني ڪاتسواءِ ڪجهه به نه آهي.

حضرت بيبي سيده فاطمه کي محبوبن ڪريمن پاران باغ فدڪ عطا ڪرڻ متعلق روايتون ضعيف ۽ ڪوڙيون ۽ خاص انهي مقصد سان گهڙيل آهن ته جيئن مسلمان پاڻ ۾ هميشه وڙهندا رهن...!!

تاريخ جي مستند روايتن سان اها ڳالهه ثابت ٿيل آهي ته حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن پنهنجي زندگي ۾ **"باغ فدڪ"** حضرت سيده فاطمه کي عطا نه ڪيو هو ۽ نه ئي ڪڏهن حضرت سيده فاطمه جو **"باغ فدڪ"** تي قبضو قائم ٿيو هو.

ڪنهن به ڪتاب ۾ اها روايت نه آهي ته حضرت سيده فاطمه حضرت ابوبڪر صديق کي اهو چيو هجي ته فدڪ مون کي عطا ڪيل آهي يا ان تي منهنجو قبضو آهي ۽ توهان فدڪ تي پنهنجو زبردستي قبضو ڪيو آهي ۽ حضرت ابوبڪر صديق ان ڳالهه جا گواهه طلب ڪيا هجن...!!!

محترم دوستو...اسان سيني کي اها ڳالهه معلوم هئڻ گهرجي ته اها دعوىٰ اهل سنت جي ڪنهن به معتبر ۽ صحيح روايت مان ثابت نه آهي.
اسان اها ڳالهه تسليم نه ڪندا آهيون ته حضرت سيده فاطمه کي فدڪ عطا ڪيل هو يا حضرت ابوبڪر آڏو اها "پهرين" دعوىٰ به پيش ڪئي وئي هئي...!!

هي واقعو بيان ڪري مخالف دوست حضرت ابوبڪر صديق تي ملامت ۽ سندس پاران اهل بيت سڳورن تي ظلم ۽ ستم ڪرڻ ثابت ڪندا آهن. الحمدالله...اڄ مان اهو ثابت ڪندس ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه اهڙن بي بنياد الزامن کان مڪمل طور تي بري آهن.

ادا ڪاشف ڪريم جن ڪتابن مان اهي حوالا پيش ڪيا آهن، اهي ڪتاب خود اهو بيان ڪري رهيا آهن ته اهي روايتون صغيف آهن..!!

اسان جي محترم دوست ڪاشف صاحب پنهنجي مؤقف جي حق ۾ مختلف روايتون پيش ڪيون آهن. اچو تہ انهن ڪي الڳ الڳ تحقيقي نظر سان پڙهون ۽ سمجهون.

ادا ڪاشف لکي ٿو تہ...

**هاڻي اهو سوال نهايت ئي اهم آهي تہ ڇا اسان وٽ ڪو اهڙو دليل يا اهڙي روايت موجود آهي جنهن مان اهو پتو پوي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ سائڻ فاطمہ زهرا سلام الله عليها کي عطا ڪيو هئو؟؟؟؟؟؟؟؟؟ يا اهڙو دليل موجود نہ آهي؟؟؟؟؟؟؟**

**ان بابت بہ تمام گهڻيون ثابتيون موجود آهن تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ سائڻ فاطمہ زهرا سلام الله عليها جي حوالي ڪيو هئو انهن منجهان هتي صرف ڪجهہ نمونا بيان ڪجن ٿا.**

مٿين عبارت لکڻ کان پوءِ ادا ڪاشف صاحب ٿي دليلون گڏ ڪري هن طرح بيان ڪيون آهن.

پهريون پيون ۽ ٽيون دليل: جڏهن آيت شريف: فَآتِ ذَا الْقُرْبَىٰ حَقَّهُ،(سوره روم- آيہ ٣٨) اي پيغمبر ذوي القربي کي انهن جو حق ڏي، نازل ٿي تہ: دعا النبي صلیٰ الله عليہ وسلم فاطمة وأعطاها فدك. پاڻ سڳورن حضرت فاطمہ کي گهرايو ۽ کيس فدڪ عطا ڪيو.
اها ڳالهہ هيٺين ڪتابن ۾ ذڪر ٿي آهي.
1_ مسند أبو يعلي- ج ٢- ص ٣٣٤، مسند أبو يعلي- ج٢- ص ٥٣٤- تحقيق حسين سليم أسد نشر دارالمأمون دمشق سال طبع ١۴٠۴ هجري،
2_ شواهد التنزيل لقواعد التفضيل - الحاكم الحسكاني - ج 1 ص 439،
3_ متشابہ القرآن ومختلفہ - إبن شهر آشوب - ج 2 ص 60
ابو يعلي نقل ڪيو، ابن ابي حاتم نقل ڪيو، جنهن جي باري ۾ ابن تيميہ چئي ٿو تہ ابن ابي حاتم جو تفسير قابل اعتماد تفسيرن منجهان آهي ۽ ابن مردويہ پڻ ابو سعيد خدري کان نقل ڪيو آهي

محترم دوستو... مٿي جن ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن انهن بابت ادا نقاش جي جوابن تي بہ غور ۽ فڪر جي ضرورت آهي.

ياد رهي تہ هي هڪ مسلمہ اصول آهي تہ ڪا بہ روايت راوي جي سچي يا ڪوڙي هجڻ تي دارومدار رکندي آهي.

ابوسعيد جي اصليت کي ادا نقاش بيان ڪري چڪو آهي.

ادا ڪاشف جو چوٿون دليل هي آهي.
چوٿون دليل: جناب سيوطي متوفي 911 هجري چئي ٿو:أخرج البزار لما نزلت هذه الآية ( وآت ذا القربیٰ حقہ ) دعا النبي صلیٰ الله عليہ وسلم فاطمة وأعطاها فدك أقطع رسول الله صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم فاطمة فدك،
بزار نقل ڪيو جڏهن هي آيت و آت ذا القربي حقہ، نازل ٿي تہ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم زهرا مرضيہ کي گهرايو ۽ کيس فدڪ عطا ڪيو ۽ اهو هديو لازم قرار ڏنو.الدر المنثور- ج ۵- ص ٢٧٣- نشر دار الفڪر بيروت

محترم دوستو... سڀ کان پهرين توهان کي اصل ڪتابن جا تصويري عڪس پيش ڪجن ٿا.

[IMG]

[IMG]

[IMG]

محترم دوستو... مٿين اصل ڪتابن جي عڪس کي غور سان ڏسو. انهن مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته فدڪ عطا ڪرڻ بابت مطلوبه روايت جي ڪا به سَنَد نه آهي. بغير سَنَد جي ڪنهن به روايت کي قبول ڪرڻ شيعه مڪتبه فڪر جي نزديڪ حجت ٿي سگهي ٿو پر اهل سنت جي نزديڪ ڪڏهن به اها ڳالهه تسليم نه ڪئي ويندي آهي.

پي غور طلب ڳالهه اها آهي ته هن روايت جي حاشيه (فوٽ نوٽ) تي تمام واضح لفظن ۾ لکيل آهي ته هي روايت "ڪشف الاستار" (البزار) ۽ "مسنَد ابي يعلي" ۾ به بيان ٿيل آهي. وڌيڪ اهو به ته ٻيا ڪتاب ( جن جو ذڪر ادا ڪاشف ڪريم صاحب به ڪيو آهي) ۾ به جتي به اها روايت ذڪر ٿيل آهي ته ان روايت ۾ هڪ راوي " عطيه العوفي" به آهي، جيڪو متروڪ ۽ ضعيف آهي.

مٿين روايت نه صرف بغير سَنَد جي آهي بلڪ ضعيف به آهي...!!
جيڪڏهن اسان جا مخالف دوست اڃا به مطمئن نه ٿين ته مان ڪين ساڳي روايت ذڪر ٿيل ٻين ڪتابن مان به پيش ڪريان ٿو.

## كشف الاستار ( البزار)

[IMG]

[IMG]

## مسنَد ابي يعلي

[IMG]

[IMG]

[IMG]

محترم دوستو... ڪشف الاستار (البزار) ۽ مسنَد ابي يعلي جون روايتون به توهان ڏسي سگهو ٿا۽ غور ڪريو انهن ۾ هن روايت کي صاف لفظن ۾ ضعيف لکيو ويو آهي۽ ان کان علاوه انهن جو راوي (عطيہ العوفي) بيان ڪيو ويو آهي. جيئن ته مان مٿي اهو ذڪر ڪري آيو آهيان ته هي راوي "عطيہ العوفي" نہ صرف متروڪ الحديث (ناقابل اعتبار) پر ضعيف به آهي. هي ڳالهہ منهنجي ذاتي راءِ نہ آهي. اچو ته سندس حيثيت بابت "علم الرجال" مان ڏسون.

### عطيہ العوفي اسم ارجال ۾

**غور طلب ڳالهيون:**

- متي اصل ڪتابن جا عڪس ۽ حوالا ۽ پڻ علم الرجال جي ثبوتن سان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ فدڪ عطا ڪرڻ ۽ ان قسم جي دعوىٰ يا گواهن جو پيش ٿيڻ وغيره جا قصا ڪنهن بہ مستند روايت مان ثابت ٿنا ٿين.
- مخالف دوستن هن قصي کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ جيڪي حوالا پيش ڪيا آهن، اهي سڀ

  ناقابل اعتبار آهن.
- هن روايت تي يقين ڪرڻ سراسر بغض صحابہ ئي سمجهڻ گهرجي ۽ ڪو بہ انصاف پسند اهڙين ضعيف روايتن تي اعتبار ڪري پنهنجو ايمان خراب نہ ڪندو.

**پنجون دليل: شوڪاني متوفي 1255 هجري جيڪو وهابين جي مقبول شخصيت آهي ان بہ بزار، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويہ کان نقل ڪندي چيو آهي: رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ کي زهرا مرضيہ لاءِ يقيني بڻايو. يعني حقيقت ۾ کيس عطا ڪيو. (فتح القدير- ج ٣-ص ٢٢٤)**

هي دليل تہ متين ڪتابن جي تصويري عڪسن ۽ ثبوتن جي روشني ۾ ئي رد ڪجي ٿو، جاڪاڻ جو ساڳين ڪتابن يا رواين جي نالن سان ساڳي ڳالهہ جي توثيق ڪيل آهي. اسان کي ڪنهن بہ عالم جي ذاتي راءِ کان وڌيڪ اهڙي قسم جي روايتن تي اعتبار ڪرڻ کان اڳ اصل راوي جي حيثيت ضرور معلوم ڪرڻ گهرجي.

محترم دوستو.... فدڪ عطا ڪرڻ وارو سچو قصو هترادو ۽ مسلمانن کي پاڻ ۾ وڙهائڻ خاطر بڻايو ويو آهي.

ڪنهن بہ عقلمند جي عقل اهو ڪيئن ٿي قبول ڪري سگهي تہ باغ فدڪ خيبر جي فتح واري موقعي کان وٺي رسول پاڪ جي ظاهري وفات تائين حضرت سيده فاطمہ کي عطا ڪيل هو پر سندس قبضي هيٺ نہ هو..!!! ياد رهي تہ جيڪڏهن اسان اهو فرض ڪريون تہ نبي پاڪ پاران فدڪ حضرت سيده فاطمہ کي عطا ڪيل هو تہ پوءِ اسان کي قرآن پاڪ جي سورت حشر جي آيت 7 کي ۽ ان جي حڪمن کي نعوذباالله رد ڪرڻو پوندو...!!!! جا ڪنهن بہ مسلمان لاءِ اهو ممڪن آهي..!!؟؟

يلا ڪو بہ مسلمان قرآن پاڪ جي سورت حشر جي آيت 7 بابت ڪهڙي تشريح ڪندو...!!؟؟

ڇا اسان سورت حشر جي آيت 6 کي ته تسليم ڪريون پر ان کان پوءِ واري آيت 7 کي صرف انڪري تسليم نہ ڪريون جو اها آيت "مال في" جا صحيح حصيدار ٻڌائي ٿي ۽ ان سان شيعہ مڪتبہ فڪر جي هڪ اهم مؤقف کي نقصان پهچي ٿو..!!؟؟

ڇا ڪنهن بہ انصاف پسند ماڻهو کي اها ڳالهہ قبول ڪرڻ گهرجي..!!؟؟.

اسان کي اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ تاريخ جي مختلف ڪتابن مان فتح خيبر کان پوءِ بہ محبوبن ڪريمن پاران فدڪ مان ايندڙ آمدني کي قرآني حڪم موجب مسلمانن جي مختلف ضرورتن تي ئي خرچ ڪيو ويندو هو...!!!

هن قسم جا بهتان اصحابي سڳورن تي لڳائڻ، پنهنجين جذباتي تقريرن سان حضرت ابوبڪر صديق پاران اهل بيت سڳورن تي ظلم ۽ ستم ظاهر ڪرڻ، حضرت سيده فاطمہ پاران فدڪ عطا ڪيل قرار ڏيڻ ۽ حضرت ابوبڪر صديق پاران اها دعوىٰ ۽ گواهہ رد ڪرڻ واريون ڪوڙيون خبرون ٻڌائي عام مسلمانن کي گمراهہ ڪيو ويندو آهي.
**(ادا ڪاشف جي ڏنل حوالن تي بہ تحقيق جاري آهي. جلد انهن بابت بہ حقيقتون پڙهندڙن تائين پهچايون وينديون انشاالله.)**
شل الله پاڪ اسان سڀني کي دين جي صحيح صحيح سمجهه عطا ڪري. آمين.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 2 جنوري 2015

2 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

**kashifkareem**
نئون رڪن

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

چا سچ اجان لڪيل رهندو ؟؟

دوستو ! جليل القدر صحابہ ڪرام عليهم الرضوان اهڙيون شخصيتون هيون جنهن دين اسلام جي سربلندي لاء

مڪمل اقتباس ڏسو...

ادا اوهان جو آخري جملو ڏاڍو وڻيوءِ انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ جليل القدر صحابہ جو اهو ئي شان آهي جيڪو اوهان بيان ڪيو. پر ڪجهہ اهڙا صحابي هئا جن حق جو انڪار ڪيو ۽ حق کان ٽڙي ويا ان جي گواهي اهل تشيع توڙي اهل سنت جا ڪتاب ڏيئي رهيا آهن توهان پلي هزارين تاويلون ڪريو هزارين ڪوڙ هٽو پر حق اهو ئي آهي جيڪو اوهان جي ڪتابن ۾ تجليون ڏيئي رهيو آهي. ابو سعيد

ڪي اسان پنهنجي طرفان صحابي ڪو نہ ٿا قرار ڏيون محترم ممتاز قريشي هيٺ جيڪو ڪتاب جو اسڪين پيج ڏنو آهي ان تي نگاهہ ڪرڻ سان اوهان جي خيانت واضح تي وجي تي تہ ابو سعيد ڪير آهي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

ادا بلڪل بہ اها روايت پڪي بنياد تي رکي اوهان کي طاقت ئي ناهي جو ان عمارت جي بنياد کي ڪجو ڪري سگهو جنهن جي وجود کي معتبر شيعہ سني ڪتابن ثابت ڪيو آهي.

ادا سائين ممتاز قريشي پاران پيش ڪيل اسڪين پئج تہ اهو ثابت ڪري رهيا آهن تہ ابو سعيد خدري صحابي رسول آهي جنهن جو نالو وضاحت سان لکيل آهي. اوهان ڪهڙي ريت سچ وانگر روشن حقيقت جو انڪار ڪري رهيا آهيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑**

*ادا ڪاشف ڪريم.. پنهنجي متئين گهڙيل قصي کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ مختلف اهم ڪتابن جا حوالا پڻ پيش ڪيا آهن. انهن تي الڳ الڳ جواب ڏيڻ کان پهرين ئي ادا نقاش جو جواب اچي ويو آهي، انڪري مان هن وقت اهل سنت جو مؤقف لکي ڪجهه اهم ثبوت پيش ڪري رهيو آهيان.*

ادا اوهان کي مان ڏاهو سمجهندو هئس پر اوهان جا مثيان جملا ان جي بر عڪس کي بيان ڪري رهيا آهن ايترن معتبر حوالن جي هوندي اوهان فدڪ غصب ڪرڻ کي گهڙيل قصو قرار ڏئي محبت اهل بيت جو سهڻي نموني حق ادا ڪري رهيا آهيو. اڳ ۾ اوهان رضوان جمالي صاحب تي اهو الزام هنيو هئو ته هو اوهان کي دشمن اهل بيت ٿو سمجهي ان لاءِ دليل پيش ڪري. تنهن ڪري ان جي جڳهه تي مان اوهان کي اهل بيت سان دشمني رکڻ جو دليل پيش ٿو ڪريان ته اهل سنت جي ڪيترن ئي ڪتابن ان تلخ حقيقت کي بيان ڪيو آهي ته رسول جي اڪيلي نياڻي، فاطمه زهرا کي حضرت ابو بڪر ۽ عمر رنجايو، سائڻ زندگي جي آخري گهڙين تائين انهن سان ناراض رهي ۽ انهن سان ڪلام نه ڪيو. ڪوڙ حوالا پيش ڪيا ويا ته باغ فدڪ سائڻ کان کسيو ويو اوهان وري به بيبي جي حق جو انڪار ڪري اچي ميدان تي لٿا. ۽ معتبر ڪتابن تي اوهان جي نگاهه ئي نه پئي وري دل گهريون تشريحون ڪري عام ماڻهن کي حق تان ٿيڙڻ جي ڪوشش ڪري اوهان پاڻ کي ڪيئن محب اهل بيت ثابت ڪري سگهو ٿا؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

هي اوهان واري پيش ڪيل روايت جي سند

هاڻي اچو ته ان روايت جي سند ڏانهن به هڪ اشارو ڪري ڇڏيون ٿا جو ناصبين جي چينلن تي ان ڳالهه کي وڌي مد ۽ شد سان ذڪر ڪندا آهن ته ان روايت جي ڪا سند نه آهي. هيئن آهي هوئڻ آهي وغيره وغيره.

اصل موضوع تي اچون ٿا ته اها روايت جيڪا ابن ڪثير، سيوطي، ابو يعلي، ۽ ابن مردويه ذڪر ڪئي آهي. اگرچه ڪجهه ڪتابن ۾ ان جي سند کي حذف ڪيو ويو آهي پر اصل روايت جي سند هن ريت آهي:

سند ۾ پهريون راوي **عباد بن يعقوب** آهي جيڪو بخاري جي راوين منجهان آهي. ڏاڍو سٺو هاڻي اوهان سيني جو اهو عقيدو آهي ته بخاري جا سڀ راوي ثقه آهن اوهان جو عالم سڳورو الباني پنهنجي ڪتاب ۾ جڳهه جڳهه تي راوين جي وثاقت لاءِ دليل نه ٿو آڻي ۽ چئي ٿو:ثقة لانه من رجال البخاري يا من رجال البخاري يا مسلم، راوي ثقه آهي ان ڪري جو بخاري يا مسلم جي رجال مان آهي.

**ابو حاتم به چئي ٿو**:شيخ ثقة استاد به آهي ثقه به آهي. (تهذيب الكمال- ج ١۴- ص ١٧٧)

بعد وارو راوي **ابو يحيي تميمي** آهي. عجلي چئي ٿو: زكريا ثقة، زڪريا ثقه آهي.

۽ اهڙي ريت عبد الرحمن ابن خراش پڻ چئي ٿو:ثقة جليل الورع، ثقه، جلالت ۽ پرهيزهيزگاري وارو آهي. دوست

وڌيڪ معلومات لاءِ ڪتاب ڏانهن مراجعو ڪن.
**فضيل بن مرزوق** به آهي جيڪو صحيح مسلم جي راوين منجهان آهي. جنهن کي عجلي **معرفة الثقات** ج ٢ ص ٢٠٨ ۾ ثقه ڪوٺيو آهي.
**ابو سعيد خدري** به آهي جيڪو صحابه منجهان آهي ۽ ثقه هجڻ کان مٿانهون مقام تو رکي. ۽ صرف جنهن شخص تي بحث آهي اهو آهي **عطيه عوفي**.
اسان جا مخالف ڪوشش ڪندا آهن ته اهو بيان ڪن ته **عطيه عوفي** به آهن هڪ ضعيف آهي ۽ هڪ ثقه.
**جواب ۾ اهو عرض ته پهريان ته به عطيه عوفي ڪوتهن ۽ اگر هجن ته ثابت ڪريو؟؟؟؟؟**
**عطيه بن سعد عوفي** نالي سان صرف اهو هڪ راوي آهي جيڪو روايتن جي سند ۾ ذڪر ٿيو آهي.
ابو سعيد خدري کان رويت ڪئي اٿس، عبد الله بن عمر کان روايت ڪئي اٿس ۽ ٻين گهڻن ئي صحابين کان روايت ڪئي اٿس. تهذيب الڪمال واري مصنف مزي پنهنجي ڪتاب جي جلد 20، صفحي 147 تي يحي بن معين کان جيڪو اهل سنت جي رجال جي بانين مان هڪ ۽ ان جو ٿنيو آهي ان کان عطيه عوفي جي باري ۾ نقل ڪيو آهي ته: صالح، عطيه عوفي صالح ۽ نيڪ مرد آهي.

هيثمي مجمع الزوائد جي ڪجهه جاين تي لکيو آهي، ڪجهه جاين تي ائين ئي بنا سبب جي تضعيف تو ڪري ليڪن پوءِ به چئي تو: رواه أحمد وفيه عطية بن سعيد وفية ڪلام وقد وثق (مجمع الزوائد- ج ٣- ص ١٢٠) عطيه عوفي جي باري ۾ گهٽيون ڳالهيون آهن پر حقيقت اها آهي ته عطيه ثقه آهي.

ملا علي قاري چئي تو: **اجلاء التابع**، منهنجي خيال ۾ هي عبارت ڏادي وزني آهي. (شرح مسند ابو حنيفه، صفحو 292)

ابن حجر عسقلاني، ابن سعد کان طبقات مان نقل تو ڪري ۽ چئي تو: وڪان ثقة انشاء الله وله أحاديث صالحة، ان شاءَ الله ثقه آهي. ۽ ان جون بيان ڪيل حديثون صلاحيت واريون آهن.(ڪتاب تهذيب التهذيب- ج ٧- ص ٢٠٧، طبقات إبن سعد- ج ٦- ص ٣٠٤)

نقل ڪري ٿو ته ابن عدي به چئي تو: روي عنه جماعة من الثقات، موثقين جي جماعت ان کان روايتون نقل ڪيون آهن.

هاڻي جيڪڏهن حقيقت ۾ به عطيه ضعيف ۽ نادرست ماڻهو نه هجي ته ڪهڙي ريت موثقين ان کان روايتون نقل ڪري سگهن ٿا؟ اها ته وڏي دعوا تي وئي جو هڪ ماڻهو ضعيف ۽ نادرست هجي ۽ ٻيا نيڪ ماڻهو به ان کان روايتون نقل ڪن!!!!!

صاحب تهذيب التهذيب، پنهنجي ڪتاب جي جلد 7، صفحي 201 تي چئي تو: روي عنه جلّة الناس،

خود اسان وٽ رجال شيعہ ۾ ھڪ قاعدو آھي تہ جيڪڏھن ھڪ راوي کان اجلا اچي ڪري ڪا روايت نقل ڪن اھا ان راوي جي ثقہ ھجڻ تي دليل آھي. چو جو بزرگ اھڙا ھئا اھڙن راوين کان روايت ئي نقل نہ ڪندا ھئا جن جي ضعيف ھجڻ يا انھن تي جعل و تدليس جي تھمت کان آگاھہ ھوندا ھئا. ان ڪري جو روايت نقل ڪرڻ جو مطلب اھو آھي تہ ماڻھو ان تي عمل ڪن ۽ اگر معلوم ھجي تہ جنھن کان روايت نقل ڪئي وڃي ٿي اھو ضعيف ۽ غلط ماڻھو آھي تہ اتي خود موثق راوين جي وثاقت خطري ۾ پوڻ يقيني ھئي ۽ اچا بہ جالب اھو آھي تہ ترمذي ڪجھہ جاين تي ان کان روايت نقل ڪندي چئي ٿو: ھذا حديث حسن صحيح۔ (سنن ترمذي- ج ۴- ص ۸۴) ھي حديث حسن صحيح آھي.

عطيہ عوفي کان بہ روايتون نقل ڪيون اٿس جيڪي ھن ابو سعيد خدري کان نقل ڪيون آھن ٻئي حديثون نقل ڪرڻ کان پوءِ چئي ٿو: ھدا حديث حسن صحيح۔ ھي حديث حسن صحيح آھي. اھڙي ريت دوست مراجعو ڪن سنن ترمذي- ج ۳- ص ۲۲۸- حديث ۲۰۲۱ ۽ سنن ترمذي- ج ۴- ص ۴۶- حديث ۲۰۵۶ ڏانھن.

۽ ڀين ڪيترن ئي جاين تي جنھن حديث جي سند ۾ عطيہ عوفي آيو آھي چئي ٿو تہ: اھا حديث حسن آھي. ۽ جيڪو عطيہ ابو سعيد ۽ عبد الله بن عمر کان کان روايت نقل ڪري ٿو بغير ڪنھن شڪ جي ساڳيو عطيہ آھي جيڪو فدڪ واري روايت ۾ آيو آھي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ بيبي فاطمہ زھرا سلام الله عليھا کي عطا ڪيو ھئو. (تھذيب الڪمال- ج ۱۰-ص ۲۹۷۔ تھذيب التھذيب- ج ۱- ص ۲۰۰)

آخري نڪتو: اھل سنت پائرن وٽ الباني کي امام الجرح والتعديل جو درجو حاصل آھي. موصوف سنن ابن ماجہ جي حاشئي تي ڪجھہ جاين تي لکيو آھي تہ: عن عطية العوفي ، عن أبي سعيد الخدري ، قال : قال رسول الله صلیٰ الله عليہ وسلم " أفضل الجهاد ، كلمة عدل عند سلطان جائر

البتہ اھا روايت 1400 سال ويسر جي ور چڙھي وئي ھئي ۽ ھاڻي الحمد لله اسلامي سجاڳي جي ھن دور ۾ ان روايت تمام گھڻي مقبوليت ماڻي آھي ۽ جالب بڻجي وئي آھي. البتہ اھل سنت والجماعت جي نظر ۾ صرف شام ۾ ان روايت تي عمل ڪرڻ لازم آھي. ليڪن سعودي عرب، قطر ۽ بحرين ۾ ان روايت تي عمل ڪرڻ ممنوع آھي. " أفضل الجهاد ، كلمة عدل عند سلطان جائر (سنن إبن ماجہ- ج ۲-برمبناي مڪتبہ شاملہ)

ھي روايت الجامع الڪبير ۾ بہ ڪانھي، مڪتبہ اھل البيت ۾ بہ ڪانھي صرف مڪتبہ شاملہ ۾ آھي. سنن ابن ماجہ جنھن تي الباني جو حاشيو آھي، جلد 2، صفحي 1329 ۽ حديث 4011 ۾ ان روايت کي نقل ڪري چئي ٿو: قال شيخ ألباني صحيح، شيخ الباني چئي ٿو اھا روايت صحيح آھي.

جلد ۲- ص ۱۴۳۸- حديث ۴۳۰۱۔ ۾ چئي ٿو: زوائد في اسناد عطية عوفي و ھو ضعيف قال شيخ الألباني صحيح،ان جي سند ۾ عطيہ عوفي آھي مجمع الزوائد ۾ ۽ اھو ضعيف آھي. ليڪن شيخ الباني چئي ٿو اھا

صحيح آهي.

ليڪن مڪتبہ شاملہ جي سافٽ ويئر مطابق سنن ترمذي، جلد 5، صفحي 372، حديث نمبر 3242 تي آهي تہ: عن عطية عن أبو سعيد قال شيخ الألباني صحيح، جيتوڻيڪ اسان وٽ تمام گهڻي تفصيل آهي پر مٿين ڳالهين مان حق صاف واضح آهي.

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*حضرت بيبي سيده فاطمہ کي محبوبن ڪريمن پاران با غ فدڪ عطا ڪرڻ متعلق روايتون ضعيف ۽ ڪوڙيون ۽ خاص انهي مقصد سان گهڙيل آهن تہ جيئن مسلمان پاڻ ۾ هميشہ وڙهندا رهن....!!*

مڪمل اقتباس ڏسو...

عجب تہ ان ڳالهہ جو آهي جو اهي سڀ حوالا معتبر سني ڪتابن جا آهن سائين ممتاز قريشي صاحب انهن کي گهڙيل، هترادو ۽ مسلمانن کي وڙهائڻ وارو مطلب چئي رهيو آهي. ادا پوءِ تہ اوهان اهل سنت جي عالمن تي ايڏو وڏو بهتان هڻي رهيا آهيو تہ اهي فسادي آهن انهن اهي قصا گهڙي ماڻهن کي ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
محترم دوستو پيو نہ صرف ممتاز قريشي جي پيش ڪيل هيٺئين عڪس تي نگاهہ وجهندا تہ ابو سعيد خدري آهي يا ابو سعيد شيعہ ؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟ سچي حقيقت معلوم ٿي ويندي تہ

ممتاز قريشي ۽ نقاش اختر ڪهڙي ريت معتبر ڪتابن جي حوالن کي ڪوڙو ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ هن سڄي بحث کان پوءِ ان نتيجي تي پهتا آهيون تہ ممتاز قريشي ۽ سندس سنگت کي ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جو خصوصي فن حاصل آهي. انهن کي تاريخ ۽ تفسير جي ڪيترن ئي معتبر ڪتابن جا حوالا ڏنا وڃن پر پوءِ بہ وڏيون ڪوڙيون تقريرون ڪري انهن سيني حوالن جي صحت تي سواليہ نشان اٿاري ماڻهن کي حق کان ٿيڙڻ سندن محبوب مشغلو آهي. تنهن ڪري نتيجتن اهڙن خيانت ڪارن سان بحث بي فائده آهي.

[IMG]

[IMG]

[IMG]

محترم دوستو... مٿين اصل ڪتابن جي عڪس ڪي غور سان ڏسو.[/QUOTE]

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 3 جنوري 2015

3 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

سائين هي دوست بنو اميہ جي دسترخوان جي نمڪ حلالي آهن سو تہ پنهنجو فرض نيائيندا سلام آهي هنن دوستن جي نمڪ هلالي تي.

3 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ادا جمالي صاحب هنن تي الزام ناهي هٹندو پر هنن جي مذاج ۾ اهلبيت جي دشمني عيان رهي آهي.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 4 جنوري 2015

3 جنوري 2015

**kashifkareem**
نئون رڪن

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

**عطيته العوفي اسم ارجال ۾**

kashifkareem لکيو آهي: ↑

هاڻي اچو ته ان روايت جي سند ڏانهن به هڪ اشارو ڪري ڇڏيون چو جو ناصبين جي چينلن تي ان ڳالهه کي وڏي مد ۽ شد سان ذڪر ڪندا آهن ته ان روايت جي ڪا سند نه آهي. هيئن آهي هوئنن آهي وغيرهه وغيرهه.

مڪمل اقتباس ڏسو...

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

**ان سچي بحث مان اهو واضح ء چٽو ٿي ويو ته اها روايت ابو سعيد خدري ، جيڪي صحابي آهي، انهن کان نه آهي، بلڪ ابو سعيد ڪلبي، جيڪو مفسر آهي، ان کان آهي.....**

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

**ان سچي بحث مان اهو واضح ء چٽو ٿي ويو ته اها روايت ابو سعيد خدري ، جيڪي صحابي آهي، انهن کان نه آهي، بلڪ ابو سعيد ڪلبي، جيڪو مفسر آهي، ان کان آهي.....**

مڪمل اقتباس ڏسو...

kashifkareem لکيو آهي: ↑

محترم دوستو بيو نه صرف ممتاز قريشي جي پيش ڪيل هيئين عڪس تي نگاهه وجهندا ته ابو سعيد خدري آهي يا ابو سعيد شيعه؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟ سچي حقيقت معلوم ٿي ويندي، ته ممتاز قريشي ۽ نقاش اختر ڪهڙي ريت معتبر ڪتابن جي حوالن کي ڪوڙو ڪري

مڪمل اقتباس ڏسو...

[QUOTE/]

3 جنوري 2015



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

# ادا ڪاشف ڪريم جون هڪ ڀيرو ٻيهر غلط بياتيون...!!!

محترم دوستو... فدڪ جي هن اهم مضمون ۾ اسان هن وقت محبوبن ڪريمن پاران حضرت سيده فاطمہ کي فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت بحث ڪري رهيا آهيون.

اهل سنت جي مؤقف مطابق اها ڳالهہ ناقابل تسليم آهي تہ فدڪ حضرت سيده فاطمہ کي عطا ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ جو فتح خيبر جي اهم ڏينهن تي نبي پاڪ پاران فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت ڪا بہ روايت صحيح سنَد سان موجود نہ آهي..!!

هڪ اهم ڳالهہ جيڪا هن وقت تائين ثابت ٿي چڪي آهي اها هي تہ باغ فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت جيڪي روايتون اسان جا مخالف دوست مختلف ڪتابن مان پيش ڪري رهيا آهن اها اصل ۾ هڪ ئي روايت آهي ، ڇاڪاڻ جو انهن سيني روايتن جو آخري راوي صرف ۽ صرف "ابو سعيد" آهي.

دوست ان ڳالهہ تي بضد آهن تہ هي "ابوسعيد" اصل ۾ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالیٰ عنہ اصحابي سڳورو هو. اسان جو مؤقف اهو آهي تہ هي ابوسعيد اصحابي سڳورو نہ هو.

جيتوڻيڪ انهي بابت ڪافي حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن پر ادا ڪاشف ڪريم صاحب منهنجي پيش ڪيل ڪتاب جي اسڪين پيج تي "ابوسعيد خدري" جو پورو نالو ڏيکاري ٻيهر ساڳي ڳالهہ ورجائي آهي تہ سچ اهو ئي آهي يعني هن روايت جو راوي ابوسعيد خدري اصحابي رسول آهي، سندس لفظن موجب اهل سنت جي ڪتابن مان سچ جون تجليون ظاهر ٿي رهيون آهن..!!

مذڪوره ڪتاب جو اهو عڪس پيهر پڑهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

[IMG]

[IMG]

محترم دوستو...اسان جا دوست خبر ناهي ڪهڙن خيالن جي دنيا ۾ رهندا آهن..!! هن ڪتاب جي روايت ۾ "ابوسعيد خدري" لکيل ڏسي خوشي محسوس ڪري رهيا آهن، اهو ٿا ڏسن ته روايت ختم ٿيڻ تي بريڪيٽ ۾ (7) لکيل آهي ۽ ڪين ان (7) جي حوالي ڪي پڑهڻ ۽ سمجهڻ جي توفيق نه ملي سگهي..!!
هيٺ صاف لفظن ۾ لکيل آهي ته هي ساڳي روايت البزار (ڪشف الاستار) ۽ ابي يعلي وغيره تان ورتل آهي يعني هن روايت جي تصديق لاءِ اسان کي "البزار( ڪشف الاستار) " ۽ "ابي يعلي" کي به ڏسڻو پوندو ته جيئن اصل راوي جي خبر پئجي سگهي....!!

جيڪڏهن هي راوي سندن چوڻ موجب "حضرت ابوسعيد خدري" آهي ۽ جنهن بابت درمنثور ۾ لکيو ويو آهي ته پوءِ هن روايت جي اصل ذريعن ( البزار ۽ ابي يعلي) کي به ضرور "ابوسعيد خدري" جو نالو ئي بيان ڪرڻ گهرجي. سچ جي اها تجلي انهن اصل ذريعن ۾ به نظر اچڻ گهرجي.

اچو ته درمنثور جي مٿين روايت جا اصل ذريعا جيڪي ڪتاب آهن انهن جي روايتن ۽ راوين تي نظر وجهون.

## در منثور جي مذڪوره روايت جو پهريون اهم ذريعو البزار (ڪشف الاستار)

[IMG]

[IMG]

هن اهم ذريعي موجب "ابوسعيد" فدڪ عطا ڪرڻ واري روايت جو آخري راوي آهي.غور جي ڳالهه اها آهي ته مٿين ڪتاب ۾ راوي جو نالو صرف "ابوسعيد" بيان ڪيو ويو آهي ۽ نوٽ ڪريو دوستو....."خدري" جو ذڪر نه آهي..!!

## در منثور جي مذڪوره روايت جو ٻيو اهم ذريعو "ابي يعلي"

محترم دوستو...اچو ته درمنثور جي هڪ ٻئي اهم ذريعي "ابي يعلي" کي به هڪ نظر ڏسون..

[IMG]

[IMG]

محترم دوستو... درمنثور جي هن ٻئي اهم ذريعي ۾ به صرف "ابوسعيد" جو نالو موجود آهي...!!

ڇا اهو ممڪن آهي ته حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالیٰ عنه جو نالو نامڪمل لکيو وڃي..!!؟؟

بحرحال اها ڳالهه به قابل غور آهي ته هن اهم روايت جي اصل ذريعن ۾ راوي جو نالو صرف "ابوسعيد" لکيل هجي ته نقل ڪندڙ کو به عالم سڳورو ان رواي کي "ابوسعيد خدري" ڪيئن لکي سگهي ٿو..!!؟؟

ان غلطي کي هڪ پاسي رکندي اسان کي اهو به سوچڻ گهرجي ته اسان جا مخالف دوست اهڙي قسم جي ضعيف روايتن تي من وعن يقين ڪري ڪيئن نه بغض صحابه کي دل ۾ جايون ڏيندا آهن..!!

پي ڳالهه ته جيڪڏهن کو سندن انهن ڪمزور اعتراضن کي وائکو ڪري ته هڪدم اهو ماڻهو سندن نظرن ۾ اهل بيت سڳورن جو دشمن ٿي ويندو آهي..!!

تعجب جي ڳالهه اها به آهي ته اسان جي مخالف دوستن کي پنهنجن عالم سڳورن جون اهي بيشمار روايتون بلڪل نظر نه ايندیون آهن جيڪي سڌو سنئون اهل بيت سڳورن جي شان جي خلاف آهن ۽ جن جي تاويل خود سندن لاءِ به ممڪن نه آهي ۽ ان جي باوجود به اهي عالم سڳورا سندن نظرن ۾ "حب اهل بيت" وارا تسليم ڪيا ويندا آهن...!!
باقي اسان سندن ڪمزور، ڪوڙ ۽ فريب وارين ڳالهين جي نشاندهي ڪريون ته نعوذباالله اهل بيت سڳورن جا دشمن تصور ڪيا وڃون ٿا.....!!

ادا ڪاشف لکي ٿو ته....

**ادا بلڪل به اها روايت پڪي بنياد تي رکي اوهان کي طاقت ئي ناهي جو ان عمارت جي بنياد کي ڪچو ڪري سگهو جنهن جي وجود کي معتبر شيعہ سني ڪتابن ثابت ڪيو آهي.**
**ادا سائين ممتاز قريشي پاران پيش ڪيل اسڪين پئج ته اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته ابو سعيد خدري صحابي رسول آهي جنهن جو نالو وضاحت سان لکيل آهي. اوهان کهڙي ريت سج وانگر روشن حقيقت جو انڪار ڪري رهيا آهيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

پيارا ڀاءُ.... هي روايت توهان جي چوڻ سان پڪي ڪيئن ٿي سگهي ٿي...!!!؟؟
خود انهن ڪتابن جا عالم سڳورا به مطلوبه روايتن جي حاشيي ۾ راوين جو ذڪر ڪندي هن روايت کي ضعيف ڄاڻائي رهيا آهن..!!
هن روايت جو راوي "ابوسعيد" اصل ۾ "ابوسعيد ڪلبي" آهي. جنهن جي اصليت کي ادا نقاش اختر ثابت ڪري چڪو آهي.

ٻي ڳالهه اها به ذهن ۾ رهي ته فدڪ جي عطا بابت جيڪي روايتون "ابوسعيد" جي نالي سان مختلف ڪتابن ۾ لکيون ويون آهن انهن جو ٻيو نمبر راوي "عطيہ العوفي" آهي. جنهن جي حيثيت مان اسم الرجال مان ڏيکاري چڪو آهيان.

"ميزان الاعتدال" ۾ پڻ هن راوي بابت بيان ڪيو ويو آهي ته...

**"عطيہ بن سعد عوفي ڪوفي تابعي مشهور ضعيف آهي ۽ ابو حاتم چوي ٿو ته ان جون حديثون ضعيف آهن. سالم مرادي چوي ٿو ته عطيہ شيعو هو. امام احمد چوي ٿو ته هو ضعيف الحديث آهي. هيثم کي به عطيہ تي ڪلام هو ۽ ابن مديني يحيٰی کان روايت ڪئي آهي ته عطيہ، ابو هارون ۽ بشر بن حرب منهنجي نظر ۾ برابر آهن. امام احمد چون**

ٿا تہ مون کي معلوم ٿيو آهي تہ هي عطيہ، ڪلبي (ابوسعيد) وٽ ايندو هو، هن کان هدايتون وٺي انهن ڳالهين کي ابوسعيد جي نالي سان لکي ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ ابوسعيد هيئن چيو ۽ هيئن فرمايو وغيره، علامہ ذهبي موجب عطيہ پاران ابوسعيد جو نالو استعمال ڪرڻ جو صرف اهو مقصد هوندو هو تہ ماڻهو ان مان ابوسعيد خدري اصحابي سڳورو مراد وٺن، نسائي ۽ ٻين ڪيترن بہ هن کي ضعيف چيو آهي." (ميزان الاعتدال)

سخاوي رسالہ منظومہ جزري ۾ اصول حديث ۾ باب **"من لہ اسماءِ مختلفتہ ونعوت متعددتہ"** ۾ جتي بہ ڪلبي جو ذڪر ڪيو آهي تہ اتي هي بيان بہ ڪيو آهي تہ **"وهو ابوسعيد الذي روي عنہ عطيتہ العوفي موهما انہ الخدري"**
هي ڪلبي ابوسعيد جي ڪنيت سان بہ پڪاريو ويندو آهي ۽ عطيہ عوفي ان کان جيڪا روايت بہ ڪندو هو اها انهي ڪنيت سان يعني **"قال ابوسعيد"** چئي روايت ڪندو هو تہ جيئن ماڻهن کي لڳي تہ هي ابوسعيد خدري (اصحابي سڳورو) آهي.

هي حقيقتون پڌائن ٿيون تہ مذڪوره روايتون ابوسعيد خدري اصحابي سڳوري کان روايت ٿيل نہ آهن بلڪہ ابوسعيد ڪلبي کان روايت ٿيل آهن، هي ابوسعيد شيعہ مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندو هو.

محترم دوستو فدڪ جي عطا بابت انهن سڀني روايتن جا آخري بہ راوي ناقابل اعتبار ۽ ڪوڙا سمجهيا وڃن ٿا، انهن صرف ۽ صرف پنهنجي مذهبي بغض خاطر اهڙيون ڪوڙيون روايتون گهڙيون تہ جيئن مسلمانن ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪري سگهجي.

ادا ڪاشف لکي ٿو تہ...

ادا اوهان کي مان ڏاهو سمجهندو هئس پر اوهان جا مٿيان جملا ان جي بر عڪس کي بيان ڪري رهيا آهن ايترن معتبر حوالن جي هوندي اوهان فدڪ غصب ڪرڻ کي گهڙيل قصو قرار ڏئي محبت اهل بيت جو سهڻي نموني حق ادا ڪري رهيا آهيو. اڳ ۾ اوهان رضوان جمالي صاحب تي اهو الزام هنيو هئو تہ هو اوهان کي دشمن اهل بيت ٿو سمجهي ان لاءِ دليل پيش ڪري. تنهن ڪري ان جي جڳهہ تي مان اوهان کي اهل بيت سان دشمني رکڻ جو دليل پيش ٿو ڪريان تہ اهل سنت جي ڪيترن ئي ڪتابن ان تلخ حقيقت کي بيان ڪيو آهي تہ رسول جي اڪيلي نياڻي، فاطمہ زهرا کي حضرت ابو بڪر ۽ عمر رنجايو، سائڻ زندگي جي آخري گهڙين تائين انهن سان ناراض رهي ۽ انهن سان ڪلام نہ ڪيو. ڪوڙ حوالا پيش ڪيا ويا تہ باغ فدڪ سائڻ کان کسيو ويو اوهان وري بہ بيبي جي حق جو انڪار ڪري اڇي ميدان تي لٿا. ۽ معتبر ڪتابن تي اوهان جي نگاهہ ئي نہ پئي وري دل گهريون تشريحون ڪري عام ماڻهن کي حق تان ٿيڙڻ جي

## ڪوشش ڪري اوهان پاڻ کي ڪيئن محب اهل بيت ثابت ڪري سگهو ٿا؟؟؟

ادا ڪاشف.. توهان جنهن روايت کي معتبر قرار ڏئي رهيا آهيو ان جا ڪيترائي راوي ضعيف آهن. اهڙي قسم جي ضعيف روايتن وارو ايمان توهان کي ئي مبارڪ هجي...!!

توهان مذڪوره روايتن جي راوين ۾ **عباد بن يعقوب، ابو يحيي تميمي،فضيل بن مرزوق** کي پڻ بيان ڪيو آهي. تمام جلد انهن جي تفصيل به الڳ الڳ دوستن تائين پهچائيندس. انشاالله.

ٻي ڳالهه ته اسان جي اصحابي سڳورن سان محبت جو اهو مطلب ڪيئن ٿا وٺو ته اهل بيت سڳورن سان دشمني ڪئي پئي وڃي...!!؟؟

ڀلا توهان جي بيان ڪيل ضعيف روايتن جي بنياد تي اسان صريح قرآن پاڪ جي مخالفت ڪيئن ٿا ڪري سگهون..؟؟

**"مال في"** بابت قرآن پاڪ جي سورت الحشر جي آيت 7 ۾ واضح حڪم موجود آهي. جنهن موجب هن قسم جو مال مختلف حصيدارن جي لاءِ مخصوص آهي. ڇا هن آيت سڳوري جي موجودگي باوجود اسان ان کي خاص نبي پاڪ جي ملڪيت تصور ڪريون ...؟؟

جيڪا ملڪيت خود الله پاڪ اسلامي معاشري جي جي مختلف فردن ۾ ورهائڻ جو حڪم ڪيو هجي ان کي نبي پاڪ پاران حضرت سيده بيبي فاطمه کي عطا ڪرڻ بابت انهن صغيف روايتن تي يقين ڪيئن ڪريون ۽ قرآن جي هن واضح آيت جي حڪمن کان منهن ڪيئن موڙيون.......!!؟؟

توهان جي هن ڪوڙي روايت کي تسليم نه ڪرڻ سان اهل بيت سڳورن سان دشمني ڪيئن سمجهي سگهجي ٿي.....!!؟؟

باغ فدڪ بابت جيڪو فيصلو پهريئن ٽن خليفن ڪيو ان ساڳئي فيصلي کي حضرت علي ڪرم الله وجهه به برقرار رکيو... ڀلا توهان انجي تاويل ڪيئن ٿا ڪري سگهو...؟؟

جنهن بغض کي دل ۾ رکي توهان جيڪو گناهه عظيم انهن اصحابي سڳورن بابت سوچيندا آهيو، اهو ساڳيو فيصلو ته حضرت علي ڪرم الله وجهه به ڪيو هو...!!!!!

ڇا اها ڳالهه ضروري نہ هئي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ بحيثيت مسلمانن جو خليفو مقرر ٿيڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين خود پنهنجي گهروارن کي سندن حق ڏيارئي ها...!!؟؟ اهو ئي حق جيڪو بقول توهان جي مؤقف جي نبي پاڪ جي خواهش مطابق هو..!! محبوبن ڪريمن جي مرضيءَ خواهش کي بقول توهان جي مؤقف جي پهريئن خليفن پورو نہ ڪيو تہ ڇا اهو معقول جواز آهي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ بہ حضور اڪرم جي مرضيءَ خواهش کي پورو نہ ڪري...!!؟؟

جيڪو خليفو پنهنجن گهروارن کي انصاف نہ پهچائي سگهيو ، انهن کي سندن حق وٺرائي نہ ڏئي سگهيو ڇا اهو عام مسلمانن کي انصاف پهچائي سگهي ٿو..!؟؟ توهان جي مؤقف جو باطل هجڻ تہ ان ڳالهہ مان ئي ظاهر ٿي وڃي ٿو..!!! ڇاڪاڻ جو توهان جي مؤقف کي درست سمجهنداسين تہ نعوذباالله خود حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شان ۾ گستاخي ٿيڻ جو انديشو پيدا ٿي وڃي ٿو...!!!

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح صحيح سمجهہ عطا ڪري. آمين

هلندڙ....

**(اڳتي هن روايت جي پيش راوين "عباد بن يعقوب، ابو يحيي تميمي،فضيل بن مرزوق" بابت ڪجهہ وڌيڪ حقيقتون پڙهندڙن تائين پهچايون وينديون. انشاالله.)**

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 4 جنوري 2015

4 جنوري 2015

2 ڇڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

> ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑
>
> ***ادا رضوان علي جمالي صاحب... توهان اڳ ۾ اهو ڪوڙ ۽ بغض ڀريو الزام مونتي لڳايو هو...!!!***
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

[IMG]

4 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي لکيو آهي
محترم دوستو... فدڪ جي هن اهم مضمون ۾ اسان هن وقت محبوبن ڪريمن پاران حضرت سيده فاطمہ کي فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت بحث ڪري رهيا آهيون.

اهل سنت جي مؤقف مطابق اها ڳالهہ ناقابل تسليم آهي تہ فدڪ حضرت سيده فاطمہ کي عطا ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ جو فتح خيبر جي اهم ڏينهن تي نبي پاڪ پاران فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت ڪا بہ روايت صحيح سنَد سان موجود نہ آهي..!!
جواب
ادا اهو اوهان جو بهترين جواب آهي ان واقعي کان ئي مڪري وڃون نہ رهي بانس نہ وڃي بانسري. پر پهريان صحيح بخاري کان وينديٰ دِرمنثور تائين سيني جو انڪار ڪريو تہ آسان ٿي ويندو. جنهن ۾ وقت سر اوهان جي مڪتب کان تحريفات ٿينديون پيون اچن.
ممتاز قريشي لکيو آهي
هڪ اهم ڳالهہ جيڪا هن وقت تائين ثابت ٿي چڪي آهي اها هي تہ باغ فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت جيڪي روايتون اسان جا مخالف دوست مختلف ڪتابن مان پيش ڪري رهيا آهن اها اصل ۾ هڪ ئي روايت آهي ، ڇاڪاڻ جو انهن سيني روايتن جو آخري راوي صرف ۽ صرف "ابو سعيد" آهي.

دوست ان ڳالهہ تي بضد آهن تہ هي "ابوسعيد" اصل ۾ حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعاليٰ عنہ اصحابي سڳورو هو. اسان جو مؤقف اهو آهي تہ هي ابوسعيد اصحابي سڳورو نہ هو.

جيتوڻيڪ انهي بابت ڪافي حقيقتون بيان ڪيون ويون آهن پر ادا ڪاشف ڪريم صاحب منهنجي پيش ڪيل ڪتاب جي اسڪين پيج تي "ابوسعيد خدري" جو پورو نالو ڏيکاري پيهر ساڳي ڳالهه ورجائي آهي ته سچ اهو ئي آهي يعني

هن روايت جو راوي ابوسعيد خدري اصحابي رسول آهي، سندس لفطن موجب اهل سنت جي ڪتابن مان سچ جون تجليون ظاهر ٿي رهيون آهن..!!

جواب
يقين ڪريو اوهان کي ان وقت انهن مصنفن جو صلاحڪار هجڻ گهرجي ها ته چا لکجي چا ميٽائجي.
اها تاريخ جيڪا هميشه ظالم حڪومتن جي زيرِ اثر پلبي رهي آهي سوچڻ جي ڳالهه آهي جنهن ڳالهه کي اڄ ممتاز قريشي مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهي آخر اهڙا ڪهڙا عوامل هيا جو انهن تاريخدانن انهن تاريخن ۾ روايتون پيش ڪيون ان جي صرف اها ئي وجه ٿي سگهي ٿي ته اهي ان دور تائين بلند ترين موضوع هيا جن کان اک چرائڻ انهن جي وس ۾ نه هو پر سائين ممتاز صاحب وڪالت جو جيڪو ٺيڪو کنيو آهي اهو خوب نڀائي رهيا آهن. اسان کي اوهان جي ڪتابن سچ جون تجليون نه پر ڪوڙ جي ڍير ۾ ڪو به نه لڪندڙ سچ نظر پيو اچي.

ممتاز قريشي صاحب جن لکيو آهي
مذڪوره ڪتاب جو اهو عڪس پيهر پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو.

[IMG]

[IMG]

ممتاز قريشي صاحب لکيو آهي
محترم دوستو...اسان جا دوست خبر ناهي ڪهڙن خيالن جي دنيا ۾ رهندا آهن..!!

هن ڪتاب جي روايت ۾ "ابوسعيد خدري" لکيل ڏسي خوشي محسوس ڪري رهيا آهن، اهو تنا ڏسن ته روايت ختم ٿيڻ تي بريڪيٽ ۾ (7) لکيل آهي ۽ ڪين ان (7) جي حوالي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي توفيق نه ملي سگهي..!!

هيٺ صاف لفظن ۾ لکيل آهي ته هي ساڳي روايت البزار (ڪشف الاستار) ۽ ابي يعلي وغيره تان ورتل آهي يعني هن روايت جي تصديق لاءِ اسان کي "البزار( ڪشف الاستار) " ۽ "ابي يعلي" کي به ڏسڻو پوندو ته جيئن اصل راوي جي خبر پئجي سگهي....!!

جيڪڏهن هي راوي سندن چوڻ موجب "حضرت ابوسعيد خدري" آهي ۽ جنهن بابت درمنثور ۾ لکيو ويو آهي ته پوءِ هن روايت جي اصل ذريعن ( البزار ۽ ابي يعلي) کي به ضرور "ابوسعيد خدري" جو نالو ئي بيان ڪرڻ گهرجي. سچ جي اها تجلي انهن اصل ذريعن ۾ به نظر اچڻ گهرجي.

جواب
منهنجي خيال ۾ پوءِ خائن مصنف آهي جنهن اتي ابو سعيد خدري لکيو آهي.

اچو ته درمنثور جي مٿين روايت جا اصل ذريعا جيڪي ڪتاب آهن انهن جي روايتن ۽ راوين تي نظر وجهون.

ممتاز قريشي صاحب لکيو آهي.
ڇا اهو ممڪن آهي ته حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعالىٰ عنه جو نالو نامڪمل لکيو وڃي..!!؟؟

جواب
ادا اوهان وٽ ڪهڙي شي ناممڪن آهي اسان ڪي هن وقت تائين اوهان وٽ ڪا شي ناممڪن ملي ئي ناهي!!!!!!!!!!!!!!!!

ممتاز قريشي صاحب جو جواب
بحرحال اها ڳالهه به قابل غور آهي ته هن اهم روايت جي اصل ذريعن ۾ راوي جو نالو صرف "ابوسعيد" لکيل هجي ته نقل ڪندڙ ڪو به عالم سڀڱورو ان رواي کي "ابوسعيد خدري" ڪيئن لکي سگهي ٿو..!!؟؟

ان غلطي کي هڪ پاسي رکندي اسان کي اهو به سوچڻ گهرجي ته اسان جا مخالف دوست اهڙي قسم جي ضعيف روايتن تي من وعن يقين ڪري ڪيئن نه بغض صحابه کي دل ۾ جايون ڏيندا آهن..!!

جواب
اوهان سچ پيا چئو سائين حب صحابه ۾ بغض علي اوهان جو حق آهي ۽ اوهان حبِ صهابه سان سرشار آهيو. دشمن، دوست جو دشمن، دشمن جو دوست اهي ٽئي دشمن آهن.
دوست، دوست جو دوست، دشمن جو دشمن ٽئي دوست آهن اهي فطرتي تقاضا آهن.
اوهان پنهنجي جاءِ تي صحيح آهيوُ.

ادا ڪاشف لکي ٿو ته....
ادا بلڪل به اها روايت پڪي بنياد تي رکي اوهان کي طاقت ئي تاهي جو ان عمارت جي بنياد کي ڪجهو ڪري سگهو جنهن جي وجود کي معتبر شيعه سني ڪتابن ثابت ڪيو آهي.
ادا سائين ممتاز قريشي پاران پيش ڪيل اسڪين پيئج ته اهو ثابت

ڪري رهيا آهن تہ ابو سعيد خدري صحابي رسول آهي جنهن جو تالو وضاحت سان لکيل آهي. اوهان ڪهڙي ريت سچ واتگر روشن حقيقت جو انڪار ڪري رهيا آهيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

ڪاشف ڪريم ڪي قريشي صاحب جو جواب
پيارا ڀاءُ.... هي روايت توهان جي چوڻ سان پڪي ڪيئن ٿي سگهي ٿي...!!!؟؟
خود انهن ڪتابن جا عالم سڀورا بہ مطلوبہ روايتن جي حاشيي ۾ راوين جو ذڪر ڪندي هن روايت کي ضعيف ڄاڻائي رهيا آهن..!!
هن روايت جو راوي "ابوسعيد" اصل ۾ "ابوسعيد ڪلبي" آهي. جنهن جي اصليت کي ادا نقاش اختر ثابت ڪري چڪو آهي.

ممتاز قريشي لکي ٿو
"عطيہ بن سعد عوفي ڪوفي تابعي مشهور ضعيف آهي ۽ ابو حاتم چوي ٿو تہ ان جون حديثون ضعيف آهن. سالم مرادي چوي ٿو تہ عطيہ شيعو هو، امام احمد چوي ٿو تہ هو ضعيف الحديث آهي. هيثم کي بہ عطيہ تي ڪلام هو ۽ ابن مديني يحيىٰ کان روايت ڪئي آهي تہ عطيہ، ابو هارون ۽ بشر بن حرب منهنجي نظر ۾ برابر آهن. امام احمد چون ٿا تہ مون کي معلوم ٿيو آهي تہ هي عطيہ، ڪلبي (ابوسعيد) وٽ ايندو هو، هن کان هدايتون وٺي اتهن ڳالهين کي ابوسعيد جي تالي سان لکي ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ ابوسعيد هيئن چيو ۽ هيئن فرمايو وغيره، علامہ ذهبي موجب عطيہ پاران ابوسعيد جو تالو استعمال ڪرڻ جو صرف اهو مقصد هوندو هو تہ ماڻهو ان مان ابوسعيد خدري الصحابي سڀورو مراد وٺن، نسائي ۽ ٻين ڪيترن بہ هن کي ضعيف چيو آهي." (ميزان الاعتدال)
سخاوي رسالہ منظومہ جزري ۾ اصول حديث ۾ باب "من لہ اسماءٌ مختلفتہ

وتعوت متعددته" ۾ جتي بہ ڪلبي جو ذڪر ڪيو آهي تہ اتي هي بيان بہ ڪيو آهي تہ "وهو ابوسعيد الذي روي عنہ عطيتہ العوفي موهما انہ الخدري"

هي ڪلبي ابوسعيد جي ڪنيت سان بہ پڪاريو ويندو آهي ۽ عطيہ عوفي ان ڪان

جيڪا روايت بہ ڪندو هو اها انهي ڪنيت سان يعني "قال ابوسعيد" چئي روايت ڪندو هو تہ جيئن ماڻهن کي لڳي تہ هي ابوسعيد خدري (اصحابي سڳورو) آهي.

هي حقيقتون پڌائن ٿيون تہ مذڪوره روايتون ابوسعيد خدري اصحابي سڳوري کان روايت ٿيل نہ آهن بلڪہ ابوسعيد ڪلبي کان روايت ٿيل آهن، هي ابوسعيد شيعہ مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندو هو.

تعجب

جنهن جي منهن مان سچ نڪري ان کي يا تہ مچو نہ يا ان جو متبادل هٹو اهو اوهان جو پراڻو وطيرو آهي.

ممتاز قريشي صاحب فرمائين ٿا

محترم دوستو فدڪ جي عطا بابت انهن سيني روايتن جا آخري بہ راوي ناقابل اعتبار ۽ ڪوڙا سمجهيا وڃن ٿا، انهن صرف ۽ صرف پنهنجي مذهبي بغض خاطر اهڙيون ڪوڙيون روايتون گهڙيون تہ جيئن مسلمانن ۾ ڏقيڙ پيدا ڪري سگهجي.

جواب

۽ سلام آهي انهن تاريخدانن کي جن وري اهڙن ڪوڙن بغضي ماڻهن کي پنهنجي ڪتابن ۾ جاءِ ڏني جن کي اڄ اوهان سڃاڻي ويا آهيو ڪو عمر جي ان سال کي نہ هيو پر بخاري ان جون روايتون صحيح ۾ لکيون اوهان يقنين جي ان وقت ۾ هجو ها تہ ڏاڍا ڪامياب ٿيو ها پر اوهان جي قسمت جو اوهان هن وقت سچ کي ڪوڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو.

قريشي صاحب جو سوال
ٻي ڳالھہ تہ اسان جي اصحابي سڳورن سان محبت جو اهو مطلب ڪيئن ٿا وٺو تہ اهل بيت سڳورن سان دشمني ڪئي پئي وڃي...!!؟؟

جواب سائين
دوست جو دشمن، دشمن جو دوست اهي ٽئي دشمن آهن.
دوست، دوست جو دوست، دشمن جو دشمن ٽئي دوست آهن اهي فطرتي تقاضا آهن.

ممتاز قريشي صاحب لکي ٿو
يلا توهان جي بيان ڪيل ضعيف روايتن جي بنياد تي اسان صريح قرآن پاڪ جي مخالفت ڪيئن ٿا ڪري سگھون..؟؟
جواب سائين جن جي بارگاھ ۾
قرآن جي طاويل اوهان هميشہ ڪئي آهي ۽ اڄ بہ ڪريو پيا ابوڪر قرآن جي حق ۾ بيبي سلام الله اڳيان رسول جي ڪوڙي حديث گھڙي پيش ڪئي سو اوهان لاءِ ڪھڙي ڳالھ ناممڪن آهي.

**قريشي صاحب لکي ٿو**
"**مال فيِ**" بابت قرآن پاڪ جي سورت الحشر جي آيت 7 ۾ واضح حڪم موجود آهي. جنهن موجب هن قسم جو مال مختلف حصيدارن جي لاءِ مخصوص آهي. ڇا هن آيت سڳوري جي موجودگي باوجود اسان ان کي خاص نبي پاڪ جي ملڪيت تصور ڪريون ...؟؟ س

سائين جن کي گذارش
سائين اوهان تہ ان لاءِ ئي انڪار ڪيو آهي بيبي صاحبہ جي حق جو
قريشي صاحب لکن ٿا
جيڪا ملڪيت خود الله پاڪ اسلامي معاشري جي جي مختلف فردن ۾ ورهائڻ

جو حڪم ڪيو هجي ان ڪي نبي پاڪ پاران حضرت سيده بيبي فاطمہ ڪي عطا ڪرڻ بابت انهن صغيف روايتن تي يقين ڪيئن ڪريون ۽ قرآن جي هن واضح آيت جي حڪمن کان منهن ڪيئن موڙيون.......!!؟؟

گذارش

الله جنهن رسول ڪي ذليل معاشري ۾ جنهن معاشري ۾ عورت جي ڪا عزت نہ هئي ان معاشري ۾ ڏي عطا ڪري قرآن ۾ عورت جو حصو مقرر ڪيو اتي رسول پاڪ صلعم جو عمل ڪرڻ جو وقت آيو تہ چياون اسان گروه انبياءَ جي ڪا وراثت ناهي هوندي سبحان الله تبيلغ ( العياذ بالله)

قريشي جو عجيب سوال هميشہ کان

باغ فدڪ بابت جيڪو فيصلو پهريئن ٽن خليفن ڪيو ان ساڳئي فيصلي کي حضرت علي ڪرم الله وجهہ بہ برقرار رکيو... پلا توهان انجي تاويل ڪيئن ٿا ڪري سگهو...؟؟

جواب سائين جن جي بارگاه ۾

تاويل نہ پر حقيقت آهي جي مولا ڪائنات پنهنجي وقت ۾ اهو فدڪ واپس ڪري ها تہ اڄ اوهان يزيد جي وڪالت پيا ڪريو ها نہ ڪي ان تي لعنت پيا ڪريو ها هن عمل کي سمجهڻ لاءِ حُبِ علي جو هُجڻ ضوروري آهي علي عليہ اسلام جي دشمن کان دور هُجڻ صروري آهي. ان کان سواءِ اوهان کي اها حقيقت سمجھ ۾ نہ ايندي سائين.

قريشي صاحب جن لکن ٿا

جنهن بغض کي دل ۾ رکي توهان جيڪو گناه عظيم انهن اصحابي سڳورن بابت سوچيندا آهيو، اهو ساڳيو فيصلو تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ بہ ڪيو هو...!!!!!

ڇا اها ڳالهہ ضروري نہ هئي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ بحيثيت مسلمانن جو

خليفو مقرر ٿيڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين خود پنهنجي گهروارن کي سندن حق ڏيارئي ها...!!؟؟ اهو ئي حق جيڪو بقول توهان جي مؤقف جي نبي پاڪ جي خواهش مطابق هو..!! محبوبن ڪريمن جي مرضي ۽ خواهش کي بقول توهان جي مؤقف جي پهريئن خليفن پورو نہ ڪيو تہ ڇا اهو معقول جواز آهي تہ حضرت علي ڪرم الله

وجهہ بہ حضور اڪرم جي مرضي ۽ خواهش کي پورو نہ ڪري...!!؟؟

جيڪو خليفو پنهنجن گهروارن کي انصاف نہ پهچائي سگهيو ، انهن کي سندن حق وٽرائي نہ ڏئي سگهيو ڇا اهو عام مسلمانن کي انصاف پهچائي سگهي ٿو..!؟؟ توهان جي مؤقف جو باطل هجڻ تہ ان ڳالهہ مان ئي ظاهر ٿي وڃي ٿو..!!! ڇاڪاڻ جو توهان جي مؤقف کي درست سمجهنداسين تہ نعوذباالله خود حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي شان ۾ گستاخي ٿيڻ جو انديشو پيدا ٿي وڃي ٿو...!!!

گذارش سائين جن جي بارگاهہ ۾
علي عليہ السلام مظهر العجائب آهي اوهان بغض بہ رکو علي جي دشمن سان ياري بہ رکو ۽ اوهان کي فعل عليہ عليہ اسلام ۾ سمجهہ ۾ اچي اهو اوهان جي وس ۾ ناهي.
قريشي صاحب جن جي هميش واري دعا
شل الله پاڪ اسان سڀني کي دين جي صحيح صحيح سمجهہ عطا ڪري. آمين
سائين جن جي بارگاہ ۾ اسان جو عرض
خارجين جو نعرو بہ اهو هميشہ رهيو حڪومت صرف الله جي لاءِ مولا ڪائنات ان نعري مطلق جواب ڏنو نعرو تہ صحيح آهي پر ان پٺيان نيت بد آهي سو الله شل اسان سڀني کي حقيقت جي خلاف وڪالت نہ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

سائين جن فرمائين ٿا هلندڙ....
(اڳتي هن روايت جي پيش راوين "عباد بن يعقوب، ابو يحيي تميمي،فضيل بن مرزوق" بابت ڪجهہ وڌيڪ حقيقتون پڙهندڙن

تائين پهچايون وينديون. انشاالله.)

گذرش
سائين پيج ڏگهو آهي پيا لکو

4 جنوري 2015



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

## ادا روشن علي رحيمي صاحب جو عالمانہ ۽ مدلل جواب...!!!!

محترم دوستو...خالص علمي ڳالهين جو جواب سائين روشن علي رحيمي صاحب ڪيئن ڏنو آهي ۽ اچو تہ ان جي اهم ڳالهين کي پڙهون.

**اهل سنت جي مؤقف مطابق اها ڳالهه ناقابل تسليم آهي ته فدڪ حضرت سيده فاطمه کي عطا ڪيو ويو هو، چاڪاڻ جو فتح خيبر جي اهم ڏينهن تي نبي پاڪ پاران فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت ڪا به روايت صحيح سنَد سان موجود نه آهي..!!**

ادا روشن علي رحيمي لکيو آهي ته...

> *ادا اهو اوهان جو بهترين جواب آهي ان واقعي کان ئي مڪري وڃون نه رهي بانس نه وڃي بانسري. پر پهريان صحيح بخاري کان وٺندي درِمنثور تائين سيني جو انڪار ڪريو ته آسان ٿي ويندو. جنهن ۾ وقت سر اوهان جي مڪتب کان تحريفات ٿينديون پيون اچن.*

سائين هن وقت جنهن اهم ڳالهه تي بحث هلي رهيو آهي ان بابت پيو ڪي روايتون هجن ته ضرور پيش ڪندا.
اسان پاران صحيح بخاري کان وٺي درمنثور تائين ڪنهن به ڳالهه تي يقين ۽ ايمان صرف انڪري ڪيو ويندو آهيون ۽ ڪرڻ به گهرجي جڏهن انهن جا راوي قابل اعتبار هوندا آهن. ٻيو شرط اهو آهي ته اها روايت قرآن جي صريح مخالفت ۾ به نه هجي.

ڪنهن به روايت کي ۽ ان جي راوين تي تحقيق ڪرڻ ۽ ان بابت اهي حقيقتون جيڪي مختلف عالم سڳورن بيان ڪيون آهن اهي پڌائڻ سان نعوذبالله اهل بيت سڳورن سان دشمني ڪيئن ٿيندي....؟

سائين روشن علي رحيمي صاحب لکي ٿو ته...
**يقين ڪريو اوهان کي ان وقت انهن مصنفن جو صلاحڪار هجڻ گهرجي ها ته ڇا لکجي**

**ڇا ميٽائجي.**
**اها تاريخ جيڪا هميشه ظالم حڪومتن جي زيرِ اثر پلبي رهي آهي سوچڻ جي ڳالهه آهي جنهن ڳالهه کي اڄ ممتاز قريشي مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهي آخر اهڙا ڪهڙا عوامل هيا جو انهن تاريخدانن انهن تاريخن ۾ روايتون پيش ڪيون ان جي صرف اها ئي وجه ٿي سگهي ٿي ته اهي ان دور تائين بلند ترين موضوع هيا جن کان اک چرائڻ انهن جي وس ۾ نه هو پر سائين ممتاز صاحب وڪالت جو جيڪو ٺيڪو کنيو آهي اهو خوب نڀائي رهيا آهن. اسان کي اوهان جي ڪتابن سچ جون تجليون نه پر ڪوڙ جي ڍير ۾ ڪو به نه لڪندڙ سچ نظر پيو اچي.**

محترم دوستو... ڌيان ۾ رهي ته تاريخ جا ڪتاب هر قسم جي روايتن سان ڀريا پيا آهن، چاهي اها تاريخ طبري هجي يا تاريخ ابن ڪثير يا ٻي ڪا به ڪتاب، هر مؤرخ مختلف رواين کان هڪ ئي واقعي بابت مختلف روايتون بيان ڪيون آهن، ڇاڪاڻ جو اهي مؤرخ پاڻ ان وقت ان موقعي تي موجود نه هوندا هئا بلڪه اهي ته 100 يا 200 سالن کانپوءِ دنيا ۾ آيا هئا...!!! انهن ڪتابن ۾ انهن مختلف روايتن جي موجودگي مان اهو سمجهڻ بيوقوفي ٿيندي ته اها روايت بلڪل درست به هوندي...!! ان روايت جي سچائي لاءِ اسان کي ان راوي جي سچائي ڏسڻي پوندي...!!

تاريخ جي هر ڪتاب جي هر روايت من وعن قبول ڪرڻ جهالت ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي.

اهل سنت ، شيعه مڪتبه فڪر سميت ڪو به مسلمانن جو فرقو تاريخ جي هر روايت کي قبول نه ڪندو آهي. شيعه مڪتبه فڪ جي نزديڪ جيڪا روايت سندن عقيدن موافق هوندي آهي ان کي فورن قبول ڪيو ويندو آهي چاهي اها روايت صحيح السنَد هجي يا ضعيف هجي...!! چاهي اها ڪنهن جي به ڪتاب ۾ بيان ڪيل ڇو نه هجي..!! وري جيڪڏهن ڪا روايت سندن "مخصوص عقيدن" خلاف هوندي ته فورن ان کي رد ڪيو ويندو آهي چاهي ان جي سنَد ڪيتري به مضبوط ڇو نه هجي ۽ چاهي اها روايت خود سندن معتبر ڪتابن ۾ ئي ڇو نه هجي....!!!
پر...!!!
اهل سنت جي نزديڪ تاريخ جي ڪا به روايت جيڪا بنا ڪنهن صحيح سنَد جي هوندي يا ان جا راوي مشڪوڪ هوندا ته فورن ان کي رد ڪيو ويندو آهي.

هڪ طرف اسان جا مخالف دوست اها به دعوىٰ ڪندا آهن ته سچ اسان جي ڪتابن مان يا تاريخ جي ڪتابن مان تجليون پيون ڏئي وري جڏهن انهي سچ کي ڪوڙو ثابت ڪيو ويندو آهي ته فورن اهو مؤقف اختيار ڪندا اهن ته تاريخ ته بني اميه جي دستخوانن تي لکجي وئي هئي ۽ وري اهو الزام به هڻندا آهن ته اسان انهن جا نمڪ خوار آهيون..!!!

محترم دوستو....اسان جا مخالف دوستن اسان جي ڪتابن ۾ باغ فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت روايتون ڏيکارڻ جون بلند دعوائون ڪندا رهيا آهن پر جڏهن حقيقت جي عينڪ لڳائي ڏسجي ٿو ته اهي روايتون خود راوين جي ضعيف هجڻ سان ازخود ضعيف ٿي وڃن ٿيون جن جي نشاندهي خود انهن ڪتابن جي مصنفن به ڪري ڇڏي آهي.

## هڪ اهم حقيقت جي تشاندهي...!!!

محترم دوستو...اڄ هڪ ٻي اهم ڳالهه توهان پڙهندڙن تائين پهچائڻ چاهيان ٿو جنهن کي ٻڌي توهان تعجب ۾ پئجي ويندو..!!

**باغ فدڪ جي عطا بابت خود شيعہ مکتبہ فڪر جي مختلف اهم ڪتابن ۾ مختلف روايتون بيان ڪيون ويون آهن...!!**
**بحارالانوار ، تفسير قمي، مناقب ابن شهرآشوب، تفسير عياشي وغيره انهن سيني ڪتابن ۾ باغ فدڪ جي عطا بابت مختلف روايتون بيان ڪيل آهن..!!!**

تعجب جي ڳالهه اها بہ آهي تہ شيعہ مکتبہ فڪر جي سڀ کان اهم ڪتاب "جامع الڪافي" ۾ حضرت امام جعفر صادق کان هڪ اهڙي روايت بہ بيان ڪيل آهي جيڪا وري مٿين ڪتابن جي سيني روايتن کي رد ڪري ڇڏي ٿي..!!!

غور ڪريو دوستو... جيڪا روايت اسان جا مخالف دوست اسان جي ڪتابن مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن اها روايت، اهو واقعو خود سندن ڪتابن ۾ بہ هڪ ئي انداز سان بيان ڪيل نہ آهي...!!
بيشڪ سچ تہ سچ ئي هوندو آهي..!!!
جيڪڏهن هي واقعو سچو هجي ها تہ رڳو لفظي تبديلي هجي ها ۽ شيعہ مکتبہ فڪر جو هر ڪتاب هن واقعي کي هڪ ئي طرح بيان ڪري ها...!! پر پڙهندڙ ساٿيو ايئن بلڪل بہ نہ آهي.
تمام جلد راوين تي جرح مڪمل ٿيڻ کان پوءِ شيعہ مکتبہ فڪر جي اهم ڪتابن جي حوالن سان اهي حقيقتون بہ پڙهندڙن تائين پهچايون ويندون. انشاالله.

سائين روشن علي رحيمي صاحب لکيو آهي تہ..

> *اوهان سچ پيا چئو سائين حب صحابہ ۾ بغض علي اوهان جو حق آهي ۽ اوهان حبِ صهابہ سان سرشار آهيو. دشمن، دوست جو دشمن، دشمن جو دوست اهي ٽئي دشمن آهن. دوست، دوست جو دوست، دشمن جو دشمن ٽئي دوست آهن اهي فطرتي تقاضا آهن. اوهان پنهنجي جاءِ تي صحيح آهيوُ.*

پيارا محترم سائين... حب صحابہ تہ خود حضرت علي ڪرم الله وجهه کي بہ هيو...!!!
اصحابي سڳورن سان ساٿ، محبتون ۽ اصحابي سڳورن سان اهل بيت سڳورن جون مٿيون مائٽيون ڪير ڪيترين لڪائيندو...!!؟؟

جيڪي روايتون بنياد بڻائي اصحابي سڳورن ۽ اهل بيت سڳورن ۾ دشمنيون ثابت ڪيون وينديون آهن، منهنجي پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ انهن تي مڪمل يقين ڪرڻ کان پهرين پنهنجن عالم سڳورن کان انهن روايتن جي اصل راوين جي ڇاڻ ضرور حاصل ڪندا ڪريو...!!
ڇاڪاڻ جو ايمان جي تڪميل انهن ضعيف روايتن کي بنياد بڻائي نہ ڪئي ويندي آهي..!!

اهل سنت جا ۽ شيعہ مڪتبہ فڪر جا ڪتاب ۽ پڻ تاريخ جا ڪيترائي ڪتاب انهن سچائين سان پريا پيا آهن، الائي ڇو توهان کي اهي مستنَد روايتون نظر نٿيون اچن...!!

توهان حضرت علي ڪرم الله وجهہ جو مشهور قول نقل ڪيو آهي. اچو تہ ان جي روشني ۾ ئي هن مسئلي کي حل ڪيون.

| [SIZE/]انسان جا دشمن | انسان جا دوست |
|---|---|
| 1. دشمن<br>2. دوست جو دشمن<br>3. دشمن جو دوست | 1. دوست.<br>2.دوست جو دوست<br>3. دشمن جو دشمن |
| | |

**كجهہ حقيقتون...!!**

- اصحابي سڳورا ۽ اهل بيت سڳورن سان دلي محبت ڪندڙ هئا. (تاريخ جون بيشمار مستنَد روايتون.) **يعني هڪ ٻئي جا دوست هئا.**
- خود اهل بيت سڳورا بہ اصحابي سڳورن سان هر دور ۾ ۽ هر ڏکئي وقت ۾ مددگار رهيا هئا. (تاريخ جون بيشمار مستنَدروايتون.) **يعني هڪ ٻئي جا دوست هئا.**
- اصحابي سڳورن سان جن جن دشمنيون ڪيون اهل بيت سڳورن بہ انهن کي پنهنجو دشمن سمجهيو هو. (تاريخ جون بيشمار مستنَد روايتون.) **يعني دوست (اصحابي سڳورن) جو دشمن بہ اهل بيت سڳورن جو دشمن هو..!!**

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح صحيح سمجهہ عطا ڪري . آمين.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 4 جنوري 2015

4 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

مولا ڪائنات سان جنهن جنهن جنگ ڪئي ان کان بيزاري ته ڪريو نه سائين هاني جمل و صفين تان به اوهان انشاءِ الله هٿ کڻي ويندو ته اهي واقعا به ٿيا ئي نه هي.
دوست، دوست جو دوست به دوست، دشمن جو دشمن به دشمن. ڪر هر علي جي مقابل تي لعنت جي جرئت اٿئي ته سائين منهنجا منڙا اسان وٽ ته سڌو سنئون طريقو آهي جي امام حسن عليہ اسلام جي گهر واري کين کي زهر ڏئي ته برملا ان تي به لعنت جي امام تقي عليہ اسلام جي گهر واري ان کي زهر ڏئي ته ان تي به لعنت جي ڪوفي امام عليہ اسلام کي خط لکي گهرائين پوءِ ڪٽي تاريخ مان اوهان انهن کي شيعہ ظاهر ڪريو پر اسان جي انهن تي لعنت هر ان تي لعنت جنهن سان اسان محبت ڪريون ٿا اوهان ڪريو انهن تي لعنت جيڪي علي عليہ اسلام جا دشمن هيا اهلبيت جا دشمن اسان وٽ ته لعنت ۽ رحمت جي مهوريت اهلبيت عليہ اسلام آهي اوهان وٽ الائي .؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

4 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

باقي اوهان کي ثبوت ڏيندا سين اوهان سان مٿو هڻندا سين پر ايسيتائين نہ

جيسيتائين اوهان اسان جون ڪيل منٿون نہ ٿا مڃو چاهي اهي منٿون فورم تي مناظري لاءِ هجن يا سامهون ويهي مناظري لاءِ هجن.
اسان دوستن کي اهو ٻڌائڻ ٿا گهرون اسان طرفان هنن موضوعات ۾ بضرورت مدافعت ڪئي وئي آهي جڏهن تہ محترم اسان کي رافضي قادياني ثابت ڪري آيا آهن پنهنجي نظر ۾ جيڪو اسان کي صلو آهي صرف محبتِ اهلبيت عليہ اسلام سان جي وقت مليو تہ نظامِ واليت تي هڪ موضوع شروع ڪندا سين جنهن مان اها ڳالهہ ثابت ڪنداس سين تہ اڄوڪي امت جي پستي جو ڪارن مهجوريتِ ولايت ئي آهي.

4 جنوري 2015



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

سائين روشن علي رحيمي صاحب...اهل بيت سڳورن جي دشمنن تي هڪ دفعا نہ پر هزار دفعا لعنت آهي.
هاڻ توهان اسان کي تاريخ جي مستنَد روايتن سان اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ڪھڙيون ڪھڙيون هستيون اهل بيت سڳورن جون دشمن هيون، باقي بنا ثبوت ۽ بنا دليل جي ڪنهن بہ اصحابي سڳوري کي نعوذبالله گهٽ وڌ ڳالهائڻ نہ تہ انصاف پسندي آهي ۽ نہ ئي دين دنيا جو ڪو قانون اجازت ڏئي ٿو.

مان اڪثر اها ئي ڳالهہ تہ ورجائيندو رهندو آهيان تہ تاريخ جي ضعيف روايتن تي ايمان جون ديوارون قائم نہ ٿيون رکي سگهجن ڇاڪاڻ جو انهن ديوارن جو ڪو بنياد ئي نہ هوندو آهي..!!
توهان کي حضرت امير معاويہ رضي الله تعالىٰ عنہ سان شڪايتون آهن تہ مستنَد روايتن سان پيش ڪريو، مان توهان کي انهن روايتن جو جواب ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهيان. اسان هن فورم تي پيار ۽ محبت جي فضا ۾ هڪ ٻئي جي علم ۾ اضافو ئي ڪنداسين. انشاالله.
بدقسمتي سان ڏٺو اهو ويو آهي تہ جڏهن ڳالهہ منطقي انجام تي پهچڻ لڳندي آهي تہ توهان دوستن پاران هڪ ئي وقت اعتراضن جي پرمار شروع ٿي ويندي آهي.

توهان ماشاالله عالم آهيو، توهان کي تاريخ جون اهي روايتون الڳ الڳ ڪري سامهون آڻڻ گهرجن جيڪي اصحابي سڳورن پاران اهل بيت سڳورن سان دشمني کي ظاهر ڪنديون هجن، مان توهان

کي انهن جو الڳ الڳ ئي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس. يقين ڄاڻو اسان جي هن قسم جي بحث سان هر ڪنهن پڙهندڙ کي فائيدو ئي پهچندو.

حضرت علي ڪرم الله وجهہ سان جنگ جمل ۽ صفين ۾ وڙهندڙن تي بيزاري ڪرڻ يا لعنت وجهڻ ضروري آهي تہ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين جون بيزاري ۽ دشمني ۽ لعنت واريون روايتون تہ ضرور توهان دوستن وٽ هونديون، خود حضرت علي ڪرم الله وجهہ جا قول بہ ان بابت ضرور موجود هوندا. مهرباني ڪري هڪ الڳ مضمون جي شروعات ڪري انهن اهم حقيقتن کي پيش ڪريو تہ جيئن اسان بہ اهل بيت سڳورن جي انهن فرمانن جي روشني ۾ جنگ جمل ۽ صفين ۾ شامل مسلمانن بابت ڪو هڪ مؤقف جوڙي سگهون.

4 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

سائين ممتاز قريشي صاحب اسان پهريان بہ عرض ڪندا رهيا آهيون تہ اسان اوهان کي بضرورت جواب ڏيندا ٿا اچون اسان کي اوهان سان يا هن فورم تي ڪنهن سان بہ مناظري جو شوق ناهي رهيو اهو اوهان کي ئي رهيو آهي مونکي دشمنِ اهلبيت اوهان کي ڳڻائڻ جي ضرورت ئي ناهي نہ ئي اسان اوهان کي ڳڻايو آهي بس جنهن جنهن بہ اهلبيت سان دشمني ڪئي آهي اهو لعنت جي زُمري ۾ اچي ٿو قرآن جي حوالي سان آيتِ مباهلي جي موضوع ۾ عيسائين لعنت نہ ڪنئي اها لعنت هر زماني ۾ رڪيل آهي هر زماني ۾ سندن عدو تي ايندي ان کي نہ اوهان روڪي سگهندو نہ اسان روڪي سگهندا سين چو جو اها لعنت هر مخالف اهلبيت جو پيڇو ڪندي.

ٻي ڳالهہ اسان جيڪا بار بار باور ڪرائيندا پيا اچون تہ اهلبيت عليہ السلام جي مهجوريت هڪ نظام جي مهجوريت هئي جنهن سان امت هيترن حادثن سان متاثر ٿي آهي ۽ هن وقت تائين اسان ذلت جي اندهارين مان ناهيون نڪري سگهيا اهو اسان جو موقف آهي.

باقي معاويہ هجي حضرت عمر هجي حضرت ابوبڪر هجي حضرت عثمان هجي اسان جو پڻ ڪنهن سان ٻني تان تقرار ڪونهي.

اوهان انهن جي راهہ ۾ نجات ڳولي آهي اوهان کي مبارڪ اسان نہ ٿا سمجهون اسان اهلبيت جي پيروي ۾ اها صراطِ مستقيم کي سمجهيو آهي. اها اسان جي قسمت.

باقي اوهان کي اهلبيت و علي عليہ اسلام جا قول پڏايان تہ انهن چيو هو تہ ڦلانن ڦلاڻن تي لعنت وجهو چو جو اهي اسان جا دشمن هيا سو سائين اوهان انهن جي ويهي وڪالت ڪريو ايترو فضول وقت اسان وٽ ڪونهي يقينن اوهان وٽ بہ نہ هوندو.

تاريخون تہ اووئين ڪوڙيون آهن بنو اميہ جي دور کان مولا علي عليہ اسلام جي شان ۾ گستاخي ٿيندي رهي اوهان ان جي ويهي وڪالت ڪندو اسان کي منظور ناهي سائين اوهان ڇاٺو اوهان جو دين ڇاٽي اسان تہ هن وقت امت جي ذلت واري راهہ تي فاتل آهيون اسان تہ اهو ٿا سوچيون پيا امت هن ذلت مان جان ڪيئن ڇڏائيندي

فرقہ بندي مسلسل امت کي رسوائي ڏي آهي يا ڪا ڪم جي ڪا شي ٻہ ڏني آهي اسان کي تہ اهو موضوع نظر نہ پيو اچي تہ آخر اهو ڪهرو پهلو آهي جنهن تي وجي ڪري هن رسوائي و ذلت مان نڪري سگهجي ٿو باقي اوهان اسان جا پاءُ آهيو محترم آهيو اسان پڻ اوهان کي اهو چوندا سين تہ هنن ذلتن و نفرتن جي موضوع کي ڇڏي اچو ان طرف جنهن طرف امت جي عزت مربوط آهي جيڪو موضوع شايد محجور و متروڪ آهي ان موضوع کي اپاري نادانن کي ان طرف سڏي ڪو چڱو ڪم ڪري سگهجي ٿو .

باقي اوهان پاڻ راز جا راڻا آهيو ادا.

4 جنوري 2015

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)





Forum software by XenForo™
Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse.
قانون ۽ قائدا

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو فورم جتي اوهان رُڪن بڻجي ڪري سگهو ٿا گهڻو ڪُجهه !

- مُفت ۾ رُڪن بڻجي روزوانو سوين رُڪنن پاران ايندڙ موضوع پڙهڻ ۽ انهن راءِ ڏيڻ
- سنڌي ڪمپيوٽنگ جي دنيا ۾ ايندڙ انقلابي پروجيڪٽس جو فائدو وٺڻ
- سنڌي لکڻ جي لاءِ هر مسئلي ۽ هر مُشڪل جو حل
- ذاتي ۽ عام رواجي ڪم ڪارن جي ڪنهن به مسئلي جو حل پُڇڻا نه مُنجهڻا يقيني طور ملڻ
- ڪتابن جي هڪ وڏي ذخيري مان لطف اندوز ٿيڻ
- ۽ ٻيو گهڻو ڪُجهه جيڪو هن فورم کي سنڌي جو هڪ بي مثال فورم بڻائي ٿو

رجسٽريشن جو عمل، انتهائي تيز، سادو ۽ بلڪل مفت آهي، سو هتي ڪلڪ ڪري اچ ئي ساٿ ۾ شامل ٿيو!

سنڌ سلامت عمومي سوالن جا جواب FAQs ڏسڻ لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام تي توهان کي ڀليڪار!

- مُفت ۾ رُڪنيت ڪيئن حاصل ڪجي؟
- جيڪڏهن پاسورڊ وسري وڃي ته کاتو ڪيئن بحال ڪجي؟
- سنڌسلامت تي موضوع ڪيئن موڪلجي يا موضوع ۾ جواب ڪيئن موڪلجي؟
- موضوع سان گڏ تصوير ڪيئن اپلوڊ ڪجي؟
- سنڌسلامت تي ڪتاب ڪيئن موڪلجي؟
- سنڌسلامت سان لاڳاپيل اهڙن ٻين ڪوڙ سارن سوالن جا جواب

سنڌ سلامت عمومي سوالن جا جواب FAQsهتي ڪلڪ ڪري ڏسو ۽ سنڌسلامت سٽ جا ساٿي ٻڻجو.

kashifkareem
نئون رڪن

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*هو تنا ڏسن ته روايت ختم ٿيڻ تي بريڪيٽ ۾ (7) لکيل آهي ۽ کين ان (7) جي حوالي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي نوفيق نه ملي سگهي..!!*
*هيٺ صاف لفظن ۾ لکيل آهي ته هي ساڳي روايت البزار (ڪشف الاستار) ۽ ابي يعلي وغيره تان ورتل آهي يعني*

مڪمل اقتباس ڏسو...

ماشاءَ الله ادا اوهان جي بقول اسان کي توفيق نه ملي سگهي، سٺو جو اسان جو ڌيان حوالي ڏانهن ڇڪرايو اٿو. پر اتي جيڪو ڪجهه لکيل آهي مان ته ان جي تفصيلي و ضاحت به ڪري آيو آهيان. لکيل آهي ته فدڪ حجاز جو هڪ ڳوٺ آهي مديني ۽ فدڪ جي وچ ۾ ٻن ڏينهن جو فاصلو آهي يا ٽيو ويو آهي ته ٽن ڏينهن جو فاصلو آهي. اهو اثر يا حديث بزار وٽ به آهي ۽ ابي يعلي وٽ به آهي ۽ پوءِ جيڪا ڳالهه حاشئي تي آهي ان جو تفصيلي جواب لکي آيو آهيان. ابن ڪثير لکيو آهي ته ان روايت جي سند صحيح به هجي تڏهن به ان کي مڃڻ مشڪل آهي. ان ڪري جو اها آيت مڪي ۾ نازل ٿي ۽ فدڪ مديني ۾ سال ست 7 هجري ۾ خيبر سان گڏ فتح ٿيو. تنهن ڪري ان واقعي جي ان آيت سان ڪهڙي مناسبت ٿي سگهي ٿي.؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟
۽ هيثمي چئي ٿو ته: ان روايت جي سند ۾ عطيه آهي تنهن ڪري ضعيف ۽ متروڪ آهي.
باقي اوهان جو هي جملو حوالي ۾ درج ڪونهي: يعني هن روايت جي تصديق لاءِ اسان کي "البزار( ڪشف الاستار) " ۽ "ابي يعلي" کي به ڏسڻو پوندو ته جيئن اصل راوي جي خبر پئجي سگهي....!!

ادا ٽوٽل حاشيو اهو آهي هاڻي پڌايو تہ ان ۾ ڪهڙي جڳهہ تي لکيل آهي تہ ان روايت ۾ جيڪو ابو سعيد خدري لکيل آهي اهو شيعہ ۽ ابو سعيد ڪوفي آهي. ادا سائين روايتن جي اهڙي تشريح ڪريو جيڪا مناسب هجي. مان اجا ٻيا ڪتاب بہ ذڪر ڪريان ٿو جن ۾ وضاحت سان لکيل آهي تہ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي شخصي ۽ ذاتي ملڪيت هئو ۽ انهن پنهنجي زندگي ۾ ئي سائڻ فاطمہ

زهرا سلام الله عليها کي ڏيئي ڇڏيو هئو پر ابوبڪر ان تي قبضو ڪري بيبي سلام الله عليها کي ان جي حق کان محروم ڪيو.

4 جنوري 2015

5 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

kashifkareem
نئون رڪن

ممتاز قريشي صاحب مونڪان هڪ حوالي جي گهر ڪئي هئي اهو حوالو ته ڪيس ڏيئي ڇڏيو آهي پر معلوم ناهي سائين جن ان حوالي تي اڃا تائين جرح نہ ڪئي آهي. سندن مطالبو هي هئو:
هن پهريئن مطالبي واري ڳالهہ توهان ڪهڙي ڪتاب مان ورتي آهي..؟
چاڪاڻ جو منهنجي چاڻ موجب هن قسم جو ڪو بہ مطالبو نہ ڪيو ويو هو، صرف وراثت جي ڳالهہ ڪئي وئي هئي. اميد تہ ان جو حوالو بہ فراهم ڪندا.
ادا قريشي صاحب توهان جي ڳالهہ صحيح آهي اسان سيني جو علم ناقص آهي ڪيترين ئي ڳالهيون آهن جن کان اسين اڻڄاڻ آهيون پر ان جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ انهن ڳالهين جو وجود ئي ڪونهي. ان بابت ڪيترن ئي معتبر شيعه ۽ سني ڪتابن ۾ تفصيلون ذڪر ٿيون آهن اوهان کي هڪ حوالو ذڪر ڪريان ٿو. اگر پوءِ بہ اوهان کي اطمينان حاصل نہ ٿئي تہ ٻيا حوالا ذڪر ڪندس. مون اهو مطلب جناب بلاذري جي ڪتاب فتوح البلدان، جلد 1، صفحي 44 تان کنيو آهي. احمد بن يحيي بن جابر بلاذري متوفي 279 هجري ٽين صدي هجري جي برجستہ عالمن منجهان هڪ آهي جيڪو امام بخاري، امام مسلم، ابن ماجہ قزويني ۽ دائود سجستاني جو معاصر آهي.
**جناب بلاذري پنهنجي ڪتاب فتوح البلدان، جلد 1، صفحي 44 تي لکي ٿو تہ:**
**ان فاطمة رضي الله عنها قالت لأبي بكرالصديق رضي الله عنه اعطني فدك فقد جعلها رسول الله صلي الله عليه وسلم لي**
**فسألها البينة،**
**حضرت زهرا سلام الله عليها، ابوبڪر کي چيو: مون کي فدڪ ڏي، پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ کي منهنجي ملڪيت قرار ڏنو هئو، ابو بڪر کيس چيو: جيڪڏهن پيغمبر تو کي ڏنو هئو تہ تو وٽ شاهد بہ آهن يا نہ؟**
**ادا سائين مٿي بيان ڪيل ان سڄي تفصيل مان تہ صرف هڪ ڳالهہ ئي واضح ٿي رهي آهي تہ فدڪ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ذاتي ۽ شخصي ملڪيت هئو، جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم** وآت ذا القربي حقہ، **آيت نازل ٿيڻ کان پوءِ بيبي فاطمہ زهرا سلام الله عليها کي گهرائي ان جي حوالي ڪيو. ۽ سندن زندگي ۾ ئي فدڪ بيبي زهرا سلام الله عليها جي ملڪيت بڻجي ويو. ليڪن رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي رحلت کان**

**بعد امت سندس نياڻي، چادر تطهير جي وارث، آيت مباهلہ جي مصداق بيبي کي پهريون تحفو اهو ڏنو جو ان جي ملڪيت تي قبضو ڪيائون.**

4 جنوري 2015

5 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

**kashifkareem**
نئون رڪن

**ان پهرئين مطالبي بابت سائين ممتاز قريشي کي هڪ پيو حوالو پيش ڪجي ٿو**
ياقوت حموي ۾ معجم البلدان- ج ۴- ص ۲۳۸ تي فدڪ بابت لکي ٿو ان حقيقت جو اعتراف ڪندي لکي ٿو:
وهي التي قالت فاطمة ، رضي الله عنها إن رسول الله ، صلى الله عليه وسلم ، نحلنيها، فاطمہ زهرا سلام الله عليها ابو بڪر کي چيو: پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فدڪ واري ملڪيت مون کي هديو ڪئي هئي.
**حافظ حسڪاني شواهد التنزيل- ج ۱- ص ۴۳۸ تي نقل ڪندي لکي ٿو:** مان پابند آهيان تہ هن ڪتاب ۾ ضعيف ۽ ڪوڙيون حديثون نقل نہ ڪريان.
جناب قاضي عضد الدين ڪتاب المواقف جي ج ۳- ص ۶۰۹ تي نقل ڪري ٿو.
سيد جرجاني شرح مواقف جي ج ۸- ص ۳۵۶ تي نقل ڪري ٿو.
جناب حلبي پنهنجي ڪتاب سيرت جي ج ۳- ص ۴۸۸ تي نقل ڪري ٿو.
آقاي سرخسي پنهنجي ڪتاب مبسوط جي ج ۱۲- ص ۳۰ تي هي قصو نقل ڪري ٿو.
**اها سچي تفصيل پهرئين مطالبي بابت هئي اگر هزارين حيلا هلائي ان کي تسليم نہ بہ ڪيو وڃي تہ بيبي فاطمہ زهرا جو ٻيو مطالبو بہ موجود آهي. تہ اي وقت جا حاڪم اگر باغ فدڪ متعلق منهنجي مطالبي کي ٺڪرائين ٿو تہ ٻڌي ڇڏ جيڪڏهن باغ فدڪ رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ذاتي ملڪيت هئو تہ ان جي اڪيلي وارث مان فاطمہ آهيان. تنهن ڪري ميراث جي عنوان سان بہ باغ مون سان تعلق ٿو رکي. سو باغ منهنجي حوالي ڪر.**
۽ سڀ کان وڌيڪ مزي جي ڳالهہ هي آهي تہ ان بابت امام بخاري صحيح بخاري ۾ هڪ سهڻي روايت نقل ڪئي آهي اگر پڙهندڙ ان روايت تي ڌيان ڏين تہ ڪيترا ئي مسئلا حل ٿي وڃن ٿا. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن حضرت فاطمہ زهرا سلام الله عليها ۽ حضرت ابو بڪر جي مسئلي تي صرف ان روايت جي ٿوري وضاحت ڪجي تہ مسئلو بلڪل حل آهي. **جيتوڻيڪ حق جو مقابلو ڪرڻ وارن ٽيڪو ڪنيو آهي تہ هزار روايتون بہ هجن انهن کي تسليم ناهي ڪرڻو ۽ انهن مان پنهنجي دل گهري مراد ماڻڻ لاءِ ڪيترا بہ حيلا ڪرڻا پون ڪرڻا آهن.** اسان بار بار دل پيش ڪريون پر وري بہ پنهنجي دل جو ڳالهيون ڪندا آهن. ملاحظو فرمايو: روايت بيبي عائشہ کان نقل ٿي آهي:
ان فاطمة عليها السلام أرسلت إلى أبي بكر تسأله ميراثها من النبي صلى الله عليه وسلم، حضرت فاطمہ سلام الله عليها ابو بڪر ڏانهن هڪ ماڻهو موڪليو ۽ ڪانئس ميراث جو مطالبو ڪيو.

هاڻي پيو نہ اتي اسان صرف هڪ سوال جو حق ٿا رکون تہ پيغمبر اڪرم جي ميراث جنهن جي مالڪ بيبي فاطمہ زهرا سلام الله عليها هئي اها ابو بڪر وٽ ڪيئن وئي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟
ڇا سائڻ زهرا سلام الله عليها جي ميراث ناهي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟
ڇا پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ان وقت سائڻ زهرا سلام الله عليها کان علاوهہ بہ ڪا نياڻي

هئي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

فيما أفاء الله علىٰ رسولہ صلىٰ الله عليہ وسلمہ تطلب صدقة النبي صلىٰ الله عليہ وسلمہ التي بالمدينة،
زهرا سلام الله عليها حضرت ابو بڪر کان ٽي شيون گهريون. مديني ۾ جيڪا بہ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آ:ہ وسلم جي ملڪيت هئي ۽ فدڪ جي بہ حضرت ابوبڪر کان درخواست ڪئي. جيڪي سند جو مطالبو ٿا ڪن انهن لاءِ هي روايت عرض آهي.

**اها زهرا سلام الله عليها جنهن بابت بيبي عائشہ ٿي چئي:** ما رأيت أحدا أصدق لهجة من فاطمة غير أبيها، مون ڪنهن کي بہ فاطمہ کان وڌيڪ سچو نہ ڏٺو ان جي بابا کان سواءِ.
الاستيعاب ابن عبد البر، ج 4 ص 1896، سير أعلام النبلاء ـ ذهبي ـ ج 2 ص 131

**فاطمة بضعة منّي**، فاطمہ پيغمبر اڪرم جو ٽڪرو آهي.

**اها فاطمہ جيڪا جنت جي عورتن جي سردار آهي. اها اچي ڪري چئي: مون کي فدڪ ڏيو. ڇا اهو ممڪن آهي زهرا مرضيہ سلام الله عليها فدڪ جو مطالبو ڪري ۽ اها سندس ملڪيت نہ هجي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

**۽ فدڪ ابوبڪر وٽ ڪيئن آيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

صحيح البخاري - البخاري - ج 4 ص 210

**وفدك وما بقي من خمس خيبر**، ۽ فدڪ ۽ خيبر جي مال مان خمس جو مطالبو ڪيو.

ڇو جوقرآن مجيد جي هن، آيت شريفہ وَاعْلَمُوا أَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِنْ شَيْءٍ فَأَنَّ لِلَّهِ خُمُسَهُ وَلِلرَّسُولِ وَلِذِي الْقُرْبَىٰ (سوره أنفال- آيہ ۴۱) مطابق خيبر جي خمس مان جيڪو بچيو هئو بيبي فاطمہ ان جو مطالبو ڪيو، هي قرآن مجيد جي آيت آهي ڪا مذاق ناهي. يعني صاف واضح آهي تہ حضرت ابو بڪرتي 3 تصرف ڪيا.

پهريون اهو مال جنهن بابت قرآن ۾ اهو آيو تہ: فيما أفاء الله علىٰ رسولہ صلىٰ الله عليہ وسلمہ پاڻ سگورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي نجي، ذاتي ۽ شخصي ملڪيت تي قبضو ڪري تصرف ڪيو.

ٻيو اهو تہ فدڪ تي قبضو ڪيو.

ٽيون اهو تہ جنگي غنيمتن منجهان اهل بيت جي خمس تي قبضو ڪيو.

۽ اهي ٽي شيون حضرت زهرا مرضيہ سلام الله عليها ابوبڪر کان طلب ڪيون.

## ليڪن عزيزو ڇا رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي اڪيلي وارث نياڻي کي ان جو حق ملي ويو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

## افسوس تہ ان ڳالهہ جو آهي جو بابا تي ڪلمو پڙهندڙ امت نياڻي جو حق غصب ڪري ڪيس ڏاڍو رنجايو

**فقال أبو بكر ان رسول الله صلى الله عليه وسلم قال لا نورث:** حضرت ابو بڪر جواب ڏنو پاڻ سگورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم فرمايو آهي اسان ڪا بہ ميراث ناهيون ڇڏيندا.

تاريخ مدينة دمشق جي ج ٣٦- ص ٣١٠ تي آهي تہ : **نحن معاشر الانبيا لا نورث. ما تركنا فهو صدقة، إنما يأكل آل محمد من هذا المال**

پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم فرمايو: اسان ميراث ناهيون ڇڏيندا، جيڪو اسان وٽان بچندو آهي اهو صدقو هوندو آهي. ۽ آل محمد ان مال مان ڪائيندا آهن.

**ڏاڍو پلو هتي اسان جو هڪ سوال آهي تہ سائين جيڪڏهن حقيقت ۾ بہ پيغمبر ميراث ناهن ڇڏيندا اهو تہ هڪ شرعي مسئلو آهي ۽ اهو مسئلو زهرا مرضيہ سلام الله عليها سان تعلق رکي ٿو حضرت عباس ۽ سندس پٽن سان تعلق رکي ٿو. اهو ڪيئن ممڪن ٿيو جو پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم اهو حڪم زهرا مرضيہ ۽ ذوي القربي کان مخفي رکيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

**سيني صحابين کان مخفي رکيو، فقط حضرت ابو بڪر اها ڳالھ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کان ٻڌي!!!!!!!!!!!!!!**

پلا ان سوال جو اڇي ڪري جواب ڏيو.

قرآن جي وڏي مفسر فخر رازي جي عبارت مطابق تہ: جيڪي ان قصي سان ڳانڍاپيل آهن اهي پيغمبر اڪرم جا اهل بيت آهن. اهو ڪهڙي طرح ٿيو جو پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم انهن کان مخفي رکيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟ ۽ جنهن سان ان قصي جو ڪو تعلق ناهي ان کي ٻڌايو.

پوء حضرت ابو بڪر چئي ٿو: وانى والله لا أغير شيئا من صدقة رسول الله صلى الله عليه وسلم، خدا جو قسم آهي مان ان شي کي تبديل نہ ڪندس جنهن کي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ و آلہ وسلم انجام ڏنو آهي. اهو ڏاڍو جالب آهي ۽ توهان بہ ٿورو غور ڪريو تہ حضرت ابو بڪر کان پوء حضرت عمر، پيغمبر اڪرم جو اهو صدقو حضرت علي عليہ السلام ۽ حضرت عباس کي ڏنو.

هيڏانهن هي حضرت چئي ٿو: **واني والله لا اغير شيئا من صدقة رسول الله**، صحيح البخاري - البخاري - ج 5- ص 82

**أما صدقته بالمدينة فدفعها عمر إلى علي وعباس**، صحيح البخاري - البخاري - ج 4- ص 42

متي ابو بڪر چئي ٿو خدا جو قسم پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي صدقن سان جيڪو ڪجھ مربوط آهي مان ان کي ڪڏهن بہ تبديل نہ ڪندس. ۽ هتي صحيح بخاري ۾ آهي تہ حضرت عمر ان نتيجي تي پهتو تہ رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي انهن صدقن جو اختيار حضرت عباس ۽ حضرت علي عليہ السلام جي هٿ ۾ ڏيڻ گهرجي.

**وانى والله لا أغير شيئا من صدقة رسول الله صلى الله عليه وسلم عن حالها التي كان عليها في عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم ولأعملن فيها بما عمل به رسول الله صلى الله عليه وسلم**، جهڙي ريت پاڻ سڳورن عمل ڪيو بلڪل اهڙي ريت مان بہ عمل ڪندس. هاڻي دوست جواب ڏين تہ حضرت ابو بڪر قسم ٿو کڻي تہ صدقات ۾ جيئن پاڻ سڳورن عمل انجام ڏنو بلڪل ائين انجام ڏيندو ليڪن حضرت عمر اچي ٿو ۽ حضرت ابو بڪر جي بر خلاف عمل ٿو ڪري هاڻي يا تہ حضرت ابو بڪر جو ڪم صحيح آهي يا حضرت عمر جو!!!!!!!!!!!!!! فيصلو پڙهندڙن تي آهي اسان تہ صرف ڳالھ کي نقل ڪرڻ وارا آهيون.

**فأبى أبو بكر ان يدفع إلى فاطمة منها شيئا**، فوجدت فاطمة على أبي بكر في ذلك، فهجرته، فلم تكلمه حتي توفيت ابو بڪر حضرت فاطمہ سلام الله عليها کي ڪا بہ شي ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ان ڳالھ

تي زهرا سلام الله عليها ابو بڪر تي غضبناڪ ٿي ۽ مٿس ڪاوڙ ڪئي ۽ مرڻ گهڙي تائين ساڻس نہ ڳالهيائين )صحيح البخاري - البخاري - ج 5- ص 82)

ڪجھ دوست چوندا آهن تہ: **لم تكلمه في قضية فدک، فوجدت فهجرته لم تكلمه،** يعني بيبي زهرا سلام الله عليها غضبناڪ ٿي ۽ ڪاوڙ ڪيائين ۽ پوءِ فدڪ بابت ڪجھ نہ چيائين، ابو بڪر جي ڳالھ جي تائيد ڪيائين ۽ اها تائيد ڪيائين تہ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم سچي ۾ بہ فرمايو آهي: ما ترکناه صدقة،

منهنجي خيال ۾ اهڙن دوستن جي عقل تي فاتحہ پڙهڻ گهرجي............. هلندڙ

4 جنوري 2015

6 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ادا ڪاشف ڪريم صاحب اوهان حوالي ڏيڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي جيڪي ماڻهون صريحن نس قرآن جي خلاف من گهڙت روايتون ۽ حديثون پيش ڪري رهيا آهن. جنهن ڪي مڄٹو ناهي ان ڪي ڪڏهن ٻہ ناهي ڃٹون ادا. هتي هي چون ٿا ابوبڪر رضي الله عنہ چيو رسول جي ميراث ناهي هوندي جي رسول جي ميراث ناهي هوندي تہ قرآن رسول جي ميراث جو اعلان چو ڪيو؟ خدا جا بندا قرآن جي خلاف ويٺا ٿا ڪوريون من گهڙت حديثون جوڙين بس پنهنجي ضرورت جي حساب سان جواب ڏيو تہ جيئن هن جو پروپيگينده جو عام ماڻهون شڪار نہ ٿئي سائين قرآن ۾ واضع لکيو پيو آهي تہ جنهن آيت تي بحث ٿي رهيو آهي تہ ان تي رسول جو اختيار آهي هتي هي صاحب ٿا تاريخي گواهيون گهرن سو سائين هن ادي ممتاز ڪي مڃٹُو ئي ناهي جي ضرورت اٿس تہ قرآن م غور ڪري ڏسي پاڻهي سڃي حالت معلوم ٿي ويندس.

5 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

# ياغ فدڪ جي عطا ڪرڻ واري روايت جا راوي ۽ انهن جي

# اصليت...!!

محترم دوستو... باغ فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت اسان جي مخالف دوستن جيڪي روايتون پيش ڪيون آهن انهن سيني جو آخري راوي ابوسعيد ڪلبي آهي. اها حقيقت مٿي مون ۽ ادا نقاش اختر مستند حوالن ۽ دليلن سان ثابت ڪئي آهي.
اڄ ان ساڳي روايت جي ڪجهه ٻين روائن **عباد بن يعقوب، ابو يحيي تميمي،فضيل بن مرزوق** جي حقيقت بہ پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿي.

## 1. عباد بن يعقوب:

هن راوي جي باري ۾ **ميزان الاعتدال** جلد 2 ص 16 تي لکيل آهي تہ هي غالي شيعو هو ۽ اصحابي سڳورن جو سخت مخالف هو. تهذيب التهذيب جلد پنج ص 110 تي لکيل آهي تہ **قال ابن حبان كان رافضيا داعية**
**ترجمو:** ابن حبان چيوآهي تہ عباد بن يعقوب رافضي هو ۽ ماڻهن کي رفض ڏانهن دعوت ڏيندو هو.

## 2. ابو يحيي تميمي:

هن راوي جو پورو نالو اسماعيل بن ابراهيم احول آهي. **تهذيب التهذيب** جلد اول ص 481 تي لکيل آهي تہ **قال ابوداؤد شيعي**.
**ترجمو:** ابو داؤد چيو آهي تہ هي شيعو هو.

## 3. فضيل بن مرزوق:

**ميزان الاعتدال** جلد ٻہ ص 335 (قديم) **ميزان الاعتدال** جلد 3 ۽ ص 362 طبع جديد (قاسم) تي هن جو شيعو هجڻ لکيل آهي، ان کان علاوه هي موضوع روايتون پڌائڻ جو بہ عادي هو.

## غور طلب ڳالهہ:

هي هڪ ناقابل ترديد حقيقت آهي ته باغ فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت مطلوبه روايت اهل سنت جي ڪتابن ۾ موجود هجڻ باوجود ان روايت جا راوي اصل ۾ شيعه مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ هئا. هن موقعي تي عام پڙهندڙ وسوسن ۾ پئجي ويندا آهن ته جيڪڏهن اهي روايتون شيعه راوين جون آهن ته پوءِ اهي ڪوڙيون روايتون اهل سنت جي ڪتابن ۾ ڇو موجود آهن...!!؟؟

اسان سيني کي اهو معلوم هجڻ گهرجي ته اهل سنت جي ڪتابن ۾ ڪنهن روايت جو موجود هجڻ ان ڳالهه جي ضمانت نه آهي ته ان جا راوي صحيح العقيده سني هوندا. توهان سيني دوستن کي معلوم هوندو ته شيعه مڪتبه فڪر جو هڪ اهم عقيدو تقيو به آهي. تقيو سندن اصول دين ۾ شمار ٿيندو آهي. ۽ اهو هڪ عظيم عبادت ۾ پڻ شمار ڪيو ويندو آهي.

زمانه قديم ۾ ڪيترا ئي راوين تقيي جي ڇانوَ ۾ رهي پاڻ کي اهل سنت جو سڏرائيندا هئا ۽ جڏهن اهي راوي ڪنهن اهل سنت جي عالم سڳوري سان ملندا هئا ته پنهنجي مطلب جي روايت بيان ڪندا هئا، هر راوي جي باطن جي اصل خبر ته ڪنهن به انسان کي نٿي پئجي سگهي...!!! اهو ئي سبب آهي جو اهل سنت جا ڪيترائي عالم سڳورا انهن روايتن کي قبول ڪري پنهنجن ڪتابن ۾ بيان ڪري ڇڏيندا هئا،جنهن ڪان پوءِ انهن ڪتابن مان وري پين بعد ۾ لکجندڙ اهل سنت جي ڪتابن تائين به اهي روايتون منتقل ٿينديون رهيون، شل الله پاڪ انهن محققن کي جنت ۾ جايون ڏئي ۽ سندن مٿان رحمت جي بارش وسائي، جن **"اسم الرجال"** جي نالي سان هڪ اهڙي علم جي بنياد وڌي جنهن جي ترازو ۾ هر هڪ راوي جو تفصيلي احوال ۽ انهن جو ماضي وغيره قلمبند ڪيو ويو جنهن سان سندن اصل حقيقتون دنيا آڏو ظاهر ٿي ويون.

فرض ڪريو اهي محقق "اسم الرجال" جي بنياد نه وجهن ها ته اڄ اسان ڪهڙي ريت ڪنهن به روايت بابت اها ڳالهه وثوق سان چئي سگهون ها ته هي روايت درست آهي يا نه ..!! ۽ هن روايت جو راوي اصل ۾ ڪهڙي ڪردار ، اخلاق ۽ ايمان جي ڪهڙي معيار تي هو ..!!؟؟

هتي مان اها ڳالهه به واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته شيعه مڪتبه فڪر جي عالم سڳوري قاضي نور الله شوستري پنهنجي ڪتاب مجالس المؤمنين جي ديباچي ۾ پڻ ان ڳالهه جو اقرار ڪيو آهي ته سلاطين صفيه کان پهرين اسان جا عالم حنفي ۽ شافعي بڻجي رهندا هئا...!!

## عطيه العوفي بابت ڪجهه وڌيڪ حقيقتون...!!!

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاھب اوھان ڪان ھڪرو سوال آھي تقرير نہ تو ڪريان الله رسولِ اڪرم ڪي فدڪ جي جاگير ڏني آھي يا قرآن م ڪتي آھي تہ رسول جي ھي ملڪيت آھي جنھن تي ڪي گھوڙا ناھن ڍڳا؟

5 جنوري 2015

5 ڄڻن ھيءَ پسند ڪيو آھي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

سائين روشن علي رحيمي صاحب...ھن مضمون جي پھريئن پيج تي مون مال فيءِ مال انفال بابت قرآن پاڪ جي روشني ۾ پڙھندڙن تائين تفصيل پھچائي آھي.

## ڪافرن ڪان ملندڙ مال ۽ ملڪيتون ۽ قرآن پاڪ....!!

توھان ان تفصيل کي پڙھي وٺو. بعد ۾ ان تي بہ بحث ڪنداسين.
مان ھن وقت ٿورو پين ڪمن ۾ مصروف ٿي رھيو آھيان. اميد تہ دل ۾ نہ ڪندا.

5 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

سائين ممتاز قريشي صاحب مون پڙهيو آهي ان لاءِ مون اوهان ڪان وري اقرار جي درخواست ڪئي آهي قبلا. اوهان ائين نہ سمجهو تہ هي موضوع پرهئي بغير اوهان سان هڪلام آهيون اها اوهان خاطر داري رکو.

5 جنوري 2015

kashifkareem
نئون رڪن

پڙهندڙن کي عرض آهي تہ ٿورو ڌيان سان هنن ڳالهين جو مطالعو ڪن. اهل سنت جي ڪتابن ۾ درج آهي تہ سائڻ زهرا سلام الله عليها پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کان پوءِ 6 ڇهہ مهينا زندهہ رهي. ۽ اسان جي دوستن ابتدا ۾ چيو هئو تہ جڏهن نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي اڪيلي نياڻي جو انتقال ٿيو تہ کيس رات جودفن ڪيو ويو ۽ حضرت ابو بڪر کي اطلاع بہ نہ ڏنو ويو. مان اها روايت صحيح بخاري مان پيش ڪري رهيو آهيان.

**عاشت بعد النبي صلى الله عليه وسلم ستة أشهر فلما توفيت دفنها زوجها على ليلا ولم يؤذن بها أبا بكر،** (صحيح البخاري - البخاري - ج 5- ص 82) سيده زهرا سلام الله عليها نبي کان بعد ڇهہ مهينا زندهہ رهي، جڏهن وفات ڪيائين سندس مڙس حضرت علي عليہ السلام کيس رات جو دفنايو ۽ ابو بڪر کي اطلاع نہ ڏنو.

هتي منهنجي پاران سيني مانوارن پڙهندڙن جي خدمت ۾ هڪ ننڍڙو عرض آهي تہ ان وقت نبي ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم تي ڪلمو پڙهڻ وارن جي تعداد لکن ۾ هئي پوءِ ڇا سبب هئو جو ان جي اڪيلي نياڻي کي سندس مڙس رات جو دفنايو ۽ ڪنهن کي ڪو اطلاع نہ ڏنو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

ڇا رسول جي اڪيلي نياڻي کي رات جو دفنائڻ بہ ان رسول جي سنت هئي جنهن تي حضرت علي عليہ السلام عمل ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

اگر سنت هئي تہ مهرباني ڪري ٻڌايو تہ ڇا ٽي سڳورن پنهنجي ڪنهن گهر واري کي رات جو دفن ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟ يا اوهان جي بقول پيغمبر صلي الله عليہ و آلہ وسلم جون پيون بہ بہ نياڻيون هيون جيڪي پيغمبر جي زندگي ۾ وفات ڪري ويون هيون. تہ ڇا ٽي سڳورن انهن کي رات جو دفن ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

جيڪڏهن نہ تہ پوءِ ڇا سبب هئو جو حضرت علي پنهنجي گهر واري کي رات جو دفن ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

جڏهن مخالفن کان اهو سوال ڪيو ويندو آهي تہ حضرت علي عليہ السلام بيبي زهرا سلام الله

**عليها ڪي رات جو چو دفنايو؟؟؟**

تہ جواب ڏيندا آهن ان ڪري جو ڪنهن ڪي بيبي زهرا سلام الله عليها جي بدن جي ماپ جو اندازو نہ ٿي سگهي!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!

گهٽ ۾ گهٽ اهڙو تہ جواب ڏين ها جو ڪير انهن تي ڪلي تہ نہ ها.

هاڻي اهو ٻڌايو جيڪو جنازو تابوت ۾ آهي ان جي بدن جو ڪنهن ڪي اندازو ڪهڙي ريت ٿي سگهي ٿو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**پلا اهو ٻڌايو ڪنهن پئي مسلمان يا صحابي بہ ائين ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

حضرت بيبي خديجہ بيبي ام سلمہ ام حبيبہ بيبي عائشہ يا ڪو هڪ مورد اهڙو آهي جتي ان بيبي ڪي رات جو دفنايو ويو هجي تہ متان ان جي جسم جي ماپ جو اندازو ٿي وڃي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**سڀ ڪان اهم ڳالهہ اها تہ:** فلما توفيت دفنها زوجها على ليلا ولم يؤذن بها أبا بكر، **جڏهن بيبي فاطمہ وفات ڪئي سندس مڙس حضرت علي ڪيس رات جو دفنايو ۽ ابو بڪر ڪي بہ نہ ٻڌايو.**

ان ۾ خود هڪ پيغام سمايل آهي. مولا علي عليہ السلام چا لاءِ ابو بڪر ڪي آگاهہ نہ ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**چا ابو بڪر نہ پئي چيو تہ مان رسول ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو خليفو آهيان. رسول اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي نياڻي جي وفات ٿي ٿئي ۽ سندس خليفي ڪي خبر بہ نہ ٿي ڏني وڃي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

متعدد روايتون آهن جن ۾ آهي تہ سائڻ زهرا سلام الله عليها وصيت ڪئي هئي تہ مون ڪي رات جو دفنائجو..

**ايستائين جو روايت ۾ آهي تہ :** ولم يكن يبايع تلك الأشهر فأرسل إلى أبي بكر ان ائتنا ولا يأتنا أحد معك كراهية لمحضر عمر،

حضرت علي عليہ السلام انهن ڇهن مهينن ۾ ابو بڪر جي بيعت نہ ڪئي ۽ پوءِ ابو بڪر ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ منهنجي گهر اچ پر پاڻ سان گڏ ڪنهن پئي ڪي نہ وٺي اچ. **ان ڪري جو حضرت علي عليہ السلامہ عمر ڪي ڏسڻ بہ پسند نہ پئي ڪيو.**

**هاڻي جيڪي بار بار اهل بيت ۽ اصحاب جي متين مائٽين جو ذڪر ڪري زوري اهو ميرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ اهي پاڻ ۾ ايتري محبت ڪندا هئا اهي اچن ۽ منهنجي ان سوال جو جواب ڏين تہ محبت ان ڪي چئبو آهي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟ جو اهل بيت جو هڪ ڪامل فردہ هڪ صحابي جو چهرو ڏسڻ بہ پسند نہ ٿو ڪري!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!! ۽ هيڏانهن محبت جون وڏيون وڏيون دعوائون ٿي رهيون آهن. اسان هي ڳالهہ تہ صحيح بخاري مان پيش ڪري رهيا آهيون. جنهن ۾ اوهان ڪي ڪڇڻ جي بہ گنجائش نہ آهي. ابن قتيبہ دينوري يا ڪنهن پئي ڪان اها ڳالهہ نقل نہ ٿا ڪريون!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!! ليڪن مون ڪي خبر آهي وڏيون تقريرون ڪري حق ڪي لڪائڻ جون هزارين ناڪام ڪوششون ڪندا پر حق ڪڏهن بہ نہ لڪندو.**

پوءِ جڏهن حضرت ابو بڪرہ امام علي عليہ السلام وٽ آيو تہ مولا ڪيس مخاطب ٿي فرمايو: **ولكنك استبددت علينا بالأمر. ليڪن تو خلافت ۽ امامت جي مورد امر ۾ اسان تي استبدادہ ظلم ۽ ڏاڍ**

ڪئي. (صحيح البخاري - البخاري - ج 5- ص 83)

هاڻي دوستن کان سوال آهي ته هن عبارت جي معنا ڪن: **ڪراهية لمحضر عمر ، استبددت علينا بالامر ، لم يوذن بها أبوبكر ، وصلي عليها علي ليلا،** ۽ اهو ٻڌائين ته استبداد جي معني ڇا آهي؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

**بهتر آهي ته دوست انهن سوالن جا جواب ڏين ۽ پڙهندڙن جي ذهنن کي تشويش کان ڪڍن. انهن جي ذهنن ۾ ڪجهه اصحاب جي نسبت معتبر ڪتابن جي روشني ۾ جيڪي اعتراض اٿن ٿا انهن جو جواب ڏين؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

دوستن جي دعوا ہ آهي ته اڄوڪو دور ميڊيا جو دور آهي. هر طرف علم جي ڦهلجي وڃڻ جو دور آهي. اسان کي اڳ گمراهه ڪيو ويندو هئو هاڻي اسان کي ڪير گمراهه ڪري نه ٿو سگهي.

منهنجا پيارا ڀائرو!! مان وري ہ دهرايان ٿو ته اسان وٽ ڳالهيون تمام گهڻيون آهن ۽ صرف اسان ضرورت مطابق جواب ڏيئي رهيا آهيون. جڏهن ته اسان وٽ مطالب تمام گهڻا آهن. مان انهي تي اڪتفا ٿو ڪريان. صرف هڪ جملو ڪتاب معجم البلدان حموي، ج ۴ ص ۲۳۸ تان هتي لکان ٿو ته پاڻ فدڪ جي بحث ۾ چون ٿا: **أدى اجتهاد عمر ابن الخطاب بعده لما ولي الخلافة وفتحت الفتوح واتسعت على المسلمين أن يردها إلى ورثة رسول الله (ص)،** حضرت عمر جڏهن خليفو بڻيو ۽ ڪيترا ئي ملڪ فتح ڪيائين ۽ مسلمان مالي بحران مان نڪري ڪجهه سکيا ستابا ٿيا ته اجتهاد جي ذريعي ان نتيجي تي پهتو ته فدڪ پيغمبر اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جي وارثن ڏانهن موٽائي.

**هاڻي سيني دوستن جي خدمت ۾ عرض آهي ته ڏيان ڪن ته ڇا مسئلو هئو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

**جيڪڏهن فدڪ حقيقت ۾ ہ رسول اڪرم جي وارثن جي ملڪيت نه هئو ته پوءِ اجتهاد ذريعي ان نتيجي تي پهچي فدڪ واپس ڇو ڪيائين؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟**

5 جنوري 2015

6 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

سائين وري تاويل در تاويل ٿيندي اها اسان کي پڪي اميد آهي.
خود کو بدلتي نهين قرآن کو بدل ديتي هين
کس درجہ هو وي فقيهان حرم بي توفيق

5 جنوري 2015

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

**kashifkareem**
نئون رڪن

ادا اوهان ڪان اها ئي توقع هئي اوهان ڪا نئين ڳالهه ناهي ڪئي جيڪو ماڻهو بہ حق ۽ سچ لکي توهان ان کي شيعو چوڻ ۾ دير ناهيو ڪندا. الحمد لله شيعو هوندي بہ اها عظمت تہ رکي جو صحاح ستہ ۾ سندس روايتون شامل ڪيون ويون آهن. هجڻ بہ ائين گهرجي تہ شيعہ هميشہ حق ۽ سچ جي وڪالت ڪندو رهي. اوهان فضيل بن مرزوق بابت ميزان اعتدال جي حوالي سان هيٺئين ڳالهه لکي آهي.

> ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑
>
> *3. فضيل بن مرزوق:*
> *ميزان الاعتدال جلد ۳ ص 335 (قديم) ميزان الاعتدال جلد 3 ، ص 362 طبع جديد (قاسم) تي هن جو شيعو هجڻ لکيل آهي، ان کان علاوه هي موضوع روايتون پڌائڻ جو بہ عادي هو.*

هاڻي مان بہ فضيل بابت هڪ بہ جملا پيش ڪريان ٿو پوءِ پڙهندڙ فيصلو ڪن تہ اوهان پنهنجي تفصيلي تقريرن سان عام پڙهندڙن کي ڪهڙي طرف وٺي وڃي رهيا آهيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

وقال المثنى بن معاذ العنبري ، عن أبيه قال : سألت سفيان الثوري عنه فقال : ثقة (الجرح والتعديل : ٧ / ٧٥ الرقم ٤٢٣). فضيل بن مرزوق جي باري ۾ سفيان ثوري کان جڏهن ڪنهن معلوم ڪيو تہ سفيان ڪيس جواب ڏنو: تہ فضيل ثقہ ۽ پروسي جوڳو آهي

مون جڏهن فضيل جي زندگي پئي پڙهي تہ هڪ حيرت انگيز انڪشاف ٿيو جيڪو دوستن سامهون پيش ڪريان ٿو تہ ابن هيثم بن جميل جا زبردست جملا مليا جن منجهان فضيل جي عظمت جو اندازو ٿئي ٿو.

وقال الهيثم بن جميل (الهثيم بن جميل أبو سهل نزيل أنطاكية ، ثقة من أصحاب الحديث. تقريب التهذيب : ٢ / ٣٢٦): كان من أئمة الهدى زهدا وفضلا (تهذيب الكمال : ٢٣ / ٣٠٧). ابن هيثم چئي ٿو: فضيل بن مرزوق پرهيزگاري ۽ فضيلت ۾ هادين جو بہ امام هئو. بس وڌيڪ پڙهندڙ فيصلو ڪن تہ قريشي صاحب هاڻي قصي کي ڪيڏانهن کڻي وڃي رهيو آهي؟؟؟؟

5 جنوري 2015

4 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**راشد علي چانڊيو**
سينيئر رڪن



> روشن علي رحيمي لکيو آهي: ↑
>
> *سائين وري تاويل در تاويل ڏيندي اها اسان کي پڪي اميد آهي.*
> *خود کو بدلتي نهين قرآن کو بدل ديتي هين*
> *کس درجہ هو وي فقيهان حرم بي توفيق*

ادا روشن علي رحيمي صاحب اوهان جي ڳالهه سو فيصد سچي آهي هتي دوست حق کي لڪائڻ لاءِ تفسير براءِ ڪندا آهن

پڙهندڙ دوست هتي پاڻ به محسوس ڪيو هوندو ته اسان جا مخالف دوست پنهنجي ڳالهه کي ثابت به پنهنجن ڪتابن مان ڪندا آهن ۽ رد به پنهنجي ڪتابن مان ڪندا آهن

جڏهن رد ڪندا آهن تڏهن به پنهنجي ڪتابن جي مخالف ۾ اُن کي رد ڪندا آهن

هتي جيڪي به موضوع هلي رهيا آهن انهن کي اسان اهلسنت جي ڪتابن مان ثابت ڪيو آهي پر دوست کي اُهي روايتون ۾راوي ڪتاب ۽ شخصيتون معتبر نظر ايندون آهن جن ۾ انهن جي نفي ۾ ڳالهه ذڪر ٿيل هجي جيڪڏهن انهن جي نقصان ۾ ذڪر ٿيل هوندي آهي ته اُن تي مختلف قسمن جي تاويل ڪري اُن کي غلط ثابت ڪندا پين لفظن ۾ انهن دوستن کي حق هظم ٿيندو ئي ناهي

مان اميد ڪيان ٿو ته پڙهندڙ دوست غلط تاويلن ۽تفسيرن ۽ توجيهن کان پنهنجي پاڻ کي پري رکندا

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

***3. فضيل بن مرزوق:***

***ميزان الاعتدال*** *جلد ۾ ص 335 (قديم)* ***ميزان الاعتدال*** *جلد 3 ، ص 362 طبع جديد (قاسم) تي هن جو شيعو هجڻ لکيل آهي، ان کان علاوه هي موضوع روايتون ٻڌائڻ جو به عادي هو.*

kashifkareem لکيو آهي: ↑

*وقال الهيثم بن جميل (الهثيم بن جميل أبو سهل نزيل أنطاكية ، ثقة من أصحاب الحديث. تقريب التهذيب : ٢ / ٣٢٦): كان من أئمة الهدى زهدا وفضلا (تهذيب الكمال : ٢٣ / ٣٠٧.)* ***ابن هيثم چئي ٿو:***

مڪمل اقتباس ڏسو...

kashifkareem لکيو آهي: ↑

> *وقال المثنى بن معاذ العنبري ، عن أبيه قال : سألت سفيان الثوري عنه فقال : ثقة (الجرح والتعديل : ٧ / ٧٥ الرقم٤٢٣.)* **فضيل بن مرزوق جي باري ۾ سفيان ثوري کان جڏهن ڪنهن معلوم**

دوستن کي حق نظر اچي ويندو اسان جي مخالف دوست فضيل بن مرزوق کي شيعو قرار ڏئي پروسي جوڳو قرار نہ ڏنو جڏهن تہ هن جو ثقہ هجڻ انهن جي ڪتابن مان ئي ثابت آهي

هي دوست عجيب آهن !!!!!!!!!!!!!!!!!!!!
خدا ئي ڪنهن کي حق جو رستو ڏيکاري اسان جي هميشہ اها ئي دعا آهي

6 جنوري 2015

2 ڇڻن هيء پسند ڪيو آهي.



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

## حضرت سيده فاطمہ جي حضرت ابوبڪر صديق سان ناراضگي يا راضپو...!!!

محترم دوستو... مخالف دوستن حضرت سيده فاطمہ سان جڙيل ڪجھ مختلف پر اهم اعتراضن ڪي ٻہ هن مضمون ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ انهن اعتراضن جو تعلق فدڪ واري اعتراض سان نہ آهي پر جيئن تہ اهي اعتراض فدڪ واري مسئلي سان اڻ سڌي طرح جڙيل آهن، انهي ڪري انهن ڪي ٻہ بحث هيٺ آڻجي ٿو، مان سمجهان ٿو ائيڻ ڪرڻ ۾ ڪو حرج ٻہ نہ آهي.

حضرت سيده فاطمہ جي حضرت ابوبڪر صديق سان ناراضگي جون ڳالهيون ٻڌائي عام مسلمانن جو ايمان ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون اڄ جون نہ آهن، اهي تہ صدين کان جاري آهن ۽ بدقسمتي سان اڄ ٻہ ديني علم جي گھٽتائي جيڪري اڪثر مسلمان انهن ڪوڙن اعتراضن جي چار ۾ ڦاسجي پنهنجو دين ايمان وڃائي ويهندا آهن...!!!

اڃو تہ پهرين ادا ڪاشف جي پيش ڪيل اعتراض ۽ سندس اهم سوال کي پڙهون.

اهل سنت جي ڪتابن ۾ درج آهي تہ سائڻ زهرا سلام الله عليها پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کان پوءِ 6 ڇھ مهينا زندھ رهي. ۽ اسان جي دوستن ابتدا ۾ چيو هئو تہ جڏهن نبي پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي اڪيلي نياڻي جو انتقال ٿيو تہ کيس رات جودفن ڪيو ويو ۽ حضرت ابو بڪر کي اطلاع ٻہ نہ ڏنو ويو. مان اها روايت صحيح بخاري مان پيش ڪري رهيو آهيان.

عاشت بعد النبي صلیٰ الله عليہ وسلم ستة أشهر فلما توفيت دفنها زوجها علیٰ ليلا ولم يؤذن بها أبا بكر. (صحيح البخاري - البخاري - ج 5- ص 82) سيده زهرا سلام الله عليها نبي کان بعد ڇھ مهينا زندھ رهي، جڏهن وفات ڪيائين سندس مڙس حضرت علي عليہ السلام کيس رات جو دفنايو ۽ ابو بڪر کي اطلاع نہ ڏنو.

هتي منهنجي پاران سيني مانوارن پڙهندڙن جي خدمت ۾ هڪ ننڍڙو عرض آهي تہ ان وقت نبي ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم تي ڪلمو پڙهڻ وارن جي تعداد لکن ۾ هئي پوءِ ڇا سبب هئو جو ان جي اڪيلي نياڻي کي سندس مڙس رات جو دفنايو ۽

## ڪنهن کي ڪو اطلاع نہ ڏنو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟
## ڇا رسول جي اڪيلي نياڻي کي رات جو دفنائڻ بہ ان رسول جي سنت هئي جنهن تي حضرت علي عليہ السلام عمل ڪيو؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟؟

محترم دوستو... صحيح بخاري جي مذڪوره حديث مان بظاهر اهو ئي مطلب سمجهہ ۾ اچي ٿو جيڪو اسان جا مخالف دوست سمجهائي پنهنجا باطل عقيدا ثابت ڪندا آهن پر ڪنهن بہ ڳاهہ تي يقين ڪرڻ کان پهرين اسان کي واپس ماضي کي ڏسڻو پوندو.

صحيح بخاري جي حديث پڙهي معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت ابوبڪر صديق کي واقعي سيده فاطمہ جي وفات جي اطلاع نہ ڏني وئي هئي..!!
پر...
انصاف پسند دوستو... منهنجي هن آسان سوال جو جواب ڏيو تہ....
جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق کي پهرين ئي حضرت سيده فاطمہ جي وفات جي خبر هجي تہ ڇا پوءِ بہ ان کي اطلاع ڏيڻ جي ضرورت هئي....!!!؟؟

توهان اها ڳالهہ بڌي ضرور اچرج ۾ پئجي ويندؤ...!!

اڄ مان پڙهندڙن کي تاريخ مان ۽ خود شيعہ مڪتبہ فڪر جي اهم ڪتابن مان ڪجهہ اهڙيون حقيقتون پهچائيندس. جن کي پڙهي ، سمجهي هر انصاف پسند پاڻ ئي سچ ۽ ڪوڙ کي معلوم ڪري سگهي ٿو.

## حضرت اسماءِ بنت عُميس (حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري) جون حضرت سيده فاطمہ لاءِ ڪيل آخري خدمتون...!!

محترم دوستو... مخالف دوستن مون کي اهو طعنو بہ ڏنو آهي تہ مان بار بار اصحابي سڳورن ۽ اهل بيت سڳورن ۾ ٿيندڙ متين مائٽين جون ڪوڙيون خبرون بيان ڪندو آهيان. اڄ مان سندن انهي طعني جي جواب ۾ صرف هڪ اهڙي هستي جو ذڪر ڪرڻ وارو آهيان جيڪا زوجہ صديق اڪبر حضرت بيبي اسماءِ بنت عُميس رضي الله تعالىٰ عنہ آهي.

**تعارف..**

**نالو:** اسماءِ بنت عميس

**قبيلو:** بني خثعم.

حضرت اسماءِ بنت عميس نهايت شريف، ديندار ۽ خدمت گذار عورتن مان هئي ، پاڻ شروعات ۾ ئي اسلام جي نعمت سان مالامال ٿي وئي هئي. عالم سڳورن (علماءِ انساب) مطابق حضرت اسماءِ حضور اڪرم جن جي ۽ حضرت عباس بن عبدالمطلب جي گهروارين جي سڳي ڀيڻ هئي. يعني ام المؤمنين حضرت بيبي ميمونہ بنت الحارث جي سڳي ڀيڻ ۽ ساڳي طرح ام الفضل زوجہ عباس جي بہ سڳي ڀيڻ هئي. آسان لفظن ۾ حضرت اسماءِ محبوبن ڪريمن جي ۽ حضرت عباس جي سالي هئي.

يعني نبي پاڪ، حضرت عباس ۽ حضرت ابوبڪر صديق ٽئي هڪ ٻئي جا سنديو (هم زلف) هئا. هڪ روايت مطابق حضرت اسماءِ بنت عميس حضرت حمزه بن عبدالمطلب جي بہ سالي هئي ڇاڪاڻ جو سندس سڳي ڀيڻ سلمىٰ بنت عميس حضرت حمزه جي گهرواري هئي.

حضرت اسماءِ جو پهريون نڪاح ۽ شادي حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي سڳي ڀاءُ حضرت جعفر طيار بن ابي طالب سان ٿي هئي، تاريخي روايتن مطابق مسلمانن جي حبشہ ڏانهن ٿيندڙ هجرت ۾ بہ حضرت اسماءِ ۽ حضرت جعفر طيار شامل هئا. ياد رهي تہ هن عظيم هجرت ۾ شامل ٿيڻ بہ تمام وڏي فضيلت ۽ نصيب جي ڳالهہ آهي. ان ڪان پوءِ اهي ٻئي هستيون حبشہ کان مديني پاڪ واپس آيون هيون، جن جي اچڻ تي مسلمانن کي تمام گهڻي خوشي ٿي هئي.

حضرت جعفر طيار مان حضرت اسماءِ کي اولاد بہ ٿي هئي. ٻہ پٽ جن جا نالا عبدالله ۽ محمد هئا.

## حضرت اسماءِ بنت عميس جو حضرت ابوبڪر صديق سان ٻيهرڪٽ نڪاح...!!

هي هڪ اهم حقيقت آهي تہ جڏهن 8 هجري ۾ غزوه موتہ پيش آيو تہ حضرت جعفر طيار ان ۾ شهيد ٿي ويو، جنهن ڪان پوءِ ڪجهہ عرصي بعد حضرت اسماءِ جو حضرت ابوبڪر صديق سان نڪاح ٿيو هو.

**غور ڪريو دوستو....حضرت جعفر طيار جي بيوه جو نڪاح حضرت ابوبڪر صديق سان ٿيڻ ٻنهي خاندانن ۾ پيار ، محبت ۽ صلح تي دلالت ڪندڙ آهي...!!**

حضرت اسماءِ بنت عميس کي حضرت ابوبڪر صديق مان اولاد جي نمت بہ حاصل ٿي هئي. هڪ پٽ جنهن جو نالو حضرت محمد بن ابي بڪر آهي.

حضرت اسماءِ بابت هن مختصر تعارف کان پوءِ هاڻ ذڪر ڪجي ٿو سندس انهن خدمتن جو جيڪي حضرت سيده فاطمہ جي آخري ڏهاڙن ۾ سرانجام ڏنيون ويون هيون.

حضرت ابوبڪر صديق جي هي گهرواري هميشہ حضرت سيده فاطمہ جي خدمت ۾ حاضر رهندي هئي ۽ سندن خير وعافيت ۽ مزاج پرسي ڪندي رهندي هئي.

غور ڪريو دوستو... هڪ طرف اها پروپيگنڊا تہ حضرت ابوبڪر صديق سان حضرت سيده فاطمہ سخت ناراض هئي ۽ ٻئي طرف حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري سان ايترا ويجها لاڳاپا..!!

جيڪڏهن ٻنهي خاندانن ۾ واقعي ايترا ويڇا هجن ها جيڪي اڄ اسان جا مخالف دوست ظاهر ڪندا آهن تہ پوءِ حضرت ابوبڪر صديق پنهنجي گهرواري کي حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي گهر وڃڻ جي اجازت ڪيئن ڏئي ها يا حضرت سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري کي ڪيئن برداشت ڪري ها...!!؟؟

ٿورو تصور ڪريو دوستو...حضرت سيده فاطمہ پنهنجن آخري ڏهاڙن ۾ سخت بيمار هئي، حضرت اسماءِ بنت عميس زوجہ صديق اڪبر سندن تعمارداري تي مقرر هئي...!!

**هڪ اهم واقعو..!!!**

تاريخ جي ڪتابن موجب هڪ ڏينهن حضرت سيده فاطمہ حضرت اسماءِ کي فرمايو تہ معلوم ٿئي پيو تہ هاڻ منهنجون آخري گهڙيون اچي رهيون آهن، ڇا منهنجو جنازو بہ ائين ئي بنا پردي جي ڪنيو ويندو...!!؟؟
حضرت اسماءِ فرمايو: نہ بلڪل نہ! مان توهان جي لاءِ هڪ پردي واري کٽ تيار ڪندس جيئن حبشہ جي علائقي وارن جو طريقو ڏٺو هئم.
ان تي سيده فاطمہ فرمايو تہ مون کي ٺاهي ڏيکار.
جنهن کان پوءِ حضرت اسماءِ کجور جا پتا ۽ کجور جون تازيون ٽاريون حرم مدينہ مان گهرايون ۽ انهن کي هڪ کٽ جي چوڌاري هڪ ڇپر وانگر تيار ڪيائين. اسلام ۾ پهريون ڀيرو اهڙي پردي واري کٽ تيار ٿي هئي، جنهن کي ڏسي سيده فاطمہ جي چهري مبارڪ تي تبسم اچي ويو. ڪجهہ ڪتابن موجب محبوبن ڪريمن کان پوءِ اهو واحد ڏينهن هو جڏهن سيده فاطمہ مسڪرايو هو. جڏهن سيده فاطمہ جي وفات ٿي تہ سندن جنازو ان باپرده کٽ تي ئي کنيو ويو هو ۽ رات جو ئي تدفين ڪئي وئي هئي.

محترم دوستو... توهان کي اها ڳالهه پڏي تعجب ٿيندو ته شيعه مکتبه فکر جي ڪتابن ۾ به حضرت اسماءِ زوجه صديق اڪبر پاران سيده فاطمه جي تيمارداري ڪرڻ ، بيماري ۾ ڪيل خدمتون وغيره تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن.

امالي شيخ ابي جعفر محمد بن حسن الطوسي جلد 1 ص 107 تي اها تفصيل معلوم ڪري سگهجي ٿي، ان ڪان علاوه علامه باقر مجلسي به پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جلاءِ العيون" ۾ لفظن جي ٿوري گهڻي تبديلي سان ساڳيو ذڪر ڪيو آهي. ( جلاءِ العيون ص 172، طبع جديد دربيان پيغام عباس باامير المؤمنين)

محترم دوستو...مان اها ڳالهه به واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته حضرت سيده فاطمه جي ڪٽ کي باپرده بنائڻ وارو واقعو ابن عباس جي روايت سان نه صرف اهل سنت جي ڪتابن ۾ موجود آهي پر ساڳي ڳالهه تفصيل سان حضرت امام جعفر صادق جي روايت سان به ثابت ٿئي ٿي جنهن کي شيعه مکتبه فکر جي عالم سڳورن به بيان ڪيو آهي.

عالمه باقر مجلسي به ساڳيو واقعو بيان ڪيو آهي. مان اختصار جي پيش نظر مذڪوره ڪتابن جا صرف حوالا ڏئي رهيو آهيان.
1. جلاءِ العيون علامه باقر مجلسي ص 175 طبع جديد ايراني، دربيان ساختن اسماءِ صورت نعش براءِ فاطمه
2. ڪتاب ترجمته جعفريات اوالشعثيات. بابت ابتداءِ النعش ڪيف ڪان الخ ص 205 طبع ايران. مطبوعه قرب الاسناد عبدالله بن جعفر الحميري.

شيعه مکتبه فکر جي ڪتابن ۾ هڪ واقعو هي به بيان ڪيل آهي جنهن ۾ حضرت سيده فاطمه جي عين وفات جي وقت جنت مان آيل ڪافور جو ٽن حصن ۾ تقسيم ٿي وڃڻ جو ذڪر، حضرت اسماءِ زوجه صديق اڪبر سان سيده فاطمه جي آخري گفتگو ۽ وصيت وغيره ڪرڻ جو ذڪر موجود آهي.

**غور ڪريو دوستو...حضرت ابوبڪر صديق کي محبوبن ڪريمن وصيتون ڪيون هيون ۽ هاڻ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري حضرت اسماءِ بنت عميس کي به سيده فاطمه وصيتون ڪري رهي آهي..!!**

حضرت اسماءِ کي سيده فاطمه پاران وصيتون ڪرڻ ۽ حضرت اسماءِ پاران انهن وصيتن تي عمل

ڪرائڻ، حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين جو گهر ۾ تشريف آڻڻ ۽ حضرت اسماءِ پاران انهن کي وفات جي اطلاع ڏيڻ هي سڀ حالات ۽ واقعا آخري گهڙين جا آهن جنهن کي "اخبار ماتم" جي مصنف معتبر عالم سگوري " دوسري مجلس وفات بتول" ص 101 ( مطبوعہ حسيني رامپور سن 1285 هجري) ۾ بہ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

جن دوستن کي انهي واقعي جي وڌيڪ تفصيل معلوم ڪرڻي هجي اهي انهن حوالن جي مدد سان ڄاڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

هڪ ٻي شيعہ مڪتبہ فڪر جي مشهور ڪتاب "ڪشف الغمہ" جلد 2 ص 62 طبع جديد ايراني بمع ترجمۃ المناقب بابت ذڪر وفاتها وماقبل ذالڪ من ذڪر مرصها ووصيتها عليهم السلام ۾ بہ ساڳيو واقعو تفصيل سان موجود آهي.

## حضرت سيده فاطمہ جو غسل مبارڪ...!!!

محترم دوستو... سيده فاطمہ جي وفات کان پوءِ غسل سيده جو مسئلو پيش آيو. اسلامي شريعت مطابق ميت کي غسل جو حڪم سيني لاءِ لازم آهي، جنهن کان پوءِ جنازو پڙهيو ويندو آهي ۽ پوءِ تدفين جو مرحلو اچي ٿو.

توهان سيني دوستن لاءِ اها ڳالهہ بہ تعجب واري هوندي تہ انهن سيني مرحلن ۾ بہ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري حضرت سيده اسماءِ بنت عميس برابر شريڪ رهي ۽ ڪافي خدمتون ان سائنڻ ئي سرانجام ڏنيون هيون..!!!

غور ڪريو دوستو... ٻنهي خاندانن جا خاص تعلقات انهي وقت بہ ظاهر ٿي رهيا هئا...!!

اسان سيني کي بحيثيت مسلمان اهو معلوم هجڻ گهرجي تہ خاتون جنت حضرت سيده فاطمہ کي وهنجارڻ ۽ آخري غسل ڏيڻ جو انتظام ٽن هستين ڪيو هو. هڪ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي ذات مبارڪ ۽ ٻہ عورتون بہ ان سعادت ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ سان گڏ هيون. هڪ حضرت اسماءِ بنت عميس هئي ۽ ٻي عورت حضرت سلمیٰ ( جيڪا نبي پاڪ جي غلام ابو رافع جي گهرواري هئي) شامل هيون. انهن ٽنهي گڏجي سيده فاطمہ جي غسل مبارڪ کي مڪمل ڪيو هو.

جن دوستن کي وڏيڪ تفصل معلوم ڪرڻي هجي اهي هيٺين حوالن کي پڙهي سگهن ٿا.

1. الاستيعاب لابن عبدالبرمع اصابہ جلد 4 ص 322 تذڪره سلمیٰ.
2. اسد الغابہ لابن اثير جزري جلد 5 ص 478 تذڪره سلمیٰ.
3. المصنف العبد الرزاق جلد 3 ص 410 طبع مجلس علمي ڪراچي.

شيعہ عالم سڳورن بہ پنهنجين معتبر ڪتابن ۾ حضرت اسماءِ پاران سيده فاطمہ جي غسل مبارڪ ۾ شريڪ ٿيڻ بيان ڪيو آهي.

1. ڪتاب "مناقب ابن شهر آسوب" جلد رابع فصل في وفاتها.
2. ڪشف الغمہ جلد 2 ص 61 طبع جديد ايراني.

انهن سيني حقيقتن تي نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري سيده فاطمہ جي بيماري وارن ڏينهن کان وٺي آخري گهڙين ۽ سندن وفات کان پوءِ وارين مختلف اهم خدمتن ۾ شامل رهي هئي.

مان هڪ ڀيرو ٻيهر مختصر انهن مٿين حقيتن کي ٻيهر لکي رهيو آهيان.

- سيده فاطمہ جي خواهش مطابق حضرت اسماءِ زوجہ صديق اڪبر پاران هڪ باپرده کٽ کي تيار ڪيو ويو هو. ( هي رسم اهل اسلام ۾ فوت شده عورتن لاءِ حضرت اسماءِ جي ذريعي سان جاري ٿي هئي جيڪا اڄ تائين مسلمانن ۾ جاري ۽ ساري آهي.)
- سيده فاطمہ جي علالت دوان تيمارداري جون خدمتون بہ حضرت اسماءِ جي هٿن سان مڪمل ٿيون هيون.
- سيده فاطمہ جي آخري وصيتن جي تڪميل بہ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري جي ذريعي سان ٿيون هيون.
- سيده فاطمہ جي وفات کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري سندن غسل مبارڪ وارين آخرين خدمتن ۾ بہ برابر شريڪ رهي هئي.

**اتفاق پسند دوستن جي غور ۽ فڪر لاءِ ڪجهہ اهم ڳالهيون..!!!**

محترم دوستو... پنهنجي دل مان ڪجهه دير لاءِ بغضِ صحابہ ڪي ڪڍي اسان ڪي گهرجي تہ مٿي بيان ڪيل سيني اهم واقعن کي انصاف پري نظر سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون. ڇاڪاڻ جو انهن واقعن کي سمجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت ابوبڪر صديق جو خاندان ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي خاندان وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ عداوت، ناراضگي وغيره نہ هئي...!!
غور ڪجي تہ اهي سڀ واقعا تہ خود انهن ٻنهي خاندانن ۾ ويجهو ڳانداپو ۽ تمام گهڻي پيار، محبت ۽ قرب کي ظاهر ڪري رهيا آهن. انهن ٻنهي گهراڻن ۾ سڀ فرد هڪ ٻئي جي ڏکن سکن جا ساٿي ۽ بيمارين ۾ مدد ڪرڻ وارا هئا...!!

ڇا ڪو بہ منصف اهو سوچي سگهي ٿو تہ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جي دشمني يا ڪا ناراضگي هئي....!!؟؟

ڇا ڪو بہ منصف اهو سچي سگهي ٿو تہ حضرت اسماءِ حضرت ابوبڪر صديق جي اجازت کانسواءِ

سيد فاطمہ جي آخري ڏهاڙن ۾ ڏينهن رات خدمتون سرانجام ڏيندي رهي هئي....!!؟؟

ڇا اهو ممڪن آهي تہ پهرئين خليفہ وقت حضرت ابوبڪر صديق جي لاعلمي ۾ حضرت اسماءِ جهڙي ديندار عورت حضرت ابوبڪر صديق جي گهر مان ٻاهر نڪري حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي گهر هر روز ايندي هئي..!!

غور جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي خدمتون ڪجهہ ڪلاڪن يا هڪ ڏينهن يا ٻن ٽن ڏينهن لاءِ نہ هيون ، جنهن سان ڪو انسان اهو سمجهي تہ حضرت ابوبڪر صديق کي بغير اطلاع جي يا ڪنهن ٻئي ڪم جي بهاني سان حضرت اسماءِ پنهنجي گهر کان نڪري حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي گهر اچي اهي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون.......!!

ڇا اسان جا مخالف اها ڳالهہ تسليم ڪندا تہ ڪيترن ئي ڏينهن تي مشتمل اُهي بي مثال خدمتون سي بہ وقت جي خليفي جي گهرواريءَ پاران سيده فاطمہ جي آخري ڏهاڙن ۾ سرانجام ڏيڻ مان صرف ۽ صرف محبتون ئي ظاهر ٿين ٿيون.....!!!!

ڇا ڪو بہ انصاف پسند اهو سوچي سگهي ٿو تہ وقت جي خليفي جي گهرواري يعني حضرت بيبي اسماءِ بنت عميس پنهنجي مڙس يعني حضرتابوبڪر صديق کي ڌوڪي ۽ فريب ۾ رکي انهن ڏينهن

۾ نعوذباالله نافرمان ٻڌجي اهي خدمتون سرنجام ڏنيون هيون...!!؟؟

محترم دوستو.. انهن سيني واقعن ۽ اهم سوالن جا جواب ڪو به صحيح العقل ۽ سمجهدار انسان پاڻ ئي ڏئي سگهي ٿو.

سيني عالم سڳورن انهن خدمتن سان جڙيل هر هڪ سوال بابت اهو ئي لکيو آهي ته حضرت اسماءِ پاران سيده فاطمہ جي ڪيل خدمتن ۾ حضرت ابوبڪر صديق جي اجازت ۽ ان جو راضپو يقيني طور تي شامل هو. هي فيصلو انصاف جو فيصلو آهي۽ جنهن سان سڀ خدشا ۽ شڪوڪ شبها به ختم ٿي وڃن ٿا. مان سمجهان ٿو ته جنهن انسان کي الله پاڪ جو ٿورو به خوف هوندو ان کي هن تفصيل مان ئي هدايت ملي ويندي انشاالله.

علامہ ترڪماني فرمائين ٿا ته...
حضرت اسماءِ جي تقوىٰ ۽ پرهيزگاري ان ڳالهه جي انڪاري آهي ته حضرت ابوبڪر صديق کان اجازت وٺڻ کانسواءِ پاڻ ائين گهر مان ٻاهر هلي وڃي.
(الجواهر النفقي السنن اللبيهقي جلد غالث جلد 3 ص 396 مطبوعہ حيداباد دڪن)

حاصل مطلب اهو آهي ته هي سڀ حالات ان ڳالهه جا گواهہ آهن ته پنهي خاندانن جي وچ ۾ ۽ پڻ حضرت سيده فاطمہ ۽ حضرت ابوبڪر صديق جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ناراضگي نہ هئي. انهن سيني بزرگ هستين جو پاڻ ۾ اتفاق۽ محبت ۽ صلح وارو رشتو آخري گهڙين تائين برقرار رهيو هو.

سرگوشي: هڪ ياد دهاني..!!!

هلندڙ......
**( اڳتي سيده فاطمہ پاران آخري گهڙين ۾ ڪيل ڪجهه پيون اهم ڳالهيون ۽ سيده فاطمہ جي جنازي جي تفصيل وغيره بابت به ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي۔ انشاالله)**

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 6 جنوري 2015

6 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

متاز قريشي صاحب لکيو آهي
توهان اها ڳالهه ٻڌي ضرور اچرج ۾ پئجي ويندؤ...!!

گذارش ادا اوهان جو تاويلون پڙهي اچرج ۾ اچڻ جو ئي مقام هوندو آهي جو عقل ڪان بلڪل جدا اوهان جو تحريرو ۽ تحريفات هونديون آهن.

6 جنوري 2015

4 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

سائين ممتاز صاحب جا هميشہ جيان سهڻا جملا سبحان الله
حضرت سيده فاطمہ جي حضرت ابوبڪر صديق سان ناراضگي جون ڳالهيون ٻڌائي عام مسلمانن جو ايمان ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون اڄ جون نہ آهن، اهي تہ صدين کان جاري آهن ۽ بدقسمتي سان اڄ بہ ديني علم جي گهٽتائي جيڪري اڪثر مسلمان انهن ڪوڙن اعتراضن جي چار ۾ ڦاسجي پنهنجو دين ايمان

وڃائي ويهندا آهن...!!!
گذارش
سائين اوهان ڪنهن کي بہ سادو نہ سمجهو هر ڪو حقيقت کي سمجهي ٿو ها جي اوهان ڪنهن کي چڪرن ۾ ڦاسائي رکڻ چاهيو ٿا تہ اهو اوهان جو فن آهي سائين.

6 جنوري 2015

2 ڇڻن هيء پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

مونکي ياد آهي اسان جو هڪڙو عزيز هوندو هن جو اصول هوندو هو چوندو هو تنهنجي ڳالهه آهي صهيح پر پر ڪان پوءِ جيڪا سائين ڪهاني ڦيرائيندو هو سا سائين ممتاز صاحب جيان هوندي هئي.

6 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب جن جي عجيب دليل
محترم دوستو... سيده فاطمہ جي وفات کان پوءِ غسل سيده جو مسئلو پيش آيو. اسلامي شريعت مطابق ميت کي غسل جو حڪم سيني لاءِ لازم آهي، جنهن کان پوءِ جنازو پڙهيو ويندو آهي ۽ پوءِ تدفين جو مرحلو اچي ٿو.

توهان سيني دوستن لاءِ اها ڳالهه بہ تعجب واري هوندي تہ انهن سيني مرحلن ۾ بہ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري حضرت سيده اسماءِ بنت عميس برابر شريڪ رهي ۽ ڪافي خدمتون ان سائنڙ ئي سرانجام ڏنيون هيون..!!!
گذارش
ادا فرعون جي گهرواري ڏي تہ نظر ڪريو.

6 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي پنهنجي سرگوشي جي مطلق لکن ٿا
گذارش
سائين يقين ڪيو اوهان جي سرگوشي تي اسان وٽ ڪلڻ کان سواءِ ڪو جواب ناهي.
اوهان لکيو ٿو ته ٻوڙا آهيو ٻوڙا ان لاءِ ٿو چوان اسان جڏهن پڙهندا ها سين ته اسان جي اسڪول اڳيان هڪ اهڙو ٻوڙو هوندو هو جيڪو ڪنهن ٻئي جي ڳالهه ٻُڌندو ئي نه هو سو اوهان ڪنهن ٻئي جي ڳالهه ٻُڌي (هتي پڙهي) ٻه اوهان جي رٿ اها ئي آهي ته اوهان ثابت ڪري آيا آهيو سبحان الله هن نڪ جي پڪائي تي جس لهڻو يقين ڪريو.

6 جنوري 2015

6 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

# عجيب منطق عجيب استدلال...!!!

محترم دوستو... هن وقت اسان فدڪ جي مضمون تان عارضي طور تي هٽي حضرت سيده بيبي فاطمہ جي حضرت ابوبڪر صديق سان ناراضگي واري اهم اعتراض بابت بحث ڪري رهيا آهيون. ڪلهہ مون ان متعلق ڪجهہ مستنَد حوالن سان پڙهندڙن تائين اهم حقيقتون پهچايون هيون.

انهن جي جواب ۾ سائين روشن علي رحيمي صاحب جا علمي ۽ محققانہ جواب توهان سيني جي سامهون آهن...!!
سچ پچو تہ اڄ سائين روشن علي رحيمي صاحب جو حضرت بيبي اسماءِ بنت عميس بابت هيٺيون خيال پڙهي تمام گهڻو افسوس ۽ مايوسي ٿي آهي...!!!
مون جڏهن هي لکيو تہ..

> *توهان سيني دوستن لاءِ اها ڳالهہ بہ تعجب واري هوندي تہ انهن سيني مرحلن ۾ بہ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري حضرت سيده اسماءِ بنت عميس برابر شريڪ رهي ۽ ڪافي خدمتون ان سائڻ ئي سرانجام ڏنيون هيون..!!!*

سائين روشن علي رحيمي صاحب لکن ٿا تہ....

گذارش
ادا فرعون جي گهرواري ڏي تہ نظر ڪريو.

حضرت اسماءِ بنت عميس جي حيثيت بابت شيعہ مڪتبہ فڪر جو هن قسم جو توهين آميز مؤقف هوندو، ان بابت مون کي واقعي خبر نہ هئي..!!

## هڪ ٻي حقيقت...!!!

اسان سڀني کي بحيثيت مسلمان اهو معلوم هجڻ گهرجي تہ حضرت ابوبڪر صديق جي وفات کان پوءِ حضرت اسماءِ بن عميس حضرت علي ڪرم الله وجهہ سان بہ نڪاح ڪيو هو، ۽ کين اولاد جي نعمت بہ عطا ٿي هئي. حضرت بيبي اسماءِ کي حضرت علي ڪرم الله وجهہ مان هڪ پٽ پيدا ٿيو هو جنهن جو نالو حضرت يحييٰ بن علي المرتضىٰ آهي.

اسان جا قابل احترام مخالف دوست پاڻ کي حبدار علي سمجهندي آخر ڪهڙين بنيادن تي ، ڪهڙين دليلن تي هن قابل احترام هستي کي نعوذبالله فرعون جي گهرواري سان تشبيح ڏئي رهيا آهن...!!!

هي عجيب منطق ۽ عجيب استدلال مون کي تہ سمجهہ ۾ نتو اچي...!!

## حضرت سيده فاطمہ جي آخري ڏهاڙن جو احوال...!!

محترم دوستو... مون هن وقت تائين حضرت سيده فاطمہ ۽ حضرت بيبي اسماءِ بنت عميس سان جڙيل ڪجهہ واقعا پيش ڪيا آهن.

اسان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ جڏهن حضرت سيده فاطمہ آخري مرض ۾ بيمار هئي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ پنج وقت نماز پڙهڻ لاءِ مسجد نبوي ۾ تشريف آڻيندا هئا. انهن ڏينهن جو هڪ واقعو شيعہ مڪتبہ فڪر جي هڪ ڪتاب مان پيش ڪجي ٿو، جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ مسجد نبوي ۾ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق حضرت سيده فاطمہ جي بيماري جو حال احوال حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان پڇندا هئا. هي واقعو حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي خاص شاگرد **سليم بن قيس الهلالي العامري** جي ڪتاب **سليم بن قيس** مان نقل ڪيل آهي.

عبارت جو هڪ ٽڪڙو هن ريت آهي.

**"وڪان علي (ع) يصل في المسجد الصلوات الخمس فلما صلي قال لہ ابوبڪر و عمر ڪيف بنت رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) الي ان ثقلت فا لاعنها الخ"**

**ترجمو:**

**"حضرت علي ڪرم الله وجهہ پنج وقت نماز مسجد( نبوي) ۾ پڙهندا هئا، جڏهن نماز پڙهي ورتائون تہ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر حضرت علي ڪان پڇيو تہ حضور اڪرم جن جي صاحبزادي جو ڇا حال آهي؟ طبيعت ڪيئن آهي؟"**

**(ڪتاب سليم بن قيس ص 224، 225 مطبوعہ حيدريہ نجف اشرف عراق)**

**نوٽ:** محترم دوستو... جيتوڻيڪ شيعہ مڪتبہ فڪر جي بزرگن پنهنجين ئي ڪتابن ۾ ڪيترن ئي جاين تي تحريفون ڪري مختلف عداوتن واريون ڳالهيون ملائي ڪيترن ئي واقعن کي مڪمل تبديل ڪري ڇڏيو آهي پر ان جي باوجود اها بہ الله پاڪ جي قدرت آهي جو انهي مختصر عبارت جي ٽڪڙي مان گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ پنج وقت نماز مسجد نبوي ۾ ٻين اصحابي سڳورن سان گڏجي حضرت ابوبڪر صديق جي پُٺيان پڙهندا هئا، ٻي اهم ڳالهہ اها بہ معلوم ٿئي ٿي تہ حضرت سيده فاطمہ جي بيماري جي خبر حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق کي پهرين ڪان ئي هئي ۽ اهي سيده فاطمہ جي عيادت ۽ مزاج پرسي بہ ڪندا هئا. ٽين اهم ڳالهہ اها بہ واضح ٿئي ٿي تہ انهن سيني اهل بيت سڳورن ۽ اصحابي سڳورن جو پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ، حال احوال ۽ هڪ ٻئي جي گهروارن جي خيريت دريافت ڪرڻ وغيره جاري رهندو هو، آسان لفظن ۾ اهل بيت سڳورن ۽ اصحابي سڳورن جو پاڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو بائيڪاٽ يا نارضگي جو ڪو بہ امڪان نہ هو..!!!

غور ڪريو دوستو.. مذڪوره روايت ڪنهن اهل سنت جي ڪتاب مان پيس نہ ڪئي وئي آهي...!!!

## هڪ ٻي اهم روايت شيعہ مڪتبہ فڪر جي ڪتاب مان...!!

حضرت سيده فاطمہ جنهن ڏينهن وفات ڪئي هئي ان ڏينهن مديني پاڪ ۾ قيامت برپا هئي، ان ڏينهن بہ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق حضرت علي ڪرم الله وجهہ وٽ تعزيت لاءِ آيا هئا ۽ سيده جي جنازي جو بہ ذڪر ٿيو هو.
مطلوبہ عبارت پيش ڪجي ٿي جيڪا ابن عباس جي آهي..

"ابن عباس فرمائين ٿا تہ سيده فاطمہ جنهن ڏينهن فوت ٿي هئي، مديني جا سڀ مرد ۽ عورتون روئڻ لڳا، ماڻهن تي حيراني ۽ دهشت طاري ٿي وئي هئي، ساڳي طرح جڏهن حضور اڪرم جن جي (ظاهري) وفات جي ڏينهن حيرت ۽ پريشاني ٿي هئي. پوءِ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر فاروق پنهي حضرت علي ڪرم الله وجهہ وٽ اچي تعزيت ڪئي ۽ اظهار افسوس ڪيو ۽ چوڻ لڳا تہ ابوالحسن بنت رسول الله جي نماز جنازه لاءِ سبقت نہ ڪجان....الخ"

(ڪتاب سليم بن قيس الهلالي اعامري ص 226 مطبع حيدريہ نجف شريف عراق)

## مٿين روايت جا فائيدا...!!!

- حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق سيده فاطمہ سان آخري گهڙي تائين نبي پاڪ جي تعلق جو لحاظ ۽ احترام قائم رکيو هو، سندن مزاج پرسي ۽ عيادت آخري مرض دوران بہ ڪندا رهيا ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان بار بار مزاج پرسي بہ ڪندا هئا.
- حضرت علي ڪرم الله وجهہ مسجد نبوي ۾ اصحابي سڳورن سان پنج ئي وقت نماز پڙهندا هئا ۽ سندن وچ ۾ ڪا بہ رنجش موجود نہ هئي.
- حضرت سيده فاطمہ جي وفات کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق حضرت علي ڪرم الله وجہ وٽ وڃي تعزيت ڪئي ۽ جنازي بابت ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪيائون.

انصاف پسند دوستو.. هي سڀ روايتون تہ اصحابي سڳورن ۽ اهل بيت سڳورن وچ ۾ ويجها لاڳاپا ٻڌائي رهيون آهن، اسان جا مخالف دوست الائي چو انهن روايتن کي ٽوڙي مروڙي ۽ ضعيف روايتن کي بنياد ٻڌائي يا صحيح روايتن جا غلط مطلب ڪڍي اصحابي سڳورن ۽ اهل بيت سڳورن جي وچ ۾ نفرتن جي موجودگي ظاهر ڪندا آهن...!!؟؟

هلندڙ....

**اڳتي مان حضرت سيده فاطمہ جي جنازي بابت اهم روايتن کي پڙهندڙن آڏو پيش ڪندس. انشاالله.)**

6 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

---

**kashifkareem**
نئون رڪن

ادا سائين بيبي اسماء بنت عميس جي فضيلتن ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ڪونهي. فارسي ۾ هڪ پهاڪو آهي تہ: **مشک آن است که خود ببوید نه آنکه عطار بگوید.** مشڪ اهو آهي جيڪو پنهنجي خوشبو ذريعي پنهنجو تعارف ڪرائي. نہ اهو جنهن لاءِ عطر وڪڻندڙ چئي تہ هي مشڪ آهي. سو ادا بيبي اسماء بنت عميس انهن سيني فضيلتن جي مالڪ آهي جيڪي اوهان ذڪر ڪيون. تنهن ڪري ئي تہ ڪيس شيعہ سني ڪتابن ۾ اهڙن سهڻن لفظن سان ياد ڪيو ويو آهي. پر ان جون فضيلتون بيان ڪري پين جا گناهہ لڪائي نہ ٿا سگهجن. اسان جي حضرت ابو بڪر توڙي ڪنهن بہ تاريخي شخصيت سان ڪا ذاتي رنجش نہ آهي. اسان تہ صرف ڪجهہ تلخ تاريخي حقيقتن کي بيان ڪيو آهي. حق ۽ سچ اهو ئي آهي تہ اسلام ذات، پات، مٽين مائٽين کان بالا تر آهي. اسلام جي نگاهہ ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڌيڪ ايمان وارو، عمل وارو ۽ پرهيزگار آهي. اسلام زال جي گناهن جو ذميدار مڙس کي نہ ٿو سگهجي ۽ مڙس جي برائين ۾ زال کي ملوث نہ ٿو ڄاڻائي. تنهن ڪري پٽ جا فضائل بيان ڪري پيءَ کي عظمت عطا نہ ٿي ڪري سگهجي ۽ نہ وري زال جون نيڪيون بيان ڪري مڙس جي ظلمن ۽ ڪڌن ڪمن تي پردو وجهي سگهجي ٿو. الله سائين اسان کي ظالم ۽ مظلوم کي سڃاڻڻ جي سگهہ عطا ڪري.

6 جنوري 2015

8 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)







Forum software by XenForo™
Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse.

# فدڪ





**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

ادا ڪاشف ڪريم.... هن وقت اسان فضائل حضرت ابوبڪر صديق بابت بحث نہ ڪري رهيا آهيون، جڏهن اهو موضوع شروع ٿيندو تہ انشاالله شيعہ مڪتبہ فڪر جي اهم ڪتابن مان ئي مان حضرت ابوبڪر صديق جي فضيلت ۽ احترام بہ ثابت ڪيو ويندو.

هن وقت فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت ڪجهہ رواين تي جرح جو سلسلو عارضي رڪيل آهي جنهن ڪي اڳتي بحث هيٺ آندو ويندو، في الحال حضرت سيده فاطمہ جي ناراضگي وارو اعتراض ۽ جيڪي اهم سوال توهان اٿاريا آهن، انهن جا جواب تحرير ٿي رهيا آهن.
جڏهن توهان دوست سوال پڇو ٿا تہ اسان جو بہ فرض ٿئي ٿو تہ انهن جا تحقيقي جواب پڙهندڙن تائين پهچايا وڃن.

6 جنوري 2015

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

منهنجي تحرير
توهان سيني دوستن لاءِ اها ڳالهه به تعجب واري هوندي ته انهن سيني مرحلن ۾ به حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري حضرت سيده اسماءِ بنت عميس برابر شريڪ رهي ۽ ڪافي خدمتون ان سائنڻ ئي سرانجام ڏنيون هيون..!!!
مون ان جو جواب گذارش ۾ ڏنو
ادا فرعون جي گهرواري ڏي ته نظر ڪريو.
سائين ممتاز صاحب ان جو جواب مون تي بهتان هڻندي
حضرت اسماءِ بنت عميس جي حيثيت بابت شيعہ مڪتبہ فڪر جو هن قسم جو توهين آميز مؤقف هوندو، ان بابت مون کي واقعي خبر نہ هئي..!!

منهنجي سائين جن کي ادنا گذارش
ادا مون ان ۾ ڪهڙي توحين ڪئي آهي جي اوهان جي علم ۾ ڪمي آهي ته اهو اوهان جو پنهنجو قصور آهي منهنجو قصور ناهي

6 جنوري 2015

6 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**ممتاز قريشي**



سينيئر رڪن

سائين روشن علي رحيمي صاحب... توهان جي لفظن ڪي سمجهي دل ڏڪي وئي آهي...!!!
پڙهندڙن ڪي عرض ته مخالف دوستن جي جوابن تي غور ۽ فڪر ڪري انهن جي منصف پسندانه سوچ جو احاطو ڪندا رهن...!!
الله سائين اسان سڀني جو دين ايمان سلامت رکي ۽ دين اسلام جي صحيح صحيح سمجهه عطا ڪري. آمين.

6 جنوري 2015

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

سائين حضرت بيبي آسيه سلام الله عليها جي باري ۾ ڪا اوهان نئين تحقيق پيش ڪري رهيا آهيو ڇا؟

6 جنوري 2015

4 ڇڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



ممتاز قريشي
سينيئر رڪن

## ڇا حضرت بيبي اسماءِ جون سيده فاطمه لاءِ ڪيل آخري خدمتون صرف سندس ذاتي مرضي سان هيون...!!؟؟

محترم دوستو... متي مختلف اهم ڪتابن وسيلي اها ڳالهه ثابت ڪئي وئي آهي ته سيده فاطمه جي آخري مرض وارن ڏينهن ۾ حضرت بيبي اسماءِ بنت عميس (زوجه حضرت ابوبڪر صديق) ڏينهن رات سندن تيمارداري ۽ مزاج پرسي ۾ مصروف رهنديون هيون.

حضرت فاطمه جي مرضي مطابق سندس جنازو جنهن پردي واري کٽ تي کنيو ويو هو ان جي تياري ۾ به حضرت بيبي اسماءِ جو ئي هٿ هو.

سيده فاطمه جي غسل مبارڪ ۾ شرڪت جي سعادت به حضرت اسماءِ بنت عميس حاصل ڪئي هئي.

جيتوڻيڪ اسان جا مخالف دوست ڪجهه پس وپيش کان پوءِ حضرت بيبي اسماءِ بنت عميس جي عظمت جا قائل ٿي رهيا آهن، پر سندن مؤقف ڪجهه هن ريت آهي. ادا ڪاشف ڪريم لکيو آهي ته...

## ادا ٻيبي اسماء بنت عميس اتهڙي سيتي فضيلتن جي مالڪ آهي جيڪي اوهان ذڪر ڪيون.

تنهن ڪري ئي ته ڪيس شيعه سني ڪتابن ۾ اهڙن سهڻن لفظن سان ياد ڪيو ويو آهي. پر ان جون فضيلتون بيان ڪري پين جا گناهه لڪائي نه ٿا سگهجن. اسان جي حضرت ابو بڪر توڙي ڪنهن ٻئي تاريخي شخصيت سان ڪا ذاتي رنجش نه آهي. اسان ته صرف ڪجهه تلخ تاريخي حقيقتن کي بيان ڪيو آهي. حق ۽ سچ اهو ئي آهي ته اسلام ذات، پات، متين مائٽين کان بالا تر آهي. اسلام جي نگاهه ۾ سڀ کان وڏيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڏيڪ ايمان وارو، عمل وارو ۽ پرهيزگار آهي. اسلام زال جي گناهن جو ذميدار مڙس کي نه ٿو سگهجي ۽ مڙس جي برائين ۾ زال کي ملوث نه ٿو ڄاڻائي. تنهن ڪري پٽ جا فضائل بيان ڪري پيءُ کي عظمت عطا نه ٿي ڪري سگهجي ۽ نه وري زال جون نيڪيون بيان ڪري مڙس جي ظلمن ۽ ڪڌن ڪمن تي پردو وجهي سگهجي ٿو. الله سائين اسان کي ظالم کي ظالم ۽ مظلوم کي مظلوم ڪوٺڻ جي سگهه عطا ڪري.

محترم دوستو... حضرت بيبي اسماءِ جي فضيلت جو اقرار ڪرڻ کان پوءِ هاڻ ان ڳالهه تي زور ڏنو پيو وڃي ته سندس ڪيل خدمتون سندس ذاتي مرضي سان هيون يعني حضرت ابوبڪر صديق جي مرضي ان ۾ شامل نه هئي يا حضرت ابوبڪرصديق انهن خدمتن کان لاعلم هيو...!!!

آسان لفظن ۾ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري بيبي اسماءِ جي فضيلت جا قائل ٿيندڙ اسان جا مخالف دوست بضد آهن ته حضرت بيبي اسماءِ پنهنجي گهرواري حضرت ابوبڪر صديق جي مرضي، علم ۽ اجازت کانسواءِ گهر مان ٻاهر نڪري حضرت علي ڪرم الله وجه جي گهر روزانو ڪئين ڀيرا ويندي هئي ته جيئن سيده فاطمه جي بيماري ۾ خدمت ڪري سگهن ..!!

غور ڪريو دوستو... ڇا سندن اها منطق ڪنهن کي سمجهه ۾ اچي ٿي...؟؟

حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري هڪ ٻن ڏينهن لاءِ نه پر ڪيترن ئي ڏينهن تائين اهي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون، جنهن بابت اسان جا دوست اقرار به ڪري چڪا آهن، ڇا اهو ممڪن آهي ته حضرت ابوبڪرصديق کي انهن خدمتن جي خبر نه هوندي..!!؟

يقينن اها ڳالهه ناممڪن آهي.. هڪ به ڀيرا جي ڳالهه هجي ها ته شايد اسان شڪ ۾ پئجي وڃون

ها پر مختلف ڪتابن موجب اهي خدمتون ڪئين ڏينهن تائين ڏينهن رات جاري رهيون هيون. انڪري اسان کي يقين ڪرڻو پوندو تہ حضرت اسماءِ بنت عميس زوجہ حضرت ابوبڪر صديق پاران سيده فاطمہ لاءِ ڪيل خدمتون حضرت ابوبڪر صديق جي لاعلمي ۾ يقينن نہ ٿيون آهن. حضرت ابوبڪر صديق کي پنهنجي گهرواري جي انهن مصروفيتن جي ضرور بہ ضرور خبر هئي.

هاڻ جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق کي خبر هوندي بہ سائنڻ اسماءِ سيده فاطمہ جون خدمتون جاري رکيون تہ اها ڳالهہ ذهن ۾ اچي ٿي تہ شايد حضرت ابوبڪر صديق جي بغير اجازت اهي خدمتون سرانجام ڏنيون ويون هونديون...!!

**فرض ڪريو...**

محترم دوستو..اسان ڪجهہ دير لاءِ شيعہ مڪتبہ فڪر جو مؤقف درست سمجهون ٿا تہ حضرت ابوبڪر صديق نعوذباالله غاصب ، مرتد ۽ اهل بيت سڳورن جو سخت دشمن هو...!!! ۽ ڪيس اها بہ خبر هئي تہ سندس گهرواري روزانو حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي گهر وڃي سيده فاطمہ جي خدمت سرانجام ڏئي ٿي...!!

ڇا اهو ممڪن آهي تہ حضرت بيبي اسماءِ جهيڙي ديندار ، پرهيزگار عورت بغير پنهنجي گهرواري جي اجازت جي روزانو حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي گهر سيده فاطمہ جي خدمتن ۾ مصروف رهي ۽ حضرت ابوبڪر صديق نعوذبالله دشمن هوندي بہ خاموش رهيا هجن.....!!؟؟

ڇا هڪ پرهيزگار عورت لاءِ اهو ممڪن آهي تہ پنهنجي گهرواري جي اجازت کانسواءِ سندس گهر مان ائين روز ڏينهن ۾ ڪئين پيرا نڪري وڃي...!!؟؟ ۽ وري وڃي بہ ان جڳهہ تي جيڪا بقول مخالف دوستن جي سندس گهرواري (حضرت ابوبڪر صديق) جي دشمنن جي جڳهہ هئي..!؟؟ انصاف پسند دوستن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏجي ٿي.

هاڻ ٿوري دير لاءِ اهو بہ سوچيو تہ حضرت سيده فاطمہ کي تہ حضرت بيبي اسماءِ جو سندس گهر ۾ اچڻ ۽ سندس خدمتون ڪرڻ وغيره نظر اچي رهيو هيون ۽ پاڻ خوشي سان انهن کي قبول بہ ڪري رهيون هيون.

بقول شيعہ مڪتبہ فڪر جي مؤقف مطابق سيده فاطمہ حضرت ابوبڪر صديق کان سخت ناراض هوندي هئي. ڪجهہ ڪوڙين روايتن مطابق تہ اهو بہ بيان ڪيو ويندو آهي تہ سيده فاطمہ پنهنجي هر نماز ۾ انهن لاءِ بددعائون بہ ڪندي هئي..!!(معاذالله ثم معاذالله)، هاڻ جيڪڏهن اسان مخالف دوستن جي مؤقف کي درست سمجهون تہ پوءِ حضرت اسماءِ جو روز سيده فاطمہ جي خدمت لاءِ اچڻ ۽ سيده فاطمہ جي حضرت اسماءِ سان محبت ، تعلقات ۽ راز نياز جون ڳالهيون ڪيئن قبول

ڪريون...!!؟؟ ڇا سيده فاطمہ کي اها خبر نہ هئي تہ حضرت اسماءِ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري آهي...؟؟

حضرت بيبي اسماءِ جڏهن سيده فاطمہ لاءِ خدمتون سرانجام ڏيندي هوندي تہ ڇا حضرت ابوبڪر صديق جو ذڪر ڪو نہ ٿيندو هوندو...؟؟

سيده فاطمہ پاران حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري جون خدمتون قبول ڪرڻ ان ڳالھ جو مضبوط دليل آهي تہ سائنڻ فاطمہ جي دل ۾ حضرت ابوبڪر صديق لاءِ ڪا بہ رنجش نہ هئي. ٻنهي خاندانن ۾ دشمني وارا تعلقات تہ تصور بہ نہ ٿا ڪري سگهجن پر عام رواجي يعني صرف دعا سلام وارا تعلقات بہ نہ هئا. حضرت بيبي اسماءِ جون ڪيل اهي آخري خدمتون تہ صاف صاف اهو ئي ظاهر ڪري رهيون آهن تہ ٻنهي خاندانن ۾ تمام قريبي پيار، محبت ۽ ڏک سک ۾ ساٿ نڀائڻ وارا تعلقات قائم هئا...!!!

ڪو بہ انصاف پسند انسان اها ڳالھ ڪيئن قبول ڪندو تہ شيعہ مڪتبہ فڪر جو مؤقف درست آهي ۽ حضرت اسماءِ بنت عميس اهي جيڪي بہ خدمتون سرنجام ڏنيون هيون ۽ اهي سندس ذاتي مرضي سان هيون...!!!؟؟؟

ادا ڪاشف مٿئين اقتباس ۾ هي جملو بہ لکيو آهي..

> *اسلام ذات، پات، مٿين مائٽين کان بالا تر آهي. اسلام جي نگاهہ ۾ سڀ کان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو*

*وڏيڪ ايمان وارو، عمل وارو ۽ پرهيزگار آهي.*

محترم دوستو... جڏهن به اصحابي سڳورن جون اهل بيت سڳورن سان رشتيداريون ۽ مٽيون مائٽيون بيان ڪيون وينديون آهن يا اهڙا واقعا بيان ڪيا ويندا آهن جن سان رشتيداري جي بنياد تي اصحابي سڳورن جون فضيلتون ثابت ٿينديون هجن ته پوءِ آخر ۾ اسان جا مخالف دوستن هن قسم جا جملا لکي جان ڇڏائيندا آهن.

بيشڪ انهن جملن جي سچائي جو انڪار نه آهي، پر اهي جملا مخالف دوستن جي زبان سان ادا ٿيندا آهن ته ڪجهه عجيب لڳندو آهي.

اسان کي معلوم هجڻ گهرجي ته اهل بيت سڳورن جو شان ۽ رتبو انهي ڪري ته اعلىٰ ۽ برتر آهي جو اهي محبوبن ڪريمن جي خاندان جو حصو آهن...!!!

اسلام ۾ مٽي مائٽي جي اهميت نه هوندي به خود الله عزوجل محبوبن ڪريمن جي خاندان جي هر هڪ فرد کي سيني انسانن کان وڏيڪ باعث عزت ۽ باعث احترام بڻايو آهي...!!!

جڏهن الله پاڪ جي ذات بابرڪات ازواج مطهرات (نبي پاڪ جي گهروارين) جي شان قران پاڪ ۾ بيان ڪئي آهي ته اسان ڪير ٿيندا آهيون انهن مٽين مائٽين جي فضيلت جو انڪار ڪرڻ وارا...!!؟؟

ساڳي ريت رسول پاڪ سان ٿيندڙ رشتيداريون يا اهل بيت سڳورن سان ٿيندڙ مٽيون مائٽيون ڪي عام رشتيداريون نه هيون. اهو سمجهڻ جهالت کان وڏيڪ ڪجهه به نه آهي.

اهي مٽيون مائٽيون انهن هستين جي وچ ۾ ٿيون آهن جن بابت قران پاڪ شاهديون ڏنيون آهن. جن سان پيار، محبت وارا تعلقات آخري گهڙين تائين حضور اڪرم جن پاڻ برقرار رکيا هئا ۽ هاڻ حضرت سيده فاطمہ پاران به برقرار رکڻ ثابت ٿي رهيو آهي.

بيشڪ حق ۽ سچ ته هر انسان آڏو ظاهر ٿيندو آهي. بس انهن کي سمجهڻ لاءِ الله پاڪ جي هدايت ملڻ ضروري آهي.

شل الله پاڪ اسان سيني کي دين جي صحيح صحيح سمجهه عطا ڪري. آمين.

هلندڙ...
**(اڳتي مان حضرت سيده فاطمہ جي جنازي بابت اهم روايتن کي پڙهندڙن آڏو پيش ڪندس. انشاالله.)**

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 7 جنوري 2015

7 جنوري 2015

---

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي جن لکيو آهي
جيتوڻيڪ اسان جا مخالف دوست ڪجهه پس وپيش کان پوءِ حضرت بيبي اسماءِ بنت عميس جي عظمت جا قائل ٿي رهيا آهن، پر سندن مؤقف ڪجھ هن ريت آهي. ادا ڪاشف ڪريم لکيو آهي تہ...
قريشي صاحب
اوهان ڪيڏو نہ پاڻ کي فراخدل سمجهندا آهيو پنهنجي پوسٽن ۾ پڙهندڙ دوستن اڳيان اهو ثابت ڪندا آهيو تہ اوهان تہ حق ۽ سچ جا طالب آهيو اوهان ماڻهن کي سڌي رستي جو ڏس ڏيڻ خاطر هي موضوع شروع ڪندا آهيو وغيره وغيره پر هتي اوهان ڪيڏي نہ بيائي ۽ ... ڀريا لفظ پيش ڪري هڪ فڪر تي تهمت هڻي رهيا آهيو.
اوهان کان سوال آهي تہ اوهان سان ڪڏهن اسان جنابِ اسماء بنت عميس جي فضيلت مڃڻ کان پس پيش ڪئي آهي؟ هن پوري پوسٽ ۾ اوهان اسان تي اها ڳالھ ثابت ڪريو؟

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

7 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب لکيو آهي

آسان لفظن ۾ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري بيبي اسماءِ جي فضيلت جا قائل ٿيندڙ اسان جا مخالف دوست بضد آهن ته حضرت بيبي اسماءِ پنهنجي گهرواري حضرت ابوبڪر صديق جي مرضيءَ، علم ۽ اجازت کانسواءِ گهر مان ٻاهر نڪري حضرت علي ڪرم الله وجه جي گهر روزانو ڪئين ڀيرا ويندي هئي ته جيئن سيده فاطمہ جي بيماري ۾ خدمت ڪري سگهن ..!!

غور ڪريو دوستو... ڇا سندن اها منطق ڪنهن ڪي سمجهه ۾ اچي ٿي...؟؟

**قريشي صاحب جو بهتان ۽ ڪوڙ**
مٿيان الفاظ سائين جن جي بيماري جا آهن جيڪي ٻين جي متعلق پنهنجو خيال پڙهڻ سان سائين جن کي ايندا آ هن.

اوهان کي قرآن مان استدلال پسند ناهي ته اسان ڇا ڪريون اسان اوهان کي بيبي آسيہ جو حوال ڏنو هو باقي اجان ڇا ڪريون؟؟؟ ليڪن اوهان کي ته هميشہ پنهنجي تفسير براءِ ڪرڻ جو شوق رهيو آهي سو ڪندا رهو.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

7 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي جو خيال
بيشڪ حق ۽ سچ تہ هر انسان آڏو ظاهر ٿيندو آهي. بس انهن کي سمجهڻ لاءِ الله پاڪ جي هدايت ملڻ ضروري آهي.

گذارش پهريان جيان
خارجين جو نعرو پڻ اهو رهيو تہ حڪومت صرف الله لاءِ ليڪن ان جي پٺيان انهن جي نيت بد هئي.
انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

7 جنوري 2015

2 چڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب جي تقرير
حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري هڪ پن ڏينهن لاءِ نہ پر ڪيترن ئي ڏيهن تائين اهي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون، جنهن بابت اسان جا دوست اقرار بہ ڪري چڪا آهن، ڇا اهو ممڪن آهي تہ حضرت ابوبڪرصديق کي انهن خدمتن جي خبر نہ هوندي..!!؟

يقينن اها ڳالهہ ناممڪن آهي.. هڪ ٻہ پيرا جي ڳالهہ هجي ها تہ شايد اسان شڪ ۾ پئجي وڃون ها پر مختلف ڪتابن موجب اهي خدمتون ڪئين ڏينهن تائين ڏينهن رات جاري رهيون هيون. انڪري اسان کي

يقين ڪرڻو پوندو تہ حضرت اسماءِ بنت عميس زوجہ حضرت ابوبڪر صديق پاران سيده فاطمہ لاءِ ڪيل خدمتون حضرت ابوبڪر صديق جي لاعلمي ۾ يقينن نہ ٿيون آهن. حضرت ابوبڪر صديق کي پنهنجي گهرواري جي انهن مصروفيتن جي ضرور بہ ضرور خبر هئي.

سائين جن کي گذارش
سائين اسان ڪڏهن اوهان کي چيو آهي تہ ابوبڪر کي خبر نہ هئي؟؟؟ ڇا معاملات هيا ابوبڪر روڪي نہ سگهيو ان ڳالهہ کي جنهن پاسي اوهان ڇڪي وڃي رهيا آهيو ان لاءِ صرف هڪ ڳالهہ پيش ڪندس
جڏهن ڪربلا ٿي هئي تہ امام جي گهروارن ڏانهن جن کي يزيد جي فوج پاڻي وغيره ڏئي موڪليو هو اهو جنابِ حُر جو حرم هو هاڻي چئون تہ يزيد تہ پلو هو يا عمر سعد تہ پلو هو هن تہ پاڻي وغيره موڪليو هو.
يقينن فوج اشقياءِ کي خبر هئي ان ڪري ان کي اجازت ڏني وئي جنهن سان انهن جون همدرديون هيون.

چند معروضات
ابوبڪر کي خبر هئي تہ منهنجي گهر واري محبِ زهرا آهي اها ويندي ان ۾ منع ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. سائڻ زهرا سلام الله عليها انهن ماڻهن کان ناراض هئي بقول صيحيح بخاري وغيره جي. اهي بيبي سلام الله عليها کان معافي بہ گهري

چُڪا هيا ليڪن بيبي هنن کي معاف نہ ڪيو هو بقول صحيح بخاري وغيره جي.
پوءِ راوي اوهان جي نظر ۾ ضعيف آهن يا قوي.
هي تہ چاهين بہ پيا پر بيبي سلام الله عليها کي جيڪا ضرب لڳي چُڪي هئي اها دلي ضرب هئي يا جسماني ان جو پڇتاءُ انهن کي بہ هوندو هو جنهن ڪارڻ اهي معافي لاءِ بہ ويا هيا انهن ان پڇتاءُ کي متائڻ جي لاءِ جناب اسماءِ بنتِ عميس کي اجازت ڏني تہ جيئن ڪو حالت جو تدارڪ ٿي سگهي پيو ڪو ان ۾ انگريزي ٿورئي آهي.
اڄ اوهان ڏسو نہ ٿا تہ سياستدان هڪٻئي وٽ مخالفت هوندي بہ پنهنجي حڪومت کي مضبوط ڪندي هڪٻئي وٽ ڏکئي وقت ۾ موت فوت تي وڃن ٿا تہ ڇا انهن

جا تعلقات ٺيڪ آهن؟؟؟
اهي ان وقت جا غاصب هيا امت کي خبر هئي نتيجن اندر ماڻهن ۾ بي چيني بہ يقين موجود هئي پوءِ هنن ماڻهن کي جهانسو ڏيڻ لاءِ اهڙيون ڪيئي ڪوششون ڪيون تہ جيئن عام ماڻهن کي تاثر ڏئي سگهن تہ معاملات اسان جي وچ ۾ خراب ناهن.
جيئن هن وقت اوهان تاثر ڏئي رهيا آهيو.
بس هاڻي اڳيان وڃي پاڻ بہ سوچيو!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!!

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

7 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

سائين ممتاز قريشي صاحب اوهان هميشہ جيڪا تفسير براءِ ڪري رهيا آهيو خبر اٿو ان ۾ خرابي ڪهڙي آهي ان ۾ سڀ کان وڏي خرابي اها تفسير اوهان پنهنجي ريتن رسمن پنهنجي احساسن تي ڪندا آهيو جڏهن تہ احساسن تي اثر ان علائقي جي ريتن ۽ رسمن جو هوندو آهي سو اوهان عربن جون تاريخون پڙهو ان کان پوءِ انهنجي احساسات تي تفسير ڪريو تہ ڪا ڳالھ سمجھ ۾ اچي ائين اسان وٽ بہ گهڻُو ڪجھ ٿيندو آهي ۽ ان جو آءُ برملا اقرار ڪندي ڪيپايان نہ ٿو اسان وٽ بلخصوص جيڪي اڀورا ذاڪر يا خطيب مجلسن ۾ مصائب پڙهندا آهن اها بيماري انهن ۾ بہ هوندي آهي جيڪا...؟
سو اوهان ٿورو پنهنجي احساسن مان نڪري ڪري ڏسو تہ دنيا ۾ گهڻو ڪُجھ وهي ۽ واپري ٿو ۽ وهيو ۽ واپريو آهي.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

7 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءِ پسند ڪيو آهي.

**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن



> روشن علي رحيمي لکيو آهي: ↑
>
> ممتاز قريشي پنهنجي سرگوشي جي مطلق لکن ٿا
> گذارش
> سائين يقين ڪيو اوهان جي سرگوشي تي اسان وٽ ڪلڻ ڪان سواءِ ڪو جواب ناهي.
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

سائين ممتاز قريشي صاحب ڪلڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪم ئي ڪوٿهي۔ سائين پنهنجي حساب سان سمجهندو آهي ته سندس هن تحرير ڪانپوءِ اڳلا خاموش ٿي ويندا۔ پر جڏهن جواب ٺڪاءُ ڏيندو اٿس ته پوءِ ٻي وَسي ۾ ڪلندو ئي آهي- سندس مخالف ڪيڏا ته سُٺا اٿس جو سدائين ممتاز قريشي صاحب کي ڪلائن ٿا۔ ته ته هميشيه مخالف روئاريندا آهن- پر هي صاحب پوءِ يه ته مڃيندو- ڇو ته هن کي سُتي ۾ اتڪار جو ڏُڪو ملليل آهي-

7 جنوري 2015

3 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**رضوان علي جمالي**
سينيئر رڪن

[IMG]

7 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

سائين روشن علي رحيمي صاحب... اصل ۾ توهان جي جوابن جو انداز خالص عالمانه ۽ بيحد مختصر هجڻ جيڪري اڪثر سمجهڻ ۾ غلطي ٿي ويندي آهي، توهان کي آسان ۽ عام فهم لفظن ۾ پنهنجي مؤقف جو اظهار ڪرڻ گهرجي ته جيئن پڙهندڙن کي شڪ شبها نه ٿين.
ٻي ڳالهه ته مون سميت ڪنهن به دوست کي جيڪڏهن ڪنهن علمي ڳالهه جي خبر نه هجي ته ان کي عيب نه سمجهڻ گهرجي ۽ نه ئي اها ڪا شرمندگي جي ڳالهه آهي.. اسان سڀ هتي پنهنجي پنهنجي ناقص علم کي وڌائڻ لاءِ موجود آهيون.

يقين ڄاڻو مان ان معاملي ۾ واقعي وڏو فراخدل آهيان، جتي به ڪنهن غلطي جي نشاندهي ٿيندي آهي فورن ان بابت وضاحت ڪري ڇڏيندو آهيان. پڙهندڙ کي منهنجن مضمونن ۾ ان جون ثابتيون به آساني سان ملي وينديون.

توهان حضرت بيبي اسماءِ پاران سيده فاطمه جي آخري ڏهاڙن ۾ ڪيل خدمتن کي ايترو سرسري ڪيئن وٺي سگهو ٿا ۽ سمجهائي سگهو ٿا..؟
هڪ طرف توهان دوستن پاران اهو تصور ته نعوذبالله.. محبون ڪريمن کان پوءِ سڀ اصحابي سڳورا (سواءِ چند جي) مرتد، غاصب، لالچي ٿي ويا هئا.... ۽ اهل بيت سڳورن سان هي ظلم ٿيو هو، هو ظلم ٿيو هو، جا واقعا بيان ٿيندا رهندا آهن ۽ ٻئي طرف جڏهن هن قسم جا اهم واقعا جن کي جهٽلائڻ توهان دوستن لاءِ ممڪن نه آهي ته انهن تي فورن عجيب قسم جون تاويلون پيش ٿين ٿيون...!!!

ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام حسين جي گهروارن لاءِ يزيدي فوج پاران پاڻي موڪلڻ جي ڳالهه

ڪي مڪمل سمجهائيندا ته مهرباني ٿيندي ورنه هڪ ڀيرو ٻيهر توهان شڪايت ڪندا ته مون پنهنجي طرفان غلط سمجهيو آهي ۽ توهان دوستن جو نڪته نظر ڪجهه ٻيو هو.

**سيني دوستن کي هڪ عرض..!!**

محترم دوستو... توهان سڀ ڪافي مجلسن وغيره ۾ شريڪ ٿيا هوندؤ، ڇا ڪڏهن ڪنهن دوست ڪنهن مجلس ۾ حضرت بيبي اسماءِ جي انهن خدمتن جي عيوض ۾ ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ جو ڪو ذڪر ٻڌو آهي.....؟ ڇا اهي خدمتون ايترون غير اهم آهن...؟

۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي مجلس هجي ته هن مضمون ۾ ان جو لنڪ ضرور ونڊ ڪجو. مون کي اهڙي مجلس ٻڌي بيحد خوشي ٿيندي.

سائين روشن علي رحيمي صاحب....توهان مذڪوره واقعي جي تاويل ۾ دنيا جي حڪمرانن جي منافقت ۽ سندن پاڻ ۾ مطلبي تعلقات رکڻ جي تشبيح به ڏني آهي...!!! هاڻ مان جيڪڏهن اهو چوندس ته توهان جي ان ڳالهه مان به نه صرف اصحابي سڳورن پر اهل بيت سڳورن جي شان ۾ به گستاخي ظاهر ٿي رهي آهي ته توهان فورن انڪار ڪري ڇڏيندو ته منهنجو علم گهٽ آهي ۽ توهان جو مقصد ته اهو نه هو..!!

مان پڙهندڙن کي عرض ڪندس ته سائين روشن علي رحيمي جي هن مثال تي ٿورو غور ڪن.

> *هي ته چاهين به پيا پر بيبي سلام الله عليها کي جيڪا ضرب لڳي ڇُڪي هئي اها دلي ضرب هئي يا جسماني ان جو پڇتاءُ انهن کي به هوند هو جنهن ڪارڻ هي معافي لاءِ به ويا هيا انهن ان پڇتاءَ کي متائڻ جي لاءِ اهو جناب اسماءِ بنتِ عميس کي اجازت ڏني ته جيئن ڪو حالت جو تدارڪ ٿي سگهي ٻيو ڪو ان ۾ انگريزي*
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

محترم دوستو.. سائين رحيمي صاحب اصحابي سڳورن ۽ اهل بيت سڳورن جي وچ ۾ تعلقات کي اڄ جي دنيا جي حڪمرانن جيان سمجهي رهيا آهن..!! يعني نعوذباالله حضرت ابوبڪر صديق ته دنيا جي مطلب خاطر حضرت بيبي اسماءِ کي سيده فاطمه جي خدمت لاءِ موڪليندا هئا پر خود حضرت علي ڪرم الله وجهه ۽ سيده فاطمه به ڪنهن دنياوي مطلب خاطر سائڻ اسماءِ جون خدمتون قبول ڪيون هيون..!! معاذاالله.

اڳتي سائين روشن علي اهو به لکي ٿو ته...

> *اهي ان وقت جا غاصب هيا امت کي خبر هئي نتيجن اندر ماڻهن ۾ بي چيني به يقين موجود هئي پوءِ هنن ماڻهن کي جهانسو ڏيڻ لاءِ اهڙيون ڪئي ڪوششون ڪيون ته جيئن عام ماڻهن کي تاثر ڏئي سگهن ته معاملات اسان جي وچ ۾ خراب ناهي جيئن هن وقت اوهان تاثر ڏئي رهيا آهيو. بس هاڻي اڳيان وڃي پاڻ به*

مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته مخالف دوست هي ڪهڙي قسم جون تاويلون پيش ڪري رهيا آهن..!!؟؟

**عام ماڻهن جو تاثر..!! دنيا کي جهانسو ڏيڻ لاءِ..!! ۽ سڀ اهو سمجهن ته انهن جا تعلقات خراب نه آهن..!!**

انصاف پسند دوستن کي گذارش آهي ته پاڻ حق ۽ سچ جو فيصلو ڪن، اهي ڳالهيون انهن عظيم هستين جي پسمنظر ۾ ڪيون پيون وڃن جن پنهنجي سڄي ڄمار دين اسلام لاءِ قربان ڪري ڇڏي هئي ، پنهنجا گهر، ٻار، مال ملڪيتون، پنهنجا شهر، ڳوٺ هر هڪ شي ڪان وڌيڪ اسلام کي

اهميت ڏني هئائون..!!
ڀلا اسلام ۾ اهڙي منافقت جي اجازت هئڻ گهرجي..!!؟؟
جن اصحابي سڳورن کي اسان جا مخالف دوست ظالم ۽ دشمن اهل بيت سمجهائيندا آهن، جڏهن انهن جا اهل بيت سڳورن سان مضبوط تعلقات ثبوتن سان پيش ڪجن ٿا ته هن قسم جون تاويلون ڏنيون وڃن ٿيون..!!
ڇا دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ مٽيون مائٽيون به ڪبيون آهن...!!؟؟
ڇا اڄ به ڪو خاندان صرف دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي دشمنن سان مٽيون مائٽيون ڪندو آهي...؟؟؟

اهل بيت سڳورن سان مٽين مائٽين بابت ممڪن آهي ته مان مستقبل ۾ ڪو مفصل مضمون به لکان، بحرحال پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ هن وقت صرف هڪ مشهور روايت جو ذڪر ڪري رهيو آهيان.

حضرت امام جعفر صادق جو هڪ قول آهي ته **"حضرت ابوبڪر مون کي ٻه ڀيرا ڄڻيو آهي."**

ڪافي دوست اهو پڙهي حيرت ۾ پئجي ويندا ته اهو ڪئين ممڪن آهي..!!

اچو تہ ڪجھ تاريخي حقيقتن تي نظر ڦيرايون.
1. عمدتہ الطالب في سب آل طالبہ تاليف جمال الدين احمد بن عتبہ (تاليف 828هجري) مطبوعہ جل المعرفتہ ۽ مڪتبہ التوبہ رياض.
ان جي عبارت ڪجھ هن طرح آهي..

**ابوعبدالله جي اولاد مان حضرت جعفر صادق پيدا ٿيو، ان جي والده ام فروه بنت قاسم (فقيہ) اين محمد بن ابي بڪر آهي، ان جي والده جي جي والده (ناني) حضرت اسماءِ بنت عبدالرحمان بن ابي بڪر آهي. اهو ئي سبب اهي جو حضرت امام جعفر صادق اڪثر اهو چوندو هو تہ حضرت ابوبڪر مون کي ٻہ ڀيرا ڄڻيو آهي ۽ کين عمود الشرف (شرف جو مرڪز) چيو ويندو هو.**

2. ڪشف الغمہ في معرفتہ الآمتہ ، تاليف: ابو الحسن علي بن عيسي بن ابي الفتح مطبوعہ دارلاضوا ، بيروت.
فرمائين ٿا تہ...

**حافظ عبدالعزيز الاحضرت جنابذي فرمايو تہ " ابو عبدالله بن محمد بن علي بن حسين بن علي بن ابي طالب... سندن والده ام فروه هئي، جنهن جو نالو قريبتہ بنت قاسم بن محمد بن ابي بڪر صديق آهي، ۽ ان جي والده حضرت اسماءِ بن عبدالرحمان بن ابي ابڪر صديق هئي. اهو ئي سبب آهي جو حضرت امام جعفر صادق فرمائيندا هئا تہ "بنا ڪنهن شڪ شبهي جي مونکي حضرت ابوبڪر ٻہ ڀيرا ڄڻيو آهي." (2/ 347)**

معلوم هجڻ گهرجي تہ اها ساڳي تفصيل ٻين ڪتابن ۾ بہ بيان ڪيل آهي.

مون کي اها بہ خبر آهي تہ اسان جا مخالف دوست هڪ ڀيرو ٻيهر ان جي اها تاويل ڏيندا تہ مٿي مائٿي ڪا فضيلت واري ڳالھ نہ هوندي آهي يا اسلام ۾ ان جي ڪا گنجائش نہ آهي وغيره وغيره..
پر غور ڪجي تہ حضرت امام جعفر صادق جي هن مشهور قول مان تہ اهو ئي ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ حضرت ابوبڪر صديق سان نسبت بيان ڪري فخر محسوس ڪري رهيا آهن..!!

ڪافي ڏينهن کان پوءِ اڄ ادا رضوان علي جمالي بہ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي، جيتوڻيڪ سندن جوابن کي اڪثر درگذر ئي ڪندو آهيان جو پاڻ ڪا بہ اهم جواب طلب ڳالھ

نہ ڪندا آھن. اڄ پاڻ لکن ٿا تہ...

> ***سائين ممتاز قريشي صاحب ڪلڻ ڪانسواءِ پيو ڪم ئي ڪونھي، سائين پنھنجي حساب سان سمجھندو آھي تہ سندس ھن تحرير ڪانپوءِ اڳلا خاموش ٿي ويندا، پر جڏھن جواب ٺڪاءُ ٿيندو اٿس، تہ ٻوءِ ٻہ وَسي، مٖ ڪلندو ئہ آھي،. سندس مخالف ڪڏا نہ سُٺا اٿس***
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

تعجب جي ڳالھہ آھي تہ ھن مضمون ۾ پڙھندڙن تائين اھم تاريخي حقيقتون پھچي رھيون آھن ۽ اسان جا دوست انھن کي ڪل پو ڳ سمجھي رھيا آھن...!!!
ادا رضوان توھان جي ساڳي ڳالھہ خود توھان دوستن تي ئي ٺھڪي اچي ٿي.
پڙھندڙ ان ڳالھہ جو اندازو لڳائي سگھن ٿا تہ جڏھن بہ مخالف دوستن ان زعم ۾ اعتراضن جي پرمار ڪري خوشي محسوس ڪئي تہ ھاڻ ممتاز قريشي ماٺ ٿي ويندو تہ فورن مدلل تحقيقي جواب حوالن سان سامھون اچي ويندو آھي...!!
اھا حقيقت آھي تہ مخالفن جي انھن مشھور اعتراضن جي جوابن جي تياري ۾ منھنجي ۽ پڻ پڙھندڙن جي ڄاڻ ۾ تمام گھڻو اضافو ٿي رھيو آھي..

مون کي مخالف دوستن کي خاموش ڪرڻ جو ڪو بہ شوق نہ آھي چاڪاڻ جو اھي خاموش ٿي ويندا تہ منھنجو لکڻ بہ بند ٿي ويندو، مان تہ اھو ئي چاھيندو آھيان تہ منھنجي مؤقف جو رد پيش ڪيو وڃي..!!
توھان دوستن جو مون تي ۽ پڙھندڙن تي وڏو ٿورو آھي جو اھڙا ڪوڙا بي بنياد اعتراضات ڪري عام پڙھندڙن تائين اصل حقيقتون پھچائڻ جو ذريعو بڻجي رھيا آھيو...!!

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 7 جنوري 2015

7 جنوري 2015

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب لکيو آهي
ٻي ڳالھ تہ مون سميت ڪنھن بہ دوست کي جيڪڏھن ڪنھن علمي ڳالھ جي خبر نہ ھجي تہ ان کي عيب نہ سمجھڻ گھرجي ۽ نہ ئي اھا ڪا شرمندگي جي ڳالھ آھي.. اسان سڀ ھتي پنھنجي پنھنجي ناقص علم کي وڌائڻ لاءِ موجود آھيون.
سائين گذارش
سائين اسان ڪا شرمندگي واري ڳالھ اوھان يا ڪنھن دوست لاءِ نہ ڪئي آھي اسان ڪنھن تي بہ طنز ناھي ڪيو پر جي اوھان کي ڪو طنز محسوس ٿيو آھي تہ معذرت سائين.
ممتاز قريشي صاحب جن لکيو آھي
ھڪ طرف توھان دوستن پاران اھو تصور تہ نعوذبالله.. محبون ڪريمن کان پوءِ سڀ اصحابي سڳورا (سواءِ چند جي) مرتد، غاصب، لالچي ٿي ويا ھئا.... ۽ اھل بيت سڳورن سان ھي ظلم ٿيو ھو، ھو ظلم ٿيو ھو، جا واقعا بيان ٿيندا رھندا آھن ۽ ٻئي طرف جڏھن ھن قسم جا اھم واقعا جن کي جھٽلائڻ توھان دوستن لاءِ ممڪن نہ آھي تہ انھن تي فورن عجيب قسم جون تاويلون پيش ٿين ٿيون...!!!
ادا اھا ڳالھ اوھان بار دھرائيندا اچو پيا تہ تمام صحابہ سواءِ چند جي سڀ مرتد ٿي ويا اھا ڳالھ اوھان اسان تي مڙھنيدا ٿا اچو اسان ان تي اجان تائين ڪا بحث ناھي ڪئي باقي جيترا اصحابي اوھان سچا قرار ڏيندا يا جيترن جي مدحت اوھان ڪندا آھيو ايترن جي اھلبيت سان محبت اسان بہ ثابت ڪري ڏيکاري سگھون ٿا.

سائين ممتاز قريشي صاحب جن لکيو آھي
انصاف پسند دوستن کي گذارش آھي تہ پاڻ حق ۽ سچ جو فيصلو ڪن، اھي ڳالھيون انھن عظيم ھستين جي پسمنظر ۾ ڪيون پيون وڃن جن پنھنجي سڄي

چمار دين اسلام لاءِ قربان ڪري ڇڏي هئي ، پنهنجا گهر ٻار مال ملڪيتون، پنهنجا شهر ڳوٺ هر هڪ شي ڪان وڌيڪ اسلام کي اهميت ڏني هئائون..!!
ڀلا اسلام ۾ اهڙي منافقت جي اجازت هئڻ گهرجي..!!؟؟
جن اصحابي سڳورن کي اسان جا مخالف دوست ظالم ۽ دشمن اهل بيت سمجهائيندا آهن، جڏهن انهن جا اهل بيت سڳورن سان مضبوط تعلقات ثبوتن سان پيش ڪجن ٿا ته هن قسم جون تاويلون ڏنيون وڃن ٿيون..!!
ڇا دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ مٺيون مائٽيون ٻه ڪبيون آهن...!!؟؟
ڇا اڄ ٻه ڪو خاندان صرف دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي دشمنن سان مٺيون مائٽيون ڪندو آهي...؟؟؟

.

سائين جن کي گذارش

سائين شيطان فعال آهي غيرِ فعال ناهي. سنتِ الاهي هميشه هڪ جهڙي رهي آهي لازم ناهي ته اوهان يا اسان جيئن اڄ آهيون سياڻي ٻه ائين ئي هوندا سين. قرآن پڻ گواه آهي ته هڪڙا آئمه اهي آهن جيڪي باه جي طرف سڏي رهيا آهن ۽ ٻيا آئمه اهي آهن جيڪي هدايت جي طرف سڏي رهيا آهن، يا اهو پڻ پهريان الله جي ولايت جو پوءِ شيطان يا الله جي عدو جي ولايت جو
جن الله کي ولي بڻايو ته الله انهن کي انڌيري (ظلمات) مان ڪڍي نور ۾ داخل ڪيو ۽ جن طاغوت کي ولي بڻايو ته طاغوت انهن کي نور مان ڪڍي انڌيري(ظلمات) ۾ داخل ڪيو.
ان ۾ ڪا اچرج جي ڳالهه ناهي امتن جون امتون گم ڪرده راه ٿي ويون پوءِ هتي جي گهٽائي جي گمراهي جا اسان قائل آهيون جنهن جا ثبوت ٻه پيش ڪندا پيا اچون ليڪن اوهان بار بار اهو ڪيئن؟؟؟ اهو ممڪن ناهي!!! جهڙيون ڳالهيون

لکي ڪري اصحابن متعلق حُسنِ ظن ٿا رکو. سائين ڪو انسان ڪنهن وقت ڪنهن جي جهانسي ۾ اچي وڃي. ڪنهن متعلق ايترو ڀلو رهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي هتي اوهان ڏسو اڄ ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي حق سچ جا سمجهندي ٻه پرگهور لهڻ وارا آهن باقي ان وقت سڀ وڏيون هستيون هيون اهو اوهان جو خيال ٿي سگهي ٿو

ائين هو نہ.
ان وقت اهڙين هستين جي هوندي يزيد جهڙو شخص برسري قتدار اچي ويو ان جو رستو نہ روڪي سگهيا تہ ان کان سٺ سال پهريان بہ حق غضب ٿيندي سيني ڏٺو پئي ليڪن حڪمرانن جي خلاف ڪير اٿڻ جي جرئت نہ پيو ڪري ڪجهہ مصلحتن خاموش رهيا تہ جيئن هميشہ اسلام جو شيرازو نہ بکري وڃي تہ ڪي خوف کان خاموش رهيا. جنگِ احد ۾ ڇا ٿيو؟؟؟ جڏهن درو ڇڏيو ويو تہ جيڪا تباهي متي هئي اها تہ متي ئي هئي پر ان دري ڇڏڻ کان پوءِ جيڪا سڀ کان وڏي تباهي متي هئي ان جو ڪارڻ ان وقت جي مسلمانن جي غيرذميداري هئي ڇمي نہ سگهيا. سو سائين رسول سائين جن جي هوندي اهڙيون حالتون هونديون هيون جو پاڻ صلعم جي هوندي پاڻ صلعم کي ڇڏي ڀڄي ويندا هيا مونکي انهن مان ڪنهن تي اعتراض ناهي اهو بہ اوهان کي ٻڌايان فدڪ کان وڌو نقصان امت کي نظام جو صحيح نہ رهي سگهڻ تي اعتراض آهي جنهن جي سزا اڄ تائين بطور امت اسان ڀوڳي رهيا آهيون ۽ هي امت ڇو نہ رهي سگهي؟؟؟ يا اها حڪومت يا اهو نظام ڇو نہ رهي سگهيو؟؟؟ اسان اهو سمجهون ٿا تہ ان جو ثواب ضرور انهن ماڻهن ڏي منتقل ٿيندو هوندو جيڪي ان جا قصور وار آهن.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

8 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.



**ابو جواد**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

> *آسان لفظن ۾ حضرت ابوبڪر صديق جي گهرواري بيبي اسماءِ جي فضيلت جا قائل ٿيندڙ اسان جا مخالف دوست بضد آهن ته حضرت بيبي اسماءِ پنهنجي گهرواري حضرت ابوبڪر صديق جي مرضيءَ علم ۽ اجازت کانسواءِ گهر مان ٻاهر نڪري حضرت علي ڪرم الله وجه جي گهر روزانو ڪئين ڀيرا ويندي هئي ته جيئن*

ادا قريشي صاحب مون به هن مضمون جو چڱي ريت مطالعو ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ اسان جي دوستن اهڙي قسم جو ڪو به ضد نه ڪيو آهي ته بيبي اسماء بنت عميس پنهنجي مڙس جي مرضيءَ علم يا اجازت کان سواءِ ٻاهر نڪري ويندي هئي. اگر وري به انهن جو اهڙو جملو اواهان کي ڪٿي لکيل نظر اچي ته مهرباني ڪري ان کي اقتباس ۾ ذڪر ڪندا.

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*اسلام ۾ متي مائٽي جي اهميت نہ هوندي بہ خود الله عزوجل محبوبن ڪريمن جي خاندان جي هر هڪ فرد کي سيني انسانن کان وڌيڪ باعث عزت ۽ باعث احترام بڻايو آهي...!!!*

ادا سائين منهنجي خيال ۾ اوهان جا هي جملا خود قرآن جي خلاف آهن اسان کي تہ قرآن ۾ هڪ سورت بہ ملي ٿي. جنهن ۾ ابو لهب جي سخت مذمت ڪئي وئي آهي. اوهان کي صرف اهو عرض آهي تہ اوهان ٻڌايو ابو لهب جو پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسم سان ڪهڙو رشتو ۽ تعلق هئو؟؟؟ الله سائين پنهنجي محبوب جي خاندان جي هر فرد کي نہ بلڪ صرف انهن فردن کي جيڪي سندس محبوب ڪريم جي اطاعت ۾ سڀ کان وڌيڪ اڳيرا هئا انهن کي اهو مقام عطا ڪيو آهي. ۽ اسان سيني کي چاڻ آهي تہ اهل بيت اطهار عليهم السلام کي اهو مقام پنهنجي ذاتي ڪمالات جي بنياد تي مليو آهي. نہ پيغمبر اڪرم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي متي مائٽي جي بنياد تي. ۽ خود اهو موضوع هڪ تفصيلي مقالي جو محتاج آهي

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*جڏهن الله پاڪ جي ذات بابرڪات ازواج مطهرات (نبي پاڪ جي گهروارين) جي شان قران پاڪ ۾ بيان ڪئي آهي تہ اسان ڪير ٿيندا آهيون انهن متين مائٽين جي فضيلت جو انڪار ڪرڻ وارا...!!؟؟*

ازواج مطهرات جي شان بہ ڪلي آهي ۽ ان عنوان سان نہ آهي تہ اهي نبي جون گهرواريون آهن. اسان کي تہ قرآن جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ ڪجهہ نبين جون گهر واريون غير صالح هيون. انهن کي تہ نبين جي صحبت بہ صالح ۽ نيڪ نہ بڻائي سگهي. سو ادا نبي سائين جي گهر وارين جو بہ شان انهن جي نبي سائين جي اطاعت جي نسبت آهي جيڪا گهرواري سندن وڌيڪ مطيع هوندي ان کي اهو ئي مقام عطا ڪيو ويندو. قرآن تہ نبي سائين جي ڪجهہ گهروارين جي انهن جي ڪجهہ عملن سبب مذمت ڪئي آهي. تہ پوءِ

ڇا اڪيون بند ڪري انهن جي فضيلت جا قائل ٿيون تہ اهي نبي سائين جون گهر واريون هيون. اوهان جي متئين ڳالهہ قرآن جي پيغام سان هڪجهڙائي نہ ٿي رکي.

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*پڇي ڳالھ تہ مون سميت ڪنھن بہ دوست ڪي جيڪڏھن ڪنھن علمي ڳالھ جي خبر نہ هجي تہ ان ڪي عيب نہ سمجھڻ گھرجي ۽ نہ ئي اھا ڪا شرمندگي جي ڳالھ آهي.. اسان سڀ هتي پنھنجي پنھنجي ناقص علم ڪي وڌائڻ لاءِ موجود آهيون.*

مڪمل اقتباس ڏسو...

ادا اسان اوهان جي ان ڳالھ ڪي ساراهيون ٿا هجڻ بہ ائين گھرجي ڪنھن ڳالھ جو علم نہ هجڻ برو نہ آهي. برو اهو آهي تہ علم نہ هوندي بہ ماڻھو پنھنجيون اجايون ۽ باطل تشريحون ڪري پين عام ۽ سادن ماڻھن ڪي الجھائڻ ۽ گمراھ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*هڪ طرف توهان دوستن پاران اهو تصور ته نعوذبالله.. محبون ڪريمن کان پوءِ سڀ اصحابي سڳورا (سواءِ چند جي) مرتد، غاصب، لالچي ٿي ويا هئا....*

ادا اسان ڪڏهن به اهو تصور اختيار نه ڪيو آهي ۽ نه ئي اسان جو اهڙو عقيدو آهي. اسان اڪثر اصحاب کي نيڪ، ڀلو ۽ وڏي مرتبي وارو ڄاڻيندا آهيون. اگر ڪنهن کي برو به سمجهندا آهيون ته اهو ان جي برن ۽ بڇڙن عملن سبب ۽ حق جي رستي کان ٿڙي گمراهن جي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ سبب. رسول خدا پنهنجي زندگي مبارڪ ۾ ئي اهو ارشاد فرمائي: الحق مع علي و علي مع الحق، سيني صحابين ۽ قيامت تائين ايندڙ مسلمانن لاءِ اهڙي گائيڊ لائين معين ڪري ڇڏي جنهن تي هلڻ وارو ڪڏهن به حق کان جدا ٿي گمراه نه ٿو ٿي سگهي پوءِ ڪجهه اصحاب جي اها بدبختي هئي جو انهن علي جهڙي رهبر ۽ هادي کان منهن موڙيو ۽ دنيا ۽ آخرت جي خواري کي خريد ڪيو. باقي ڪجهه اصحاب جي جيڪو مرتد، غاصب ۽ دين کان دور هجڻ کي بيان ڪيو ويو آهي اهي روايتون شيعه سني ٻنهي ڪتابن ۾ موجود آهن. تنهن ڪري اوهان کي اهو حق ناهي ته اوهان بار بار هڪ مخصوص طبقي تي اهي تهمتون هٽي ٻئي کي آجو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريو.

ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑

*محترم دوستو... توهان سڀ ڪافي مجلسن وغيره ۾ شريڪ ٿيا هوندؤ، ڇا ڪڏهن ڪنهن دوست ڪنهن مجلس ۾ حضرت بيبي اسماءِ جي انهن خدمتن جي عيوض ۾ ڪيس خراج تحسين پيش ڪرڻ جو ڪو ذڪر ٻڌو آهي.....؟ ڇا اهي خدمتون ايترون غير اهم آهن...؟*

جي ادا هڪ ته هر مجلس رڪارڊ ناهي ٿيندي، ٻيو اهو ته هر رڪارڊ ٿيل مجلس کي انٽرنيٽ تي اپلوڊ ناهي ڪيو ويندو، باقي رهي ڳالهه بيبي جي اسماء بنت عميس جي خدمتن جي ته اوهان جي خدمت ۾ عرض آهي ته ان بيبي جون خدمتون حقيقت ۾ به ڪي معمولي نه هيون. ۽ اسان جي مجلسن ۾ بيبي جي خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ويندو آهي. ڪو به شيعه بيبي جي عظمت ۽ سندس سندس مرتبي جو

منڪر ناهي

> **ممتاز قريشي لکيو آهي: ↑**
>
> *ڇا دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ مٽيون مائٽيون به ڪبيون آهن...!!؟؟*
> *ڇا اڄ به ڪو خاندان صرف دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي دشمنن سان مٽيون مائٽيون ڪندو آهي...؟؟؟*

ادا بلڪل به دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ مٽيون مائٽيون ڪبيون آهن ۽ تاريخ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي مٽيون درج آهن اسان صرف هڪ مٽي کي شاهد طور پيش ڪري رهيا آهيون جيڪا بني عباس جي حڪمران مامون رشيد ڪئي هئي. جڏهن مامون رشيد پنهنجي سڳي ڀاءُ امين رشيد کي حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ قتل ڪري تاج ۽ تخت جو وارث بڻيو ته ڪيئي عرب قبيلا سندس دشمن بڻجي ويا ۽ انهن عربن مان جيڪي سادات هئا انهن وٽ امام علي بن موسي رضا عليہ السلام جي شخصيت هڪ محبوب شخصيت رهي آهي تنهن ڪري بني عباس جي ان حڪمران امام علي رضا عليہ السلام سان پنهنجي ڌي جو نڪاح ڪرايو ته جيئن انهن سادات جون همدرديون حاصل ڪري سگهي. اهو ئي مامون رشيد بعد ۾ امام رضا عليہ السلام جهڙي خدا جي محبوب جي محبوب ٻچڙي جي قتل جو سبب بڻيو. اگر تاريخ جو مطالعو ڪجي ته اهڙا ڪوڙ مثال ملي ويندا جتي نه چاهيندي به سياسي مفادن خاطر پنهنجيون نياٽيون مخالفن سان پرڻايون ويون

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 8 جنوري 2015

8 جنوري 2015

7 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.



**Naqash Akhtar**
نئون رڪن

روشن علي رحيمي ته صرف ضد ڪري رهيو آهي، باقي دليلن سان جواب ته نه ٿو ڏئي . سائين رحيمي صاحب ! جذباتي ٿيڻ کان بهتر آهي ته علمي گفتگو ڪجي ...........

محبت ۽ نفرت دل جون اندروني ڪيفيتون آهن، ان جي پرک توهان جو ڪم ناهي . اهل تشيع جا دوست اسان تي بغض اهل بيت جو الزام هڻي پنهنجي موقف کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن .........

10 جنوري 2015

2 ڄڻن هيء پسند ڪيو آهي.



**ممتاز قريشي**
سينيئر رڪن

سرگوشي: معذرت

محترم دوستو... فدڪ جي هن مضمون ۾ اسان فدڪ جي عطا ڪرڻ بابت بحث ڪري رهيا هئاسين ته حضرت سيده فاطمه جي حضرت ابوبڪر صديق سان ناراضگي ڏانهن ڳالھ منتقل ٿي وئي هئي. مون حضرت ابوبڪر صديق جي سيده فاطمه سانِ ناراضگي جي رد ۾ ڪجھ اهم واقعن جو ذڪر ڪيو ته دوستن ان جون جيڪي تاويلون ڏنيون اُهي به پڙهندڙن آڏو آهن.
الحمدالله. ٻنهي نڪته نظر جو مؤقف ادب ۽ اخلاق ۽ قربائتي انداز سان بخوبي پيش ٿي رهيو آهي.

سائين روشن علي رحيمي صاحب لکي ٿو ته....

**ادا اها ڳالھ اوهان بار دهرائيندا اچو پيا ته تمام صحابہ سواءِ چند جي سڀ مرتد ٿي ويا اها ڳالھ اوهان اسان تي مڙهنيدا ٿا اچو اسان ان تي اجان تائين ڪا بحث ناهي ڪئي باقي جيترا اصحابي اوهان سچا قرار ڏيندا يا جيترن جي مدحت اوهان ڪندا آهيو ايترن جي محبت اهلبيت سان اسان به ثابت ڪري ڏيکاري سگھون ٿا.**

سائين روشن علي رحيمي صاحب... اها ڳالھ مان بار بار انڪري دهرائيندو آهيان جو اها ئي ڳالھ ته اصل اختلاف جي بنياد آهي. جيڪڏهن توهان محبوبن ڪريمن ڪان پوءِ سيني اصحابي سڳورن جو ايمان تي ثابت قدم رهڻ قبول ڪندؤ ته پوءِ اسان جو توهان سان ڪو اختلاف ئي نه رهندو.
آسان لفظن ۾ توهان کي اهو قبول ڪرڻو پوندو ته رسول پاڪ ڪان پوءِ سڀ اصحابي سڳورا سچا مؤمن ۽ ايمان تي ثابت قدم رهيا هئا. سواءِ چند جي جيڪي مرتد ٿي ويا ۽ زڪوات نه ڏيڻ جو اعلان ڪيائون ۽ جن سان بعد ۾ حضرت ابوبڪر صديق جهاد ڪري انهي فتني جو مڪمل خاتمو ڪري ڇڏيو هو.
هي هڪ اهڙو حق وارو مؤقف آهي جنهن سان ڪنهن جي به شان مجروح نه ٿي ٿئي، نه محبوبن ڪريم جي تبليغ تي سواليه نشان لڳن ٿا، نه قران پاڪ تي، نه حديثن تي ۽ نه ئي اهل بيت سڳورن

جي شان ۾ ڪا گستاخي ٿيڻ جو احتمال ٿئي ٿو.

حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن ڪان پوءِ جيڪي به مرتد ٿي ويا هئا ۽ جن جو قرآن ۾ يا حديثن ۾ اڻ سڌي طرح ذڪر به آهي انهن جي آڙ وٺي توهان جيڪو سيني اصحابي سڳورن کي دين اسلام مان خارج ڪرڻ جو نڪته نظر رکندا آهيو اهو ئي ته اصل اعتراض آهي. هن باطل

نظريي جا خالق دشمن اسلام هئا.
توهان خود سوچيو جنهن نبي جا سڀ اصحابي سندن رحلت کان پوءِ سندس سيڪيولر تعليمات کان ڦري ويا هجن اهو دين قيامت تائين ڪيئن محفوظ ۽ سلامت رهي سگهي ٿو...!!!؟؟
اهڙو دين جيڪو الله رب العزت سڄي دنيا جي انسان ذات لاءِ چونڊيو ان دين جا پهريان راوي ان نبي جا اصحابي سڀ مشڪوڪ (سواءِ چند جي) ..!!
توهان جي مسلڪ ڪي ڏسجي ٿو ته ان ۾ به انهن اولين رواين (اصحابي سڳورن) جي حوالي سان نبي پاڪ جا فرمان نه هئڻ برابر آهن مطلب ته نبي پاڪ جو دين ته دنيا تائين پهتو ئي نه...!!! ڇا الله پاڪ (نعوذباالله) پنهنجي ارادي ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو...!!؟؟
توهان دوستن جي ئي نڪته نظر ڪي درست سمجهون ته پوءِ اڄ اسان وٽ موجود دين اسلام ته حضرت امام جعفر صادق جي تعليمات مطابق ٻڌجي وڃي ٿو، جيتوڻيڪ حضرت امام جعفر صادق ته ڪڏهن به ان دين جي تبليغ به نه ڪئي هئي...!! ڇا اهو ممڪن آهي ته خود وقت جو امام صرف پنهنجن ڪجهه مخصوص ساٿين کي دين اسلام جي تعليمات سان نوازيندو رهيو ۽ عام عوام ان فيض کان محروم ئي رهجي وئي ۽ گمراهي ۾ مرندي رهي..!!؟؟
وري جڏهن توهان جي مسلڪ جي انهن اهم راوين تي نظر ڦيرايون ٿا جن کان امام سڳورن جون روايتون منتقل ٿيل آهن ته انهن جي حقيقت به ظاهر ٿي وڃي ٿي. اهي راوي ته خود توهان جي ڪتابن موجب قابل اعتبار نه هئا....!!

هاڻ توهان پاڻ حق ۽ سچ جو فيصلو ڪري اسان کي اهو ٻڌايو ته نبي پاڪ جا سڀ اصحابي سڳورا (سواءِ چند جي) مرتد ٿي چڪا هئا ( يعني انهن جي ذريعي سان ملندڙ قرآن پاڪ ۽ حديثون وغيره سڀ مشڪوڪ) ، حضرت امام جعفر صادق جي تعليمات به صرف مخصوص ڪجهه ساٿين تائين محدود..!! پوءِ هي ڪهڙو دين اسلام آهي جيڪو قيامت تائين درست حالت ۾ دنيا ۾ موجود رهڻو هو..!!!
يلا اسلام ۾ گذريل سيني مذهبن ۾ ڪهڙو فرق رهيو..!!؟؟
جيئن ٻين مذهبن ۾ تحريفون ٿي ويون ساڳي نموني جون تحريفن جا توهان به قائل آهيو، پوءِ مسلمان ٿيڻ ڪهڙي فخر جي ڳالهه ٿيندي..!!؟؟

توهان جي نڪته نظر کي تسليم ڪندي ڪنهن غير مسلم کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ چونداسين ته هو فورن اهو ئي چوندو ته اصل آسماني ڪتاب اسان وٽ موجود نه آهي پر توهان وٽ وري ڪهڙو اصل آسماني ڪتاب موجود آهي ..!!؟؟ هو ته اهو به چوڻ ۾ حق بجانب هوندو ته توهان جي نبي ڏينهن رات جيڪا تبليغ ڪئي هئي اها ڪهڙي ڪامياب ٿي هئي جو توهان آيا آهيو تبليغ ڪرڻ وارا...!!؟؟
ڇا اسلام جو اهو تصور الله پاڪ کي مقصود هو جيڪو توهان دنيا آڏو پيش ڪندا آهيو...!!؟؟

توهان اهو بہ لکيو آهي تہ..

**جيترا اصحابي اوهان سچا قرار ڏيندا يا جيترن جي مدحت اوهان ڪندا آهيو ايترن جي محبت اهلبيت سان اسان بہ ثابت ڪري ڏيکاري سگهون ٿا.**

سائين روشن علي صاحب.....اصحابي سڳورن جو اهل بيت سڳورن سان پيار ۽ محبت وارو تعلق هجڻ هڪ نہ جهٽلائيندڙ حقيقت آهي. اصحابي سڳورن جي محبت اهل بيت تہ اسان ثابت ڪندا آهيون. توهان شايد لکڻ ۾ غلطي ڪري ويا آهيو، توهان ڪي تہ اصحابي سڳورن جي اهل بيت سڳورن سان دشمني ثابت ڪري ڏيکارڻي آهي، اسان جو پاڻ ۾ اختلاف بہ ان تي ئي آهي.

توهان اڳتي فلسفيانہ انداز سان پنهنجي مؤقف جو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آخر ۾ اچي يزيد جو ذڪر ڪري اهو ثابت پيا ڪريو تہ شروع کان ئي اسلام جو نظام خراب هو.
محترم دوستو.. سائين روشن علي رحيمي صاحب جي هن اقتباس تي غور ڪريو.

**ان وقت اهڙين هستين جي هوندي يزيد جهڙو شخص برسري قتدار اچي ويو ان جو رستو نہ روڪي سگهيا تہ ان کان سٺ سال پهريان بہ حق غضب ٿيندي سيني ڏٺو پئي ليڪن حڪمرانن جي خلاف ڪير اٿڻ جي جرئت نہ پيو ڪري ڪجھ مصلحتن خاموش رهيا تہ جيئن هميشہ اسلام جو شيرازو نہ بکري وڃي تہ ڪي خوف کان خاموش رهيا.**

يزيد ملعون جي ڪيل گناهن جي سزا توهان گذريل سيني خليفن کي ڪيئن ٿا ڏئي سگهو..؟ ڇا توهان جي نزديڪ اهو ئي انصاف آهي..؟

60 سال پهرين حق غضب ٿين ها تہ ان وقت موجود اهل بيت سڳورن خاص طور تي حضرت علي ڪرم الله وجهہ لاءِ خاموش رهڻ ڪيئن ممڪن هو، پلا اها دين اسلام جي ڪهڙي خدمت هئي تہ شروعات ۾ ئي مرتد جي خلافت تي خاموش ويهي رهجي....!!! مطلب تہ قيامت تائين ڪير بہ وقت جي خليفي جي مخالفت ئي نہ ڪري....!؟؟ ڇا اها ئي اسلام جي تعليم آهي..؟؟ پلا ائين هجي ها تہ حضرت امام حسين يزيد ملعون سان جنگ ڇو ڪئي هئي....!!؟

ياد رهي تہ حضرت علي ڪرم وجهہ پهريئن ٽن خليفن جي نہ صرف بيعت ڪئي هئي بلڪ سيني خيلفن جو ساٿ بہ ڏنائون ۽ سندن مددگار بہ رهيا هئا.

مون کي افسوس ٿيندو آهي تہ اسان جا مخالف دوست پنهنجن باطل نظرين جي دفاع ۾ اهل بيت

سڳورن لاءِ اهڙيون تاويلون ڪرڻ تي مجبور ٿيندا آهن جيڪي سندن شايان شان نہ هونديون آهن. مان انهن تاويلن تي ڪئين پيرا لکي چڪو آهيان خبر ناهي انهن جو ضمير اهڙيون تاويلون ڪيئن قبول ڪندو آهي.
اسلام جو ان کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو نقصان ٿيندو جڏهن خلافت تي هڪ نااهل ماڻهو براجمان ٿي وڃي ۽ اسلام جون بلند پايہ شخصيتون موجود ہ هجن پر سندس مخالفت ڪرڻ بدران ان جي خلافت جو پورو پورو ساٿ ڏين..!! سندس بيعت ہ ڪن، سندس پُٺيان نمازون ہ پڙهن..!! ڇا اها اسلام جي خدمت سمجهبي..؟ ڇا اسلام کي ان ريت بچائبو آهي....!!؟

سندن باطل نظرين جي اصليت تہ حضرت علي ڪرم الله وجہ جي خلافت ۾ ئي ظاهر ٿي وڃي ٿي، جڏهن گذريل ٽنهي خليفن جي فيصلن کي جاري ۽ ساري رکيو ويو..!!! ڀلا مرتد ٿيل خليفن جا فيصلا ہ قبول ڪبا آهن ڇا...؟؟ نہ صرف قبول ڪيا ويا پر برقرار ہ رکيا ويا..!! ٻيو نہ پنهنجي خلافت دوران تہ اهو ممڪن ئي نہ هو..!!!
اسان جا مخالف دوست گهٽ ۾ گهٽ ايترو تہ سوچين تہ اصحابي سڳورن تي جيڪي ہ الزام تراشيون مثلن حق غضب ڪرڻ وغيره لڳائيندا آهن. جيڪڏهن اهي درست هجن ها تہ پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ پاران پنهنجي خلافت جي چار سالن دوارن انهن جي سدباد لاءِ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪوششون ڪرڻ گهرجن ها...!!

(اڳتي ادا ابوجواد جي جواب تي ہ وضاحت لکندس.انشاالله)

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 10 جنوري 2015

10 جنوري 2015

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

Naqash Akhtar لکيو آهي: ↑

> روشن علي رحيمي تہ صرف ضد ڪري رهيو آهي، باقي دليلن سان جواب تہ نہ تو ڏئي . سائين رحيمي صاحب ! جذباتي ٿيڻ کان بهتر آهي تہ علمي گفتگو ڪجي ...........
>
> مڪمل اقتباس ڏسو...

ادا ضد اسان نہ ڪري رهيا آهيون اوهان کي پنهنجي هٺ ڌرمي جو جواب ضد لڳي رهيو آهي اسان اها حقيقت پيش ڪري رهيا آهيون جيڪا اوهان جي منشا جي مطابق ناهي جنهن کي اوهان ضد سمجهي رهيا آهيو. سائين اسان بغض اهلبيت جو الزام نہ پر فطرتي موقف پيش ڪري رهيا آهيون ليڪن اوهان ڪنهن ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهيو تہ ڇا ڪجي؟؟؟
ادا جذباتي ٿيڻ جي اسان کي ضرورت ناهي اسان جي احساسات کي اوهان جذ بات جو نالو ڏئي رهيا آهيو اها اوهان جي مرضي آهي.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

10 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

روشن علي رحيمي
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب جن فرمائين ٿا
سائين روشن علي رحيمي صاحب... اها ڳالهه مان بار بار انڪري دهرائيندو آهيان جو اها ئي ڳالهه ته اصل اختلاف جي بنياد آهي. جيڪڏهن توهان محبوبن ڪريمن کان پوءِ سڀني اصحابي سڳورن جو ايمان تي ثابت قدم رهڻ قبول ڪندؤ ته پوءِ اسان جو توهان سان ڪو اختلاف ئي نه رهندو.
آسان لفظن ۾ توهان کي اهو قبول ڪرڻو پوندو ته رسول پاڪ کان پوءِ سڀ اصحابي سڳورا سچا مؤمن ۽ ايمان تي ثابت قدم رهيا هئا. سواءِ چند جي جيڪي مرتد ٿي ويا ۽ زڪوات نه ڏيڻ جو اعلان ڪيائون ۽ جن سان بعد ۾ حضرت ابوبڪر صديق جهاد ڪري انهي فتني جو مڪمل خاتمو ڪري ڇڏيو هو.
هي هڪ اهڙو حق وارو مؤقف آهي جنهن سان ڪنهن جي به شان مجروح نه ٿي

ٿئي، نه محبوبن ڪريم جي تبليغ تي سواليه نشان لڳن ٿا، نه قران پاڪ تي، نه حديثن تي ۽ نه ئي اهل بيت سڳورن جي شان ۾ ڪا گستاخي ٿيڻ جو احتمال ٿئي ٿو.
ادا اسان کي اهو سڀ مڃڻ ۾ ڪا قباحت نه ٿئي ها جي اها حقيقت هجي ها.
پهرئين ڳالهه ته ان وقت ئي ڪيترن ماڻهن ابوبڪر جي خلافت کي ناجائز ٿي سمجهيو جنهن ڪري انهن ماڻهن زڪوات حڪومت کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو.
ڇا اهي صحابه زڪوات جا ناڪاري هيا يا ان وقت جي نظام جا انڪاري هيا؟؟؟
اوهان کي پڻ انساني احساسات جي بهتر خبر هوندي ان لاءِ جو اوهان ڊاڪٽر آهيو ڪيتريون ته اهڙيون حقيقتون هونديون آهن جيڪي حڪومتن خلاف عام ماڻهو پنهنجي چپن تي ناهن آڻيندا. ليڪن جڏهن اها ڳالهه زبانزد عام هوندي آهي ته ڪجهه اهڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي ان جو برملا اظهار ڪندا آهن. هاڻي اوهان پاڻ سوچيو ته ان وقت اها عوام ۾ ڪيتري فرسٽريشن هئي جيڪي هن خلافت کي غلط سمجهي رهيا هيا انهن هن نظام کي غاصب سمجهيو ٿي ان ۾ ڪو شڪ نه

هو.
هاڻي اوهان جو پنهنجو موقف ڪمزور ٿي ويندو جيڪو هتراڊو ۽ جڙتو حديثن تي مبني آهي ته منهنجي اصحابن جي مثال ستارن مانند آهي جنهنجي جي بہ اقتداء ڪندو تہ ڪامياب ٿي ويندو.
چا جن ان نظام خلاف بغاوت جو علم بُلند ڪيو هو اهي صحابي نہ هيا؟ يقين ان لاءِ تہ اوهان پنهنجي ڪتابن ۾ لکي آيا آهيو تہ اهي مرتد ٿي ويا هيا" ان ڪري جو انهن حق جي غاصب کي ئي غاصب چيو هو جيڪو اڄ تائين بہ حڪومتي چرخن جو سلسلو هلندو پيو اچي .
ٻي ڳالهه ادا جي گهٽائي دين تي قائم رهي ها تہ يزيد جهڙي حڪمران جي راهه هموار نہ ٿئي ها جو يزيد جهڙو ذليل ۽ پليد شخص ان خلافت جي ڪک مان نڪتو سو هي نظام ئي غلط هو جنهن جي ڪُک مان يزيد جهڙي حرام خور جي ولادت ٿي.

ممتاز قريشي لکي ٿو:
يزيد ملعون جي ڪيل گناهن جي سزا توهان گذريل سيني خليفن کي ڪيئن ٿا ڏئي سگهو..؟ چا توهان جي نزديڪ اهو ئي انصاف آهي..؟

ادا اسان جو انصاف نہ بلڪ اها حقيقت آهي تہ يزيد ان نظام جي ڪُک جي پيداوار آهي.

سال پهرين حق غضب ٿين ها تہ ان وقت موجود اهل بيت سڳورن خاص طور تي حضرت علي ڪرم الله وجهه لاءِ خاموش رهڻ ڪيئن ممڪن هو، ڀلا اها دين اسلام جي ڪهڙي خدمت هئي تہ شروعات ۾ ئي مرتد جي خلافت تي خاموش ويهي رهجي...!!! مطلب تہ قيامت تائين ڪير بہ وقت جي خليفي جي مخالفت ئي نہ ڪري....!؟؟ چا اها ئي اسلام جي تعليم آهي..؟؟ ڀلا ائين هجي ها تہ حضرت امام حسين يزيد ملعون سان جنگ چو ڪئي هئي....!!؟

اهو ان لاءِ ضروري هو تہ جيئن هميشہ لاءِ ضلالت دين کان جُدا ٿي وڃي ان جو قلعو قمع ٿي وڃي حضرت

علي عليہ السلام جي خاموشي هجي يا امام حسن عليہ السلام جو صلح هجي ادا اهو ان ڪري ئي هيو تہ هي غاصبي چهري طور نظام امت اڳيان سامهون اچي وڃن سپاٽي انهن ڪي دنيا دين سمجهي ويهي انهن جو دنيا اڳيان اچڻ بہ ضروري هو.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

10 جنوري 2015

4 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

---

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب لکيو آهي
سندن باطل نظرين جي اصليت تہ حضرت علي ڪرم الله وجہ جي خلافت ۾ ئي ظاهر ٿي وڃي ٿي، جڏهن گذريل ٽنهي خليفن جي فيصلن کي جاري ۽ ساري رکيو ويو..!!! ڀلا مرتد ٿيل خليفن جا فيصلا بہ قبول ڪبا آهن ڇا...؟؟ نہ صرف قبول ڪيا ويا پر برقرار بہ رکيا ويا..!! ڀيو نہ پنهنجي خلافت دوران تہ اهو ممڪن ئي نہ هو..!!!
گذارش
ادا معاويہ جي معطلي تہ علي عليہ السلام ڪئي هئي. ان کي گونر ڪنهن بڻايو هو؟؟؟
هي امت اڳيان سمبل هو تہ جيڪا ضلالت امت کي وڪوڙي چُڪي هئي ان ڪان پوءِ سڀ صحابي سڳورا ملڪ فتح ڪندا رهيا پر مولا علي عليہ اسلام انهن اصلاحن ۾ زندگي گذاري ڇڏي .

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

10 جنوري 2015

4 ڄڻن هيءُ پسند ڪيو آهي.

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)





Forum software by XenForo™
Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse.
قانون ۽ قائدا

# فدڪ



**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

ممتاز قريشي صاحب جن لکن ٿا
اسان جا مخالف دوست گهڻ ۾ گهڻ ايترو ته سوچين ته اصحابي سڳورن تي جيڪي به الزام تراشيون مثلن حق غضب ڪرڻ وغيره لڳائيندا آهن. جيڪڏهن اهي درست هجن ها ته پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهه ياران پنهنجي خلافت جي چار سالن دوارن انهن جي سدباد لاءِ ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڪوشش ڪرڻ گهرجن ها...!!

گذارش
ادا مولا علي عليہ السلام جي سڄي زندگي انهن فتنن جي نظر ٿي وئي جيڪي اڳيان خليفا امت ۾ جوڙي ويا هيا اجان پيو ڪيئن سدِ باب ڪن ها ؟
مولا علي عليہ السلام انهن اصلاحات ۾ ئي پنهنجو وقت ڏنو اجا اصلاحات ڪي ياءُ ڪي سنگ ٿيندا آهن ؟
انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

10 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

**روشن علي رحيمي**
سينيئر رڪن

نقاش اخر صاحب جن لکيو آهي
روشن علي رحيمي ته صرف ضد ڪري رهيو آهي، باقي دليلن سان جواب ته نه ٿو ڏئي .
گذارش
ادا اسان صرف اوهان جي تاويلن جا جواب ڏيندا پيا اچون. باقي رهيو اوهان کي ثبوتن سان جواب سو اسان اوهان کي هن فورم تي گذارش ڪري آيا آهيون ته جيسيتائين ڪو پينل نه جوڙيو ويندو تيسيتائين اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ آءُ ڪو اهڙو جواب نه ڏيندس. باقي جي اوهان، اسان صحيح اسان صحيح جي رٽ تان هٽ ڪٽي ڏسو ته هن موضوع جي شروعات ۾ ئي ادي اوهان کي ڪيترا ثبوت ڏنا تنهن کان پوءِ ادا ابو جواد ۽ ڪاشف ڪريم صاحب جن به اوهان کي اسان جي توقعات کان بهتر ثبوت ۽ جواب پڻ ڏنا آهن.

انتظامي رڪن طرفان آخري ترميم: 12 جنوري 2015

10 جنوري 2015

2 ڄڻن هيءَ پسند ڪيو آهي.

(هتي جواب موڪلڻ لاءِ توهان جو لاگ ان هجڻ ضروري آهي.)





Forum software by XenForo™
Some XenForo functionality crafted by ThemeHouse.